تو سچو ڏئي سنيار

(سچل سرمست جو فن ۽ فڪر)

ڊاڪٽر مخمور بخاري

پيڪاڪ

ٿو سچو ڏئي سنيار

[سچل سرمست جو فن ۽ فڪر]

ڊاڪٽر مخمور بخاري

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي-سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

كتاب نمبر 202

ٿو سچو ڏئي سنيار
(سچل سرمست جو فن ۽ فڪر)

ليکڪ: ڊاڪٽر مخمور بخاري

ڇاپو پهريون: اپريل 2021ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهه

ٽائيٽل: حسام الدين ميراڻي

ڇپيندڙ: ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇاپائيندڙ: پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ
peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

ڪراچي: 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
فون نمبر: 0341-2570527، peacockbookhouse@ gmail.com

حيدرآباد: دڪان نمبر 07 ويجهو ڪلو پکوڑائي، عبرت پريس واري گهٽي، حيدر چوڪ رابطي لاءِ: ديدار شاد گوپانگ فون: 0304-3018400

لاڙڪاڻو: پرگڙي پلازه جي سامهون، جرنل پوسٽ آفيس روڊ لاڙڪاڻو. رابطي لاءِ: ڪامران شيخ فون: 0315-3578801

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپيم

پنهنجو هي پورهيو
پنهنجي جيجل امڙ کي
جنهن جي ممتا جو سايو
منهنجي متان ڇا هٿيو
ڇڙ باقي سموري حياتي؛
نٽهڙ اُس ۾ گذري رهي آهي.

جڏهن آءٌ ڄاياس، ڪنهن وَٽي وِهَ جي نہ ڏني،
جڏهن سامايـاس، تڏهن آيس اوراتَن ۾.
(سچل)

ڏاهو مٽي ڏار، عجب اڄ لاتيون ڪري،
تو 'سچو' ڏئي سنيار، پريان سندي پار جي.
(سچل)

فهرست

•	اداري پاران	ڈاڪٽر آفتاب ابڙو	7
•	مهاڳ	اختر درگاهي	13
•	حال احوال	ڈاڪٽر مخمور بخاري	21
	فڪر		
01	ٽوڙرواج ۽ رسمون ساريون....		27
02	سچل پنهنجي سرمستيءَ ۾		38
03	سچل سرمست جي سُر مارئيءَ جو اپياس		46
04	سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انساني جبلتن جو اظهار		56
05	سچل سرمست جي ڪافيءَ جو سندس دور جي حالتن ۾ اپياس		68
06	سنڌي سرائڪي شاعريءَ جي هڪ اهم نسخي ۾ سچل جو ڪلام		76
07	محبت ٻاريو مچ، سيني ۾ سچل جي		87
	پرک		
08	عطا محمد 'حامي' -سچل جو جديد شارح		95
09	يوسف يار نظارا اندر وچ... (نانڪ يوسف بابت ٿيل تحقيق جو جائزو)		113
	مقدما		
10	مقدمو -1 سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام		139
11	مقدمو - 2 سچل سرمست جو سنڌي ڪلام		171
12	مقدمو - 3 سچل سرمست [مرتب: آغا صوفي]		201

اداري پاران

چڱي طرح ياد اٿم ته پير حسام الدين راشدي پروگرامن ۾ اڪثر ورجائيندو هو ته "بابا ڳوٺن کي آباد ڪريو. ڳوٺن سان جڙيا رهو. نوڪري ڪٽي به ڪريو پر ڳوٺن جي سار سنڀار ضرور لهندا ڪريو." ٻيو سندس زور هوندو هو ته "ڪنهن به پنهنجي پسند جي هڪ مضمون تي ڏيان ڏيو، ان ۾ مهارت حاصل ڪريو. موقعا ملنءَ ته ان فيلڊ ۾ ٻاهران به وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو."

اڄ سمجهه ۾ اچي ٿو ته سندس پهرين ڳالهه ۾ اها حڪمت هئي ته ڳوٺن جي سار لهڻ يعني پنهنجن عزيزن قريبن جي خبر وٺڻ، حال سارو ۽ ڏن مدد ڪرڻ. ٻيو ته اها عالمي حقيقت آهي ته هولين جي واڌ ويجهه ڳوٺن ۾ ٿيندي آهي. خالص ٻولي ڳوٺن جي هوندي آهي، شهرن ۾ ٻوليون بگڙنديون آهن. ڪيترن ئي سماجي، سياسي، ڪاروباري سببن ڪري، تاريخي ۽ قومي ٻولين تي غير ضروري دٻاءُ ايندا آهن، جنهن سبب انهن جي لغت ۽ ستاءَ تي اٽسائيندڙ اثر پوندا آهن. جيئن هن وقت سنڌي ٻولي تي آهن. ان ڪري اسان جيترو ڳوٺن سان ناتو جوڙيون ايندا سين اوتروئي اسان جي ٻولي نج نبار رهندي، ان جا بنياد (Roots) متاثر نه ٿيندا. ان طرح ئي سماج گڏيل نموني ترقي ڪري سگهي ٿو.

جيتريقدر ڪنهن مضمون ۾ مهارت جو تعلق آهي ته ان جو مڪيه ڪارڊ تعليم جو آسانيءَ سان ڦهلاءُ، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي وغيره آهن. ڪو فرد، جيترو پنهنجي شعبي ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪندو، اوترو ڦل پنهنجي سماج کي ڏئي سگهندو. اڳ، 'علم لسانيات' ۽ 'علم لغت' پڙهائيندا هئا. هن وقت انهن علمن ۾، 16 کان وڌيڪ شاخون آهن. جن تي شاگرد مهارت حاصل ڪن ٿا.

اهڙا نيڪ مشورا سائين ڊاڪٽر در محمد پنهنجي تحريرن ۾ تقريرن ۾ ڏيندو رهندو آهي. ڇڪي طرح ياد اٿم تہ 1976ع ڌاري بادھ شهر ۾ ڪو پروگرام سنڌس صدارت ۾ ٿيو هو. هن اهڙي تقرير ڪئي هئي ۾ مونکي خاص طور تاڪيد ڪئي هئي تہ آءٌ لسانيات ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺان، ڇاڪاڻ تہ ان وقت اها فيلڊ خالي هئي. حقيقت ۾ اها فيلڊ اڄ بہ جھڙو ڪر خالي آهي. نوجوان ايم اي سنڌي ۾ لسانيات بابت بہ چار مضمون پڙھن ٿا باقي ٿيو خير. لغت ۾ گرامر کان تہ وَنءِ ٿا وجن. سائين ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب پڻ شاگردن کي اهڙي تلقين ڪندو رهيو آهي. جنهن جو وڏو ثبوت سنڌس لائق شاگرد سائين ڊاڪٽر مخمور بخاري آهي، جنهن پاڻ کي سچل سائين جي پيغام لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، سنڌس سچل سائين بابت هر ڪتاب، اڳئين کان اڳرو هوندو آهي. هن ڪتاب ۾ پڻ سائين بخاري صاحب سچل جي فڪر جي حوالي سان نوان تحقيقي مقالا شامل ڪيا آهن. فڪري حوالي سان انهن موضوعن تي ٻين ليکڪن پئي لکيو آهي. پر هنن مضمونن ۾ نواڻ نظر اچي ٿي.

ڪتاب جو ٻيو باب بخاري صاحب 'پرک' جي عنوان سان رکيو آهي. جنهن ۾ استاد حامي جي سچل جي حوالي سان ڪيل ادبي خدمتن جو لاڀائتي انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهڙي طرح، سچل جي فقير نانڪ يوسف بابت بہ تمام سني ڄاڻ ڏني وئي آهي. ٽيون پاڳو: "مقدمن" تي مشتمل آهي، جنهن ۾:

مقدمو- 1 سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام
مقدمو-2 سچل سرمست جو سنڌي ڪلام
مقدمو-3 سچل سرمست[مرتب: آغا صوفي]

ڪتاب جو پھريون مقالو سچل سائين جي مشهور ڪافي جي سري مطابق "ٽوڙ رواج ۾ رسمون ساريون..." آهي. بخاري صاحب، سچل سائين جا ڪيئي بيت مثال طور آڻي بحث کي ڦلدائڪ بنايو آهي. گهرائي سان پڙھڻ سان، گهڻو ڪجھ حاصل ڪري سگھجي ٿو. ان موضوع تي آءٌ بہ ڪجھ ويچار پڙھندڙن آڏو پيش ڪرڻ

گهران ٿو: شاهہ لطيف ۽ سچل جي دور ۾ ڪا وڏي وٿي ڪانهي، ساڳيو دور آهي، پٽائي جو دور ڪلهوڙن تي انت ڪري ٿو. جڏهن ته سچل سائين پنهنجي زندگي جا 43 سال ڪلهوڙن جي دور ۾ گذاريا ۽ حياتيءَ جا آخري 45 سال تالپرن جي دور ۾ گذاريا.

شاهہ لطيف لاءِ عام حالتون سازگار ڪونہ هيون، هو ڪلهوڙن جي اک جو ڪنڊو هو. سائين جي وڌندڙ ساک، ۽ سچي سنڌ جا دورا ڪمزور حڪمرانن جيان ڪين ڪکيا ٿي، هڪ طرف حاڪمن تي دهليءَ جو زور هو تہ ٻئي پاسي مٿن ڪابل جا تاتاري تاڙيون وينا هئا، ٿي مهينا بہ ڪين سک سان ويهڻ ڪين ڏيندا هئا. اڳواٽ تنبيهي خط لکي سالياني ڏن جي گهر ڪندا هئا. جنهن جي پورائي لاءِ هو هميشہ فڪرمند رهندا هئا. بقول ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي جي پوءِ سنڌن سچو زور ڪمزور طبقي هنڌن تي هوندو هو. ڪائنڊ اوڏر وٽي وري واپسي ڪان ڪيبائيندا هئا. سو جڏهن حڪمرانن خرچن جي پورائي لاءِ هنڌن کي حد ڪان وڌيڪ ستائڻ شروع ڪيو. تہ ان دور ۾ هندو واپاري ڪچ، پچ، جيسلمير، سورت وغيره لڏڻ شروع ڪيو. حقيقت ۾ اها لڏ پلاڻ ارغونن، ترخانن، ازبڪن جي قبضي دوران شروع ٿي. ان موضوع بابت سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب "برهان پور ڪي سنڌي اولياءُ" ضرور پڙهڻ گهرجي، خاص طور پير حسام الدين راشدي جو 60 صفحن جو مقدمو تہ لاجواب آهي.

انهي سياسي مانڊاڻ سبب هو سڪون سان حڪومت ڪونہ ٿي ڪري سگهيا. تاريخ ۾ سوين حڪايتون درج آهن، جن ۾ مدد خان جو حملو، ڪهڙن ۾ 222 مجاهدن جي نماز جي حالت ۾ شهادت، شاهہ عنايت شهيد جو واقعو، مڪاني ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ، "ميان وال تحريڪ" جو قيام- وغيره پنهنجن سهڪاري ڏر تالپرن سان اُڃاڻ سبب هو وڌيڪ ڪمزور ٿيندا ويا.

اهڙين اڙانگهين حالتن ۾ بہ شاهہ لطيف تي وڏا اهم ڪم ڪيا:

(1) مڪاني ماڻهن جي ڀرپور حمايت. (سر مارئي ان پسمنظر ۾ چيل آهي.)

(2) قومي وحدت لاءِ سڃي سنڌ جا دورا، مختلف قبيلن کي پاڻ ۾ گڏجڻ، جهيڙا جهٽا ڇڏي هڪ ٿي هلڻ ۽ ايندڙ حالتن کان آگاهه ڪرڻ.

(3) قومي ٻولي لاءِ عملي جدوجهد.

شاهه لطيف جاتو ٿي ته قومي وحدت لاءِ هڪ مضبوط مرڪزي ٻولي جو هجڻ لازمي آهي. انڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾، مڪاني لفظ، اصطلاح، محاورا ۽ ورجيسون استعمال ڪيون ته جيئن عام ماڻهن کي پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ٿئي! هن سنڌ جي سخين ۽ سرويچن کي به پوري اهميت سان ڳايو ۽ سڃي سنڌ ۾ مشهور ڪيو. قومي يڪجهتي لاءِ قومي ڪردارن کي اجاگر ڪرڻ نهايت اهم آهي.

ان جي پيٺ ۾، سچل سائين لاءِ حالتون ڪافي سازگار هيون. حڪمران سندن خاندان جا عقيدتمند هئا. ڪيترن ئي فيصلن ۾، حاڪم کين گڏ ويهارينداهئا. سچل سائين ساڻن اڪثر سرائڪي ۾ هم ڪلام ٿيندو هو ته شاعري به ان زبان ۾ ڪندو هو. سچل سائين جي سرائڪي شاعري، سنڌيءَ جي پيٺ ۾ سگهاري آهي. ساڳئي وقت سچل سائين فارسي ۾ به خوب ۽ ڀرپور شاعري ڪئي آهي، جڏهن ته شاهه لطيف اهڙي روايت جي ڪلي عام مخالفت ڪري چڪو هو.

اهڙين سياسي، سماجي ۽ روحاني حالتن ۾، سچل سائين لاءِ کو به فڪرمندي جو سبب نه هو. انڪري سچل سائين وڏي واڪي سچ ۽ حق جو هوڪو ڏنو. فرمايائين:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻڌي نه ٻڌي.

سچل سائين جاتو ٿي ته سنڌي سماج "ايڌائي گهرن" تي اڌيل آهي. ڪنهن دور ۾، فقير صبح سوَيل اچي صدا هڻندا هئا. "بابا سڀ جو خير، ايڌائي گهرن جو خير". يعني هڪ گهر مسلمان جو، ٻيو گهر هندوءَ جو اڌ گهر: ٻيل، ينگي باگڙي ۽ ٻيون ذاتيون.

سنڌي سماج ته هزارين ورهين کان هڪ ترتيب ۾ هلي رهيو هو.

وڃج واپار واڻين وٽ، پوڪي راهي مسلمانن وٽ باقي ڏنڊ ڏاڙي گڏجي ڪندا هئا. ڪٽي مسلمان بہ هئا تہ هندو بہ، ڪپڙي جو ڪم بہ گڏيل هوندو هو. مشهور پهاڪو آهي تہ:

"اتم کيتي وڏندڙ واپار،
نيچ نوڪري پنڌ بيڪار"

711 عيسوي ۾ محمد بن قاسم اچي ڏيٽاڙو وڏو ملڪ کي مذهبن جي ويڇي ۾ ورهائي ڇڏيو. سچل پنهنجي دور جي حالتن کي سامهون رکي واضح طور چيو تہ:

وقت اها ڏئي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيڏ مذاهب من مان، ساجهہ ساڻ سوَيل،
هندو مؤمن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ڏئي اَويل، اولهہ سج نہ اُلهي.

يعني ويندڙ ويل وري نہ ايندي!

دوستو! سچ ڄاڻو مان حيران آهيان. اڄ اسين پٽائي، سچل، سامي ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن کي پڙهون تہ ٿا، پر ان شاعري ۾ جيڪا حڪمت ۽ رمز سمايل آهي. ان تي عمل چو نہ ٿا ڪيون. منهنجي مشاهدي مطابق 90 سيڪڙو تہ ائين آهي، ڪو مضمون، مقالو، ڪتاب پڙهيوسين، ڪلام ٻڌوسين وري ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏيوسين.

آءٌ هتي هڪ تاريخي روايت ورجائڻ گهران ٿو تہ جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي (1872ع-1944ع) اصل نالو بوٽا سنگهہ پنهنجو ڳوٺ "چيان والي" سيالڪوٽ 15 سالن جي عمر ۾ ڇڏي اسلام ڏانهن رجوع ٿيو تہ حافظ محمد صديق پرچونڊي جي مدرسي ۾ آيو. جڏهن ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو تہ پرچونڊي جي بزرگ ڪيس سچل سائين جي هڪ ڪافي ٻڌائي ۽ هڪ هڪ ست سمجهائي.

چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا،
مار نغارا وحدت والا، فڪر رکين پاتشاهي دا،

غير خيال گذار نہ دل تي، غمزه هيئي گمراهي دا،
آپ سچاڻ 'اناالحق' آکين ماڻين عيش الاهي دا،
نفي سچل اثبات کريندا، ويکو سير سپاهي دا.

مولانا عبيدالله سنڌي فرمائي ٿو تہ "جڏهن مون اها کافي ٻڌي خاص طور 'چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا' ان جو نتيجو اهو نڪتو جو مان وڏن ماڻهن کان مرعوب کو نہ ٿيندو آهيان، کابل ۾ کم کيم، روس ۾ رهيس، ترکي ۾ ترسيس، پر کنهن ۾ طاقت جو مون تي رعب نہ پيو. حضرت شيخ جو اهو فرمان منهنجي رهنمائي کندو رهيو. خدا تعالىٰ جو فضل ۽ کرم آهي، جو مان اسلام جي نعمت سان سرفراز ٿيس تہ اهڙو مرشد مليو جيکو عمل جو پيکر ۽ جهاد جو مجسمو هو، جنهن هک فقرو چئي شاهان عالم جهڙي نعمت عطا کئي ۽ ذره کي آسمان بنائي ڇڏيو. (حوالو: تذکره مشائخ پرچونڊي، مرتب: عباد الرحمان سال 1969ع، ص-41)

سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ هک سک، جيکو نئون مسلمان ٿئي ٿو، ان تي سچل جو کلام اهڙو اثر کري ٿو جو هو وقت جي وڏن حاکمن کان ۾ مرعوب نہ ٿو ٿئي! عالمي سطح جي بادشاهن سان خالي هٿين عالمي معاهدا وينو کري. پر ان جي پيٺ ۾، اهڙو جوش ۽ جذبو، اسان ۾ چو کونہ ٿو پيدا ٿئي؟

ڊاکٽر آفتاب ابڙو
چيئرمين
پيکاک پبلشرس، کراچي

ڳولي کوءِ سچل

مون هن کان اڳ بہ ڈاڪٽر مخمور بخاريءَ لاءِ ڪٿي لکيو هيو تہ:
"عِلم ۽ تحقيق جو هڪ نڪور ۽ روشن ڪِرڻو سنڌ جي لاڙ کان نڪري نروار ٿيو آهي، جنهن اُپرندي ئي پنهنجي محنت، ڏهانت، شوق، خاص ڪري سنڌ جي منصور سچل سائين سان پنهنجي عشق جي روشني ڦهلائي سالن جي جمود کي ٽوڙيو آهي ۽ سچل سائينءَ جي سوانح توڙي ڪلام تي جديد انداز سان نئين سر تحقيق ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ اُهو آهي اسان جو ڈاڪٽر مخمور بخاري...." اڄ جڏهن ڈاڪٽر مخمور بخاريءَ جي هن ڪتاب ۾ سچل سائينءَ جي سوانح، فن ۽ فڪر تي لکيل سندس تحقيقي مقالا ڏسان ۽ پڙهان ٿو تہ سچ پچ مون کي پنهنجن لفظن تي خوشي بہ ٿئي ٿي تہ ساڳي وقت سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ ٿيندڙ تحقيق ۽ تنقيد جو مستقبل بہ روشن نظر اچي ٿو. ڈاڪٽر مخمور بخاري ٿورڙي ئي عرصي اندر ۽ پنهنجي ننڍي عمر ۾ ئي جيڪو ڪم سرانجام ڏنو آهي، اهو انتهائي ساراهہ جوڳو ۽ گهٽي ميتا جي لائق آهي.

ادب ۾ تحقيق جو ڪم انتهائي ڏکيو آهي ۽ انهيءَ جي خبر انهن کي هوندي جن انهيءَ سمنڊ مان سُرک پري هوندي! سلام آهي انهن مانائتن عالمن ۽ اديبن کي جن انهيءَ محنت طلب ڪم ۾ هٿ وجهي سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت جي لکل خزانن کي ڳولي صاف ستڙو ڪري پنهنجي ڌرتيءَ جي قومي، علمي ۽ ثقافتي ورثي کي محفوظ پي ڪيو آهي.

اهڙي طرح سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ عظيم شاعرن خاص ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي سوانح ۽ ڪلام تي گذريل ڏيڍ سؤ سال کان جيڪو ڪم ٿيو آهي يا ٿي رهيو آهي اهو

اڃان تائين "پيان نہ ڏاپان" واري ڪيفيت محسوس ڪرائي ٿو ۽ باوجود وڏي عرق ريزيءَ جي ان حوالي سان اسان جي مختلف عالمن ۽ اديبن جا هڪ ٻئي سان وڏا اختلاف ٻہ رهيا آهن.

سنڌ جي برڪ محقق ۽ مؤرخ پير حسام الدين راشدي، درازا شريف ۾ منعقد سڃل ڪانفرنس دوران چيو هيو تہ: "شاهہ تي ڪو ڪم ڪونہ ٿيو آهي پر ان جو هڪڙو حصو گربخشاڻي اسان کي اهڙو ڏئي ويو آهي جنهن تي اسان انحصار ڪري سگهون ٿا." پر راشدي صاحب ساڳي تقرير ۾ سڃل سائينءَ جي رسالي جي حوالي سان انتهائي ڇرڪائيندڙ ڳالهيون ڪيون. هن چيو تہ: "سڃل جي ڪلام جو ڪوہ حصو صحيح ڪونهي" وري چيائين تہ "مون کي معلوم آ تہ سڃل سرمست جو رسالو ايڊٽ ڪونہ ٿيو آ، تصحيح بلڪل ڪانهي ڪا، غلط آ جيڪو انصاري (عثمان علي) جو ڇپيو. سرائڪي ۾ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ، مولوي محمد صادق کان رسالو تيار ڪرايو اهو ٻہ جعلي آ" راشدي صاحب جي انهيءَ ڳالهہ کان چار پنج سال پوءِ جڏهن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سڃل چيئر قائم ڪري سنڌ جي برڪ شاعر ۽ محقق سائين تنوير عباسيءَ کي ان جو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو تہ هن پهريون پراجيڪٽ ئي سڃل سائينءَ جي مُستند رسالي ترتيب ڏيڻ جو ٺاهيو پر افسوس جو تنوير عباسيءَ کي اتي ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو ۽ اهو ڪم ٻہ اتي ئي رهجي ويو.

هتي آئون سنڌ جي وڏي سڃل شناس ۽ تصوف جي ڄاڻو استاد خادم عباسيءَ جا لفظ ورجائيندي عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ٿو وڃان عباسي صاحب وڏي افسوس سان اهو چيو تہ: "اسان سان وڏو ظلم آ جڏهن ڄاياسين تہ مولوي محمد صادق ۽ عثمان علي انصاري وارا سڃل جا رسالا ڏناسين ۽ هينئر جڏهن مرڻ جي ڪنڌيءَ تي آهيون تہ اهي ئي رسالا ڇڏيون ٿا وڃون."

اهڙي صورتحال ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جهڙي محنتي، ذهين ۽ تحقيق جي جديد انداز کان واقف ليکڪ جي هنن مقالن کي ڏسجي ٿو تہ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ نئين اُميد جون روشن ڏياٿيون ٻرندي

محسوس ٿين ٿيون. ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سائينءَ سان عشق طور پهريون قدم اهو کنيو جو هن پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز لاءِ سچل سائينءَ جو حوالو چونڊيو. پي ايڇ ڊي جي صرف ڊگري حاصل ڪرڻ شايد هڪ نصابي ۽ تعليمي ڪيريئر جي ضرورت سمجهي ويندي هُجي پر ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جي لکيل انهيءَ ٿيسز ۾ تمام گهڻي محنت ٿيل آهي جنهن ۾ هن سچل سائين جي سوانح توڙي ڪلام جي فن ۽ فڪر ۽ سندس همعصر شاعرن متعلق ڪافي نوان پاسا نروار ڪيا آهن. شايد انهيءَ ڪري ان بعد ڪيس سچل سائينءَ جي اڳ شايع ٿيل انهن رسالن (جن جو ذڪر پير حسام الدين راشديءَ ڪيو هيو) کي نئين سر تصحيح بعد وڌيڪ سنوارڻ جو ڪم ڏنو ويو. جيئن ته اهو ڪم اڳ ئي اسان جي بزرگ اديبن جو ٿيل هيو ظاهر آهي انهن جي ڪم جي اصليت برقرار رکڻ لاءِ ڪا هٿ چراند ڪرڻي نه هُئي انهيءَ ڪري ڊاڪٽر مخمور بخاري ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو ۽ انهن کي وڌيڪ سنوارڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪئي آهي.

ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جي هن ڪتاب ۾ سندس ياران انهن مٿي ذڪر ڪيل سچل جي رسالن جي نون ڇاپن ۾ سندس لکيل مهاڳ / مقدما به شامل آهن جن جو ذڪر مان اڳتي ڪندس پر ان کان اڳ اچان ٿو هن ڪتاب ۾ شامل سندس لکيل سچل سائينءَ جي سوانح، فن ۽ فڪر تي نهايت ئي خوبصورت مقالن تي جن جو تعداد 9 آهي. انهن مقالن جي خاص خوبي ۽ انفراديت اها آهي ته هر مقالي جي شروعات ڊاڪٽر مخمور بخاري نهايت پُر اثر ۽ دلچسپ تمهيد سان ڪئي آهي.

پهرين مقالي جو عنوان آهي "ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون" جنهن ۾ مخمور بخاري، سچل سائين کي هڪ صوفي مفڪر ۽ رواج رسمن کان باغي شاعر لکيو آهي. ان سان اسان جي هن نوجوان محقق جي اها روشن سوچ سامهون اچي ٿي ته سندس لکڻيءَ جو انداز ڪنهن روايتي مضمون نگار وارو ناهي ۽ پاڻ سچل سائينءَ کي صرف هڪ صوفي بزرگ شاعر چئي بيهي نه ٽوڙهي پر هو هن کي ان کان به اڳتي

هڪ مفڪر ۽ باغي ٿو سڏي. انهيءَ سان خود ليکڪ جي ترقي پسندي ۽ انقلابي سوچ ظاهر ٿئي ٿي ۽ انهيءَ جو وڏيڪ چٽو اظهار تڏهن ٿو ملي جڏهن هو سچل سائينءَ کي وقت جو نبض شناس ۽ قومي وحدت جو شاعر ٿو ڪوٺي. مقالي جي شروعات سچل سائينءَ جي خانداني پس منظر سان ٿيل آهي ۽ ان سلسلي ۾ هُن سچل سائينءَ جي والد خواجہ صلاح الدين جي مسند نشينيءَ واري غلط روايت کي ب رد ڪيو آهي. ساڳي وقت سچل جي ڪلام جي نون صنفن (گهڙولي ۽ جهولڻو) ۽ ڪافيءَ جي 65 کان وڏيڪ گهاڙيٽن جو بيان ڪندي، مثالن سان سچل سائينءَ جي ڪلام جي تفصيلي شرح ب ڪئي اٿائين.

"سچل پنهنجي سرمستيءَ ۾" مقالو ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو هڪ نج تخليقي ۽ تاثراتي ليک آهي جنهن ۾ هن سچل سائينءَ جي فڪر ۽ انداز کي ڪائنس اڳ جي اساسي شاعرن ڪبير، صاحبڏنو فقير، خواجہ عبدالحق ۽ همعصر شاعرن نانڪ يوسف ۽ بيدل سان ته گڏ آندو آهي پر هن مقالي جي وڏيڪ خوبصورتي ۽ انفراديت تڏهن ظاهر ٿئي ٿي جڏهن انهيءَ سلسلي کي هن موجوده دور جي جديد شاعرن شيخ اياز، عطا محمد حامي، اياز گل ۽ تاج جويي سان اچي ملايو آهي.

مقالي "سچل جي سُر مارئيءَ جو اپياس" ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاري جنهن زاويي ۽ انداز سان سچل سائينءَ جي بيتن کي بيان ڪيو آهي اهو بنهه نئون ۽ وٽندڙ آهي. هن مقالي ۾ انهيءَ سُر ۾ آيل فڪر کي سنڌ جي لڄ مارئي جي ڪهاڻي، ٽر جو پس منظر، اباڻن جي اُڪير، لوئيءَ جي لڄ، سرتين جي سار، ڏرتيءَ جي سڪ ۽ مارئيءَ جي همت سان سنواري ۽ سهڻو ڪري پيش ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو ته انهيءَ سُر جو اهڙي زاويي سان بيان شايد پهريون پيرو ڪيو ويو آهي.

مقالي "سچل جي شاعريءَ ۾ انساني جبلتن جو اظهار" ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاري جبلت جي مختلف لغوي معنائن سان گڏ انساني جبلتن کي دنيا جي عظيم مفڪرن جي ويچارن سان Categorically بيان ڪيو آهي ۽ پوءِ اهڙن جبلتن فرار، نفرت، عجب، حيرت، ڪاوڙ، دشمني،

محبت، فخر، مجبوريءَ وجدان کي سچل سائين جي شاعريءَ منجهان سهڻي نموني سمجهايو آهي.

مقالي "سچل سائين جي ڪافين جو سندس دور جي حالتن ۾ ايياس" اندر سچل سائينءَ جي ڪافين جي فڪر ۽ موضوع کي موجوده دور ۽ حالتن سان پيٽي وڃي علمي ۽ فڪري انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي جڏهن ته مقالي جي شروعات ۾ سچل سائين کان اڳ جي ڪافي گو شاعرن صاحبڏنو فقير، عبدالله قريشي، محمد راشد روضي ڏٽي، روحل، مراد ويندي جان الله شاهه جو تذڪرو به ڪيو ويو آهي. انهيءَ سان پڙهندڙ ڪافيءَ جي صنف جي سفر کان به واقف ٿي وڃي ٿو.

مقالي "هڪ نسخي ۾ سچل جو ڪلام" کي پڙهندي منهنجي دلچسپي انهي ڪري وڌي وئي جو انهيءَ قلمي نسخي جو ڪاتب اسان جي روهڙي شهر جو شاعر محمد يوسف فدا آهي. محمد يوسف فدا، روهڙي جي ئي هڪ ٻي اهم شاعر علي بخش ڪمتر جو پاڻ هيو جنهن جو هڪ مولود شريف روهڙي شهر جي هر محفل ۾ پڙهيو ويندو آهي ۽ تمام گهڻو مقبول آهي.

هن حياتيءَ ۾ هتي ڏيکار احمد مصطفيٰ ﷺ
اي خدا جيئري زيارت ڪرا احمد مصطفيٰ ﷺ

مخمور بخاري هن قلمي نسخي تي نهايت گهري نظر وڌي آهي ۽ نسخي ۾ شامل سچل سائينءَ جي ڪلام کي ٻين ڇاپي نسخن سان پيٽايو به آهي ۽ انهيءَ مان ڪافي نوان نتيجا به ڪڍيا آهن ته نسخي ۾ شامل سچل سائين جي ڪلام جا سُر ۽ رُوپ ويندي مختلف پڙهڻيون ٻين نسخن کان ڪافي مختلف آهن. ڪٿي ڪٿي ته ڪافين جا مصرعا به اضافي آهن. مخمور بخاريءَ جو هي مقالو سچل سائينءَ تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ هڪ اهم حوالي ۽ ماخذ طور به اهم آهي.

مقالي "محبت ٻاريو مچ سيني ۾ سچل جي" ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ، سچل سائين جي ڪلام ۾ عشق جي اظهار کي بيان ڪندي پنهنجي تمهيد ۾ عشق ۽ عقل جي موضوع تي پنهنجن خوبصورت

ويچارن کي پيش ڪيو آهي ۽ ان جا سچل سائينءَ جي ڪلام مان سھڻا مثال چونڊي ڏنا اٿائين.

مقالي "عطا محمد حامي سچل جو شارح" ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاري وڏي سچل شناس ۽ سنڌ جي نامياري عالم عطا محمد حامي جي سچل سائينءَ تي ڪيل جديد تحقيق تي روشني وڌي آهي. ان حوالي سان مقالي جو هڪ پيراگراف هتي پيش ڪندس جيڪو مخمور بخاري لکيو آهي تہ:

"هن (حامي صاحب) جي ڪم تي عقيدت جو ڪوبہ اثر موجود نہ هيو. هن هڪ محقق طور سچل سائين بابت پوري سچائي ۽ ايمانداريءَ ۽ پنهنجي صلاحيتن آهر تحقيق جو مڃيل طريقيڪار اختيار ڪيو."

اڳتي هلي اهو بہ ٻڌايائين تہ حامي صاحب پهريون پيرو اهو ٻڌايو تہ سچل سائين هفت زبان نہ بلڪ چئن ٻولين جو شاعر هو ۽ سچل سائين سنڌي يا اردو جو ڪو غزل گو شاعر بہ نہ هو ۽ جن شعري اسمن کي ڪن ليکڪن غزل ڄاڻايو آهي اُهي اصل ۾ سچل سائينءَ جون سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ لکيل ڪافيون آهن. هن مقالي ۾ حامي صاحب جي انهيءَ ڳالهہ کي بہ ورجايو ويو آهي تہ سچل جي ريختي اردو ڪلام کي اصلاح ڪري ۽ ان جي موجوده اردو لپي ۾ آڻڻ تمام غلط آهي.

مٿي ذڪر ڪيل 8 مقالا سڌو سنئون سچل سائينءَ جي سوانح ۽ فن فڪر تي لکيل آهن. جڏهن تہ نائون مقالو سچل سائين جي سلسلي جي هڪ اهم ۽ اڳواڻ شاعر نانڪ يوسف تي ڪيل تحقيق جي باري ۾ آهي. هن مقالي جي شروعات بہ شاهہ لطيف ۽ سچل سائينءَ جي تسلسل ۾ نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ آيل موسيقيءَ جي صنفن ۽ خوبصورت لفظي ترنم جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر مخمور بخاري، نانڪ يوسف تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي تہ جيئن سندس ڪلام جي راڳداري واري پهلو ۾ انهيءَ آيل ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي صنفن جو بہ تفصيلي بيان ڪجي، اهو سچ آهي تہ صوفي شاعرن ۾ نانڪ يوسف شايد اهو پهريون اساسي شاعر آهي

جنهن جي ڪلام جو لفظي ترنم نهايت منفرد نرت تال جيان محسوس ٿيندو آهي. انهيءَ حوالي سان راقم الحروف جو به هڪ مقالو "نانڪ يوسف ۽ موسيقي" لکيل آهي جيڪو 2017ع ۾ ڇپيل ڪتاب "سچل سائين ۽ درازي فيض" ۾ به شامل آهي. آئون ڊاڪٽر مخمور بخاري جي هن مقالي ۾ سندس ان راءِ سان بلڪل سهمت آهيان ته نانڪ يوسف جو ڪلام / رسالو راڳداري جي بنياد تي ترتيب ڏنو ويجي جو سندس ڪافيون ڪنهن نه ڪنهن سُر يا راڳ تي آهن.

شروع ۾ مون ذڪر ڪيو هيو ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ پاران سچل سائين جي اڳ شايع ٿيل سنڌي ۽ سرائڪي رسالن کي سنوارڻ ۽ انهن تي مقدما لکڻ جوان حوالي سان منهنجي خيال مطابق آغا صوفي واري سچل سائين جي رسالي تي سندس ڪجهه وڌيڪ محنت ٿيل آهي. ڊاڪٽر مخمور بخاري انهيءَ ۾ جيڪي اضافا ڪيا آهن، اهي انتهائي ڪارائتا ۽ اهم آهن. تمام سنو ٿيو آهي ته آغا صوفي واري سچل سائين جي رسالي جي نئين ڇاپي وارو ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو مفصل مقدمو هن ڪتاب ۾ به شامل آهي، جنهن ۾ خاص طور تي آغا صوفيءَ جي لکيل سوانح حيات آهي، جنهن تي مخمور بخاري وڏي محنت ڪئي آهي جو انهيءَ ۾ شايد پهريون پيرو آغا صوفيءَ جي خانداني پس منظر، تعليم، مقرريون ۽ سندس سمورو علمي پورهيو بيان ڪيو ويو آهي. هاڻي پڙهندڙن کي خبر پوندي ته آغا صوفي شاعر به هو ته ڊراما نگار به، راڳي به هو ته اداڪار به. آغا صوفيءَ واري سچل سائين جي رسالي تي ڊاڪٽر مخمور بخاري گهري نظر وڌي آهي ۽ ان جي خاصيتن کي نروار ڪيو آهي. رسالي جي متن ۾ به ڪي سڌارا ۽ واڌارا ڪيا اٽائين ۽ انهيءَ ۾ سچائيءَ سان انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکيو اٽائين ته اصل متن جي صحت تي ڪو اثر نه پوي.

بهرحال ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جي سچل شناسي جي حوالي سان هن ڪتاب ۾ شامل سندس مقالا ۽ مقدما سيني وصفين سهڻا آهن، جنهن ۾ هڪ جديد ۽ تخليقڪار ليکڪ جا خوبصورت ۽ اهم ويچار ملن ٿا. ساڳي وقت هن ڪتاب ۾ سچل سائين جي سوانح توڙي

فن ۽ فڪر تي نئين انداز ۽ نئين زاويي سان ٿيل تحقيق سامهون اچي. ٿي جنهن مان لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر مخمور بخاري هڪ نئين سچل سائين جي ڳولا ڪئي آهي ۽ پوءِ ان کي اچي موجوده دور سان ملايو آهي، جيئن اياز گل جون سٽون آهن تہ:

ڏرتي هرهڪ دور ۾، ڳولي ڪوءِ سچل

مان بيحد ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو جنهن پنهنجي هڪ اهم تحقيقي ڪتاب جي مهاڳ لاءِ مون کي عزت بخشي، انهيءَ ڪري بہ تہ مان پاڻ کي ان لائق بنهہ نہ ٿو سمجهان. ساڳي وقت آئون ڪائنس معافيءَ جو طلبگار بہ آهيان جو هن ڪتاب جو مسودو مون وٽ پورا ڇهہ مهينا پيو هيو. جنهن جو خاص سبب منهنجو ملازمت سانگي ڪراچي بدلي ٿي اچڻ هيو جو مان ايترو مصروف ٿي ويس جو آفيس جي ڪم ڪار لاءِ هفتا هفتا ڪراچيءَ کان ٻاهر رهيس. سلام آهي منهنجي هن مائٽي دوست ۽ 'صابرين سيد' کي جنهن منهنجي دير ۽ ڪوتاهيءَ کي صبر سان برداشت ڪيو. دعا آهي تہ مولا سندس قلم ۾ اڃا وڌيڪ طاقت ۽ وسعت عطا ڪري.

اختر درگاهي
ڪراچي
27 جنوري 2021ع

سارنگ سندا ساڻ،
سرتيون سانڻ آئيون...

چوندا آهن تہ اتفاق ۽ حادثا انسان کي ڪنهن نئين ڏسا ڏانهن وٺي ويندا آهن. منهنجو به اهو يقين آهي تہ ڪوبہ عمل بغير ڪنهن مقصد جي ظاهر نہ ٿو ٿئي بلڪ اُن جي پنيان (ماضي توڙي حال) ڪجهہ نہ ڪجهہ موجود ضرور آهي زندگي جي ڪيترن وڻندڙ / اڻ وڻندڙ اتفاقن/حادثن مان هڪ اتفاق منهنجو تحقيق ڏانهن اچڻ ۾ مڃان سچل سرمست بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ / پڙهڻ.

لڳ ڀڳ 28 سال اڳ جڏهن لکڻ شروع ڪيو هيم تہ ذهن جي ڪنهن ڳلي۽ ۾ بہ اها ڳالهہ ساهہ نہ ڪٽي رهي هئي تہ آئون تحقيق جهڙي بنجر زمين تي ڪوهَر ڪاهيندس. پر اهڙو اتفاق 18 سال بعد منهنجي سيڃاڻپ جو حوالو بڻجي ويو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ آئون تحقيق مان ڪجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻان. خير سُڌ تہ تخليق جي بہ نہ آهي. فقط اهو ڄاڻان ٿو تہ هڪ سچ آهي جيڪو حُسن جي صورت ۾ مادي کان وڌيڪ جاءِ والاري ٿو ۽ ٻيو سچ اِهو آهي تہ ان کي اظهاريو وڃي. حُسن عارضي نہ آهي ۽ نہ ئي غير معروضي، بلڪ اهو ڪائنات جي بنيادي ۽ ازلي حقيقت آهي. اُن جا رنگ روشني کان ويندي خوشبوءَ تائين پکڙيل آهن. حُسن دائمي آهي. ڪائنات جيان جنهن کي پروڙڻ/سمجهڻ/ ان جي اصليت کي اندر ۾ سمائڻ بعد ان کي اظهارڻ بہ ضروري آهي.

روئي ڏنو رنگ، ڪو جو ڪامِڻ ڪوهہ کي،
سو شفق سان ٽيو، سُرخيان سارو سنگ،
منهنجو نينهن نِسنگ، ٻيو سمورو سڪوت ۾.
(سچل)

مون کي سُڌ نہ آهي تہ آئون هن پنڌ ۾ ڪٿي بينو آهيان.... آهيان بہ يا نہ...! هي جيڪو ڪجهہ آهي نہ ڄاڻ منهنجي هجڻ جو ڪو احساس بہ ڏيارن ٿا يا نہ! ان سپ ڪجهہ سوچڻ بجاءِ آئون سمجهان ٿو تہ مون کي اڳتي وڌڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اڳتي وڌڻ ئي حيات آهي بيهي رهڻ ممات!! سو مون کي زنده رهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ جيتري منهنجي حياتي (مادي نہ) آهي مون کي اوترو پنڌ ڪرڻ گهرجي. اهو ان لاءِ بہ ضروري آهي تہ جيترو حُسن مون ماڻيو آهي اوترو اظهار ڪرڻ منهنجي حصي ۾ آيل فرض جي ادائگي آهي. سو مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي پوءِ جيتري بہ اُن جي بقا آهي اهو ان جو پاڻ!

هن ڪتاب بابت:

سچل سائين بابت منهنجي هنن مضمونن / مقالن ۾ ڇا آهي؟ ان جو احساس تہ مون کي پاڻ ئي نہ هو پر جڏهن مانائتي دوست اختر درگاهي جو لکيل هن ڪتاب بابت مهاڳ پڙهيم تہ سچ پچ محسوس ڪيم تہ ڪٿي هي دوست منهنجي سمورين اوڻاين تي پردو تہ نہ وجهي رهيو آهي. جي ائين آهي تہ هن ڪتاب جا پڙهندڙ پڪ سان ائين نہ ڪندا پر پوءِ اهو ٿو ٿئي ... جيڪڏهن اُهي بہ اختر جي راءِ سان متفق ٿي ويا تہ پوءِ ڪٿي منهنجي لاءِ اهو پنڌ وڌيڪ اوکو نہ ٿي وڃي.

ووڙيندي وٽڪار، ٻڌي سندرو سچ جو،
پنڌ اڳانگا پب جا، قابو نہ ڪوهيار،
آهي رئڻ زاروزار، هيڻين هوتياڻن لاءِ.
(سچل)

هي جيڪو ڪجهہ لکيو اٿم ان جي هر لفظ جي ذميواري قبول ڪريان ٿو. تنهن ڪري آئون پنهنجي پڙهندڙ ۽ ايندڙ وقت جي محقق آڏو هر دور ۾ جوابده رهندس، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ لکي نہ ٿو سگهان.

ڪيچيئڙن مون ڪال، ايا وڏا ڪيا،
اُن ڪارڙ ڪاڪيون، ڪندس ڪاف ڪُشال،
هَي هَي هِن جي حال، جو ڪهڙا هوت وساريان.
(سچل)

محبتون:

پياري امر اقبال جون محبتون جنهن هن ڪتاب جي بئڪ ٽائٽل لاءِ پنهنجون محبتون ارپيون، عرفان احمد چانديي ۽ آڪاش ڪمار آسواڻي هن ڪتاب ۾ شامل مقالا ڪمپوز ڪيا. حسام الدين ميراڻي جي مهرباني جنهن خوبصورت ٽائيٽل ٺاهيو. سنڌ جي نالي واري اداري پيڪاڪ پبلشرس جون محبتون وساري نه ٿيون سگهجن جو قمر آفتاب ڪيتري ئي وقت کان ڪتاب جي گُهر ڪندو رهيو. اداري جي چيئرمين، پولي جي ماهر ۽ محقق ڊاڪٽر آفتاب ابڙي ۽ قمر جا ٿورا جيڪي وساري نه ٿا سگهجن.

پنهنجي هن ڪيل پنڌ ۾ جنهن شخصيت کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي اهو آهي منهنجو بابا پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز بخاري جنهن هميشه پاڻ کي پنڌتي رکي اسان پائرن کي زندگي جي هر موڙ تي اڳيان آندو. سچ به اهو آهي آئون جي اوهان جي سامهون بيٺو آهيان ته ان جو سبب اهو آهي ته منهنجي ڪلهي تي بابا جو هٿ آهي. جيڪو منهنجو اعتماد ۽ حوصلو آهي. دعا ڪجو سڄڻو اهو اعتماد ۽ حوصلو ڪڏهن نه ٽٽي!!

آهي روح رتِي، مون سين مون پرين جي،
هٽان لَڪَ لَتِي، هڻين هوتياڻن لاءِ.
(سچل)

ڊاڪٽر مخمور بخاري
هالا / ڄامشورو
23.03.2021

فكر

سنڌ ۾ تصوف جو عام ٿيڻ، درگاهن، خانقاهن جو قائم ٿيڻ، صوفين، ساڌن، سنتن جي عام ماڻهو ۾ مقبوليت، تصوف جو نرالو انداز، وطن دوستي ۽ انسان دوستي جو قائم ٿيڻ جو واحد سبب ان دور جون حالتون آهن. خوف، خطري، قرلٽ، قتل ۽ غارت جي حالتن ۾ جيڪا نا يقيني جي هوا گهلي ٿي ان فضا ۾ عام ماڻهو يا ته ذهني طور پوڳيندو رهي ٿو يا مذهبي اثر هيٺ متوجهه ٿئي ٿو. رب طرف اهڙي طرح متوجه ٿيڻ وقت ماڻهو جي اندر ۾ باهرين خوف کان ذهني طرح چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو جذبو ڪار فرماءَ رهي ٿو ان حالتن ۾ عام ماڻهو جو پاڻ ۾ تعلق ايڪو اتحاد متاثر ٿيڻ سبب قومي وحدت کي مذهب جي آڙ ۾ توڙڻ بنهه آسان ٿئي پئي ٿو.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون...

ننڍي کنڊ ۾ سنڌ پنهنجي ثقافت، روحانيت ۽ تهذيب جي حوالي سان هڪ منفرد خطو آهي جاکاڙ جو ان جي روحاني مزاج ۾ انسان دوستي ۽ انسان شناسيءَ جهڙا رويا موجود آهن جيڪي ٻيو ڪٿي به نه ٿا ملن. هن رويي جو عڪس سنڌ جي صوفيانه شاعريءَ ۾ پسي سگهجي ٿو. خاص طور تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جو ڪلام اهڙي شاهديءَ طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

سچل سرمست پنهنجي وقت جو هڪ اهڙو صوفي مفڪر شاعر هو جنهن وقت جي رائج حالتن سان بغاوت ڪئي ۽ ڪائنات ۾ انسان جي طئ ٿيل رُتبي کي وڏي واکي بيان ڪيو. سچل سائين حضرت عمر فاروق جي نسبت سان فاروقي چورائي ٿو. سندن وڏو ڏاڏو شيخ شهاب الدين 711ع ۾ محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ جي فتح کان پوءِ سيوهڻ جو پهريون مسلمان گورنر مقرر ٿيو. ان شيخ شهاب الدين جي چوٿين پيڙهيءَ مان حافظ عبدالوهاب المعروف سچل سرمست 1152 هـ / 1739ع ۾ راڻيپور پرسان ڳوٺ درازا ۾ ميان صلاح الدين جي گهر جنم ورتو. پاڻ ڇهن سالن جو ئي هو ته سندن والد انتقال ڪري ويو تنهن ڪري سندن تعليم ۽ تربيت جو ذمو سندن ڏاڏي نامور عالم شاعر ۽ صوفي بزرگ خواجه صاحبڏني ۽ سندن چاچي خواجه عبدالحق پنهنجي ذمي کنيو.

خواجه صاحبڏنو شروعات ۾ سنڌ جي ڪلهوڙا حاڪم جي سرڪاري نوڪري ۾ هو ان وقت ۾ ساڻس حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ملاقات درازا جي ٻاهران ٽي جنهن ۾ شاهه صاحب، خواجه صاحب کي اها سرڪاري نوڪري ڇڏي هڪ هنڌ ويهي مالڪ جي رياضت جي تلقين ڪندي چيو: 'ميان! اوهان کي ته صاحبِ امانت

بزرگ ٿيٽو آهي، ۽ پوءِ اها جاءِ ۾ ڏيکاريائون جتي بعد ۾ ويهي خواجہ صاحبڏني ڇلو ڪڍيو ۽ صاحبِ امانت بڻجي ويو. سچل سائينءَ جي سوانح جي حوالي سان مختلف تذڪره نگارن اها روايت ورجائي آهي تہ: خواجہ صاحبڏني صاحبِ ولايت ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي پنهنجي فڪري وارث مقرر ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي ننڍي فرزند خواجہ عبدالحق کي مقرر ڪيو ۽ اُن حوالي سان شاهہ عبيد الله جيلاني جو ذڪر پڻ ڪيو وڃي ٿو تہ کين اهڙي تلقين انهن ئي ڪئي هئي. جنهن موجب ميان صلاح الدين کي مسند تان هٽائڻ جو سبب اهو ڄاڻايو ويو تہ سندس پشت مان هڪ اولياء پيدا ٿيٽو آهي پر تاريخي حقائق اهو ثابت ٿا ڪن تہ سچل سائينءَ جو والد ۽ خواجہ صاحبڏني جو وڏو فرزند ميان صلاح الدين پنهنجي والد جي ئي حياتيءَ ۾ سن 1158هـ / 1745ع ۾ وفات ڪري ويو. تنهن ڪري اهو چوڻ تہ ميان صلاح الدين کي مسند نشينيءَ تان هٽايو ويو هڪ غلط روايت آهي. ميان صلاح الدين جي شاعر هجڻ بابت ويجهي ماضيءَ تائين خبر نہ هئي پر تازي تحقيق مان اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ ميان صلاح الدين بہ شاعر هو. سنڌي سرائڪيءَ شاعريءَ جي قديم قلمي بياضن مان ميان صلاح الدين جي هڪ ڪافي ملي آهي جيڪا هن ريت آهي:

مشفق هن مشتاق کي بچايو تہ بچي.

اندر عشق عليل کي، جيئن مهربان مچي،
ڏس ڏيو هن ڏاهہ کي، پهہ جنهنجي پچي.

ڏسان شال اکين سان، مير مرسل مڪي،
مقصد هن مشتاق جا، ڪيا سرور جام سچي.

وندرياس نہ وندري، نہ ڪي پهہ پرچي،
ملڻ هوت حبيب جي، سڪايل سرچي.

صلاح الدين جي سيدا، ويـر لهـ ور اچي،
ڪـرامـات بـهـر قـادر لـڳ، ڪـر اچـي.

(سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ڈاڪٽر مخمور بخاري، ص 39، 2011ع)

سچل سرمست جي روحاني، مذهبي تعليم ۽ تربيت سندس ڏاڏي ۽ چاچي ڪئي جيڪي وقت جا خود به وڏا عالم، شاعر ۽ صوفي بزرگ هئا. سچل سائين شروع کان ئي پنهنجي ڏاڏي ان کان پوءِ پنهنجي چاچي ۽ جنهن کان پوءِ پنهنجي سؤٽ سخي قبول محمد 'اول' جو مريد بڻيو ۽ خود ڪڏهن به مرشديءَ جي مسند تي نه وينو ۽ هڪ سچي صادق عاشق جيان پنهنجي مرشد جي روحاني رمز کي سمجهندي ۽ عام ماڻهن کي سمجهائيندي پنهنجي 90 ورهين جي حياتي گذاري ڇڏي.

سچل سرمست جو دؤر سنڌ تي ڪلهوڙن ۽ تالپر اميرن جي حڪمراني جو دؤر آهي يعني هن پنهنجي حياتيءَ جا 43 سال ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ ۾ گذاريا ۽ حياتيءَ جا پويان 45 سال تالپرن جي دؤر ۾ گذاريا پوئين دؤر ۾ انگريز راج ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي صورت ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ تالپر حڪمرانن سان جدا جدا وقتن تي عهدناما ڪيا ۽ سنڌ کي معاشي، سياسي ۽ سماجي سطح تي نقصان پهچايو. سچل سائين وقت جي هڪ باشعور شاعر هجڻ جي حيثيت ۾ انهن شين کي نندیو ۽ چيو:

پـنـي ۾ پـيـغـام، لـکـي مُـکـا سـڃـڻـيـن،
سـي نـه سـمجهن عـام، جـي آهـن منجهـ اشـارتـا.

۽ ايڏا به اڳتي انگريزن جي دوستيءَ کي دوکيبازي سڏيندي چئي ٿو:

سچ ٿا مرد چـون، ڪـنـهـن کـي وڻـي نـه وڻـي،
ڪـوڙي دوسـتـيءَ جـو دم، بـڻـي نـه بـڻـي.

هو هڪ نبض شناس شاعر جي حيثيت ۾ انسان جي رُتبي ۽ قومي وحدت جو قائل هو، هن پنهنجي دؤر جي حالتن جو خوب اڀياس ڪندي

مذهب، رنگ، نسل ۽ فرقي بنديءَ کان مٿيرو ٿي بحيثيت هڪ قوم جي ڏرتي ۽ پنهنجن وسيلن لاءِ هڪ هنڌ ڪني ٿيڻ جي تلقين ڪئي:

وقت اها ٿئي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيڏ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مؤمن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهه سج نه اُلهي.

هو بنيادي طور تي سنڌ جو اهڙو صوفي مفڪر شاعر آهي جيڪو انسان، ڏرتي ۽ ڪائنات سان پيار ڪري ٿو هن جو مذهب ايڪو، اتحاد ۽ بني نوع انسان جي بهبود ۽ پيلائي آهي، تنهن لاءِ هو محبت، سهپ، رواداري جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ ان جي سرشت ۾ اهي رويا ڪائنس اڳ جي صوفي مفڪر شاعرن جي تعليم سبب ئي آيا جن ۾ حسين بن منصور حلاج، فريد الدين عطار، احمد جام ژند پيل، پڳت ڪبير، سلطان باهو، شاهه لطيف، خواجه صاحبڏنو ۽ خواجه عبدالحق شامل آهن. هن وڏي حد تائين نه رڳو انهن سمورن جو فڪري اثر قبول ڪيو پر پنهنجي دؤر جي سياسي، مذهبي ۽ سماجي حالتن مطابق ان فڪر کي پنهنجي رنگ، ڍنگ ۽ انداز سان بيان به ڪيو.

بانهون ٻانهءَ ۾ پاڻ، تونهين مالڪ ملڪ جو،
'لا خير في عبدي'، اُهو ئي اٽئي اهجاڻ،
الله الله ڇو ڇوين، پاڻ ئي الله ڇاڻ،
'سچو' سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان.

سچل سرمست پنهنجي پيغام کي گهٽي کان گهٽو عام ڪرڻ خاطر هڪ ئي وقت تي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي زبانن کي اظهار جو ذريعو بڻايو ته ساڳئي وقت اسان کي سندس شاعريءَ ۾ مختلف شعري گهاڙيٽا پڻ نظر اچن ٿا جن ۾ بيت، دوهو، سورٺو، دوهو سورٺو ميل، ڏوهيڙو، ڪافي، جهولڻو، جهولڻو ڪافي، ريختا، غزل، مثنوي، سه حرفي، فرد، رباعي، گهڙولي ۽ مرثيي جهڙيون صنفون شامل

آهن. فني حوالي سان سچل سائين سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ ۾ پهريون دفعو 65 جي لڳ ڀڳ نوان گهاڙيتا متعارف ڪرايا، جيڪا روايت ڪانئس پوءِ نه رڳو قائم رهي پر سندس طالب نانڪ يوسف ۽ عقيدتمند فقير قادر بخش 'بيدل' به اختيار ڪندي اُن ۾ وڌي حد تائين اضافا پڻ ڪيا ته ٻئي طرف سچل سائين پنهنجو ڪلام موسيقي جي ٽيهن سُرن ۾ ئي چيو جنهن ۾ يارنهن سُر هن کان اڳ اسان کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ ملن ٿا. نانڪ يوسف ۽ فقير قادر بخش بيدل، شاهه لطيف ۽ سچل سائينءَ جي موسيقيءَ جي روايت کي نه رڳو اختيار ڪيو پر پنهنجي ڪلام ۾ نَون سُرن جا اضافا پڻ ڪيا. بنيادي طرح شعري گهاڙيٽن توڙي موسيقيءَ جي سُرن ۾ انفراديت ۽ نواڻ پيدا ڪرڻ جون روايتون سڀ کان اول سچل سرمست ئي قائم ڪيون.

توڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٽئي مردانو

سچل سرمست جي ڪلام جو بنياد سچ آهي. سچ ڇا آهي؟ هڪ حقيقت؟ ڇا جي حقيقت؟ ڪائنات جو بنياد؟ يا انسان جي حقيقت؟ هي جيڪو جهان الله پاڪ جوڙيو آهي ان ۾ ڇا ڇا آهي؟ پر ان سڀ جو محور / مرڪز ڪير آهي؟ الله پاڪ انسان کي باهه جي مخلوق جنن کان پوءِ مٽي مان تخليق ڪيو. باهه سڀ ڪجهه ساڙڻ جي سگهه رکي ٿي. مٽي گهٽو ڪجهه تخليق / اپائڻ جي سگهه رکي ٿي ته گڏو گڏ باهه کي وسائڻ جي به طاقت مٽي ۾ موجود آهي.

انسان جي جڏهن تخليق ٿي ته ان کي ڪائنات جي سمورن مخلوقات ۾ اعليٰ رتبو عطا ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته الله پاڪ، انسان کي حسين ۽ خوبصورت ڪري تخليق ڪيو ۽ ان ۾ پاڻ منجهان روح ڦوڪيو:

روح ڪُل امر ربي

۽ پوءِ ملائڪن کي ان مٽي جي بوتي کي سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏنائين:

ملڪن ٽي سجدا ڪيا، واهه مٽي تنهنجو مُلهه

قرآن شريف جي سورة الاحزاب جي آيت نمبر 72 ۾ آهي:
'اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي (اسان جي) امانت کڻڻ جي آڇ ڪئي، مگر هنن انهيءَ امانت جي بار کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان بار کڻڻ کان ڊڄي ويا (ته متان امانت جي پورائي نه ڪري سگهون ۽ خدا جي عذاب هيٺ اچون) پر انسان اهو امانت جو بار پنهنجي سر تي کنيو. هو بيشڪ بي انصاف ۽ جاهل آهي'.

... سو انسان کي جيڪو مان مرتبو مليو آهي ان کي سمجهڻ بيحد ضروري آهي.

انسان جنهن کي ملائڪن سجدو ڪيو. ان انسان کي پنهنجي مالڪ رب پاڪ جي آڏو جهڪڻو آهي. ان جڏهن پنهنجو مرتبو وساريو ته پوءِ ٽڪراءُ پيدا ٿيو. فرد فرد جو دشمن بڻجي ويو. حقيقت ۾ ڪاوڙ غصو، نفرت، تشدد، حسد، پيار، محبت انسان جي سرشت ۾ سمايل آهي. انهن مان ڪي عنصر انسان جا دشمن ته ڪي دوست آهن. دوست عنصرن کي ئي وڌيڪ سگهارو ڪرڻو آهي. پر جدا جدا وقتن تي ٻئي عنصر انسان تي غالب اچن ٿا. فرد جڏهن پنهنجو مقرر ڪيل مرتبو وساريو ته هو نيستي ڏانهن آيو ۽ اهڙي ريت هن جي اندر جا دشمن عناصر وڌيڪ سگهارا ٿيڻ شروع ٿيا ۽ پوءِ هي جيڪو جهان پيار، محبت، سُونهن ۽ سچ لاءِ خلقيو ويو. اهو نفرت، حسد، ساڙ، تشدد جي ور چڙهي ويو. انسان سُونهن ۽ سچ کي ڇڏي گندرف ۽ ايٽم جي ڪوجهائپ کي ڳولي لڌو. هن پيار ۽ محبت کي ڇڏي ساڙ، حسد ۽ نفرت جي باهه جا آڑاهه مچايا. هن چنڊ جي چانڊاڻ ۽ گلن جي ڪوملتا ۽ سُرهاڻ وساري پنهنجي زندگي کي مصنوعيت جي ور چاڑهي ڇڏيو آهي. هن پنهنجي انا جي تسڪين خاطر فطرت جي سموري رنگن کي ميساريڻ جي جڙ ڪوشش ڪئي آهي. چنڊ تي پير رکي هن زمين تان پنهنجي پيرن جا نشان مٽائڻ شروع ڪيا آهن. هو ان ۾ خوش آهي ته هو ڪائنات جون مسافتون طئ ڪري رهيو آهي. پر هن کي اهو وسري ويو آهي ته بندوق مان نڪتل گولي سان ڪنهن

کي ماري ته سگهجي ٿو. ڏاڍ، ڏمر سان ڪنهن کي پنهنجو تابع ته ڪري سگهجي ٿو مگر ڪنهن جي ذهن کي فتح نه ٿو ڪري سگهجي. دنيا جي سڀ کان خطرناڪ سزا پنهنجي ئي نظرن ۾ ڪرڻ کان وڌيڪ ڪا بئي ٿي نه ٿي سگهي ۽ دنيا جي عظيم فتح ڪنهن جي ذهن توڙي دل کي فتح ڪرڻ آهي. پر انسان جڏهن ان سزا ۽ فتح کي وساري ڇڏيو ته پوءِ هن جي نصيب ۾ اهائي ڪوجهائپ ۽ اونداهه آهي جيڪا هن خود اختيار ڪئي آهي.

ڪائنات، سُونهن ۽ سچ جي روشني سان روشن آهي، ان ۾ ڪوجهائپ، اونداهي، بدبوءِ انسان جي پنهنجي پيدا ڪيل آهي. سونهن ڪائنات جي خوبصورتي آهي ۽ سچ هن ڪائنات جي هجڻ جو دليل آهي ۽ انسان ان سونهن ۽ سچ جو نمائندو آهي! هي رتبو / مان / مرتبو بلاشڪ ان کي پنهنجي تخليقڪار طرفان پلئه پيو آهي. پر ان کي سمجهڻ، يعني پنهنجي پاڻ ۾ ان کي ڳولڻ جو ڪم هن کي پاڻ ئي ڪرڻو آهي. سچل سائين طالب کي جيڪا پهرئين تنبيهه ڪري ٿو. ان ۾ چئي ٿو:

جي تو جاتو پاڻ، آءٌ ٻيو ڪي آهيان
ڪندءِ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهه ۾

۽ پوءِ هو ان وات تي هلندو رهي ٿو ۽ پوئين کي سمجهائيندو ٿو اچي:

عشق محبت ٻاجهون جاڻين، ٻي سڀ راهه خلافي
بزرگ ڪاڻ دنيا جي ڪن تا، طلسم سڀ تلافي
سچا هرگز سي نه ٽيندا، سچا صوفي صافي

قاضي ساڻ ڪتابان ڪون هُڻ، مرشد اينوين فرمايا
آپ سجاڻ ته تون ڪيا هيئين، عرف نفسه پرجهايا
'سچل' راهه ڪفر دا سانون، مرشد آپ بتايا

تو اپنا قدر جانو سپہ سالار تم ہوگا
اوئی اندر اوئی باہر ہمہ اظہار تم ہوگا

پيهي پروڙيم پاڻ، تان پنهون پاڻ ئي آهيان
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙلاءُ پيوم
صحيح ڪن ڪيوم، ته غير گمان اٽي ويو

ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهه، هر ڪنهن صورت آپ الله

چوڙ گمان گدائي والا! شملا چا ٻڌ شاهي دا

هاڻ جڏهن خدا ۽ انسان کي الڳ الڳ سمجهيو ويندو ته پوءِ انسان شاهي شملو ٻڌندو ته اهو ڪفر ٽي پوندو؛ پر سچل چواٽي هو اهو رستو پار پئجي ويندو ته پوءِ اهو جيڪو طالب آهي، اهو سالڪ ٻڌجي ويندو ۽ پوءِ انسان پنهنجي اصل مرتبي کي سمجهڻ، سڃاڻڻ کان پوءِ ئي ماڻيندو ۽ ان حالت ۾ ئي هو چئي سگهي ٿو:

شملا چا ٻڌ شاهي دا!

هاڻ جڏهن شاهي شملو ٻڌجي ويو ته پوءِ اُن مڙان چا ٿو عائد ٿئي؟ هن جي ذميوارين ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي ٿو ته پوءِ هن کي چا ڪرڻ گهرجي؟ چا هو پنهنجي گفتار ۽ ڪردار ۽ عمل سان ڪائنات جي حُسناڪين کي بگاڙڻ وارو ٻڌجي يا سنوارڻ وارو؟ چا هو پنهنجي سوچ ۾ تخريبڪار هجي يا تعميري، چا هن جا هٿ گلن کي مروڙڻ وارا هجن يا پوکڻ وارا؟ چا هو خوبصورتي، سونهن پسند هجي يا اوندهه ۽ ڪوجهائپ جو حامي؟ چا هو معصوميت سان پيار ڪندڙ هجي يا دوکي ۽ بي ايماني سان؟ چا هو سچ جي وات تي هلي يا منافقت جي؟

هي سوال کي ايڏا منجهائيندڙ ته نه آهن پر پنهنجي وجود ۾ گهرا ضرور! اسان مان سڀ حُسناڪين کي سنوارڻ، سوچ ۾ تعميري رهڻ، گلن کي پوکڻ، سُونهن، معصوميت ۽ سچ سان پيار ڪرڻ جي

دعويٰ جا اعلان ته ڪن ٿا. پر، ڇا اسان جا ڪردار، اسان جي سوچ، اسان جو عمل، اسان جي گفتار مان اهو سڀ واضح ٿئي ٿو؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ ٿورو پاڻ تي غور ڪيون ته گهٽو ڪجهه سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو!

خدا تعاليٰ هي ڪائنات ڇا ڪوجهائپ لاءِ خلقي هئي يا حُسناڪي لاءِ؟ سچ لاءِ خلقي هئي يا ڪوڙ، دوکي، دولاب لاءِ؟ ڇا هُن جنهن متي جي بوتي کي ملائڪن کان سجدو ڪرايو ۽ ابليس ان جو اُن ڳالهه تان انڪاري ٿيو ۽ تڙجي ويو ۽ ان ۾ پاڻ مان روح ڦوڪيو، ڇا اُن جو ڪردار اُن جي اُن اَمُر موجب آهي؟ ان سوال جي جواب ڏيڻ کان اڳ اسان پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرايون ته اسان گهٽو ڪجهه سمجهي سگهون ٿا! پر ڇا اسان اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ کان پوءِ ان کي سُڌارڻ جو ڪو جتن ڪيون ٿا. ڪا ابتدا، ڪنهن انتها ڏانهن پهريون قدم! ڇا سچل جو هي پيغام به نه ٿو سمجهه ۾ اچي: جيڪو بنهه آسان ۽ عام فهم آهي:

جان مون ملان هوت، تيسين تائين نه مران
مادر تائين موت، اهو اٽم آسرو

ٿورو سوچيو پاڻ تي ۽ سرمست درازي جي هنن سٽن تي:

مومل مهٽي هاب، راڻا ڪر نه راءِ تون

—

مهٽي هاب متان ڪرين، ته ڪاڪ نه ٿئي ڪاري

ايان اڳتي وڌيڪ تنبيهه ڪري ٿو:

اٽي ڪمر بنڌ، لوڄ ته لهين سپرين
هوتاٽن جو هنڌ، ڏسين اکڙين سين

—

ملي مارڳ جي مرين، ٿئي قدر ڪيڇئڙن

—

ور وسارج ڪينڪي، جا واقف نہ وٽڪار
واعدا ويڙا وسري، هوت ڪيو جي هوءِ
پئي پول پھيندس ڪا

ءِ جن اها تنبيھ نہ ورنائي ان جي تصوير سچل ائين ٿو چئي:

عمر اجائي گذري، هي هي هيڙي حال
تائين اڄ نہ مون ٿئي، سندي هوت سنيال
مون کان پڇن ڪينڪي، ڪافن جا ڪشال
پنھنجي قرب ڪمال، ڪا ور ويچاريءَ جي ڪريو

—

وندر مون ويھان، ڏولن پيون پرين کي

—

مھر مَ متان لاھ، مون تان نماڻيءَ تون

اڄ اسان جنھن ذھني، سماجي، اخلاقي ءِ تھذيبي پيچ ۾اھ جا شڪار آھيون ان جو بنياد 'انا' آھي يعني پنھنجي پاڻ کي سڀ کان برتر، اعليٰ، معتبر ءِ عقلمند سمجھڻ ان حالت ۾ اسان جيڪو ڪجھ سوچيون ٿا، جيڪو ڪجھ ڪيون ٿا اھو درست آھي ءِ ان سوچ ھيٺ اسان جيڪو حاصل ڪرڻ چاھيون ٿا ان لاءِ صحيح غلط جي پرک جا معيار ازلي اصولن جي بجاءِ پنھنجي منافعي فائدي موجب طئ ڪيون ٿا ءِ نتيجي ۾ ھڪ وڏي تباھي اسان جي نصيب ۾ اڇي ٿي. اڄ اسان اھو تہ چئي سگھون ٿا تہ ھر روز ڪائنات ۾ ڪجھ نئون دريافت ٿي رھيو آھي، پر ان کي وساري ويٺا آھيون تہ ان جي نتيجي ۾ اسان جي ھٿن مان ڇا ڇا کسڪي رھيو آھي؟

ھن سوال جو جواب ڪو ڏکيو ناھي پر ايترو آسان بہ ناھي، رڳو اندر ۾ جھاتي پائي واپس ڪائنات ڏانھن نھارڻو آھي، پوءِ اھو اسان مان ڪير ٿو ڪري سگھي ان سوال جو جواب ڳولي لھڻ آئون ايندڙ وقت تي ڇڏيان ٿو:

هو پي ڪين اچڻ هي پي ڪين ويو
نفي ۾ اثبات ڪوءَ، پري خيال پيو
’سچو‘ سچ ٿيو، پي ٻانهپ ٻولي ناهه ڪا

هادي ني سبق پڙهايا سانون، اهو هادي ني سبق پڙهايا
سچ ’سچل‘ وچ، ’سچل‘ سچ وچ، ٻيا سڀ پنڌ اجايا

■

سچل - پنهنجي سرمستيءَ ۾

سنڌ جي صوفياڻي ۽ فڪري وحدت جي ٻئي وڏي مفڪر شاعر سچل سرمست چيو هو:

ماڻ ڪيان تہ مشرڪ ٿيان، ڪُڇان تہ ڪافر،
انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهي 'سچيڏنو' چوي.

ان سچل جي فڪري پيروڪار شيخ ايياز چيو آهي:

آءٌ درازا هــل،
تـنـهـنـجـا سـارا مـولـوي،
مـنـهـنـجـو هـڪ سـچـل.

(پن چڙ پچاڙا، ص 125)

سو ان درازا جي سچل چيو هو:

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستو مست مدام،
حق موجود، سدا موجود.

۽ سنڌ جي جديد شاعري جي اڳواڻ ايياز چيو هو:

سچل سرمست جهومي رهيو هو
رباب جون رڳون تاڻجي ويون آهن،
ڏوري جي پن، هوا جي هانءَ ۾ بڇيون هڻي رهي آهي،
رات جا ڪارا وار اُيا ٿي ويا آهن!

(اڪ جون ڦلڙيون، پيج ٻيو، ص 55)

رندي ۽ مستيءَ واري ڪيفيتن جي اظهار واري هن بيباڪ شاعر

سرمست چيو هو:

گُهنڊ ڪول ديدار ويڪاؤ، مئن آيا مُک ويکڻ.

پاءُ پازيب پيران وچ ڪڙيان، پايل ڪون چمڪاؤ،
مئن آيا مُک ويکڻ.

پهري پوشاڪان ويس گلابي، چوٽا چندن چڪاؤ،
مئن آيا مُک ويکڻ.

جمال جي اظهاريل ان ڪيفيت کي جڏهن اسان جي هن گهڙ پڑهي شاعر ايياز پنهنجي روح تي لهندي محسوس ڪيو تہ هن چيو:

سچل جهومي رهيو آهي،
درازن جي دز جهومي رهي آهي،
ءِ خُدا! آڪاس جي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏسي رهيو آهي،
ءِ! سوچي رهيو آهي:
'مان انسان جي ويس ۾، ڪهڙو نہ وڻندڙ تو لڳان'.

(اڪ جون ڦلڙيون، پيج پني، ص 55)

ايياز جو اهو خيال چو نہ سچ جي ويجهو محسوس ٿئي جو سچل پاڻ ئي تہ چيو آ:

مَلڪن ٿي سجدا ڪيا، واهہ متي تنهنجو مُلهہ.

يا ٿورو اڳتي، ائين بہ وينو چئي:

ٻانهون پاڻءَ مَر پاڻ، تون آهين مالڪ مُلڪ جو.

يا هڪ هنڌ ائين بہ وينو چئي:

اکيان ڪول تماشا ويکين....
صورت سيءِ سلطان....

ءِ پوءِ چو نہ ائين چئي:

چوڙ گُمان گَدائيءَ والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا!

هاڻ، جنهن شاعر جي خمير ۾ صدين جا پنڌ اڇي نئين آس سان جاڳي پون ٿا اهو شاعر پنهنجي لفظن جي صورتگريءَ سان پڙهندڙ ٿا پڌندڙ جي وجود ۾ هڪ نئون جهان جاڳائي وڃن ٿا اهڙن شاعرن کي اسان تاريخ جي مفڪر، مدبر، ڏاهي، وقت شناس، انساني ڪيفيتن کي محسوس ڪندڙ ٿا وقت جي نبض تي پنهنجا هٿ مضبوط جهليندڙ کان اڳتي جي چئي سگهون ٿا تہ اهڙا شاعر وجدان کي پنهنجي ادراڪ جي قيد ۾ آڻي، ان ۾ پنهنجي پوري زندگي اوتي، ٻئي جي روح ۾ لهي وڃن ٿا. اسان جو شاعر 'سچل' جنهن جو اصل نالو تہ ميان عبدالوهاب آ، پر هو زندگيءَ جي اڌ صديءَ تائين حافظ مولوي عبدالوهاب رهيو ٿا پوءِ هو هڪ ڏاڪو اڳتي وڌي الائي تہ ڪيترا ڏاڪا چڙهي ويو. بقول ڪبير جي:

حد حد چليا هر ڪوئي، بيحد چليا نہ ڪوءِ،
بي حد کي ميدان ۾، ڪڙا ڪبيرا روءِ.

ٿا جڏهن اسان جي هن يُگاني شاعر اها رمز پروڙي تہ ڪبير کي پنهنجي واتان ائين چيائين:

حدين وڃين هر ڪو لاحد وڃي پير،
'سچُو' سوفقير، جوحد، لاحد لنگهي ويو.

سو جڏهن حافظ عبدالوهاب مان سچل ٿيو پوءِ يقينن هن تي فتوائون بہ نڪتيون هونديون ٿا چو نہ نڪرن؟ چا پلا ڪڏهن ڪو نئون جهان ڪنهن کي سمجهہ ۾ بہ آيو آ؟ ٿا خاص طور هڪ شاعر جڏهن پنهنجي وجدان کي پنهنجي ادراڪ سان جهٽڻ جي سگهہ رکندو هجي ٿا ان حالت ۾ اندر جي پنجين موسم کي مستيءَ جي حالت ۾ اظهاري تہ پوءِ اها حالت چا هر ڪنهن کي سمجهہ ۾ ايندي؟ ڪنهن کي سمجهہ ۾ اچي يا نہ پر اسان جو سچل چئي ٿو:

ڪوڪيئن چئي، ڪوڪيئن چئي، مان جوئي آهيان، سوئي آهيان.

ايان بہ جي معاملو وڌيڪ الجهي پوي تہ پڪ اٿم تہ هي سرمست

ڪنهن بہ حالت ۾ پوئتي هٽڻ وارن مان نہ هو، تڏهن ته چيائين:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي.

پر! هي ڪهڙو سچ هو جو اسان جي هن 'مرد شاعر' چيو آ:

عاشق هووين تان سر ڏيوين، ڳالهہ هي مرداني،
دائم دل وچ پاوين جهاتي، رمز لئين رُوحاني،
'سچُو' بن عشق رانجهن دي، ڏُوجهي سڀ ناداني.

سو سچل کي اهو عشق جو سبق ڪنهن ٻئي نہ پنهنجي گُرو، ستگُرو، مرشد، هادي، رهبر خواجہ عبدالحق ئي ته پڙهايو هو:

هڪ ڏاڍي مرشد سانون، هڪ ست پرت دي پاڙهي،
سا مين دل دي تختي اُتي، چاهہ ڪنون وچ چاڙهي،
'سچُو' عشق ٻيا نہ ٽيوي، توڙي چٽي هوويس ڏاڙهي.

سو عاشقن جي ان سردار خواجہ عبدالحق خود بہ چيو هو:

دل عشق سان آباد ڪر، ڪونين ۾ شہ شاد ڪر،
دامن لڳيءَ جو داد ڪر، ڪل علت کان آزاد ڪر،
صالح سندم اولاد ڪر، يا غوث رب العلا.
(رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)، ص 60)

اُن عاشقن جي سردار کي وري پرت جي اها ٻِڪ پنهنجي والد يعني سچل جي ڏاڏي خواجہ صاحبڏني ئي پياري هئي، ان جي رمز ڏسو چا ٿو چئي:

ڪن جو نينهن نهر سين، ڪن ڏٻايا درياهہ،
صاحبڏني جي ساهہ، سارو سمنڊ سمائيو.

ڪي ٻُڏڻ سان ٻڌجي ويا، ڪي چريا منجهہ چاهہ،
صاحبڏني جي ساهہ، سارا ورق ورائيا.
(سچل سرمست جو آفاقي پيغام، ص 35)

سو پوءِ ڇو نہ اسان جو هي سچل عشق جو اوتار ٻڌجي! ۽ عشق سپردگي جو نالو آهي جنهن ۾ فقط ڏجي ٿو ونجي ڪجهہ به نہ ٿو ۽ ڏيندي ڏيندي عاشق ۾ مستي، بيباڪي ۽ تبديل ٿيو وڃي ۽ بيباڪي اهڙي حالت آهي جنهن ۾ ڪجهہ به جهلي نہ ٿو جهلجي:

رت منجهارُون پانهنجي، وضو ويهر ڪرن،
اي نماز عشق جي، تهون پوءِ پڙهن،
جنهن محبت وڏا مامري، سي ڪيئن مڙس مُڙن.

۽ اها عشق جي ئي هڪڙي حد آهي، جنهن ۾ سچل خود چيو:

ديس سچل دا درس درازا، مڪا نا ملتان.

عاجزي، نوڙت، نياز، هيناهين ۽ پاڻ کي ڪي به نہ سمجهڻ عاشق جو ئي مَرڪ آهي ۽ ان کان سواءِ هن جو ڪو شان به نہ آهي. سرمست سائين پنهنجي نوڙت، نياز سان ٿو بيان ڪري:

ننگڑا نماڻي دا، جيوين تيوين جولٹا!

ميلي هان يا مندي هان، بيشڪ تيڏي بندي هان،
ڏکين ميڏا ڏولٹا، ميڏي عيب نہ ڦولٹا!

هو جيڪو فرقن جي تفرقي بازي، انسانن جي رنگ نسلن، اوچ نيچ، ذات پات، دهشتگردي، مُلانئيت، تشدد، وقت جي فرعونيت جهڙن روين، لاڙن ۽ فردن کان بچيل رهيو، حقيقت ۾ ان سبب ئي هو هڪ اهڙو ڪامل انسان ٻڌجي ويو جنهن جي فڪر، سوچ، نظريي، وجود مان محبت جون، سچ جون، روشنيءَ جون، چڱائيءَ جون ڪيتريون ئي شعاعون ڦُٽي نڪيون آهن ۽ انهن تجلين ۾ الائي ته ڪيترا وقت جا ڪوڙ تهس نهس ٿي ويا ۽ اهو به سچ آهي ته سچ جي آڏو ڪوڙ جي عمر بنهہ ننڍڙي ٿئي ٿي، سچل جيڪو سچ جو شاعر آ، جيڪو عشق جو شاعر آ، اهو ئي سچل ڪالهہ جو شاعر هو، اهو ئي سچل اڄ جو شاعر آ ۽ اهو ئي سچل سُيانڻ جو شاعر به آهي ۽ اهو سچ

آئون نہ ٿو چوان ۽ نہ ئي سچل پاڻ لاءِ کا دعويٰ ڪئي آهي پر سچل کان پوءِ جي پوري ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعري اُن ڳالهه جي وڏي واڪي پاڻ ئي تائيد ڪري رهي آهي.

نانڪ يوسف جنهن کي آئون 'سچل ثاني' ۽ چوان ٿوان چيو هو:

پير مُغان جي در تي ڊوڙي، پُرزا پاڻ ڪيوسين،
نانڪ يوسف يار سچل جي، نانگهه نينهن نيوسين.
(نانڪ يوسف جو ڪلام، ص 100)

۽ اجان ٿورو اڳتي ائين ۽ چئي ويهي رهيو:

واهه گُرو جي شاهه درازي

(نانڪ يوسف جو ڪلام، ص 365)

سرمست جي جيءَ جيارينڊ عقيدت مند فقير قادر بخش بيدل سائين چيو هو:

عشق جو يارو! درازن ۾ عجب اسرار هو،
مست سالڪ شهه سچل، عاشق اتي اظهار هو.
(بيدل سائينءَ جو رسالو، ص 189)

جديد شاعريءَ جي اڳواڻ شيخ ايياز چيو هو:

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهه،
منهنجي من ۾ چوليون ماري، سنڌو! تنهنجو ساهُ.
(پوئٽر پري آڪاس، ص 42)

سارو عرش منور آهي،
چند ڳلي ۾ چمڪي ٿو.
دور پٽائي جي بستي ۾،
سچل پنهنجي سرمستي ۾،
بيٺو مون کي تاڙي ٿو.
(راج گهاٽ تي چندو، ص 184)

سچل جي شارح روايت ۽ جدت جي ڳڏيل سنگم ڊاڪٽر عطا

محمد حامي چيو:

هند ۾ آئي جڏهن، بي اتفاقيءَ جي بلا،
پاڻ ۾ پنهنجا لڙي ٽيا، جابجا جاني جدا،
هڪ صدي اقبال کان اڳ، جنهن جي اک بيدار ٿي،
بيخودي ۾ جنهن خوديءَ جي، رمز ڏيکاري ڇڏي،
سو سچل سرمست صوفي، سنڌ جو سردار هو،
وقت جو منصور بيشڪ، مرد منصبدار هو.

(حامي جو ڪلام، ص 36-35)

ڀاڻ اڄ تائينءَ جي جديد شاعرن، نقادن تاج جويي ۽ ايياز گُل جي نظر ۾ سچل سائينءَ جو مرتبو ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي، تاج جويو چئي ٿو:

سچل تنهنجي سچ سان، جنهنجو ناتو نانهن،
اُهو ماڻهو نانهن، اندر آڙهه ان جو.

—

سچل تنهنجي سچ جو، هنيو جنهن نعرو،
انهيءَ لاءِ سارو 'دل جو ديس دراز' آ.

(دراز جي دز جهومي رهي آهي، ص 121)

ڀاڻ اسان جو خوبصورت ڪوي ايياز گُل چئي ٿو:

سچ جو نانءُ سچل،
سچل نالو سچ جو!

ڌرتي هر هڪ ڏور ۾،
ڳولي ڪوءِ سچل،
سچل نالو سچ جو!

(ميلي جي تنهائي، ص 249)

ڀاڻ شيخ ايياز 1965ع ۾ سچل اڪيڈمي طرفان ملهايل ادبي ڪانفرنس جي صدارتي تقرير ۾ جيڪي چيو هو سو بلڪل سچ آهي:

’اڄ مون کي سنڌ جو نئون ادب ائين لڳي رهيو آهي،
جڙ سرمست جي مزار تي ڏاڙهونءَ جا گُل ڦُٽا آهن!.‘
(آءٌ درازا هل!، ص 59)

سو اسان جي شاعر سچل جو اهو اثر لڳ پڳ ٻه سئو سال گذرڻ کان پوءِ ٻه اُن کري قائم آ جو هو:

سچ سچل وچ، سچل سچ وچ، ٻيا سپ پنڌ اجايا!!

(سچل سرمست جي 195 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي سچل آڊيٽوريم درازا ۾ 21 جون 2016ع تي پڙهيل.)

■

سچل سرمست جي سُر مارئي جو اپياس

تعارف:

حب الوطني جي عظيم ڪردار مارئي کي جتي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙي عظيم شاعر پنهنجي سگهاري شاعري جي سورمي بڻائي ڪوتا جي امرتا ۾ رچي آهي، اتي سنڌ جي سچي ۽ بيباڪ شاعر سچل سرمست به ان مهان ڪردار کي پنهنجي تخليقي جوهر ۾ سرجي ذات جا ڏيئا روشن ڪيا آهن، جن جي سهائي ۾ صديون روشن ٿي اونداهه سان اٽڪيون آهن ته وقت جي هر عمر ۽ آمر کي ننڍي مارئي جي مهانتا پڌري ڪئي آهي.

سچل سائين سُر مارئي ۾ مارئي جي واتان مارُن کان جدائي جون وايون ۽ ورلاپ اهڙي فنڪاراڻه انداز ۾ بيان ڪيون آهن، جو پڙهڻ سان رون رون ڪانڌارجي وڃي ٿو. محسوس ٿئي ٿو ته

پنهنجن کان دوري ڪيئن دل ڏوڏيندي آهي ۽ ماڻهو ڪيئن پنهنجي اندر ۾ ور ور ڏئي مرندو آهي.

سچل سائين جي سُر مارئي جي بيتن ۽ واين ۾ مارئي جي ملڪ ملير ۽ اُتي جي ماروئڙن جي عڪاسي آهي؛ ملير جي منفرد لينڊ اسڪيپ کي آڻڻ سان گڏ مارن جي ريتن، رسمن، خوشين ۽ غمن کي ڳايو آهي. سچل جو سُر مارئي پڙهندي ماڻهو ملير جي ڌرتن ۽ ڌهرن ۾ پهچي وڃي ٿو: ميگهه ملهار جي موسم ۾ بادل برساتون ٿي گذرن ٿيون. ملير جي مارن جي سکن ۾ مارن سان گڏ موج ماڻي ٿو ته ڏکار جي ڏينهن ۾ ڏوٽيئڙن جي ڏکن ۾ ياڳي پائيوار ٿي غم ورهائي ڪٽي ٿو. سچل جي هن شاعراڻي سگهه ۾ پڙهندڙ جو من مهڪي درازن جي ڏس ڏي سئو سئو سلام واري ٿو.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ مارئي جي ڪهاڻي:

هڪ وڏي شاعر جو ڪمال اهو آهي ته سندس ڳايل قصي کي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ پنهنجي علمي ۽ فڪري گهرائي ۾ وت وس آهر سمجهي ۽ پروڙي، مارئي جي قصي کي جنهن نموني سچل سرمست ڳايو آهي، ان کي به مختلف سطحن تي ٻڌي يا پڙهي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. ان مان هڪڙي سطح وارو ماڻهو رڳو ڪهاڻيءَ جو حظ ونندا ۽ اهو سمجهندا ته اهو قصو ان مارئي جو پيو هلي، جيڪا ملير ۾ ڪيت سين جي مگيندي يا ڪنوار هئي ۽ جنهن کي عمر بادشاهه ڪٽي وڃي پاڻ وٽ ڪوٽ ۾ قيد ڪيو ۽ جيڪا قيد ۾ رهي به مارئي ملير کي سارينديِ رهي، محلن ۽ ماڙين ۾ رهي ريشمي پوشاڪ پهرڻ قبول نه ڪيائين. هن ڪهاڻي ۾ ايئن سمجهي سگهجي ٿو ته مارئي آزاد روح آهي، جنهن کي روحن جي دنيا مان نڪري، لکٽي مطابق هن قيد الماءَ، پاٽيءَ جي بند ۾ اچي رهڻو پيو آهي ۽ اصل وطن لاءِ واجهائيندي رهي آهي.

سچل جي لفظن ۾ مارئي پنهنجي مائٽن جو تعارف ڪرائيندي چوي ٿي ته، منهنجا مسڪين، مارو ويچارا ريگستاني راڄ منهنجي جدائي ۾ ضرور جهوريءَ جهڄيا هوندا ۽ مون کي ضرور سڏي سارينداِ هوندا. هو غريب مارو جن وڃاڻو هي واري جا پٽ ۽ پٽون آهن. انهن تي ويهي مڇيون ٿي ضرور منهنجي اچڻ جي آس ۾ ڏيئا ٻارينداِ هوندا.

ريگستاني راڄ جِي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهي،
ڪَن پَڇارون پاڻ ۾، سي واريءَ تي ويهي،
ته "ايندين ماروئين مارئِي، شل پَڪن ۾ پيهي"؛
اُڪندَ مون ميلاپ جِي، آ جهانگن کي جيهي؛
منهنجي تن تيهِي آهي سِڪ سنگهارن جِي.
(انصاري، ص 342)

سر مارئي ۾ ٽر جو پس منظر:

سچل سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ مارئي جي ملڪ ملير ۽ اتان جي ٽر جيوت جا عڪس ۽ نقش نمايان ڪري نروار ڪيا آهن. مارن

جي رهڻي ڪهڻي، سندن معاشي حالت، غربت، ڏوٽيئڙن جا ڏک، مينهن باران، برساتون، روزي ۽ روزگار، گذران جا ذريعا، جهانگين جي جهانگيلو زندگي، ريتون رسمون، مطلب ته سڄل سائين ڪٽي جزوي ته ڪٽي اڪيلي مارئي جي مٿن ۽ ملڪ جي ماحول کي پنهنجي شاعريءَ جي لفظن جي لڙهي پوئي ڪٽي ڪاغذ جي سيني تي سينگاريو آهي.

مارئي کي سنگهارن ساريو پئي، اُتي عمرڪوٽ ۾ قيد مارئي به مارن کي نه وساريو. اهو فطرت جو قانون آهي، جن کي ياد ڪيو ويندو آهي، اهي به ياد ڪندا آهن. سڄل سائين، مارئيءَ جي پنهنجي مٿن مارن جي اڪند ۽ اڪير کي لفظ لفظ ۾ اوتي بيان ڪيو آهي.

منهنجي مَن ميان، هِن ڳالهيون ماروئڙن جون؛
ڏُٺ ڏاڏاڻي ڏيهه جو، وڃي خوشِئون هُٽ ڪِيان؛
ڪائِي ساعت سومرا، جهانگن ريءَ نه جِيان؛
وڃي ٿر تِيان شَلَ سَنگٽ سنگهارن جي.
(انصاري، ص 333)

عمر جي ڪوٽ ۾ قيد مارئي پنهنجي آزاد ڏهاڙن کي ساري پنهنجي مختياري جي مهانتا ٻڌائي ٿي؛ ۽ چوي ٿي ته ان وقت منهنجي دل تي ڪو دردن جو بار نه هو، آئون هر گهڙي اباڻن سان آرا ڪندي هئس؛ آئون هاڻي بنديااڻي پنهنجي من جون موجون ڪنهن سان ڪندس.

ڪي ڏينهن هُيس قرار، مارُن گڏ مليـر ۾؛
درد نه هو ڪو دِل کي، هُيس مِتَن ۾ مختيار؛
ريءَ اَباڻن آر، هاڻي ڪنديَس ڪَن سان.
(انصاري، ص 333)

جڏهن ٿر تي بادل پرجي وسڻ جا ويس ڪري، ڌرتي کي هار سينگار ڪرائڻ جي لاءِ ڪنوٽين جا ڪجڪار ۽ گوڙ جا گهمسان ۽ ڏرم ۽ ڏمچر ڪٽي مندائتا مينهن مند تي موتندا هئا ته مارئي جي سرير ۾ سانگيئڙن جي سار تهائين وڏي وڻ تي ويندي هئي.

اَبَر تِيا ۾ اُيَ، ۽ واءُ لڳو اوياڙ جو،
"سَچو" چوي ٿيا سومرا، چَگا سانگِن سُيَ،
پَر ڇت اَندرَ ۾ چُيَ، اَٽن تنهنجي زورَ ظُلم جا.
(انصاري، ص 367)

اَڄ سنگهاري ساريا، مون مِينهَن وَسندي سومرا؛
ڳوڙها ڳاڙاتي بنا، هِن هَنجُن مون هاريا،
ياد ڪريندي تن ڪي، بارڻَ جوڻُ باريا؛
هِتِ "سچوءَ" سنياريا، هُت سنيارَ "سچوءَ" ڄي!
(انصاري، ص 364)

مارئيءَ پاڻ تہ ويچاري قيدڙ هئي پر اتي بہ هر ويلي ڪيس اها ئي اَتر ويلا هئي تہ شال سندس مارو منهن سنرا هجن، اهو ئي سبب هو جو هر وقت هوءَ عمر بادشاهہ کي اهي ئي پئي ايلاز، منٽون ڪندي هئي تہ "منهنجا مارو تنهن جي سور ستايا آهن، انهن کي وڌيڪ نہ ستاءِ، انهن تي احسان ڪر ۽ سندن ننگ واپس ڪر انهيءَ ۾ مارن جو تہ مانءُ آهي ئي پر تنهنجي بہ تعريف انهيءَ ۾ ئي آهي"، اهڙن احساسن جي ترجماني سچل سائين وري هنن الفاظن ۾ ڪري ٿو:

رجُون ريگستانُ، ڇت وطن ويڙهيچَن جو؛
راڇِم ٿي رکيج تون، تَن ماروئڙن جو مانُ؛
جهونن جهانگيڙن تي، ڪَر عمر تون اِحسانُ؛
تہ سارو جڳ جهانُ، مَرُ تعريفان تنهنجيون ڪري.
(انصاري، ص 350)

اباڻن جي اُڪير:

سچل سرمست، مارئي جي هن ڪردار کي نهايت ئي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن سُر ۾ مارئيءَ جو اباڻن لاءِ اڪير جو ذڪر آهي، جنهن ۾ هوءَ قيد ۾ رهندي بہ مارن لاءِ فڪرمند رهي ٿي.

مارئي کي سنگهارن ساريو پئي، پر مارئي بہ پنهنجا مارو ڪونہ

وساريا هئا، مارئيءَ بہ پنهنجي ماروئڙن کي هر پل ياد ڪندي هئي ۽ سندس دل ۾ اکير هر وقت رهندي هئي. سچل سائين، مارئيءَ جي پنهنجي منن مارن جي اکنڊ ۽ اکير کي لفظ لفظ ۾ اوتي بيان ڪيو آهي:

ڏينهن گذري ڏکَ ۾، ٿو ڇاڻيندڙ ڇاڻي؛
سُکَ ڏکَ سنديون ڳالهڙيون، وڃي اوريان اَباڻي؛
نہ تہ ستڙ لهندڙ سِگهڙا، الله اهي آڻي!
جو هُن ٻِنا هاڻي، گهڙي هِت نہ گهاريان.
(انصاري، ص 329)

هوءَ ڏاڏڻن ڏي وڃڻ لاءِ آتي آهي، جنهن لاءِ عمر بادشاهہ کي حيلا هلائيندي چوي ٿي تہ مون کي آزاد ڪر تہ آئون پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ وڃي پنهنجي مارن سان ملان. هت هر ڏينهن هر پل ڏکن سورن ۾ ٿو گذري. جڏهن آزاد ٿي پنهنجي ڏيهہ ويندس تہ قيد ۾ رهندڙ هر پل پنهنجي اباڻن کي ٻڌائيندس. الله سائين اهڙا ڏينهن جلد آڻيندو جو قيد جا ڪڙا ٽٽي پوندا ۽ آئون پنهنجي وطن واپس ويندس.

مارئي جي بي چين ڪيفيت کي سچل سائين بيان ڪندي چئي رهيو آهي تہ ديس مان ڪوئي اهڙو ماڻهو/ قاصد اچي، جنهن کي پنهنجي هيڻي حال جو احوال ٻڌايان، منهنجي جسم تي پنهنجي اباڻي ئي ڏيهہ جي لوئي اوڍيل آهي، جڏهن پنهنجي وطن موٽي ويندس تہ پنهنجي هڪ جيڏين سان پاڪ پيري روئي پوندس ۽ کين ڏسي سنڊن سڪ لاهيندس.

تنهن تا ڇَوان حالَڙو، سارو سيوڻي،
ايڏنهن آندي آهِہ مون، لاکيٽي لوڻي؛
سا وٽي ويندَيس پاڻ سان، آتم عهد اِهو ئي؛
سَرتِن سان روڻي، سِکون لاهيندَيس لوءِ ۾.
(انصاري، ص 347)

لوئي جي لج:

سچل جي شاعريءَ مان اهو پتو پوي ٿو تہ، مارئيءَ جو مقصد ۽ آخري خواهش اها ئي آهي تہ مارن جي هن ڏنل لوئيءَ جي لج رهجي اچي، جيڪڏهن هوءَ مري وڃي، پر سندس لوئي ڪڏهن بہ نہ لينگهاتجي! ۽ جڏهن سندس مارو ريگستان جا رهاڪو هن لوئي جي سيل ۽ ست جي سلامتيءَ جي خبر ٻڌندا تہ ڏاڍا خوش ٿيندا.

هِن لوئيءَ جِي لاجَ، شلَ رهجِي اَچي سومرا!
تہ مَرُ ٻُڌي خوش ٿِين، ريگستاني راجَ،
سا نہِ ڪائي ڪاج، جا قيد ڪَئِي تو ڪوتَ ۾.
(انصاري، ص 367)

مارئي پنهنجي اباڻي ويس کي پنهنجي شان مان سمجهندي جسم تان لاهڻ کي عيب سمجهي ٿي، هوءَ عمر طرفان آڇيل قيمتي ڪپڑن کي پائڻ عيب سمجهي ٿي ۽ چوي ٿي پنهنجي اباڻن جا هي ڪپڑا پنهنجي جسم تان لاهي پاڻ کي ڪنهن هرگز ڪين ڪنديس.

جا اَباڻن ڏني، سا لوئِي هَڏ نہ لاهيان،
ڪندِيس ڪين ڪِني، ونِي ويندس ويڑهہ ڏي.
(انصاري، ص 341)

مارئي هن بيت ۾ عمر سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ تنهنجي قيد مان هت ڪاڻياري ڏيان، ۽ قيد ۾ رهندي پنهنجي اباڻن جو ويس لاهي مهڻي هاب ٿيڻ نہ ٿي چاهيان، عمر آئون تو وٽ هن قيد سام مثل آهيان، تون منهنجي لج لوئي جي عزت رک.

ڪِئن ڪاڻياريون ڪَن، ڪَپڑا اَڇا عُمر جام؟
ٿِين پَنهواريون پَٽ ۾، مِهڻي هابُ مُدامَ:
آهيان سومرا تو سامَ، تو لوئِيءَ جِي لَجَ رهي.
(انصاري، ص 366)

مارئي پنهنجي ويس کي عمر جي آڇيل ڪپڑن کان مٿانهون

ڪندي چوي ٿي: عمر! توڙي جو پنهنجي ولر کان ڇڇي آئي آهيان پر پوءِ بہ پوئتي وڃڻ جي اکنڊ اٿم. هت عمرڪوٽ ۾ تنهنجي ڏيکاريل سرسبز دنيا کي ڏسي، پنهنجي ضمير جو سودو ڪين ڪنديس. ڇو تہ آئون اول آخر مارن جي آهيان، ۽ هتي قيد ۾ هوندي بہ پنهنجن اباڻن جي لوئي ساهہ سان سانڊي رکي اٿم.

توڙي هوءِ ڇنڇي، تا پي لوءِ لوئيءَ سان وڃان؛
آڇي عُمَرڪوٽ ۾، ڪَنديَس ڪِين ڪِنڇي؛
سائِي سانڊيَم ساهہ سان، جا ڏاڏاڻن ڏِني؛
اُها نيندَيس پاڻ ۾ڀي، مِينهن وَسندي سومَرا.
(انصاري؛ ص 367)

سرتين جي سار:

مارئي جي من ۾ پنهنجي سانگيئڙن سان گڏ سرتين جي سار بہ هر وقت سائي ۽ سدا آباد رهندي هئي. هوءَ هر ويلي وينِي پنهنجي پنهوارن ۽ سرتين سان گڏ گهاريل گهڙين کي ياد ڪندي انهن سان ڪيل انگل ۽ آرا ساريندي هئي، اهڙي سار ساريندي چوي ٿي تہ سندس لاءِ ماروئڙن پاران ڪو نئون نياپو آيو آهي. جنهن ۾ ڪيس ڏوراپو ڏئي اماڻيو آهي تہ کانئس اباڻو ملڪ مليز وسري ويو آهي، ۽ ان جا جهوپا (لوڙهن جا در) ۽ ڪير ۽ لسي بہ وسري ويا آهن. پر هوءَ چوي ٿي تہ سگهو ئي سرتين سان موليُ ڪيس ملائيندو.

ڪو نئين نِياپو منهنجو ماروئڙن ڏي؛
"مون ڏي اَوهان موڪليو ڏيئي ڏوراپو"؛
"تہ لوئي لاهِي سِر ڪَيُئي، سونَ رُپي چاپو"؛
"مون ڪوڻ وسري ڪين ويو، آهي جهڙ اُهو جهاپو"؛
"اِينديَس سِگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو"؛
"موليُ ميلاپو، ڪندو سِگهڙو سنگهارن سان".
(انصاري، ص 339)

مارئي هيئين بيت ۾ ماروئڙن وٽ قرار ۽ سُک جي گهاريل ڏينهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿي ته اتي يعني مليير ۾ ڪيس ڪا به تڪليف نه هئي، دل ۾ ڪو درد نه هيو. اتي هوءَ خودمختيار پڻ هئي. هاڻي جڏهن اتي قيد ۾ قابو آهيان ته هتي اباڻن وارا اُهي انگل آرا ڪنهن سان ڪنديس؟

ڪي ڏينهن هُيس قرار، مارُن گڏ مليير ۾؛
درد نه هو ڪو دِل ڪي، هُيس مِتَن ۾ مختيار؛
ريءَ اَباڻن آر، هاڻي ڪنديَس ڪَن سان.
(انصاري، ص 333)

ڏرتي جي سڪ:

مارئيءَ جو ڪردار مارن ۽ مليير جي محبت پنهنجن سان پيار ۽ وطن ۽ ڏرتي سان سراپا سڪ جو ڪردار آهي، سچل سائين مارن جي محبت جي انتها بيان ڪندي مارئي جي لفظن ۾ هيئن ٿو چئي:

قيد ۾ رهندي خبر پئي آهي منهنجي ديس ۾ مينهن وسيا آهن. ٻنيون ٻارا پاڻيءَ سان تار آهن، جنهن سبب چؤطرف سرسبزي ۽ گلزاريون آهن، عمر! مون کي موڪل ڏي ته پنهنجي مارن ڏي وڃي هي منظر پنهنجي اکين سان ڏسان.

هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهُن؛
ته "اُنا مينهن مليير ۾، ٿيو پَٽَنَ ۾ پاڻِي"؛
"گُلَ ڦُلَ گلزاريون ٿيا، رِڻَ سڀ ريجاڻِي"؛
تون پِي صاحب سُڃاڻي، موڪل ڏينم مِڙي مَران.
(انصاري، ص 350)

مارئي، ڏاڏاڻي ڏيهه يعني مليير کي سارينديِ چوي ٿي ته، مون کان مور نه وسري سگهندو. عمر سومري کي الله سائينءَ، ڏاتار جو واسطو ڏيندي چوي ٿي ته هو کيس ساڻيهه يعني وطن ڏيکاري. ڇو ته پنهوارن کان پري پرڏيهه ۾ هو پنهنجي ساڻيهه کي زارو زار ساري رهي آهي.

جو ڏاڏڻو ڏيهُ، مونهوڻن مور نہ وسري؛
سو ڏاتَرَ لَئہ ڏيڪار مُون، سومرا ساڻيهُ؛
ريءَ پنهوارن پَرڏيهہ، هِيءُ مِڙيوئِي پائيان
(انصاري، ص 329)

مارئيءَ کي جتي پنهنجن ماروئڙن ۾ سرتين جي سيني ۾ سار هوندي هئي، اتي هن پنهنجي ڏرتيءَ سان اٽاهہ پيار کي بہ دل ۾ سانڍي رکيو هو. هوءَ چوي ٿي تہ هميشہ آئون مليز کان پري هڪ پل لاءِ بہ نہ ٿيان، هميشہ اوڏي هجان. مون کي سانگيئڙن جي ساهہ ۾ سنيال آهي. مليز بنا منهنجا هي حال آهن، تہ اتي انهن جا بہ عتاب ساڳيا ئي هوندا.

پَري ٿين نہ شالَ، هُئن اوڏائِي اَجَڙِي!
اُٿي وينِي اُن جا، اَٿم خَواب خيالَ؛
سدا سانگيڙن جِي، مون کي ساهہ سنيال؛
هِت مون ههڙا حال، هُت عتاب اُنهن جا.
(انصاري، ص 339)

مارئي جي همت:

مارئي هونئن تہ غريب ۽ ناتوان عورت هئي، پر هن پنهنجي چوڌاري پختي عزم ۽ همت جو هڪ لوهہ کان بہ مضبوط ۽ پڪو ڪوٽ چاڙهي ڇڏيو هو. هئي تہ ويچاري ڀهراڙي جي اڻ پڙهيل ۽ ابوجهہ ناري پر پيڪن جي پريت، سندس نس نس ۾ رچيل ۽ وسيل هئي. تنهن ڪري هن پنهنجي اندر ئي اندر ۾ ڪڏهن بہ نہ بدلجڻ وارو اٽل فيصلو ڪري ڇڏيو هو. اهو هيءُ تہ هوءَ مري موت تہ قبولي سگهي ٿي پر عمر سومري جي ڏاڍ، ستم، جبر، يا ڪنهن بہ لوڀ ۽ لالچ يا ترڪتاليءَ جي اڳيان هرگز سرنگون ناهي ڪرڻو:

ڪاتي آءُ هُياس، ڪاتي آيَس سومرا؟
هُتان هلِي هِتِ اَچي، پوَرَن منجهہ پياس؛
هنجن هابُ ڪِياس، وڇوڙي جي ڏينهڙي.
(انصاري، ص 330)

مارئي قيد ۾ رهندي پنهنجي مارن کي ياد ڪري چوي تہ شل ڪوئي مون وانگر پري نہ ٿئي، ڇاڪاڻ تہ پنهنجن کان سواءِ زندگي گذارڻ ڏاڍي ڏکي آهي.

ڏوٿي ڏورئون ڏور، عمر اَڄ مون کي ٿيا؛
سُمهڻ جاڳڻ سور، مون گذارڻ آئيو.
(انصاري، ص 330)

مجموعي طور مارئي همت، حوصلي، اٽل ارادي ۽ پنهنجي ڏرتي سان سچائي ۽ بي غرض ٿي سلهاڙجڻ جهڙو علامتي ڪردار آهي جيڪو پنهنجي نظريي جي روشني سان اسان جي اڄ بہ رهنمائي ڪري رهيو آهي.

■

سچل سرمست جي شاعري
۾ انساني جبلتن جو اظهار

اسان پنهنجي چوگرد نظر ڦيرايون ٿا يا فطرت جي پوري نظام اندر خود کي ڏسون ٿا ته اهو با آساني سمجهي سگهون ٿا انسان فطرت جي هن اٽيل جار ۾ ويڙهيل آهي تنهن ڪري انسان جو فطرت جي هر شي سان سڌو سڌو تعلق آهي ۽ ان تعلق جي فلسفي تي ويچاريندي اسان اهو به سمجهي سگهون ٿا ته انساني طبيعت ۾ موجود لاڙا، يا ان جي سوچ بنيادي طور تي خدا جي طرفان مليل هڪ خاص عطيو يا نعمت آهي. ڌارون پلي ذهانت کي اها صلاحيت مڃي جيڪا ڪنهن ماحول کي سازگار بڻائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ نتيجي ۾ صلاحيت پئدا ٿئي ٿي. پر پنهنجي چؤگرد ڪيترائي واقعا/حادثا/مسئلا هر روز پئدا ٿيندا رهن ٿا پوءِ هر فرد ان کي پنهنجي پنهنجي ذهانت جي آڌار يا صلاحيت جي بنياد تي حل ڪري ٿو. هتي اسان اهو به ڏسون ٿا ته هر فرد جي ذهانت يا صلاحيت هڪ جهڙي ناهي هوندي ڇاڪاڻ ته انسان زندگي جي مختلف واقعن، تجربن، مشاهدن يا مطالعي جي بنياد تي علم ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ڪري ٿو باوجود ان جي پوءِ به هر فرد جي ذهني صلاحيت ۾ فرق رهي ٿو. مثال طور ڪن ڏهن پندرهن انسانن جي آڏو ڪو غير معمولي واقعو، حادثو ٿئي اهي سمورا فرد ان واقعي / حادثي کي جدا جدا محسوس ڪن ٿا ۽ ان جي پس منظر کي سمجهن ٿا ۽ ان کي جدا جدا پيرائي ۾ بيان به ڪن ٿا، اهو ڇا آهي؟ درحقيقت اها ڳالهه تڏهن ئي آساني سان ڄاڻ ۾ ايندي جڏهن اسان اهو تسليم ڪنداسين ته انسان فطرت جي اٽيل جار ۾ ويڙهيل آهي ۽ هر انسان کي خدا طرفان پنهنجي پنهنجي شبيهه، آواز، سيرت، سوچ ۽ برداشت جو مادو جدا

جدا ڏنو ويو آهي ۽ هر فرد خدا طرفان مليل انهي پئماني تي پنهنجي زندگي جو ڪارخانو هلائيندو رهي ٿو.

انسان کي باوجود ان جي ڪي شيون ساڳيون ملنديون رهن ٿيون. مثال طور محبت ڪرڻ، نفرت ڪرڻ، ڪاوڙ جو اچڻ، دوستي / سات ڏيڻ، فخر يا وڏائي ڪرڻ، عاجزي ڪرڻ، عجب ۾ پوڻ ۽ پوءِ شين جي ڳولا ڪرڻ وغيره جهڙيون جبلتون ۽ صفتون انسان کي خدا جي طرفان عطا ٿين ٿيون البته انهن جي ادراڪ جي حيثيت فطرت ۽ سماجيات جي ڀرپور اڀياس تي بہ مدار رکي ٿي.

اسان جو اڄ جو موضوع سچل سائين جي ڪلام ۾ انساني جبلتن جو مطالعو ڪرڻ آهي تہ جيئن اسان بقول ڏاهي ابراهيم جويي جي تہ 'ٻئين سنڌ جو اڏيندڙ شاعر' سچل سرمست جي ڪلام جي تاجي پيٽي کي جانچي ڏسون تہ اهو فطرت جي عطا ٿيل نعمتن سان ڪيتري حد تائين ڳانڊاپو رکي ٿو پر ان کان پهرئين انساني جبلتن جي معنيٰ ۽ وصف کان آگاهہ ٿيندا سين.

اردو جي فيروز لغات ۾ جبلتن جي معنيٰ آيل آهي:

جبلت: (ج-بل-لت) (ع-ا-مث) سرشت، فطرت، اصلي طبيعت، خِلقت (1)

جامع سنڌي لغات ۾ پڻ ساڳي معنيٰ ڏنل آهي:

جبلت: ث [ع، جبل = پيدا ڪرڻ] پئداشي قوت (جيڪا حيوان کي پنهنجي نوعيت وارن خاص خاص عملن لاءِ آماده ڪري ۽ اهي پوري طرح ادا ڪرائيندي رهي)، اصلي طبيعت، اصل، پيدائش، خمير، سرشت، فطرت، خِلقت (2).

علي عباس جلالپوري پنهنجي ڪتاب 'خرد نامہ جلالپوري' ۾ جبلت جي باري ۾ لکي ٿو:

"جبلتون اهي محرڪاتِ عمل آهن جيڪي انساني سرشت ۾ پيدائشي طور موجود هونديون آهن. هر جبلت سان گڏ هڪ جذبو بہ هوندو آهي مثال طور، نفرت جي جبلت سان گڏ بيزاري جو جذبو،

جنسي جبلت سان گڏ پيار جو جذبو، كائڻ جي جبلت سان گڏ بک / خواهش جو جذبو، وڙهڻ جي جبلت سان گڏ ڪاوڙ جو جذبو، پدري جبلت سان گڏ شفقت جو جذبو، مادري جبلت سان گڏ ممتا جو جذبو وغيره جذبي کان سواءِ شعور ۽ عقل بہ جبلت ۾ شامل آهن، ان جو مثال ان مان ونيو سگهجي ٿو تہ ڪنهن ڇوڪر کي ڪنهن ڇوڪري جي جنسي ڪشش جو شعور هوندو آهي جيڪو پيار جي جذبي کي ايياري ٿو ۽ ان ڇوڪري مان فائدو حاصل ڪرڻ جو، لاءِ عملي قدم بہ کڻي ٿو. خوراک ۽ جنس جون جبلتون انسان جي سرشت ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿيون ان جي تسکين کان سواءِ هو پنهنجي جسماني ۽ ذهني صحت کي بحال نہ رکي سگهندو آهي. پدري ۽ مادري جبلتون انساني همدردي، مروت، ايثار، بي نفسي، خود فراموشي ۽ قرباني، جذبات کي تقويت ڏين ٿيون جن کي سپ کان اهم مثبت ۽ تعميري جبلتون سمجهو ويجي ٿو" (3).

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي پنهنجي مشهور ڪتاب 'ادب جا فڪري محرڪ' ۾ فطرت ۽ سماج جي فلاسفرن جي حوالي سان ڳالهائيندي جبلت بابت لکي ٿو:

"جديد فلسفي جي باني ڊيڪارٽ جو خيال آهي تہ جبلت جانورن جي خصوصي صلاحيت جو نالو آهي ۽ انسان جانور کان مختلف صلاحيتن جو مالڪ آهي. جنهن جي ان امتيازي صلاحيت کي جبلت نہ پر ذهن چيو ٿو ويجي. جبلت ۽ ذهانت هن طرح ڊيڪارٽ جي خيال ۾ بہ جدا ۽ نرالين صلاحيتون آهن؛ هڪ جو واسطو انسان سان آهي ۽ بي جو حيوان سان. هن طرح ڊيڪارٽ جي نظريي کي جبلت ۽ ذهانت جي دوئي چيو ويجي ٿو.

ڊارون، هن فرق جو مخالف آهي. هن جي خيال ۾ انسان ۽ جانور جي ذهني صلاحيت جو فرق نوعي نہ آهي اهو فرق رڳو درجاتي آهي." (4)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ڪتاب 'ادب جا فڪري محرڪ' ۾ فلاسفر 'مئڪڊو گل' جو جبلت بابت هڪ چارٽ داخل ڪيو آهي جيڪو هت ان کري نقل ڪجي ٿو تہ اسان ان کان پوءِ سچل سرمست جي

ڪلام ۾ جبلتن کي ڳولي سگھنداسين.

1. فرار يا پاڇ جي جبلت: هن جبلت سان جيڪو جذبو وابستہ آهي، اهو خوف جو آهي ۽ هن جبلت جو سماجي ڪارج اهو آهي تہ ان سان سماج ۾ حفاظت ۽ بقا جو سوال پيدا ٿئي ٿو. ۽ جيڪو موت ۾ انسان لاءِ اجهي ۽ اوزار جي تخليق ۽ تعمير جو سبب بڻجي ٿو.
2. احتراز ۽ نفرت جي جبلت: هي جبلت ذائقي سان تعلق رکي ٿي ۽ سڀني ۽ بري تجربي سان لاڳو رهي ٿي. هن مان سماجي مصلحت اها ٿي نڪري تہ انسان حيات جي بقا جي لاءِ سڀني ذائقي جو شوق رکي ٿو ۽ بري تجربي کان نفرت ڪندي هو نيڪ عملن ۽ آسان ڳالهين ڏانهن مائل رهي ٿو.
3. عجب ۽ حيرت جي جبلت: هي جبلت اجنبي ۽ نئين شيءِ جي واقفيت سان لاڳو آهي ۽ وڌيڪ غور ۽ فڪر ڪرڻ سان سوچڻ ۽ معلومات حاصل ڪرڻ جي سماجي عمل سان تعلق رکي ٿي.
4. ڪاوڙ ۽ دشمني جي جبلت: دشمني توڙي ڪاوڙ جي حالت جنهن جذبي جي تحت پيدا ٿئي ٿي، مئڪڊوگل صاحب ان کي بہ جبلت سان لاڳو سمجهي ٿو. سماجي سطح تي هيءِ مصلحت عمل جي تيزيءَ، جوش ۽ پرپور جذبي جو سبب بڻجي ٿي. پر وڏو نتيجو اُن مان مقابلي ۽ ويڑهہ جو نڪري ٿو. جنهن جو سبب دشمني جي حالت بڻجي ٿي.
5. ساٿ ڏيڻ ۽ محبت ڪرڻ جي جبلت: سماجي سطح تي هي جبلت، جماعتن جي قائم ڪرڻ جو بنياد بڻجي ٿي ۽ اتفاق ۽ محبت جو سبب ٿئي ٿي. هن حالت ۾ جماعتي زندگي مضبوط ۽ اندروني طور تي خلوص تي ٻڌل ٿئي ٿي. هن حالت ۾ پائيچاري ۽ مقصد جي وحدت جو بنياد بہ هن جبلت جي نتيجي طور پيدا ٿئي ٿو. انفرادي زندگي ۾ هيءَ جبلت مائٽيءَ، مامتا ۽ پيار جو سبب بڻجي ٿي.
6. فخر ۽ مجبوري: پاڻ کي مجبور سمجهڻ يا پاڻ کي نيڪ ناڪ سمجهڻ ۽ پاڻ تي ئي ناز ڪرڻ جو جذبو بہ جبلي هوندو آهي. فرد

پنهنجي شخصيت کي ايارڻ جي خاطر پنهنجي لاءِ هڪ عڪس قائم ڪرڻ گهري ٿو. هن حالت ۾ هو هلڻ جويا نمايان ٿيڻ جويا پنهنجي جسم جي نمائش جو هڪ خاص انداز اختيار ڪري ٿو تہ جيئن ٻيا ماڻهو هن جي شخصيت کي بهتر سمجهن ۽ هن جو نقل ڪن يا هن کي پنهنجو ماڊل ڪن. (5)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو انگريز فلاسفر ڊاڪٽر ٽراٽر(Dr. Trotter) جي حوالي سان سماج پسندي جي جبلت جو ٻہ ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"ڊاڪٽر ٽراٽر سماج پسندي جي جبلت کي جماعت جي بقا جي لاءِ تمام اهو ٿو سمجهي سنگت جو هي ميلان خطري جي وقت بهتر ۽ گڏيل حفاظت جو سبب بڻجي ٿو ۽ ان حالت ۾ فرد جماعت ۾ گم ٿيڻ کي پسند ڪري ٿو ۽ ذاتي غرض تي جماعت جي مفادن کي ترجيح ٿو ڏئي شرڪت جو هي تصور ايٿار ۾ اڇي ٿو توڙ ڪري، نفسياتي طور تي فرد پنهنجي تڪميل جي لاءِ پنهنجي شخصيت جو ڪو ويڪرو جامع تصور ڳولي ٿو ۽ آخر جماعتي نظام کي هو حقيقت ڪلي (Ultimate Relatives) ٿو سمجهي، هي ڳالهہ آخرڪار سرمدي خيالن جو بنياد بڻجي ٿي ۽ تصوف ۾ وحدت شهود توڙي وحدت وجود ٻنهي حالتن ۾ ڪم ڪري ٿي ۽ ظاهر ۾ هي ڳالهہ سماج پسندي جو تصور ڏئي ٿي." (6)

اسان متي جيڪو ڪجهہ جبلت بابت لکي آيا آهيون ان مان اهو نظر اچي ٿو تہ جبلت انسان کي خدا جي طرفان عطا ٿئي ٿي ۽ هر انسان خدا طرفان پاڻ سان جبلتون کڻي پئدا ٿئي ٿو ۽ ان ئي جبلت سان گڏ جذبو رهي ٿو جيڪو شين جي حاصلات جي عمل جو سبب بنجي ٿو: يقينن انسان پوءِ پنهنجي پوري زندگي انهن جبلتن ۽ ان سان ڪار فرما جذبي هيٺ گذاريندو رهي ٿو. بحيثيت هڪ انسان ۽ اعلىٰ سوچ، ڄاڻ ۽ علم رکندڙ سڃل سرمست پنهنجي شاعري ۾ خدا طرفان مليل پنهنجن جبلتن سان موجود آهي هيٺ ترتيب وار اسان سندس شاعري مان ڪجهہ اهڙا مثال پيش ڪنداسين پر ان کان پهرئين ياد رکڻو پوندو تہ جبلت شاعري ۾ ڪهڙي ريت اظهارجي سگهي ٿي. اسان

جبلت بابت اڳ ڪيل مطالعي جي بنياد تي اهو ته مجون ٿا ته انسان پاڻ سان جبلتون کڻي پيدا ٿئي ٿو پوءِ اهي انسان سان گڏ رهن ٿيون اهڙي طرح جڏهن مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي انسان جي ڄاڻ / علم ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ هو پرپور ادراڪ جي سگهه حاصل ڪري وڻي ٿو ته پوءِ هن جون جبلتون وجدان جي صورت اختيار ڪن ٿيون ۽ وجدان ئي تخليق جي اظهار جو ذريعو آهي.

علي عباس جلالپوري پنهنجي ڪتاب 'خرد نامہ جلالپوري' ۾ 'وجدان' بابت لکي ٿو: "وجدان جي لغوي معنيٰ آهي 'حاصل ڪري وٺڻ' صوفياءِ ڪرام انساني نفس کي ٻن شعبن ۾ تقسيم ڪن ٿا. هڪ طرف عقل آهي جو مادي دنيا جي معاملن کي سمجهائڻ لاءِ ڪم اچي ٿو ۽ ٻئي طرف وجدان آهي جيڪو هڪ باطني حواس آهي، جنهن سان وجد حال ۽ ڪشف و اشراق جو تعلق آهي 'برگسان' چيو: جڏهن جبلت خود آگاهہ ٿي وڃي ته هو وجدان ٿي ويندي آهي جڏهن ته ڪجهہ ٻين فلاسفرن جو خيال آهي جبلت جو خود آگاهہ ٿيڻ ئي ان ڳالهہ جو ثبوت آهي ته ان ۾ عقل شامل آهي تنهن ڪري عقل ۽ جبلت کان سواءِ وجدان جو ڪو وجود ناهي ۽ وجدان ڪنهن بہ صورت عقل کان اعليٰ ناهي." (7)

هن سموري بحث کان پوءِ آئون اهو سمجهي سگهيو آهيان ته جبلت خدا طرفان انسان کي عطا ٿئي ٿي جنهن سان جذبو گڏ رهي ٿو ۽ جڏهن انسان علم، مشاهدي ۽ تجربي کان پوءِ جيڪو ادراڪ حاصل ڪري ٿو کان پوءِ (جنهن جي پويان انسان جي طبيعت ۾ شامل حساسيت جو جذبو بہ ڪار فرما پڻ آهي) جيڪو ڪجهہ اظهاري ٿو (نظم يا نثر جي صورت ۾) ان جي اظهار جي جذبي يا ڪيفيت کي وجدان چئي سگهجي ٿو ان صورت ۾ وجدان جو بنياد پڻ انساني جبلتون هجن پر ان جي حيثيت عقل کان اعليٰ ٿي نہ ٿي سگهي.

هي هڪ طويل بحث آهي جيڪو فطرت کان ويندي سماجيات، انساني عقل ۽ حلول واري فلسفي کان بہ اڳتي وڌندي نظر ايندو تنهن ڪري اسان ان بحث کي بنهہ مختصر طور هت پيش ڪرڻ بعد سچل

سرمست جي شاعري ۾ انساني جبلتن جا ڪجھ عڪس ڏسنداسين. (8)

فرار يا پاڻ جي جبلت:

متان وهين مان ۾، منجھ جلدي جُل،
هتي ويھ نه هل، تان ڪي پڇين پنڌ ڪي،

لڄايان نه لوئي وو، عمر آنديم جا اوڏانھون،
جا تا ملڪ مليم ڏنھن، قاصد اچي ڪوئي،
وجھان برندي باھ ۾، شالون پٽ سيوئي،
اھڙي اڳي ڪنھن نه ڪئي جھڙي ڪيڙي توئي،
مون سان مدد ئي ڪندو "سچو" صاحب سوئي.
(انصاري، ص 335، 164)

احتراز ۽ نفرت جي جبلت:

مَڪ برابر نه ڪريان، ماڻڪ موتي ساڻ،
سمو ڇام سُجاڻ، جنھن ڇارو ڇام ڪلھي ڪيو.

منھنجي مَن ميان، ھن ڳالھيون ماروئڙن جون،
ڏُٺ ڏاڏاڻي ڏيھ جو، وڃي خوشيون ھت ڪيان،
ڪائي ساعت سومرا، جھانگن ري نه جيان،
وڃي ٿر ٿيان، شال سنگت سنگھارن جي.

ھي سامائجڻ گھوريو، جنھن بت ڪيو بيرون،
وڃي شل ويڑھيون ڏسان ڏوٽيڙن جون.

ڪيڇئون آيو قافلو ڪٽي عطر عنبير،
تنھن سرھائي تاثير، ڪيو ساري شھر پنيور ڪي.
(انصاري، ص 333، 330، 307، 194، 164)

عجب ۽ حيرت جي جبلت:

اسين آهيو چا اسين آهيون،
ٻيلي نٽا ڇاڻون چا اسين آهيون.

ذري باران برساتون لايون، ذري برن ٽيون وڏيون باهيون،
ذري چئون ٽا "اسان پاڻ سجاتو" ذري چئون ٽا اسين چا آهيون.
(قاضي، ص 74)

كيستم من كيستم من كيستم،
در تحير مانده ام تا چيستم. (9)

{مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان، انهي حيرت ۾ آهيان تہ مان چا آهيان.}

ڪاوڙ ۽ دشمني جي جبلت:

ماڻ ڪريان تان مشرڪ ٽيان، ڪچان تہ ڪافر،
انهي وائي ور، ڪو سمجهي "سچيڏنو" چوي.

مومل مهٽي هاب، راڻا ڪر نہ راءِ تون،
جوئن کي جواب، مرد نہ ڏين مينڊرا.

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نہ ڇڏن مينڊرا،
تو پٽ پرين پوءِ، ڪوهُہ لڄايو ڪاڪ کي.

هڪ جوءِ ٻي جوءِ، ڇڏن ڪين جوان،
اُهي يي انسان، جي ننگن تي نثار ٽيا.
(انصاري، ص 370، 135)

ساڻ ڏيڻ ۾ محبت جي جبلت:

چشمن جي چمڪار، ساهه منهنجو سوگهو ڪيو،
ويهي واتڙين تي، رئان زارو زار،
هوت اچج هيڪار، اگٽ آسروند جي.
(انصاري، ص 135)

چمڪن جهلڪن رخ تي، واه موتي دي داڻي،
ساڳي صورت حق دي ويکو جي ڪوئي آڻ سچاڻي،
جهلڪن جوڙ جبين تي جادو، يا سهڻي ڪون پاڻي،
سچل قدر انهان دا جاڻان، ياوت آپ او جاڻي.
(راڻيپوري، ص 125)

آنہ سیہ موئي مثال ازهاست،
درد مندان راوهد آزار ها،
زلف برخ يار آويزا اشد،
تہ بديدن اولم شد پارها.
(10)

{منهنجي يار جا ڪارا وار ازدها جيان آهن ۽ عاشقن کي وڏي تڪليف ڏين ٿا. يار جي رخسارن تي زلف لٽڪيل آهن جن کي ڏسڻ سان منهنجي دل ٽڪر ٽڪر ٿي پئي ٿي}.

جو ڏاڏاڻو ڏيهه، مُونهون مور نہ وسري،
سو ڏاتر لئہ ڏيکار، مُون سومرا ساڻيهه،
ري پنهوارن پرڏيهه، هي مڙيو ئي پائيان.

وس نہ وساريام، سُرها وڻ ساڻيهه جا،
اوڏانهن اُڏاريام، ڪَل لهڻ لئہ ڪانگڙا.
(انصاري، ص 329)

فخرءِ مجبوري جي جبلت:

نہ مان مريد، نہ مان پير، ساري فقر جو فقير،
نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم، آهيان امن جو اميـر،
نہ مان طاعت، نہ مان تقويٰ، آهيان ورهہ جو وزير.
(انصاري، ص 141)

تون سمو سائين، آءٌ ميئي مُهاڻي آهيان،
تون مون ڏنهن مهربانُ، مون ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جي.

نوري ڪيو ناز، ٿي ريجهائي راؤ ڪي،
نت نت جام نياز، ٿو اچيو انهن جو ڪري.
(انصاري، ص316، 304)

سماج پسندي جي جبلت:

وقت اها ٿئي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيڏ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهہ سج نہ الهي.

اتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني ڪي سلام،
مذهب مور نہ مجان، آءٌ مشرب منجهہ مدام.

قاضي سچ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا،
آءٌ تہ پيئون پڪ پريمي، مَر نہ ٿج تون ملا،
سچ حق نہ حاصل تن، بي راهہ انهي ڪي پلا.
(قاضي، ص 9، 6، 284)

سچل سرمست جي شاعري مان هت جيڪي انساني جبلت جا ڪجهہ مثال ڏنا ويا آهن انهن جو مقصد اهو هو تہ ڪنهن بہ وڏي ءِ

عظيم شاعر جي هميشہ زندھ رهندڙ شاعري جي محرڪن کي ڳوليو وڃي تہ جيئن اسان کي ان جي بنياد جي خبر پئجي سگهي. سچل سرمست سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو جو اهو بي باڪ ۽ منفرد شاعر آهي جنهن فرد جي بنيادي حيثيت کان ويندي سهپ، رواداري، محبت ۽ انسان شناسي جو پيغام ڏنو اهڙي ريت سندس شاعري ۾ اسان کي جيڪو انساني جبلتن جو اظهار ملي ٿو ان جو سبب بہ فطري آهي ڇاڪاڻ جو ڪوبہ تخليقڪار جيستائين پاڻ کي فطرت سان نہ ٽوڙيندي ان وقت تائين سندس سرشت ۾ پوشيده راز کيس سمجهہ ۾ نہ ايندا. ساڳي وقت اسان کي سچل سائين سنڌ جي بين ڪلاسيڪل شاعرن جيان فطرت سان جڙيل اهڙو شاعر نظر اچي ٿو. جنهن جون پاڙون نہ رڳو زمين جي اندر تائين لٿل آهن پر سندس سرشت ۾ لڪيل راز بہ متس عيان ٿيل آهن تنهن ڪري اسان کي فطري حُسن سان گڏ ٿر جي سونهن سوڀيا، ثقافت جي مثالن کان ويندي، حسن ۽ عشق، مزاحمت، دليري، بهادري تائين ڪيترائي مثال سندس شاعري ۾ عام جام ملندا، تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ سچل سرمست جو پيغام انسان شناسي، انسانيت ۽ پائيچاري جو پيغام آهي.

■

حوالا:

(1) مولوي فيروز الدين، فيروز الغات (اردو)، ص 451، فيروز سنز لميٽيڊ، لاهور.

(2) ڈاڪٽر نبي بخش، بلوچ جامع سنڌي لغات، جلد پهريون، ص 6-895، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو 1981ع.

(3) علي عباس جلالپوري، خردنامہ جلالپوري، ص 112-111، تخليقات لاهور، 2006ع.

(4) ڈاڪٽر الهداد ٻوهيو، ادب جا فڪري محرڪ، ص 35-134، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت 1984.

(5) ادب جا فڪري محرڪ، 136-135.

(6) ادب جا فڪري محرڪ 137-138.

(7) خرد نامہ جلالپوري، 136-137.

(8) سچل سرمست جي شاعري جا مثال هينين رسالن مان ورتا ويا آهن.
- عثمان علي انصاري، رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)، سڌارينڌڙ ۽ سنوارينڌڙ: ڊاڪٽر مخمور بخاري، سنڌي ادبي بورڊ، 2012ع.
- مولانا صادق راڄيپوري، رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)، سڌارينڌڙ ۽ سنوارينڌڙ: ڊاڪٽر مخمور بخاري، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو 2012ع.
- علي گوهر قاضي، (مرتب) سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، ص 284، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور 1995ع.

(9) قاضي علي اڪبر درازي (ترتيب- ترجمو)، مثنوي گدازنامه، ص 14، جون 1976ع.

(10) قاضي علي اڪبر درازي (ترتيب – ترجمو)، ديوان آشڪار، (جلد اول)، ص 23، اوقاف ڪاتو، حڪومت سنڌ 1981ع.

سچل سرمست جي ڪافيءَ جو سندس دور جي حالتن ۾ اپياس

"اول پيري پڄ، جي بند خيالات جا"

انساني ذهني ارتقا ۾ ڪي سوال، ڪن شڪ شبهن ۽ مونجهارن سبب ئي پيدا ٿيندا آهن ۽ سڃاڻ ذهن مسلسل فطرت جي مشاهدي ۽ ڄاڻ جي ادارڪ سان انهن سوالن جا جواب ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٻه ٿيندا آهن. اهڙن ذهنن جا مالڪ نه رڳو فهم ۽ فراست ۾ برجستا هوندا آهن پر اهڙا فرد ئي قومن ۾ مفڪر جي حيثيت حاصل ڪندا آهن.

اهڙا مفڪر پنهنجي خطي جي زميني حقيقتن کان واقف، ماضي جي علمي، ادبي، سماجي روايتن سان جڙيل رهن ٿا. جيستائين سوچيندڙ ذهن پنهنجي روايت سان جُڙيل نه هوندو جيستائين ان جي سوچ جون پاڙون پنهنجي زمين ۾ ڪتل نه هونديون ان وقت تائين اهو فرد ڪو غير معمولي ڪم سرانجام نه ڏيئي سگهندو. ان جو فڪر ان صورت ۾ ڪوکلو ۽ بي مقصد ٻڌجي ويندو.

سنڌ جي مٽي جي خمير ۾ ڪا عجب جهڙي ڪشش ۽ ڇڪ لڪيل آهي جو هتان جي سرزمين ڪيترن ئي مذهبي فڪرن کي پنهنجي سيني ۾ سانڍيو پئي تاريخ جو سفر طئي ڪري ۽ ان ئي اثر سبب هِتان جي تصوف جو رنگ ۽ ڍنگ علحدو ۽ جدا آهي. سنڌ جو صوفي وطن دوست، انسان شناس ۽ ساري عالم لاءِ مالڪ جي حضور سُک، سڪار ۽ امن جا گهرجائو آهن.

هنن وٽ مذهبي مت پيد، ننڊ وڌائي، اڻ برابري، انتشار، جبر، ڪامِ ڪروڌ، لوپ ۽ اهنڪار جهڙا منفي انسان دشمن ۽ حيواني

جذبا ۽ احساس نہ آھن بلڪ ھنن وٽ سُک، سرھاڻ، مھڪ، مھڪار، حسن، حسنائيت، سچ، پيار، امن، چاھ، چاھت، جھڙا سڱندڙ پريا جذبا ۽ احساس ملندا، ھو عالم جي امن جي ڳالھ ڪندي نظر ايندا.

سائينم سدائيم، ڪرين متي سندڙ سُڪار
دوستَ منا دلدار، عالم سپ آباد ڪَرين.
(شاھ)

سچل سرمست سندڙ جو ھڪ يگانو صوفي شاعر آھي جنھن وٽ پنھنجي فڪر جي اظھار جو انوکو انداڙُ موجود آھي. جيڪو بن پاسن کان جاچي سگھجي ٿو ھڪ فڪري ۽ ھيو صنفن جون ھيئتون ھي ھئي پھلو سچل سائين جي حوالي سان نہ رڳو اھم آھن پر ھن اپياس مان اسان اھو بہ سمجھي سگھنداسين تہ سچل پاڻ کان اڳ جي عظيم مفڪر شاعرن جيان ڪيتري حد تائين انسان شناس، انسانيت جي پلائي، امن، سڪ ۽ سرھاڻ جو شاعر آھي. ھن جي پيغام ۾ انسانيت جي بھتري لاءِ ڪھڙي اھم ڳالھ چيل آھي، ھو پنھنجي دور جي حالتن، واقعن ۽ ڪردارن کان ڪيتري حد تائين واقف آھي. ھن جي پيغام ۾ انسانيت جي بھتري لاءِ ڪھڙي اھم ڳالھ چيل آھي، ھو پنھنجي دور جي حالتن، واقعن ۽ ڪردارن کان ڪيتري حد تائين واقف آھي. ھن جي فڪر سان گڏ ان جي صنفن جو مطالعو بہ ان لاءِ ضروري ٿو پائنجي تہ اندر ۾ پچيل خيال جڏھن بي ساختہ پڙڪو ڏيئي اظھار جي لام تي ويھندو آھي تہ ھو اڳواٽ طئہ ٿيل شاعري جي گھاڙيٽن ۾ نہ بند ڪري سگھبو آھي بلڪ اھڙو خيال پنھنجيون ھيئتون پاڻ سان گڏ ڪٽي جنم ونندو آھي. ان لاءِ سچل سائين جي فڪر جي اپياس سان گڏوگڏ سندس صنفي ھيئتن کي جانچڻ سان اسان سندس ذھني حالت کي سمجھي سگھنداسين.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي شعري ھيئتون ملن ٿيون جن ۾ مروج عام مقبول ھيئتون ڪافي ۽ بيت سان گڏ دوھي، سورٺي، دوھي سورٺي ميل، جھولڻي، سہ حرفي/ٽيھہ اکري، جھولڻو

ڪافي، مسلسل دوها، گهڙولي جا شعر گهاڙيٽا پڻ موجود آهن. ڪافي سنڌ جي آڳاٽي ۽ عام مقبول صنف رهي آهي. سرمست سائين آڏو سندس ڏاڏي خواجہ صاحبڏني فاروقي ۽ سندس درسي استاد حافظ عبدالله قريشي جون ڪافيون موجود هيون ساڳي وقت سندس همعصر روحل فقير، مراد فقير، دريا خان، سيد راشد روضي ڏٽي ۽ روهڙي جي جان شاهي خاندان مان جان الله شاهہ "عاشق" ڪافي چئي رهيا هئا. هنن سمورن وٽ گهاڙيٽو ساڳيو هو. البتہ موضوع جي وات علحده بہ هئي تہ هڪجهڙائي بہ رکندڙ!!

ڪنهن بہ خطي ۾ ڪنهن بہ شعري گهاڙيٽي جي مقبول عام ٿيڻ جي پس منظر ۾ ان دور جي سياسي ۽ معاشي حالتن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل سماجي حالتون ٿين ٿيون، سنڌي ادب ۾ شعر توڙي نثر جي صنفن جي سماجي اپياس طرف ڪو خاص توجهہ نہ ڏنو ويو آهي. سچل سائين جو دور ہن حڪمرانن جو دور هو هڪ ڪلهوڙا ۽ ٻيو ٽالپر هي دور سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي اٿل پٿل جو دور رهيو، جنهن سبب ئي هِتان جا عام ماڻهو سخت ذهني مونجهاري جو شڪار رهيا.

سنڌ ۾ تصوف جو عام ٿيڻ، درگاهن، خانقاهن جو قائم ٿيڻ، صوفين، ساڌن، سنتن جي عام ماڻهو ۾ مقبوليت، تصوف جو نرالو انداز، وطن دوستي ۽ انسان دوستي جو قائم ٿيڻ جو واحد سبب ان دور جون حالتون آهن. خوف، خطري، قرلت، قتل ۽ غارت جي حالتن ۾ جيڪا نا يقيني جي هوا گهلي ٿي ان فضا ۾ عام ماڻهو يا تہ ذهني طور پوڳيندو رهي ٿو يا مذهبي اثر هيٺ متوجهہ ٿئي ٿو. رب طرف اهڙي طرح متوجہ ٿيڻ وقت ماڻهو جي اندر ۾ باهرين خوف کان ذهني طرح چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو جذبو ڪار فرماءَ رهي ٿو ان حالتن ۾ عام ماڻهو جو پاڻ ۾ تعلق ايڪو اتحاد متاثر ٿيڻ سبب قومي وحدت کي مذهب جي آڙ ۾ توڙڻ بنهہ آسان ٿئي پئي ٿو. باهريون حملہ آور ملڪ يا حڪمران عام ماڻهو تي پنهنجي حڪماني هلائڻ لاءِ بين حڪمت عملين سان گڏ رب جو هڪ اهڙو تصور بہ قائم ڪري ٿو جنهن سان هو قومي وحدت کي اسرڻ نہ ٿو ڏئي پر تنهن جي باوجود قومن ۾ اهڙا

باشعور فرد جنم وٺندا رهندا آهن جيڪي پنهنجي علمي سگهه سان عام ماڻهن ۾ ذهني آزادي جو شعور بيدار ڪندا رهندا آهن.

سنڌ جي سياسي سماجي حالتن بنيادي طرح ڪافي ڪي جنم ڏنو آهي. "ڪافي" جي ارتقا بابت عالمن جي راين جي روشني ۾ هن صنف جي عام مقبول هجڻ جو راز لڪيل آهي. هن صنف جي نالي "ڪافي" بابت ڪي رايا اهي به آهن اهو لفظ "قافيہ" آهي. يا ان ڪي "ڪلام" به چئجي ٿو.

شاعري جي فن جي حوالي سان هر پابند شعر ۾ قافيو ته شامل ٿئي ٿو. عام اصطلاح ۾ ڳايو ويندڙ شعر ڪي "ڪلام" سڏجي ٿو. ان سلسلي ۾ سماجي ايپاس مان جاڻ ملندي ته ڪافي ان وقت جي اهڙن ماڻهن جي ذهني حالتن جي عڪاسي ڪندڙ شعري ٻول آهن جيڪي فرد وقت ۽ حالتن جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ هئا.

ڪافي موسيقيءَ سان گهرو تعلق رکي ٿي ڇاڪاڻ ته ان وقت جي ماڻهن ذهني آسودگي لاءِ مختلف راڳ راڳڻين تي ٻول چيا. جيڪي ٻول اڳتي هلي ڪافي جي صورت ونڊي ٻيٺا. ڪافي جي هيئتي ايپاس لاءِ راڳ راڳڻين جو ايپاس به لازم آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "ڪافيون" ڪِتاب جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته: "ڪافي ۽ ڪلام وارو اصطلاح اڄ ڏينهن تائين فقط سنڌ ۾ ئي عام مقبول آهي. اهو اصطلاح انهن آڳاٽن سنڌي نظمن جو يادگار آهي، جيڪي "قافيہ" ۽ "ڪلام" جي نالي سان سڏيا ويا. جيئن ته اهي نظم قصيدي جي اثر هيٺ اسريا، انهي ڪري انهن ۾ تعريف توڙي "تشبيب" جا مضمون سمايل هئا، اوائلي ديني عقيدي ۽ پوءِ جي صوفي سلسلي ۾ تعريف واري مضمون جو رخ الله تعاليٰ جي ثنا ۽ نبي ڪريم ﷺ جي صفت ڏانهن ٿيو. جڏهن ڏاکرن انهن مضمونن واريون ڪافيون سماع جي مجلسن ۾ ڳايون ته انهن کي "مولود" سڏيو ويو. ٻئي طرف "تشبيب" جي مضمون واريون "ڪافيون" عام محفلن ۾ ڳائجڻ لڳيون." (ڪافيون مقدمو ص ۵)

هن حوالي سان اها ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته ڪافي جي بنياد ۾ وقتن

۾ حالتن جو ميل دخل رهندو آيو آهي. سچل به پنهنجي اظهار لاءِ ٻين صنفن سان گڏوگڏ ڪافي جي هئيت کي خوب استعمال ڪيو آهي.

- ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهه، هر ڪنهن صورت آپ الله.
- پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان
- ٻانهون ٻانءَ ۾ پاڻ توهين مالِڪ مُلڪ جو.
- ٻول نہ ٻئي ڪنهن ٻُل، تون تہ آدم ناهين.

پاڻ کي ٻانهون نہ ڪائڻ واري سرمست سائين جي صدا سندس دور جي عام ماڻهن جي ذهني سجاڳي جو شعور ڏئي رهي آهي، هن وٽ جيڪو آدم جو تصور آهي اهو اعليٰ ۽ ارفع آهي هن جي نظر ۾ جنهن متي کي ملائڪن سجدو ڪيو هجي جنهن متي جي بوتي ۾ روح الله جو حڪم ٻڌيو هجي، ان متي جو مرتبو ڇا آهي؟ هن تنهن ڪري بار بار اهو ئي ٿي سمجهايو تہ فرد فرد جي غلامي لاءِ نہ خلقيو ويو آهي، بلڪ آدم کان انسانيت تائين جو جيڪو سفر آهي اهو فرد کي طئ ڪرڻو آهي. ان سفر ۾ ماڻهپو، اتحاد، ايڪو، پائيچارو محبت، خلوص، احساس جو ساڻ رهي ٿو ۽ اهو ئي ڪجهہ پرائڻ مان هڪ آدم انسان ٻڌجي ٿو يعني هن ۾ اهي صفات جيڪي خُدا پاڻ مان بندي ۾ منتقل ڪيا بندو ان کي ڄاڻي ٿو اپنائي ٿو. اهو ئي سچل سمجهائي ٿو. هن جي سرائڪي ڪافي جو مکڙو آهي.

"سو ئي ڪَم ڪَريجي جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي"

بندو/انسان خدا نہ ٿو ٿي سگهي پر سچل سائين سمجهائي رهيو آهي تہ انسان جي اندر ۾ اهي اوصاف موجود آهن جن کي سمجهڻو آهي، پاڻ تان اڻڄاڻائي، غفلت ۽ علمي دز چنڊٻي آهي ڇاڪاڻ تہ انسان جو مرتبو ۽ مانُ اعليٰ آهي هن کي ڪنهن جي در تي جُهڪڻو ناهي هن کي جيڪڏهن جُهڪڻو آهي تہ پنهنجي وجود اندر نائي نيڙ نهار کان پوءِ ئي هن کي پنهنجي اندر ۾ پوشيده راز سمجهہ ۾ اينداِ.

جي تو جاتو پاڻ، آءٌ ٻيو ڪي آهيان،
ڪندءُ غرق گمان، ڳهلا انهلي ڳالهہ ۾.

سچل سائين اهي ڳالهيون ان ڪري، ڪري رهيو هو جو هن جي دور ۾ سنڌ جون حالتون ڏاڍيون تڪليفده هيون. نادر شاهه "افشار" جو حملو سنڌ جي قومي وحدت جو هڪ پيرو ٻيهر ٽٽڻ، کڻڻ جي عالمِ دين جو ڏينهن ڏٺي جو مسجد ۾ قتل و غارت، حڪمراني پويان پائڻ جون پاڻ ۾ جنگين جي بدلي ۾ ڏارين حملي آورن کي دعوت ڏئي سنڌ گهرائڻ، ڦرلٽ ڪرائڻ، مدد خان جا حملا، تالپر اميرن جون ناانصافيون، هڪ رياست اندر ٽي رياستون قائم ڪرڻ، شاهه شجاع جا سنڌ جي مٿي تي بار بار قدم انگريزن سان واپار جي بهاني دوستي ۽ گهري ڊگهي سياسي سوچ جي اڻاڻ سبب سنڌ جيڪو ڪجهه پوڳيو انهي جي عذاب مان سرمست سائين جهڙو باشعور شاعر نه رڳو پاڻ نڪرڻ چاهيندو هو پر هو سنڌ جي ماڻهن کي به ان پيڙاءَ مان آزادي ڏيارڻ چاهي رهيو هو ۽ ان لاءِ هن وٽ هڪ عام رواج اندازَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه سگهارو ذريعو نه هو اهو عام رواج انداز ڪافي جو ئي هو چاڪاڻ ته ڪافي عام فقير ڳائي جهمريون پائي ماڻهن کي مست بڻائي وجهندا هئا. سچل جيڪڏهن اها وات اختيار نه ڪري ها ته شايد سندس ماڻهن جي سجاڳي جو پيغام ماڻهن ۾ ائين پرپور اندازَ ۾ نه پهچي سگهي ها! هن جي صدا

"چوڙ گمان گدائي والا، شمله چا ٻڌ شاهي دا"

غفلت ۽ غلامي جي چادر اوڙهي ستل فرد کي جاڳائڻ لاءِ هئي.

1803ع ۾ افغانستان جو بادشاهه شاهه شجاع الملڪ جڏهن سنڌ تي ڪاهي اچي شڪارپور ۾ لڏو لاهي ويٺو ۽ 1823ع تائين مختلف وقتن تائين شاهه شجاع الملڪ افغانستان مان دربدر ٿيندو شڪارپور اچي رهندو رهيو ۽ شڪارپور ان ساري عرصي دوران افغانين جي قبضي هيٺ رهي. هي واقعو يقيناً سچل سائين جهڙي باشعور شاعر لاءِ ذهني مونجهاري جو سبب بڻيو هوندو چاڪاڻ ته هڪ وطن دوست شاعر پنهنجي اکين سان پنهنجي ڌرتي تي ڏارين جو قبضو نه ٿي ڏسي سگهيو ان ئي پس منظر ۾ درازي شاهه پنهنجي هن ڪافي ۾ شاهه شجاع کي واپس موٽي وڃڻ لاءِ چئي رهيو هو جيڪو هڪ سجاڳ

قومي غيرت مان سرشار شاعر جو فرض ۽ آهي:

اپٽا ديس سنيال، وو ميان پرديس، وو
ديس اهو تين ڪيوين وساريا، جاني ڪيتوئي جڻان جال
پل ۾ ڳئي هيئي ڳالهه اُها ئي، ڪيهي ۽ي قيل مقال
ياد نه ڪيتوئي وطن اصل دا، پوڳيون ۽ي خيال
سوگهي سانديين وٽ اُها ئي، جهڙي جلسي نال
"سچل" سنياليين جهڙي اهي، اها اصل دي ڳالهه

پنهنجي هڪ سنڌي ڪافي ۾ سچل سائين پاڻ ڪان اڳ سنڌ جي قومي وحدت تي ٽيل وار تي اظهاري رهيو آهي:

گهاٽي ۾ بلاول ييڙائي، عنايت ميدان مارائي
ڪر مَل ڪي هين حڪم هلائي، ڦيرو ڪنڌ ڪپائين تون

هن ڪافي ۾ درازي شاهه حق ۽ سچ جي راهه تي هلندڙ عارفن ۽ مجاهدن جو ۽ خود ذڪر ڪيو آهي ته ساڳي وقت سندس ڪلام ۾ دنيا جي بيباڪ صوفين، حق جي پانڌيئڙن ۽ عارفن جهڙوڪ حسين بن منصور حلاج، فريد الدين عطار، احمد جام زنده پيل، بابا بلهي شاهه، پگٻت ڪبير، سلطان باهو جو اثر ۽ ورتو ته انهن جي گهڙيل واٽ تي هليو. خاص طور منصور حلاج جو ذڪر سرمست سائين بار بار ڪيو. هي اها ئي عام جي سجاڳي واري واٽ آهي. انقلاب جي واٽ آهي ذهني آسودگي جي واٽ، ايڪي اتحاد جي واٽ آهي هو بار بار حق جي ڳالهه ڪري ٿو هن جا ڪردار مارئي، سسئي، نوري سيڀ وطن دوستي، جدوجهد ۽ پنهنجن مان نياز نوڙت جو پيغام ڏئي رهيا آهن. هن وٽ جيڪو تصوف آهي ۽ جنهن جو برملا اظهار سچل سائين ڪري رهيو آهي اهو وطن دوست آهي، انسان دوست آهي. هن پنهنجي ڌرتي ڌڻين کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ تصوف واري واٽ ورتي ڇاڪاڻ سچل وقت شناس هو. هو ماڻهن جي تڪليف ۽ پيڙائن کي محسوس ڪري رهيو هو تڏهن ئي ته هو هر هر "اناالحق" جي ڳالهه ڪري رهيو

هو حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪري رهيو هو. حسن ۽ عشق جي ڳالهه ڪري رهيو محبت ۽ مزاحمت جو سرمست سائين جو پيغام نرالو ۽ آهي ته اڄ جي حالتن ۾ زندهه رهندڙ فڪر ۽ آهي. ڇاڪاڻ ته هن جي فڪر جون پاڙون ماڻهن جي اهنجن، ڏکن، پريشانين ۾ لڪل آهن. سنڌ جي زمين ۾ ڪتل آهن. اهو ئي سرمست سائين پاڻ لاءِ چئي رهيو آهي:

"مين تا ڪوئي خيال هان، ووهڙ ليسان وي نال خيال دي"

۽ هن جي فڪر کي هر دور جي مزاحمتي شاعري ۾ ڳولي سگهجي ٿو هن جو ذڪر صدين جي سفر جو تسلسل هو ۽ آهي:

تاب ڪنون بي تاب، ميان، مين تاب ڪنون بي تاب
ناميين خاڪي ناميين بادي، نا ميين اگ نه آب
ذات "سچل" دي ڪيهي پچدئين....نالي تا نايابا

■

سنڌي سرائڪي شاعريءَ جي هڪ اهم نسخي ۾ سچل جو ڪلام

سنڌي اساسي شاعري پنهنجي فن، فڪر، موضوع ۽ مضمون سبب انتهائي اهم مقام رکي ٿي، جيڪا نہ رڳو عوام کي زبان زد آهي تہ ان جا لکت ۾ بہ نمونا موجود آهن. قاضي قادن کان ويندي مخدوم نوح ۽، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري تائين، شاهہ لطف الله قادريءَ کان ويندي شاهہ عنايت رضويءَ تائين، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کان ويندي خواجہ صاحبڏني، روحل فقير، سچل سرمست ۽ ٻين ڪيترن ئي صوفي شاعرن جو ڪلام قلمي نسخن ۾ محفوظ بہ رهيو آهي تہ ان سان گڏوگڏ عوام جي زبان تي بہ رهيوآهي. انهن ٻنهي ماخذن مان مدد وٺندي اسان جي سڃاڻ محققن سنڌ جي ڪيترن ئي صوفي شاعرن جو ڪلام ترتيب ڏنو آهي، جنهن سان سنڌي شعر جي تاريخ جا ڪيترائي باب ڇٽا ٿي پيا آهن، تہ گڏوگڏ ان سلسلي ۾ ايجان بہ تحقيق جو ڪم جاري آهي.

سچل سرمست سنڌي، سرائڪي شاعري جي روايتن کان هٽي ڪري ٻيباڪي وارو هڪ الڳ ۽ نرالو انداز اختيار ڪيو. سندس اهو انداز ڪائنس پوءِ روايت پڻ بڻيو. باوجود انهن سمورن شعري خوبين جي سرمست سائينءَ جي مستند رسالي جي گهر ٿيندي رهي آهي. هن سلسلي ۾ سندس ڪلام جي قلمي نسخن جي ڳولا بہ ٿيندي رهي آهي تہ گڏوگڏ انهن بابت گفتگو بہ ٿيندي رهي آهي. محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي، آزاد قاضي ۽ اختر درگاهيءَ هن سلسلي ۾ پنهنجي تحقيق جي بنياد تي خاص ڇاڻ ڏني آهي. اڄ هن علمي محفل ۾ سچل سائين ۽ ٻين شاعرن جي

ڪلام جي هڪ قلمي نسخي بابت گفتگو ڪنداسين.

سنڌي، سرائڪي شاعريءَ جي هن ضخيم بياض ۾ سچل سائين ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام شامل آهي. هن بياض جا پهريان ۽ آخري ورق غائب آهن، تنهن ڪري اها پڪ سان خبر نه ٿي پئي ته هن جو ترتيب ڏيندڙ يا ڪتابت ڪندڙ ڪير آهي؟! بياض جي صفحي 315 تي هڪ مهر جو نشان آهي، جنهن کي "مسڪين محمد يوسف مغل" پڙهجي ٿو. مسڪين جو ان کان پوءِ هڪ سنڌي غزل به آيل آهي جنهن تي "فدا" تخلص آيل آهي. يوسف مغل روهڙي جو رهاڪو هو. بهترين خوشخط هئڻ سان گڏوگڏ غزل جو شاعر به هو. سندس والد جو نالو محمد ابراهيم هو. روهڙيءَ ۾ عزاداري وارن ڏهاڙن ۾ عورتن جي شرڪت خلاف ان وقت جي انگريز عملدار کي درخواست ڏني هئائين. نامور تعليمدان ۽ اديب سائين عطا حسين شاهه موسويءَ جي والد سائين وڏل شاهه جو طالب هو ان جي ئي صحبت ۾ رهندي موسوي خاندان جو شجرو 3 رمضان 1325هـ/1907ع تي لکي تيار ڪيائين، جنهن کي سائين وڏل شاهه جو پڙپوٽو اديب ۽ محقق انجنيئر سيد عبدالحسين شاهه موسوي مستند سڏي ٿو. "فدا" مغل جو ان کان سواءِ حضور اڪرم ﷺ جي معراج جي حوالي سان نظم به هڪ ڪتاب "مغرور جتي" هريسنگهه بڪ سيلر طرفان شايع ٿيل آهي.

مسڪين محمد يوسف "فدا" مغل جي جنم جي تاريخ ته معلوم نٿي ٿئي، البته سندس وفات 4 جمادي الاول 1344هـ/1935ع ۾ ٿي. (1) "فدا" سول ڪورٽ ۾ ملازم هو. (2) ڊاڪٽر ايياز قادري "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ غزل جي شاعر مسڪين محمد يوسف مغل جو ذڪر ڪيو آهي. تذڪري هيٺ يوسف فدا جي زندگيءَ جي حالات مان گمان پئدا ٿي ٿو ته قادري صاحب جو ذڪر ڪيل شخص ڪو ٻيو آهي. مسڪين جو ٻاءُ ڪمتر علي بخش مغل به اديب ۽ شاعر هو. سندس هڪ تصنيف "روهڙيءَ جو تاريخي احوال" قلمي صورت ۾ موسوي لائبريري روهڙي/ڪراچي ۾ موجود آهي.

انجنيئر سيد عبدالحسين شاهه جي معلومات مطابق اهو بياض

روهڑي جي هڪ علمي، ادبي شخصيت ۽ ڪافي جي شاعر سيد غلام شاهہ شيرازي جي ملڪيت هيو. غلام شاهہ ريلوي ۾ ملازم هو ۽ 1925ع ۾ فوت ٿيو. سندس ڪافين جو بياض به سهيڙيل آهي. (3)

هن گفتگو جي روشني ۾ اهو گمان غالب ڪي آهي تہ مذڪوره بياض سيد غلام شاهہ شيرازي لاءِ مسڪين محمد يوسف "فدا" مغل تيار ڪيو ۽ ان جي ڪتابت ڪرائڻ بعد شاهہ صاحب جي حوالي ڪيو.

تذڪري هيٺ هن بياض جي لکجڻ جو سنہ معلوم ناهي، البتہ ٻنهي شخصيتن جو دور سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت جو آهي ۽ ٻيو تہ بياض ۾ مرزا قليچ بيگ جون به ڪافيون شامل آهن، تنهن ڪري اسان هن بياض کي ڪو گهٽو پراڻو لکيل نڪا سمجهون. تڏهن به هن بياض کي سچل سائين جي وفات جي سو سالن کان پوءِ لڳ ڀڳ لکيو ويو هوندو، جنهن جي ضخامت فل اسڪيپ 379 صفحا آهي. هن جي وچ ۾ سچل سائين جون ڇويهہ سنڌي، سرائڪي ڪافيون ۽ هڪ ريختہ پڻ شامل آهي. ان کانسواءِ جن ٻين ڇاونجاهہ شاعرن جو ڪلام شامل آهي، انهن جو تفصيل هن ريت آهي: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي 16 وايون، خواجہ صاحبڏنو 2 ڪافيون، نانڪ يوسف 7 ڪافيون، بيدل سائين 30 ڪافيون، جان شاهہ 13 ڪافيون، فقير محسن بيڪس 54 ڪافيون، دريا خان 8 ڪافيون، خير محمد 18 ڪافيون، عثمان سانگي 13 ڪافيون، حاجي خانڻ 9 ڪافيون، جيوت 3 ڪافيون، هر سنگهہ 2 ڪافيون، فتح چند 22 ڪافيون، بلي شاهہ 13 ڪافيون، اميد علي شاهہ 126 ڪافيون، عنايت 36 ڪافيون، هڪ سرحرفي، مجروح 52 ڪافيون، 3 مرثيا، مرزا قليچ بيگ 40 ڪافيون ۽ 31 غزل، شاه نصير 8 ڪافيون، نواب شاهہ سڪايل 6 ڪافيون، لطف 5 ڪافيون، آغا 11 غزل، مسڪين يوسف مغل فدا، امير بخش، علي گل شاهہ، هدايت علي شاهہ، الهہ رکيو شاهہ محمد، گلڻ، نبي بخش، عرس، اشرف، عبدالله، غلام حيدر، ڪرمچند، مراد فقير، حمل فقير، شائق، بهرام، عمر، اصغر، پيرل، قاسم، غلام حيدر، راحب، بنده علي، علي محمد،

قائم علي شاھ، جون ھڪ، ھڪ يا ٻہ، ٻہ ڪافيون ۾ غزل شامل آھن. جڏھن تہ 40 سنڌي بيت 9 ڏوھيڙا ٻہ شامل آھن. ھن بياض ۾ موجود سچل سائين جي ڪلام جون ڪي پڙھٽيون علحدہ آھن تہ ڪن جاين تي ڇاپي ڪافين جي ستن ۾ اضافو پڻ نظر آيو. اھڙو تفصيل ھت پيش ڪجي ٿو.

مرزا علي قلي بيگ واري رسالي ۾ ڪافي 1250 "صورت سيءِ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنھنجو تماشو" ۾ لفظ "ڪاٹئين"، استعمال ٿيل آھي پر بياض ۾ "ڪڏھن" لفظ آيل آھي.

علي قلي: ڪاٹئين پٽي پوٽيون، ڪاٹئين پڙھي قرآن 684
بياض: ڪڏھن يار پڙھي ٿو پوٽيون، ڪڏھن پڙھي ٿو قرآن 71
ھن ئي ڪافي جي ھڪ وڌيڪ ست بياض ۾ آيل آھي.
ڪڏھن عامل، ڪڏھن ڪامل، ڪڏھن سڏاءِ ٿو نادان

ڪافي "ڪٹان وڌي عشق تون ڃاياھين ..." جي بند نمبر 3 جو آخري پد ڇاپي ڪان جدا آھي.

علي قلي: تيڏي جاءِ مڪان نہ ڪوئي، لامڪاني سير ڪت سوئي
خيرت دي وچ اي دل ھوئي، ڪسبحري ڪم اڏاياھين.
(197ءِ 180)

بياض: تيري جاءِ مڪان نہ ڪوئي، لامڪان دا سير ڪتوئي
حيرت دي وچ ھي دل ھوئي، جنھن شيخ مشائخ سڏايا ھي (217)

علي قلي: سچو ٹيو مسڪين نماٹي الله تسان ڪون مين گھر آئي
تيڏي جت ڪٹ ٹاٹي پاٹي، شاھنشاھ سڏايا ھين

بياض: سچل ھي مسڪين نماٹا، درھادي دي آءٔ وکاٹان
داو اندر پيا کاکي داٹا، جنھن بحري باز اڏيا ھي (ص 8-217)

مرزا صاحب واري رسالي ۾ سچل جي ڪافي "جي مون پچوڙي جيڏيون آھي برھہ بيقراري" جي بند 4-3-2 جون پڙھٽيون بياض ڪان جدا آھن ھت ھڪ بند جو مثال ڏجي ٿو.

علي قلي: ڪيائون حجاب ظاهر، هوءِ هوءِ حسن هزاري
مشتاقن کي ٿيون مارن، ڪجليون تنهنجون قهاري(230)

سچل سائينءَ جي ڪافي "عشقي ٻاجهون ٻيا سپ ڪوڙ، سولي تي منصور" جو ٽلهه بياض ۾ هن طرح آهي.
برهه وي ٻاجهون ٻيا سپ ڪوڙ، عشق وي ٻاجهون ٻيا سپ ڪوڙ(70)
سچل سائين جي مشهور سرائڪي ڪافي "ٻات برهه دي ڪيهي..." جي بند 3 جي ٻهرئين ست ءِ چوٿين ست جي پڙهٽين ۾ پاڻ اختلاف نظر اچي ٿو.

علي قلي: سنيان طرف صبح دي ويلي، عاشق تيار ڪريسون
(بند 3 ست 1 ص 302)

بياض: سنيان طرف صبح دي ويلي، عاشق شڪار ڪريسون
(بند 3 ست 1 ص 268)

علي قلي: اول هُشيان ڏيکر پچي اهو منصوب چلئيون
(بند 3 س 4 ص 302)

بياض: اول خوشيان ڏيکر پچي اهو منصوب مليسون
(بند 3 س 4 ص 268)

صادق راڻيپوري: اول هشيان ڏي ڪر پچي. اي منصور چليسون
(بند 3 س4 ص 194)

درگاهه درازي جي معتقد هاسي ٻائي عرف نماڻي فقير جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ موجود سچل سائين جي ڪافي "اسان جال پيري جام، پيون آب حياتي" جو بند 3 ءِ 4 جون پڙهٽيون بياض کان علحده آهن.

نماڻو فقير: متي ڪن ڪاپار لنگهي، ٿياسي ظلماتي
پاڻ سيجاڻي پانهنجو، ٿيون ذاتي ۾ ذاتي (بند 3 ص 90)

بياض: متي ڪُن ڪپار کون لنگهي وياسي ظلماتي
وجائي وجود کي ٿياسي صاحب صفاتي (بند 4 ص 90)

نماڻو فقير: سچل سارو سچ ٿيو، جنهن مار سجاتي
تصوير نظر نور، اندر جان پايان جهاتي (بند 4 ص 90)

بياض: سچل سرو سچ ٿيو، جنهن مار سجاتي
تصوير نظر نور سارو جان پايان جهاتي (بند 4 ص 271)

علي قلي واري رسالي ۾ ڪافي نمبر 127 "ڪئي سارنگ بنائيندا، شهه وت رنگا رنگ رلائيندا" ۾ ٽلهه کان پوءِ 6 بند آهن. جڏهن ته بياض ۾ ٽلهه کان پوءِ 4 بند آهن جنهن ۾ بند 3 نئون آهي. جيڪو هن ريت آهي.

باغ جنهن دا باغيچا تنهن دا، هي چوڪا باغ آرائين دا
(72)

ساڳي طرح مرزا صاحب واري رسالي ۾ ريختو پيروي 167 "اگر اثبات ڪرجانو نه هر گز تم گدا هوگا" ۾ ٽلهه کان پوءِ 4 بند آهن. بياض ۾ به ان جا چار بند آهن، البته هڪ بند اهڙو آهي جيڪو مرزا صاحب واري رسالي ۾ موجود ناهي اهو بند هي آهي.

هوائي نفس کو مارو ارادت حرص هم اپني
خدا تم سي نه تم اُس سي ڪبهي هرگز جدا هوئينگا
(ص 72)

هنن ڪجهه مثالن کان سواءِ هن بياض ۾ هي ڪافيون اهڙيون به آهن جن جا روپ مرزا صاحب واري رسالي ۾ هڪڙا آيل آهي. ته بياض ۾ اهي روپ ٻيا آهن. مثال طور.

ڪافي "صورت سيپ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو" جو روپ ڪنيات آهي، جڏهن ته بياض ۾ ان جو روپ جوڳ جاڻايل آهي، اهڙا ڪجهه تفصيل هن ريت آهن.

ٻول	بياض	علي قلي وارو رسالو
برهه وي ٻاجهون ٻيا سپ ...	آسا	پهاڙي
ڪٽان وي عشق تون جايا...	آسا	پيروي ۽ پهاڙي

چوڙ گمان گدائي والا...	آسا	پهاڙي
اگر اثبات کر جانو...	اردو تلنگ	پيروي
جي مون پچوڙي جيڏيون ...	تلنگ	آسا

سچل سرمست جي ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي ڪلام سان سينگاريل هن بياض ۾ لعل چند مجروح، جون 520 ڪافيون شامل آهن. جن مان ڪي ڪافيون سچل سرمست جي ڪافين جي تتبع تي چيل آهن. سندس اصل نالو لعل محمد هو. پر پاڻ کي لعلچند سڏرائيندو هو. لاڙڪاڻي جي شيخن مان هو 1884 ڏاري قمبر ۾ ڄائو. پارسي زبان ۽ طب جو ماهر ۽ پرائمري استاد هو. آخر ۾ هيڊ ماستر جي عهدي تان استعيفا ڏئي، حڪمت شروع ڪيائين ۽ شهداد ڪوٽ ۾ "شوڪت شفا خانو" کوليائين. سخي قبول محمد فاروقي ٽين جو مريد هو. سندس شان ۾ شعر ۽ چيو اٿس (4). روهڙيءَ ۾ پڙ گهٽو ايندو ويندو هو. اتان جي شاعر اميد علي خوجائي "دلگير" جو ڪلام ترتيب ڏنائين، درگاهه درازا جي معتقد فقير رجب علي دلسوز جون ٻ ڪجهه ڪافيون ان ۾ شامل ڪيون اٿس.

مجروح 17 جولاءِ 1942ع تي جهرڪن مان موٽندي ريل ۾ وفات ڪئي. ڪيس ڪوٽڙيءَ ۾ دفن ڪيو ويو (5) سچل سائين جي ٻران چيل ڪلام مان ڪافي جو هڪ مثال هت پيش ڪجي ٿو.

ڪافي سچل سائين:

جيءُ آئين پلي آئين تون، ڪنهن منزل مون پهچائين تون
ٿو موٽي سرو ڏائين تون.

سرمد کي ڏيئي لت ڪُهائي، سوريءَ تي منصور چڙهائي،
شيخ عطار جو سر وڍائي
هاڻي هيڏي پنڌ پچائين تون.

زڪريا ساڻ ڪرت چيرايئي، يوسف کي منجهه کوهه وجهايئي،
شمس ملن جي هٿون مارائين
عاشق ٿو آزمائين تون

جڙيو ڪفر صُنعان وجهايئي، بلي شاهه کي ذبح ڪرائي،
جعفر کي درياءَ ٻوڙايئي
تن کي پار لنگهائين تون

گهاٽي ۾ بلال پيڙائي، عنايت ۾ ميدان مارائي، ڪرمل
کي هن حڪم هلايئي
ڦيروءَ ڪنڊ ڪپائين تون

قاسم دُرن ساڻ سٽايئي، موسيٰ کي بي سهاڳ ونائي،
آڪيداس تعزير ڏوايئي
سواج ساڳيو آهين تون

سچو سندئي پنڊ پچائي، گهوريو پنهنجو سر گهمائي،
نَهي واري ڳالهه ڳالهائي
عاشق ٽي فرمائين تون
(مرزا علي قلي بيگ، ص 320)

ڪافي لعل چند مجروح:

وه عشق تون ڪنهن مان ڄائين، ڄائين ڪنهن نپائين
ڪڏهن ملائڪ سجدي اندر آدم کي ٽو نوائين
ڪڏهن اچلي زمين تي ان کي بحر وبر رلائين
ڪڏهن وت جر جيئن نبي کي آتش منجهه وجهائين
يونس کي وجهي پيٽ مڇي جي ڪرم ايوب بچائين
ابراهيم تي آتش وارو ڦوڪ آڙاهه مچائين
ذڪريا کي ڪرٽ چيرائي لوهو پٽ وهائين
نوح اُتي طوفان ڪرائي يحيٰ نبي ڪهائين
يوسف کي ڪيڊي چاهه ڪنانون مصر ۾ وڪٽائين
ڪري ظهور احمد تي رنگي رنگ بنائين
شاهه حسن کي زهر پلائي لاش تير چلائين
شاهه حسين شهيد اُتي ور ڪيڏو ستم سهائين
ڪربلا ۾ قتل ڪرائي در در پاڪ روائين

شاھ بلال کي گھاٽي پيڙائي بسطامي قتل ڪرائين
آپ اناالحق آکي حلاج دا سولي سر چڙھائين
شبلي جا ھٿ پير ڪپائي قاسم قيد وجھائين
شيخ عطار جو سر وڍائي شمس جي کل ڪلائين
سليمان کي سنگساريءَ جي چائي عجب چڪائين
صوفي جو سر نيزي چاڙھي ديس بديس ڦرائين
ھر جا تنھنجو حڪم جاري شھنشاھ چوائين
مجروح، کي ڪريو پنھنجو ٿاھا، وحدت ورھ وسائين
(بياض، ص 2-1-170)

ھت سچل سرمست ۽ ٻين سنڌي شاعرن جي ڪلام جي بياض جو تعارف پيش ڪيو ويو آھي. ان بابت ڪا بہ راءِ ڏيڻ کان ڪناره ڪشي ڪئي وئي آھي. سچل سرمست جي ڪلام جي ترتيب ۽ سوڌ سنوار يا ٻين شاعرن جي ڪلام جي ترتيب وقت ھن بياض کي ماخذ جي حيثيت ڏئي ڪم آندو ويو.

بياض ۾ موجود سچل جي ڪافين جا ٽلھ:

نمبر	پول	روپ	مصرعا	صفحو
01	برھ وي ٻاجھون ٻيا سپ ڪوڙ عشق وي ٻاجھون ٻيا سپ ڪوڙ	آسا	4	70
02	صورت سپ سلطان پاڻ ڏسڻ آيو پنھنجو تماشو	جوڳ	4	71
03	ايھو اٿم ارمان ڇا منجھان ھت ڇاڏي آيس	جوڳ	5	71
04	نئين ناز ھي دا ويڪٽاويس متاکي ڊولڻ آوندا	جوڳ	4	71
05	ھادي ڪئسا رنگ رلائيندا وت رنگاسون رنگ لائيندا		4	72
06	ڪٽان وي عشق تون ڇاياھين، ھڻ آک تہ ڪنھن نپاياھين	آسا	4	217

نمبر	ٻول	روپ	مصرعا	صفحو
07	چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا پڌ شاهي دا	آسا	3	218
08	اگر اثبات کر جانو نہ هرگز تم گدا هوئينگا	اردوتلنگ	4	218
09	تن رويو حال چوان، منهنجا اوڻي اوڏهون آيا	ڪوهياري	4	219
10	جيڪا محبت تنهنجي ۾ يار مري، تنهين کي پاڻ پچي وچ پير پري	ڪوهياري	3	219
11	آڻاچي ڏي رانجهو يار دلاسو دل کي، عشق تنهنجي جي ماري آهيان	آسا	4	220
12	اکيان هڻ ڏاڍي نال لڳيان، لڳيان رانجهن تيڏي نال	آسا	4	229
13	جي مون پچوڑي جيڏيون، آهي برهه بيقراري	تلنگ	4	229
14	ادب نال اليسان، هوسان مڻن رانجهو دي نال	آسا	6	267
15	بات برهه دي ايهي، ايهي سا عجب جيهي	تلنگ	5	267
16	هئين آپ الله، ڏوجها ڪوئي نهين وو		6	269
17	ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪياءِ معاف	بلاولي جهگڙ	5	269
18	اتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني کي سلام	بلاولي جهگڙ	4	270
19	سڏوا رکريندا يار، ڪوئي ويکڙ والا هو هوشيار	بلاولي جهگڙ	4	270
20	جال پري جام پيون آب حياتي		4	271
21	پاڻ تہ آهيان پاڪ، هت ٿو ڪي دن گذاريان	جوگ	3	271

نمبر	بول	روپ	مصرعا	صفحو
22	جنهن دل پُر ڪر پيتا جام، سا دل مست و مست مدام	ڪنيات	12	271
23	آءٌ تون پاڻ سڃاڻين، مون وٽ يار پيارا	آسا	4	272
24	ائين لکيو مون ائين لکيو مون، پنهنجو پاڻ کي ائين لکيو مون	آسا	2 اٽپوري	272
25	ڪوڪئن چوي ڪوڪئن چوي	پيروين	11	283
26	محبوب ڳولي ڏس من ۾، چوتو رلين ملڪ عجم	ڪلياڻ	3	296
27	جوڙي جادو جگر ۾ لايو تو	ڪلياڻ	3	296

حوالا:

(1) پروفيسر شمس الدين ڪلوڙ، روهڙي جون علمي ادبي شخصيتون (مقالو)، ص 28، (شامل): سکر تاريخ ۽ سماج، مرتب: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، سکر هسٽاريڪل سوسائٽي 2001ع.

(2) ورتل معلومات انجنيئر سيدعبدالحسين شاهه موسوي، بتاريخ 14-7-9.

(3) ساڃيو.

(4) ڊاڪٽر ايياز قادري، سنڌي غزل جي اوسر (پاڳو ٻيون)، ص 281، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جامشورو، 1984ع- خادم عباسي، عشق ڪيم اظهار سچل سرمست، ص 34، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ 2012ع.

(5) سنڌي غزل جي اوسر (پاڳو ٻيون)، ص 282.

محبت باريو مڇ، سيني ۾ سچل جي

دل دلير ڪري اڇ عاشق، سست يقين نہ ٿي تون،
ٽوڙي شڪ گمان سيئي، پريمي پيالو پيءُ تون،
موتو قبل انت موتو، جيوڻ ۾ مر جيءُ تون.

—

عاشق اناالحق، آکيو پيو آکيج،
هادي عبدالحق، حرف هدايت هي چيو.

ڪائنات جي هر ذري ۾ ان جي راز جي ڳنڍ موجود آهي. شعور ۽ ادراڪ وارن لاءِ ڪائنات ۾ نشانيون موجود آهن. سمجهه ۽ ادراڪ جيَ ڏي تي انهن نشانين کي سمجهي سگهجي ٿو ۽ انهن رازن کي پروڙي سگهجي ٿو. خدا ۽ بندي جي وچ ۾ جيڪو فرق نظر اچي ٿو اهو فرق فقط نظر جو آهي. ان مفاصلي کي جيڪڏهن عقل ۽ دليل سان ماپيون تہ گهٽو آهي ايترو لمبو جو ڪڏهن بہ طئہ نہ ٿي سگهي ۽ جي ان کي عشق جي نظر سان ماپيون تہ پنڌ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ڪٽي ويندو. بس عقل ۽ عشق جي مام کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. بيدل فقير جي لفظن جيان:

اکران دي وچ جوئي اڙيا – عشق دي چاڑهي مول نہ چڑهيا.

عقل ۽ عشق پاڻ ۾ ٺهڻ جي باوجود بہ نہ تہ ٺهن، ٻنهي جو پاڻ ۾ ازل کان جهيڙو آهي ۽ هجي بہ ڇو نہ - عقل دليل گهري ٿو هر شي جي هجڻ جو مقصد ۽ سبب پڇي ٿو يا ٻڌائي ٿو پر ان جي پيٺ ۾ عشق نابين ٿيو پوي ڪجهہ بہ نہ ٿو ڏسي پر جنهن وٽ واسو ڪري ٿو اڻ گهري مهمان وانگي ٽڪي پوي ٿو ان جي دنيا جا رنگ روپ ئي مٽائي ڇڏي ٿو ان جي اندر ۾ ادراڪ جي اک ڪلي پوي ٿو ۽ پوءِ اهو فرد

جيڪي ڪجھ سوچي ٿو، ڏسي ٿو ان جو انداز ئي نرالو هوندو آهي. هن جي نگاھ ۾ پرين کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نہ هوندو آهي اهو عشق ئي آهي جيڪو هر رنگ هر روپ ۾ نرالو ٿئي ٿو.

اهو ئي عشق آهي جنهن حسين بن منصور حلاج کي ڦاهي تائين آندو. اهو عشق ئي آهي جنهن سرمد کي ڪهايو. اهو عشق ئي آهي جنهن بلاول کي گهاٽي ۾ پيڙاهيو.اهو عشق ئي آهي جنهن عقل کي مات ڏنو. اهو عشق ئي آهي جنهن ڪائنات جي هزارن ميلن جي مفاصلي کي لمحن ۾ طئ ڪيو. اهو ئي عشق جڏهن قلندر جي پيرن جي دز ٻڌجي ٿو تہ رومي جي مي رقصم ۽ مست قلندر جي صدا ٻڌجي وجي ٿو.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ عشق جا ڪيترائي باب پنهنجي مست الست انداز سان رقصان آهن هن جو عشق وجود کان شروع ٿي وجود جي نفي ڏانهن وڌي ٿو ۽ هو بار بار نفي جي ئي ڀالھ ڪري ٿو. عشق هن کي نفي جو ڏس ڏئي ٿو ڇا ڪاڻ تہ عشق زبر ٽيڙ جي ڀالھ نہ ڪندو آهي عشق تہ زير ٽيڙ جي ڀالھ ڪندو آهي. ان ئي عشق بابت درازي درويش چئي رهيو آهي.

عشق لڳئي تہ ڪر آمين – نا منجھ ڪفر نا منجھ دين

۽ جڏهن عشق دين، ڪفر جي حدن کان اڳتي وڌي وجي ٿو تہ عاجزي انڪساري ڏانهن سفر شروع ڪري ٿو:

نہ مان پير نہ مريد، ساري فقر جو فقير
نہ مان حاڪم نہ مان ظالم، آهيان امن جو اميـر
نہ مان گهمڙ نہ مان گهتڙ، آهيان عشق جو اسير

سو هي عشق جو اسير امن جو امير به آهي تہ ساري فقر جو فقير به آهي. عاجزي جي اها انتها نہ چئبي تہ ٻيو ڇا چئبو ۽ اها عاجزي، انڪساري ۽ هيناهين سچل سائين وٽ عشق جي طفيل ئي آئي آهي. اها هيڻائي ئي ڪيس وڌي سگهہ به بخشي تي ۽ هو پنهنجي اندر ۾ ان حقيقت کي ڳولڙ جا جتن ڪري ٿو، جنهن جي درست سمجھ رت

سان وضو ڪري عشق جي نماز پڙهڻ کان پوءِ ئي حاصل ٿئي ٿي:

عشق محبت باجهون جاڻين ٻي سڀ راهه خلافي،
بزرگ ڪارڻ دنيا جي ڪن ٿا، طلسم سڀ تلافي،
سچا هر گز سي نه ٿيندا، سچا صوفي صافي.

اها حد ٽپي اچڻ کان پوءِ سچل سائين سڏو سنئون چئي ٿو:

ذات صفات هڪائي آهي، پول نه وجهين پولي،
سوئي اندر سوئي باهر، سوئي تنهنجي چولي،
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، سچ سچو ٿو ٻولي.

اهو چا آهي جيڪو هر ڪنهن ۾ هر جاءِ وينو ٻولي اهو ڪهڙو سچ آهي جيڪو سچل سائين اسان کي بار بار ٻڌائي رهيو آهي. هن جي هر ست مان، هر لفظ مان ان سچ جو چٽو / اڻ چٽو عڪس ايري ٿو اچي. اهو سچ سونهن جو آهي سرهاڻ جو آهي - پائيچاري جو آهي - اتحاد جو آهي - برابري جو آهي - برداشت، سهپ جو آهي ان سچ جي جوت ۾ سچل سائين بہ ايترو تہ ويڙهجي ويو آهي جو پاڻ لاءِ چئي ٿو:

سچ 'سچل' وچ، 'سچل' سچ وچ،
ٻيا سڀ پنڌ اجايا

۽ سچل سائين جو اهو سچ آهي:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون مرد ٿئين مردانو،
پاڻ ٻيگانو مور نه جاڻين، آهين يار يگانو،
ونفخت فيهه من روحي، بلڪل ڇڏ ٻهانو،
وهم سچل ڪيڙ هانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

طبل وڄائج وحدت وارو غازي ڇڏ گدائي،
هيڏي هوڏي تون ئي آهين، ڪانهي جان جدائي،
الانسان سر انا سره، آهين خاص خدائي،
بربحر تي تنهنجو سچا، آهي سير سدائي.

سچل سائين، جنهن بغاوت جي ڀالھ ڪري رهيو آهي اها بغاوت ڪنهن سان آهي ۽ ڇو آهي؟ ان سوال جو جواب سرمست سائين جي دور جون سياسي، سماجي، معاشي ۽ مذهبي حالتون ڏين ٿيون. 1739ع کان 1827ع تائين سنڌ جون جيڪي حالتون رهيون اُهي ڪنهن کان به ڳجهيون نہ آهن. نادر شاھ جو سنڌ تي حملو، قومي وحدت کي توڙي سنڌ کي تن حصن ۾ ورهائڻ، کهڙن ۾ قتل عام، اقتدار جي رسا ڪشي ۾ پائرن جون هڪ ٻئي سان جنگيون، تالپر راج قائم ٿيڻ سان هڪ رياست اندر تي رياستون قائم ٿيڻ، پاڻ ۾ نااتفاقيون، انگريزن جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ ۽ پاڻ ۾ وڙهائڻ ۽ آخر سنڌ جي ماڻهن کي ذهني مونجهاري، پريشاني، انتشار ۽ افراتفريح کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نہ ڏنو. انهن حالتن ۾ سچل سائين جهڙو سڃاڻ شاعر اکيون ٻوٽي ڪهڙي ريت تي ويهي سگهيو. هن جو گهرو ادراڪ هن کي سنڌ مٽان ڪنهن وڏي آفت ايندي ڏٺائي رهيو هو. هن سمجهيو ٿي ته هي وقت ماڻهن لاءِ نازڪ آهي، هي ماڻهن جي اهڙي ذهني ڪرب کي محسوس ڪري رهيو هو ۽ هن انهي مان انهن جي جان آجي ڪرائڻ ٿي گهري پر حڪمراني جي نشي ۾ ان وقت جا مدهوش حڪمران ڪجھ به نہ سمجهي رهيا هئا. هو خود به سونن ٽانون ۾ ڪائي رهيا هئا، موتين جواهرن سان جڙيل تاج ۽ زري سان اٽيل پوشاڪون پهري رهيا هئا. سوين ايڪڙ پوکي جي لائق زمين کي پنهنجي شوق جي پورائي لاءِ شڪارگاھ بڻايو وينا هئا. پنهنجي شان ۾ لکيل ڪنهن قصيدي جي شاعر کي انعامن ۽ اڪرامن سان نوازي ته رهيا هئا پر انهن جو عوام سان تعلق ڇا هو- ڪيترو هنن جي اندر ۾ عوام لاءِ ڏک هو. ڪيترا هو عوام جي اهنجن لاءِ تڙپي رهيا هئا. حڪمران تخت ۽ تاج جي فڪر ۾ ڳرندو آهي، پر سچل جهڙا شاعر عوام جي اهنجن کي سهنجن ۾ بدلائڻ لاءِ هٿين خالي پنهنجي ادراڪ جي ڏيءِ تي صدا بلندا ڪندا آهن.

ماڻ ڪيان ته مشرڪ ٿيان، ڪيان ته ڪافر،
انهي وائي ور، سمجهي ڪو سچو چوي.

سچل جيڪي ڪجھ ڏسي رهيو هو. جيڪي ڪجھ ٻوڳي رهيو هو، جيڪي ڪجھ سوچي رهيو هو ان کي ڳائي ٻ رهيو هو، هن انهن حالتن ۾ محبت جو درس ڏنو. اتفاق جو درس ڏنو. اتحاد ۽ ايڪي جو درس ڏنو. ڇاڪاڻ ته هڪ باشعور شاعر جي حيثيت ۾ هو عوام لاءِ ويج / طبيب وارو ڪم ڪري رهيو هو ته وطن دوست شاعر جي روپ ۾ هن پنهنجي قوم کي مذهب جي بنياد تي ٻن حصن ۾ نڪي ورهائجڻ ڏنو. تڏهن ئي ته هن وڏي واکي چيو:

وقت اها ٽئي ويڑ، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيڏ مذاهب من مان، ساجهرساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٽئي اويل، اولهه سج نه الهي.

هاڻ هي پيغام اسان لاءِ سوچڻ لائق آهي ڇاڪاڻ ته سرمست سائين هڪ متحد قوم جو خواب ڏنو. هن جي هيڪڙائي واري ڳالهه، نائي نيڻ اندر ۾ حق پسڻ جو خيال، اناالحق جي صدا، حسين بن منصور جي سچ چوڻ واري جرئت کي اختيار ڪرڻ، عطار جي واٽ تي هلڻ، خواجه عبدالحق جو درس بار بار ورجائڻ احمد جام زنده پيل، سرمد، آڪيداس، قلندر، بلاول، شيخ صنعان ۽ ٻين ڪيترن ئي حق ۽ سچ جي علمبردارن کي ياد ڪرڻ، اهي سڀ سچل سائين جي شاعري جا اهڙا فڪر، فلسفا، نظريا ۽ خيال آهن جن مان اسان پنهنجي 'سچ' جي هن شاعر جي ذهني ڪيفيتن کي سمجهي سگهون ٿا. تڏهن ئي ته هو چئي ٿو ته سچل سچ ۾ ۽ سچ سچل ۾ سمائجي چڪا آهن ۽ ان سچ کي عام اڳيان عيان ڪرڻ لاءِ هن محبت/ الفت / پيار / صداقت جي واٽ ورتي آهي. اها واٽ نرالي ضرور آهي پر حقيقت جي انوکي جهان ڏانهن وٺي ٿي وڃي، تڏهن ئي ته سرمست سائين ويٺو چئي:

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو منجهايا،
شيخي پيري، بزرگي بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.

سچل جو اهو ئي سچ آهي – هر فرد کي ڪائنات ۾ اعليٰ ڏسڻ چاهي ٿو. ڇاڪاڻ ته انسان کي ڪائنات جي سموري مخلوقات ۾ اعليٰ ۽ اتم بڻايو ويو آهي، ڪيس سوچ، سمجهه، شعور عطا ڪري مٿس سموريون الهامي پابنديون عائد ڪيون ويون آهن. ان سمجهه ۽ شعور ئي ڪيس ٻين مخلوقات کان اعليٰ بڻايو آهي ۽ سچل چاهيو ٿي ته فرد پنهنجي ان حيثيت کي سڃاڻي – هن جي اندر ۾ خدائي صفتن جا ڪيترائي راز لڪيل آهن جنهن کي پروڙي ۽ پوءِ انسان هر ٻئي انسان جو احترام به ڪندو ته منجهس سهپ، رواداري ۽ برداشت به پيدا ٿيندي ۽ سچل سائين اهو ڪجهه ئي چاهيو ٿي هن جو سچ انسان جي مان ۽ مرتبي جو سچ آهي. جنهن کي سمجهڻ پروڙڻ، سلڻ ۽ هنئين سان هنڌائڻ به اڄ جي ضرورت آهي. اڄ به اهي ئي حالتون آهن جيڪي سرمست سائين جي دور ۾ هيون اڄ به مذهب کي سياست لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اڄ به هيئين ۽ غريب طبقي جو استحصال ڪيو وڃي ٿو. اڄ به معاشري ۾ انتشار جي هوا گهلي رهي آهي. اڄ به اسان معاشي، سماجي، تهذيبي ۽ تمدني سطح تي جنگ جي حالت ۾ آهيون. وقت ضرور گذريو آهي مگر حالتن ۾ ڪو ڦيرو نه آيو آهي. رنگ روپ مٽيا آهن، طور طريقا مٽيا آهن. ڪئلينڈر تي سال، مهينا ۽ ڏينهن مٽجي ويا آهن پر جي نه مٽيون آهين ته اهي حالتون – تنهن ڪري سچل جو پيغام: **وقت اها ٿئي ويڑ دوئي دور ڪرڻ جي---اول پير پڃ – سچل بند خيالات جا---پني ڇڄ نه ڇل – منجهه تماشي نه پوين** جي اڄ به اوتري ئي ضرورت آهي جيتري ضرورت سرمست سائين جي وقت اندر هئي. اڄ به سرمستي آواز اسان لاءِ تازو آهي اڄ به ان جي گونج اسان کي اڇاڻائي ۽ بي سمجهي جي ڍڳهي گهري ننڊ مان جاڳائي سگهي ٿي:

جي تو ڇاتو پاڻ، آءٌ ڪو ٻيو آهيان
ڪندءِ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهه ۾

نوٽ: مضمون ۾ شامل سچل سائين جا بيت مان واري آغا غلام نبي صوفي جي ڪتاب سچل سرمست (1933ع) تان ورتا ويا آهن.

پـرک

سچل جي شاعري کي صوفيانہ رنگ ۾ ئي ڏٺو ويو آهي، پر هو پنهنجي شاعري ذريعي ملڪي حالتن بابت اسان کي بار بار باخبر ڪندو رهي ٿو. هن جي نظر ۾ هڪ خودمختيار، خوشحال ۽ سرسبز آزاد رياست جو خواب هو، جنهن ۾ ماڻهو کي مذهبي، سياسي ۽ سماجي مڪمل آزادي ميسر هجي. هو بنيادي طور مذهبي مت پيد جي خلاف هو

عطا محمد 'حامي' -سچل جوجديد شارح
(سچل سرمست بابت عطا محمد 'حامي' جي ڪيل تحقيق جو جائزو)

سنڌ جي نقشي تي رياست خيرپور جو وجود توڙي جو 1893ع ۾ ظاهر ٿيو پر هن علائقي جي پنهنجي علمي، روحاني ۽ ادبي حيثيت ضرور رهي آهي. ڪُهڙن جي شهيدن کان ويندي ميان صاحبڏني فاروقي تائين، خواجه عبدالحق کان ويندي سچل سرمست تائين، نانڪ يوسف کان ويندي فقير قادر بخش 'بيدل' تائين، پير بقا شاهه کان ويندي پير ڳوٺ جي پير راشد روضي ڌڻي تائين، پائي چَين راءِ سامي کان ويندي ڪنڊڙيءَ جي ڪلتارن تائين، راڻيپور جي پيرن کان ويندي شادي شهيد تائين، يا خيرپور جي ميرن جي دربار ۾ موجود شاعرن ۽ عالمن جو هڪ وڏو مجموعو اسان کي هن علائقي اندر علم، دانش، ڏاهپ، فهم، فراست، عقل، دانائي، حڪمت، فضيلت ۽ روحانيت جي صاحبن جو نظر اچي ٿو. هاڻ انهن مان ڪيترن جي حوالي سان تحقيقي ڪم ٿيو آهي تہ ڪيترن بابت تاريخ جا ورق انهن جي ڀرپور ذڪر کان ايجا تائين اجارا ۽ تاسارا آهن.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي گذريل صديءَ جو اُهو برجستو ڏاهو تاريخدان هو جنهن دليل ۽ منطق جي بنياد تي تحقيق ڏانهن وِک وڌائي. سندس تحقيقي ڪم جا ڪيترائي رخ آهن هن کان اڳ ڊاڪٽر صاحب جي خيرپور جي ميرن بابت ڪيل تحقيقي ڪم بابت هڪ الڳ مقالي 'ڊاڪٽر عطا محمد حامي – محقق ۽ تاريخدان' ۾ تفصيل سان ذڪر ڪري چڪو آهيان (1). هنن صفحن ۾ حامي صاحب جي سچل سرمست بابت ڪيل تحقيقي ڪم متعلق گفتگو

ڪنداسين. سچل بابت حامي صاحب جا هن وقت تائين هي ڪتاب ظاهر ٿي چڪا آهن:

- **درازن جا درويش:** هي مختصر مقالو ڪتابي صورت ۾ سال 1959ع ۾ محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان خيرپور ڊويزن جي طرفان شايع ٿيو، جنهن کي بعد ۾ راقم جي سهيڙيل ڪتاب 'سچل سرمست جو آفاقي پيغام' ۾ پڻ شايع ڪيو ويو.
- **سچل سرمست:** ماهوار نئين زندگيءَ ۾ سچل سرمست بابت شايع ٿيل ڪجهہ اهم مقالن کي سهيڙي حامي صاحب هي ڪتاب تيار ڪيو جنهن جي منڊ ۾ ڪتاب 'درازن جا درويش' وارو مواد ٿوري ڦير گهير سان مقدمي طور شامل ڪيو تہ گڏو گڏ سچل سائينءَ جي فارسي مثنوين 'ساقي نامو'، 'تار نامو'، 'راز نامو'، 'گداز نامو' ۽ 'عشق نامو' جو ڪيل منظوم ترجمو پڻ شامل ڪيو. هي ڪتاب سال 1964ع ۾ پاڪستان پبليڪيشنز جي طرفان شايع ٿيو. هن جو ٻيو ڇاپو ثقافت ڪاتي، حڪومت سنڌ طرفان سال 2012ع ۾ پڌرو ٿيو.
- **نينهن جا نعرا:** حامي صاحب جي لائق فائق شاگرد، نامور عالم ۽ محقق پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ شامل مقدمي ۽ فارسي مثنوين جي منظوم ترجمي جي اهميت کي محسوس ڪندي ان مواد کي الڳ سان ترتيب ڏئي ان ۾ ٻن وڌيڪ مثنوين 'درد نامو' ۽ 'رهبر نامو' جو ترجمو حامي صاحب کان ڪرائي ڪتاب 'نينهن جا نعرا' ۾ شامل ڪيو، جيڪو پهريون ڀيرو ڪافي پبليڪيشن ڪراچي طرفان سال 1983ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ جام شوري طرفان 1992ع ۾ پڌرو ٿيو.
- **سچل سرمست جو آفاقي پيغام:** ڊاڪٽر عطا محمد حامي، سچل بابت مٿين ڪتابن کان علاوہ سندس فن ۽ فڪر بابت مختلف وقتن تي تحقيقي مقالا پڻ لکيا جن جو تعداد لڳ ڀڳ 7 آهي، جيڪي راقم سال 2013ع ۾ مٿئين عنوان سان سهيڙي سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايا.

- **ديوان آشڪار جي غزل جا ترجما:** حامي مرحوم سال 1953ع ۾ سچل جي فارسي 'ديوان آشڪار' مان ڪجھ غزلَ جا سنڌيءَ ۾ منظوم ترجما ڪيا جن مان ٽي غزل ترتيبوار 7 مارچ 1953ع، 14 مارچ 1953ع ۽ 21 مارچ 1953ع تي 'هفتيوار اصلاح خيرپور' جي پرچن ۾ شايع ٿيا؛ پر هن وقت اهو مواد گھٽي ڳولا جي باوجود هٿ نہ ٿو اچي.

ڈاڪٽر عطا محمد حاميءَ جو سچل سرمست بابت پهريون ڪتاب سال 1959ع ۾ پڌرو ٿيو جنهن مان حاميءَ جي سچل بابت تحقيق ڪرڻ واري رويي جي چٽيءَ طرح جاڻ ملي ٿي. هن کان اڳ سچل سرمست بابت ڪجھ اهم مواد شايع ٿي چڪو هو، جنهن جو تعارف هٿ پيش ڪرڻ اجايو نہ ٿيندو پر حامي صاحب جو ڪم اڳ شايع ٿيل مواد جي پيٽ ۾ گھڻو اهميت پريو ۽ نئون آهي.

سچل بابت شايع ٿيل مواد:

1. مرزا علي قلي بيگ، (مرتب): رسالو ميان سچل فقير جو (۽ جلد)، هري سنگھ سنس ڪتب خانہ سکر، 03-1902ع.
2. ميان در محمد ۽ ٻيا، (مرتب): داستان وڏو - رسالو سچل سائين جو، پوڪرداس ٽانورداس تاجر ڪتب شڪارپور، 1910ع.
3. لالچند امرڈنو مل جڳتياڻي، (مرتب): سونهارو سچل، سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد، 1916ع.
4. ڇينمل پرسرام ڳُلراجاڻي، (مرتب): سچل سرمست، نئين سنڌ لائبريري، 1922ع.
5. آغا غلام نبي 'صوفي'، (مرتب): سچل سرمست، شڪارپور، پوراڻي رام اليڪٽرڪ پريس، 1933ع.
6. نماڻو فقير، (مرتب): سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، سنڌ پرنٽنگ پريس بڙودا، هندستان، 1952ع.
7. ڪلياڻ آڏواڻ، سچل، دولت پرنٽنگ پريس بمبئي، 1954ع.
8. عثمان علي انصاري، (مرتب)، رسالو سچل سرمست (سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1958ع.

هي مواد کو گھٹو نہ آهي، سچل جي ڪلام جي سهيڑ دوران لائق محققن ان بابت مقدما لکي موضوع بابت ان ۾ گھٹو قيمتي مواد ڪنو ڪيو. محترم ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتاب 'سچل'، جينمل پرسرام جي ڪتاب 'سچل سرمست' درازي شاهه بابت بنيادي تحقيق آهي، جنهن ۾ سائينءَ جي سوانح کان ويندي سندس فن فڪر متعلق مدلل انداز سان لکيو ويو آهي.

هِت اسان حاميءَ جي ڪيل سچل بابت ڪم کي هينئين تن بنيادن تي پرکڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ اسان کي جاڻ ملي سگهي تہ ڪهڙي طرح هو ٿوس بنيادن تي شين کي پرکڻ جي ڪوشش ونڊي رهيو هو:

(1) سچل بابت موضوعن جي چونڊ (2) مواد جي پيشڪش / تحقيق جو طريقيڪار (3) ڳالهه کي وزنائتي بنائڻ لاءِ ڏنل دليل يا ڪيل بحث.

(1) سچل بابت موضوعن جي چونڊ:

ڪتاب 'درازن جا درويش' ۾ حامي صاحب، سچل سرمست جي خانداني پس منظر کان ويندي ڏاڏي ميان صاحبڏني، چاچي ميان عبدالحق، سؤٽ سخي قبول محمد 'اول' ۽ ٻين گادي نشينن مثال طور خواجہ نظر محمد، خواجہ نجم الدين، سخي قبول محمد ثاني، ميان صاحبڏني ثاني، ميان قبول محمد ثالث، ميان عبدالحق ثاني کان ويندي سچل سرمست جي سوانح، ان جي فن ۽ فڪر بابت تہ ذڪر ڪيو آهي پر 'درازن جا پانڌيئڙا' عنوان هيٺ چنيهه فقير اڇڻ، فقير شادي شهيد، فقير نانڪ يوسف، فقير غلام حيدر، مينگهي فقير، غلام شاهه فقير، مراد علي فقير، ٻيل فقير، آخوند محمد حيات 'حاتم'، آخوند گل محمد، آخوند عبدالهادي، آخوند محمد صالح، آخوند باغ علي ۽ آخوند محمد نشان فاروقيءَ جي زندگين بابت پهريون دفعو احوال آندو. ساڳيءَ طرح ڪتاب 'سچل سرمست' جي مقدمي ۾ متئين مواد کي ڪجهه اضافن سان شامل ڪيو ويو جنهن ۾ پڻ موضوع

جي نواڻ ۾ ترتيب جي انفراديت نظر اچي ٿي. مثال طور 'زندگيءَ جو احوال' ۾ سچل سائينءَ بابت ڏار ڏار ننڍا ننڍا عنوان قائم ڪري پوءِ لکيو ويو آهي، جنهن ۾: ولادت ۽ نالو، پيشنگوئي، ننڍپڻ ۽ تعليم، بيعت، شادي، حليو ۽ لباس، سير سفر، طالب، تصنيفات، بيماري ۽ وصال جهڙا عنوان قائم ٿيل آهن تہ گڏوگڏ فقير قادر بخش 'بيدل' جون سچل سائينءَ جي وفات تي چيل هڪ سنڌي، ۽ فارسي تاريخون پڻ ڏنيون ويون آهن. اهڙي ريت سچل سائينءَ جي دؤر جي سياسي، مذهبي ۽ ادبي ماحول بابت پڻ لکيو ويو آهي تہ ان سان گڏ سچل جي شاعريءَ جي موضوعن ۽ صنفن بابت پڻ حامي صاحب قلم ڪٽندي سنڌ جي 18 عالمن جا سرمست سائينءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت رايا پڻ ڏنا آهن.

ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ جيڪي مقالا سهيڙيا ويا آهن، سي موضوع، مواد ۽ پيشڪش جي حوالي سان ۽ اهم آهن ڇاڪاڻ جو انهن مان سچل سائينءَ جي زندگي، فن ۽ فڪر بابت چگي جاڻ ملي ٿي، اهڙن مضمونن، مقالن ۾: محمد يعقوب چانگ: سچل سرمست جو خاندان، لطف الله بدوي: سچل سرمست جي حياتي، عبدالحق زيب: سچل سرمست جي سوانح حيات، قلندر بخش 'نثار' مرزاپوري: درازن جو ديدار، قاضي علي مردان درازي: سچل سائينءَ جا ادبي تبرڪات، پير علي محمد 'اظهر': سچل سرمست، شيخ عبدالرزاق 'راز': سچل سرمست - منصور ثاني، مولوي محمد صادق راڻيپوري: سچل سرمست - سنڌ جو منصور، فقير رجب علي درازي: سچل سرمست جون تصنيفون، خورشيد احمد علوي: سچل سائينءَ جا سوانح نگار، حڪيم محمد صادق راڻيپوري: سچل بابت هڪ غلط روايت، شيخ ايار: سچل سرمست جي عظمت، احسان بدوي: سچل سائينءَ جو اردو ڪلام، شفيع احمد علوي: سچل سرمست جو فارسي ڪلام، رشيد احمد لاشاري: سچل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام شامل آهن. نثار مرزاپوري جو مضمون درازن جي سفر جي روئداد آهي جنهن ۾ مصنف تاريخي ڳالهيون ۽ بيان ڪندو ويو آهي، جيڪي دلچسپ پيرائي ۾

آندل آهن. شيخ عبدالرزاق 'راز' ۽ مولانا صادق راڻيپوري پنهنجن مقالن ۾ سچل جي ڪلام تي حضرت حسين بن منصور حلاج جي اثر کي پرکيو آهي. شيخ اياز جي صدارتي تقرير ۾ سرمست سائينءَ کي انسانيت جي پلائيءَ ۽ ايڪي جو درس ڏيندڙ شاعر طور پيش ڪيل آهي، ساڳيءَ ريت اردو، فارسي ۽ سرائڪي ڪلام بابت ترتيب وار مقالا ڏنا ويا آهن.

سچل بابت حامي صاحب جي مقالن جا موضوع پڻ منفرد آهن، جن ۾: 'ڪجهه غلط روايتون'، 'هڪ وضاحت'، 'سچل جو ڪلام ۽ ان جا ناشر'، 'سچي سان گڏ ڪچو ڪلام'، 'سچل جي اردو شاعري'، 'سچل سائينءَ جو فارسي ڪلام' ۽ 'سچل سائينءَ جو آفاقي پيغام' شامل آهن.

سرمست سائين بابت حامي صاحب جو هي ڪم 1959ع کان 1981ع تائينءَ جو آهي جن ۾ پيش ڪيل موضوع پنهنجي وقت اندر نرالا ۽ منفرد آهن انهن موضوعن هيٺ سچل سائينءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت نِت نوان بحث ۽ نڪتا اڀاريا ويا آهن. بنيادي طرح انهن عنوانن تي ايجا به تفصيل سان ڪم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي ته درازي درويش بابت ڪا وڌيڪ نرالي تحقيق سامهون اچي سگهي.

(2) مواد جي پيشڪش / تحقيق جو طريقيڪار:

ڊاڪٽر حامي، ڪتاب 'درازن جا درويش' ۾ پهريون دفعو سچل يا ان جي خاندان بابت تحقيق جي طريقيڪار لاءِ هڪ اهم نڪتي طرف ڏيان ڇڪايو. هُن سچل جي ڏاڏي، مرشد خواجه محمد حافظ المعروف ميان صاحبڏني جي زندگيءَ بابت سچل سائينءَ جي مثنوي 'راز نامي' جو حوالو آندو آهي. هي سڀ کان مضبوط دليل آهي ته سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي خاندان جي بزرگن بابت ڇا فرمايو آهي ۽ اِن طرف سڀ کان پهرين اسان جو ڏيان حامي صاحب، سال 1959ع ۾ ڇڪايو. ساڳئي طرح خواجه عبدالحق بابت اسان وٽ ايجا تائين ڪو تحقيقي ڪم نه ٿيو آهي. حامي صاحب ان بابت پڻ مواد پيش ڪيو

آهي تہ گڏوگڏ ان جي فارسي شعر جو نمونو بہ ڏنو آهي. ائين بہ سرمست سائينءَ جي ڪلام ۾ خواجہ عبدالحق جو ڪيترن ئي جاين تي ذڪر اچي ٿو پر اسان ايا تائين اُن بابت ڪو الڳ مطالعو نہ ڪيو آهي. حامي صاحب، سچل جي مثنوي 'راز نامي' مان خواجہ صاحب بابت هڪڙو شعر حوالي طور پيش ڪندي لکي ٿو (2):

'پاڻ ڪڏهن ڪڏهن سالڪن کي پنهنجي سلوڪ جا سبق سمجهائيندي، في البديهہ شعر بہ چئي ويندو هو. شعر ۾ ڪٽي پنهنجو سجو نالو ۽ ڪٽي پنهنجو تخلص 'خاڪي' آندو اٿس، سنڌيءَ ۽ فارسي ۾ ڪيترين ئي مداجون چيون اٿس، ڪڏهن ڪڏهن غزل جي زمين ۾ بہ طبع آزمائي ڪري هم اوست جو سُر آلاپيو اٿس.'

اهڙي ريت سچل سائينءَ جي سؤٽ ۽ مرشد سخي قبول محمد اول جو شعر بيدل سائينءَ جي ڪتاب 'سند الموحدين' مان نقل ڪيو آهي تہ ٻئي طرف درازي خاندان جي ٻين شاعرن بابت لکندي سندن شعرن جا مثال پڻ قلمي نسخن تان اُتاري پيش ڪيا ويا آهن.

سچل سرمست جي ڪلام بابت پڻ حامي صاحب قلم کڻندي ان وقت (1959ع) تائين اٺيچيل ڪلام: (1) بي انداز سنڌي، سرائڪي ڏوهيڙا ۽ ڪافيون، (2) مرثيہ، (3) جهولڻا، (4) مثنوي قتل نامي، (5) مثنوي رهبر نامي، (6) راز نامي، (7) گداز نامي، (8) مثنوي تار نامي، (9) ساقي نامي جو ذڪر ڪيو آهي (3). جڏهن تہ اُن کان اڳ مرزا علي قلي، آغا صوفيءَ، نماڻي فقير، عثمان علي انصاري ۽ صادق راڄپوري وارن رسالن ۾ درازي شاهہ جو سنڌي، سرائڪي ۽ ريختہ ڪلام شايع ٿي چڪو هو؛ پر حامي صاحب جي بيان کان پوءِ اسان جو اُن طرف بہ ڌيان ويو ٿو تہ سچل جي سنڌي، سرائڪي شايع ٿيل ڪلام کان علاوه ايا وڌيڪ ٻيو ڪلام بہ آهي جيڪو شايع نہ ٿيو آهي، اهڙي ريت سچل جا مرثيا ويجهي دؤر ۾ راقم ترتيب ڏئي مٿس مقدمو لکي سال 2014ع ۾ ثقافت ڪاتي، حڪومت سنڌ طرفان شايع ڪرايا. سچل جو جهولڻو ۽ جهولڻو ڪافيون سندس شايع ٿيل ڪلام ۾ موجود آهن.

حامي صاحب واري راءِ کان پوءِ سچل جي چيل ڪجھ وڌيڪ جھولڻن بابت شڪ پيدا ٿئي ٿو يا اھا ڪا غلطي آھي اِت ذڪر سچل جي گھڙوليءَ جو اچڻ گھربو ھو ڇاڪاڻ جو اڄ تائين سرمست سائينءَ جي گھڙولي ڪنھن بہ رسالي ۾ شايع نہ ٿي آھي. مثنوي 'قتل نامو' جو ذڪر پڻ منجھائيندڙ آھي ھي سنڌي مثنوي آھي يا فارسي اُن بابت ڪا بہ خبر نہ آھي ۽ نہ ئي ڪنھن ڇاپي رسالي ۾ موجود آھي. سائينءَ جي فارسي مثنوين بابت پڻ سوچڻ جي ضرورت آھي ڇاڪاڻ تہ اڄ تائين اِھي فارسي مثنويون مستند انداز سان ڪٽي بہ شايع نہ ٿيون آھن. مرحوم قاضي علي اڪبر درازي، سچل سائينءَ جو ھڪ وڏو عاشق صادق ھو ھُن سڄي ڄمار درازي شاھہ بابت سوچيندي ۽ لکندي گذاري سندس ڪم تي عقيدت تمام گھڻي حاوي آھي تنھن ڪري ھو پنھنجي سموري پورھئي جي پاڻ بہ ڪا پرک نہ ڪري سگھيو. قاضي صاحب مختلف وقتن تي سائينءَ جون فارسي مثنويون سنڌي ترجمي سان ننڍن ننڍن ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪرايون، جنھن بابت علمي حلقن ۾ ڪافي اختلاف نظر اچن ٿا. عطا محمد حامي، سچل جي شارح جي حيثيت ۾ انھن مثنوين جو مثنويءَ جي فارم ۾ منظوم سنڌي ترجمو ڪيو پر پاڻ ڪٽي بہ نہ پنھنجن بنيادي ماخذن بابت لکيائين ۽ نہ ئي پنھنجن ترجمن سان گڏ اصل فارسي مواد شايع ڪرايائين تہ ٻئي طرف انھن مثنوين جو گھڻو اڳ درگاھہ درازي جي خليفي ھادي بخش مغل جي ڪيل منظوم ترجمي بابت بہ حامي خاموش آھي، ممڪن آھي تہ ڪيس انھن ترجمن بابت ان وقت ڪا ڄاڻ نہ ھجي. حامي صاحب جھڙي ھڪ ڏاھي ۽ سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪندڙ ھڪ محقق ائين ڇو ڪيو ان بابت مون وٽ ڪوبہ جواب نہ آھي.

ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ جيڪي 18 رايا درازي شاھہ بابت آندل آھن انھن جي ترتيب ان طرح رکيل آھي جيڪڏھن انھن سمورن راين کي گڏائي پڑھجي تہ سچل جي حياتي، فن ۽ فڪر بابت جامع معلومات حاصل ٿئي ٿي، مواد جي اھڙي دلڪش ترتيب حامي

صاحب جي تخليقي سگھ جي عڪاس آهي. انهن راين کي هڪ ئي مضمون ۾ هن طرح پڙهي سگهجي ٿو(4):

'منجھ سخن تنهنجي، الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبي جوش مستي ۾، مثل عطار هو
(بيدل)

سچل سائينءَ تي هميشہ الاهي عشق جو غلبو هوندو هو ۽ حال ۾ اچي ڪلام چوندو هو. سندس ڪلام تصوف جي متن تي آهي ۽ مضمون رڳو معرفت ۽ حقيقت بابت آهي. شاھ درازي جي شعر ۾ گھڻو ڪري سندس عشق جا اوچتا آلاپ ۽ الفت جا المست اُمنگ آهن. سچل جي ڪلام ۾ واڪا ڪري سوليءَ کي سڏيو ويو آهي. جھڙو جوش ۽ جلال، جواني ۽ جمال سندس باڪمال هستيءَ ۾ هميشہ نمايان هو، اهوئي جوش ۽ جذبو، جمال ۽ جلال سندس شعر ۾ ظاهر آهي.

سچل جي ڪلام ۾ عرفان، حق ۽ تصوف کان سواءِ وارداتِ عشق، هجر و وصال جو ذڪر ۽ عاشقانہ پيار الفت جون گالهيون بہ ملن ٿيون. (هو) دين ۽ بي ديني، ڪفر ۽ اسلام جي وچ وارا پردا عشق حقيقي جي آتش سان ڦٽا ڪري چڏي ٿو. (هن) جو ڪلام معرفت جو شراب آهي، جنهن سان دل مست ٿيو پوي. سندس ڪلام عين بي باڪي جو آئينو آهي ۽ منجھانس رندي ۽ مستي پئي ٻکي، ائين پيو پائنجي تہ گويا وجد ۾ اچي نچندي شعر چيو اٿس ۽ ذوق مان پڙھندڙ جي دل تي بہ اھڙي ئي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. ڪلام چوڻ وقت فقير صاحب حق جي سير ۾ مشغول هوندو هو، جتي فقط مستي ۽ محويت آهي.

(ائين کڻي چئجي تہ سندن) ڪلام توحيد ۽ معرفتِ الاهي جو وسيع ۽ بي نظير خزانو آهي. (جنهن ۾) بي ڊپائي ۽ بي

ڏڪي موجود آهي. سندس شعر اعليٰ خيال ۽ جذبي وارو آهي. سچو ڪلام عشق ۽ محبت جي سرمستين ۽ تصوف جي باريڪين سان معمور آهي.

(ڪمال آهي، سچل) مدهوشيءَ ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي ۽ هوش ۾ مدهوشيءَ جا راڳ آلاپيندو ٿو رهي، (ته) ڪٽي ڪٽي شطحيات بہ آهن، ورنہ سموري ٻي تصنيفات سوز گداز، درد ۽ غم سان پرپور آهي. سندس ڪلام جي خاص خوبي اها آهي جو نهايت آساني سان هر خاص ۽ عام جي فهم ۾ جلد اچي سگهي ٿو.'

سچل بابت لکندي ۽ پڙهندي حامي صاحب جيڪو انداز اختيار ڪيو اهو پنهنجي دؤر ۾ گهٽو منفرد هو ۽ هن جي ڪم تي عقيدت جو ڪوبہ اثر موجود نہ آهي هن هڪ محقق طور سچل بابت پوري سچائي ۽ ايمانداري ۽ پنهنجي صلاحيتن آهر تحقيق جو مڃيل طريقيڪار اختيار ڪيو ۽ اسان جو ان طرف ڌيان ڇڪايو تہ سچل يا ٻين ڪلاسيڪل صوفي شاعرن بابت اِن انداز سان بہ تحقيق ڪري سگهجي ٿي.

(3) ڳالهہ ڪي وزنائتي بنائڻ لاءِ ڏنل دليل يا ڪيل بحث

حامي صاحب هڪ آزاد خيال ۽ وسيع سوچ ۽ گهري مطالعي وارو شخص هو هن جڏهن سچل سائينءَ جي فڪر جي تشريح ٿي ڪئي تہ منجهس سمايل سمورين خوبين کي بيان ڪيو هن ڪيس فقط هڪ توحيدي شاعر ثابت نہ ٿي ڪيو پر تصوف جي ان وسيع سوچ کي بہ عيان ڪيو جنهن تحت انسان، انسانيت ۽ انسان شناسيءَ جهڙا نڪتا هن سچي سائينءَ جي ڪلام مان نروار ڪيا ڇاڪاڻ تہ تصوف جي اندر انسان ۽ انسانيت جي ئي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي. صوفيءَ جي نظر ۾ الله پاڪ رب العالمين آهي ۽ ان جو محبوب حضرت محمد ﷺ رحمة العالمين آهي يعني عاشق (الله) پوري عالم جو رب آهي ۽ معشوق (محمد ﷺ) سموري عالم لاءِ رحمت جو سبب آهي. سچل سائينءَ جي فڪر تحت انسان ڪائنات ۾ سڀ کان اعليٰ ۽ اشرف

مخلوق آهي ۽ ان جو رتبو اهو آهي تہ الله جي سمورن ملائڪن عزازيل کان سواءِ ڪيس سجدو ڪيو تنهن ڪري انسان کي پنهنجي ان رُتبي، مرتبي کي ڪنهن بہ صورت ۾ وساريو نہ آهي. حامي صاحب، سچي سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود انهن سمورن ڳالهين جو بيان اثرائتي انداز سان ڪيو آهي (5):

'هو وحدت جو طبل وڄائيندي انساني برادري جي وسيع پيماني تي دعوت ڏئي، صوبائي عصبيت خواهہ مذهب جي فروعي ۽ منجهيل مسئلن کان سندس منزل مٿي آهي، هن وٽ هندي، سنڌي، پنجابي، پٺاڻ وغيره جي گروهہ بندي ڪانہ آهي، هو هر ڪنهن جي صورت ۾ پنهنجي محبوب جو مشاهدو ٿو ماڻي:

نہ بي ديني بندي ۾، نہ اسم اسلامي
هندي سنڌي ناهہ هي، هو شاهہ ناهي شامي
نڪا حرڪت هن کي، نہ ڪي آهي آرامي
خواجہ خدامي، پنهنجي ڪري پاڻ ٿو.'

هو جيڪا تشريح ڪري ٿو ان ۾ سچل جي نظر ۾ محبوب جو تصور وسيع معنيٰ ۾ ڪٽي ويجي ٿو ۽ گڏوگڏ ان جي ڪلام ۾ سمايل انساني اتحاد واري اهم نڪتي کي بہ واضح ڪيو آهي. حامي صاحب، سچل جي ان سوچ کي واضح ڪيو تہ هُن پنهنجي دور ۾ هندو مسلم اتحاد جو نعرو هنيو ڇاڪاڻ جو ان دؤر جي سياسي حالتن جي تقاضا اها ئي هئي تہ سموري قوم کي سمورا ويچا وساري هڪ ٿيڻ جي ضرورت هئي. حامي صاحب پنهنجي ڪتاب 'درازن جا درويش' ۾ ان حوالي سان لکي ٿو(6):

'ايتري فراخدل ۽ بين الاقوامي برادري جي مبلغ هجڻ جي باوجود سچل سائين ائين ڪڏهن بہ نٿي چاهيو تہ ڪا هڪ قوم دغا ۽ دولاب سان ٻي قوم تي غلبو حاصل ڪري ويجي، سندس زماني ۾ جڏهن فرنگي سياست جو ڇار سڄي

هندستان ۾ پکڙجي چڪو هو. جابجا سندس عياري ۽ مڪاري پنهنجو ڪم ڪري رهي هئي ۽ خود ملڪ کي حريص نگاهون پنهنجي آماجگاهه بڻائڻ لاءِ سوچي رهيون هيون تڏهن فقط هن شاعر جي دوربين ۽ موقع شناس نظر پنهنجي وطن واسين کي ايندڙ خطري کان خبردار ڪري رهي هئي ۽ هو وقت جي تقاضا موجب هندو مسلم اتحاد تي زور ڏئي بار بار پڪاري رهيو هو تہ:

وقت اهـا ٿـي ويـل، دوئـي دور ڪـرڻ جـي
ڪـي مذاهـب مـن مـان، سـاجـهـر سـاڻ سـويـل
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل
مـتـان ٿـئـي اويـل، اولـهـ سـج نـ الـهـي.'

اهڙي ريت سچل جي ڪلام جي تشريح ڪندي منجهس موجود عوامي رنگ جي حُسناڪي جا عڪس پڻ چٽيا اٿس. لکي ٿو(7):

'بولي جي سلاست ۽ بيان جي خوشي اسلوبي سندس ڪلام جون اهم خصوصيتون آهن، سندس روجهن وارو داستان خواهه سُر سارنگ ڪيس نيچرل يا فطرتي شاعري جو شهنشاهه ثابت ڪندا. حاصل ڪلام شاهه صاحب کان سواءِ سنڌ جو ڪوبه شاعر ڪنهن بہ لحاظ کان سچل جو مدِ مقابل ٿي نہ سگهندو:

ڏيڏي چونڪ جوئر جا نسري، ڳنا تن جا ماکي مصري،
ڪِيرن جو بہ خمار وو، آهن پيهي واري جي پونجار تي.'

'سچل جو ڪلام ۽ ان جا ناشر' مقالي ۾ حامي صاحب، درازي درويش جي ڪلام جي صحت بابت گفتگو ڪئي آهي. سائين جي ڪجهه ڪافين بابت ڪن محققن وٽ اهو خيال آهي تہ اُهي غزل آهن چاڪاڻ تہ هئيتي طور اُهي ڪافيون، غزل جي پران محسوس ٿين ٿيون پر جڏهن تہ موضاعتي طور اُهي ڪافيون ئي آهن. حقيقت ۾ سچل سائين شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ خاص طور ڪافيءَ ۾

ڪيترائي فني تجربا ڪيا آهن. لڳ ڀڳ 63 نمونا هن جي سنڌي سرائڪي ڪافيءَ ۾ ملن ٿا. ساڳيءَ ريت مذڪوره ڪافين ۾ عروض جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن ڪري ان جي ظاهري صورت غزل جهڙي پائنجي ٿي. حامي مرحوم ان حوالي سان لکي ٿو(8):

'حالانڪ سچل سائين فارسيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻي زبان ۾ غزل نه چيو آهي. سندس سنڌي ۽ اردو غزل نما ڪافين کي عروض جي بحرن تي پورو ڏسي، ڪي سچڻ غزل جو دوکو کائي ويا آهن. 'غزلن جي غنچي' واريون ٻئي موزون ڪافيون موسيقيءَ جي ماترائن تي چيل آهن جن کي فني خواهه معنوي لحاظ کان غزل کوڻي نٿو سگهجي. اهي ٻئي ڪافيون مرزا علي قلي بيگ واري رسالي جي صفحي 131 ۽ 156 تي، سُر جهنگلو ۽ سُر برووَ ۾ داخل آهن. انهن کي غزل سڏڻ، ادبي صنفن جي فني امتياز کي قائم رکڻ جي لحاظ کان، غلط ۽ نامناسب آهي.'

ساڳيءَ طرح سچل جي ريختہ ڪلام کي سنڌي ادبي بورڊ وارن جديد لکنوي اردو ۾ تبديل ڪري مولانا صادق راڄپوري جي ترتيب ڏنل 'سچل جي سرائڪي ڪلام' جي آخر ۾ شامل ڪيو. ڪلام جي اصليت کي ڦيرائڻ وارو اهو ڪم مرحوم رشيد احمد لاشاري جو ڪيل آهي جنهن جو ذڪر بورڊ وارن رسالي ۾ نه ڪيوآهي. (هت اها وضاحت ٻه ٽيڻ گهرجي ته بنيادي طرح لاشاري صاحب، سچل جي ڪلام جي اصليت کي ڦيرائڻ نه ٿي گهريو. بلڪ هن درازي شاهه جو سنڌي، سرائڪي ۽ ريختہ ڪلام اردو ۾ منظوم ترجمو ڪيو. ريختہ وارو معاملو ٻه ان طرح جو آهي، (اهي ترجما سندس اردو ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ شامل ٿيل آهن.) حامي صاحب لکي ٿو(9):

'سنڌي ادبي بورڊ طرفان سچل سائين جو سرائڪي ڪلام شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جي پچاڙي ۾ 'اردو ڪلام' جي عنوان هيٺ، پنجاهه غزل نما ڪافين کي غزل ٻڌائڻ تائين محدود هجي ها تڏهن ٻه وڏي ڳالهه نه هئي، پر هتي ستم

بالائي ستم اهو آهي جو سچل سائين جي ڪافين کي توڙي مروڙي، فارسيءَ جي تتبعي تي عروض ۾ آڻي، عجيب قسم جي اصلاح ۽ ڪئي ويئي آهي. نہ فقط ايترو، پر سچل سائينءَ جي استعمال ڪيل ان وقت جي قديم دکني اردو (ريختي) کي جديد لکنوي اردوءَ جو جامو پهرايو ويو آهي. گويا نادانيءَ واري دوستيءَ واري دشمنيءَ جو طريقو ورتو ويو آهي. مطلب تہ اصليت کي الڳ ڪري، نقليت جو نمونو پيدا ڪيو ويو آهي.

دراصل، اسان جي ڪلاسيڪي دور جي برگزيده شاعرن جي ڪلام ۾ ترميم يا اصلاح جو معاملو بيحد نازڪ آهي ۽ ڪنهن ۽ فرد توڙي اداري کي ان جو ڪو حق نہ ٿو پهچي. تحقيق جي صورت ٻي آهي، پر موقعي، جواز، ضرورت يا بهتريءَ بنا، ڪنهن ۽ قسم جي ڇڙواڳ قلمي ڪاروائي جو طريقو ڏاڍو نقصانڪار ثابت ٿيندو.'

ان بحث کي اڳتي وڌائيندي لکي ٿو(10):

'سچل جي باري ۾ جيڪڏهن اسان جو ارادو اردو دان طبقي کي اهو ثابت ڪري ڏيکارڻ آهي تہ اسان جو هي شاعر هڪ صديءَ اڳ جديد لکنويءَ اردوءَ ۾ شعر چوندو هو تہ اها ڳالهہ ناروا ۽ غيرصحتمند آهي، ان سان سچل جي عظمت ۾ ڪو اضافو ڪو نہ ٿيندو. بلڪ جيڪڏهن سچل سائينءَ جو اهو ئي اردو ڪلام ڪافين جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو تہ سندس عظمت ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ايندي.'

سچل جي ڪلام ۾ موجود صنفن جي حوالي سان ۽ اسان جي هن محقق نگاهہ ڪندي ان جي نواڻ يا انفراديت کي ظاهر ڪيو آهي. ائين ۽ سچل جي ڪلام ۾ صنفن جا ڪيترائي گهاڙيتا موجود آهن پر خاص طور ڪافيءَ کي اسان جي هن شاعر نئون اوج ۽ عروج بخشيو، منجهس ڪيترائي هئيتي تجربا ۽ ڪيا تہ لفظي ۽ فڪري دلڪشي ۽ پيدا ڪيائين. حامي صاحب ان حوالي سان لکي ٿو(11):

'سنڌ ۾ شاهه لطيف وائي ايجاد ڪئي ۽ صاحبڏني فقير انهيءَ وائيءَ کي ڪافيءَ جو رنگ ڏنو. سچل سائين وري انهي ڪافيءَ کي موسيقي جي مختلف سُرن ۾ آڻي سنڌي ادب ۾ هڪ نئين ۽ مقبول عام راهه کولي ڇڏي، سنڌي ۽ سرائڪي ڏوهيڙي کي به عروج تي پهچايائين.'

هي راءِ ته: 'شاهه لطيف وائي ايجاد ڪئي ۽ خواجه صاحبڏني وائيءَ کي ڪافيءَ جو رنگ ڏنو'؛ اهميت ڀري آهي، وائيءَ جي صورت شاهه سائينءَ کان اڳ شاهه عنات جي رسالي ۾ موجود آهي البته ڪافيءَ جي صورت واقعي به اسان کي خواجه صاحب کان اڳ نه ٿي ملي. وائي ۽ ڪافيءَ جي ابتدا ۽ هئيت بابت تفصيل سان لکڻ جي گنجائش موجود آهي.

سال 1981ع جي 'سرمست 1' ۾ ڇپيل سندن مقالي 'ڪجهه غلط روايتون' ۾ سچل جي هفت زبان شاعر هجڻ واري سراسر بي بنياد روايت کي پهريون پيرو رد ڪيو آهي. ان دؤر ۾ جڏهن سرمست سائينءَ بابت عقيدت مند انتها پسنديءَ تي پهتل هجن ان وقت ڀري محفل ۾ ان ڳالهه تي بحث ڪرڻ حاميءَ جهڙي ئي ماڻهوءَ جي همت هئي، هن نهايت مدلل ۽ سادي انداز سان دليل ڏنا آهن ته: 'سائينءَ جو ڪلام ستن زبانن جي بجاءِ چئن زبانن ۾ چيل آهي'. هن جي اها ڳالهه عقلي بنياد تي تسليم ڪرڻ جهڙي آهي. لکي ٿو(12):

'ڪنهن به ادیب، عالم، شاعر يا بزرگ سچل سائينءَ کي هفت زبان شاعر نه سڏيو آهي، بزرگ جو موجود ٿيل ڪلام به نه ٿو ٻڌائي ته ستن زبانن ۾ آهي.

... ... سندس ڪلام ۾ تضمين طور ڪٿي هڪ يا ٻه لفظ ڪنهن به زبان جا آهن ته ان شعر کي انهيءَ زبان جو نه ڄاڻبو.'

حقيقت به اها آهي ته سچل جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، ريختہ ۽ فارسيءَ ۾ موجود آهي، البته سندس ڪلام ۾ ٻين ٻولين جا به ڪيترائي لفظ شامل آهن، هو قرآن شريف جو حافظ، حديث ۽ فقہ جو ڄاڻو ۽ وڏو باعمل عالم، متقي ۽ زاهد هو تنهن ڪري سندس ڪلام ۾

قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ عربي مقولہ وغيره آيل آهن، انهيءَ بنياد تي اسان درازي شاهہ کي انهن ٻولين جو شاعر نہ ٿا ثابت ڪري سگهون.

حامي صاحب ان ڳالهہ کي بہ نهايت ڏيرج سان واضح ڪيو تہ سچل سائين فقط درگاهہ جو خليفو هو ۽ خليفي جي حيثيت ۾ هن جون جيڪي ذميواريون هيون سي سڀ هن بخوبي نڀايون (13). ان حيثيت ۾ بہ درازي شاهہ جو رتبو هر حوالي سان اهم ڏسجي ٿو ۽ شايد هي واحد درگاهہ هجي جيڪا اڄ خليفي جي سبب سڃاتي وڃي ٿي.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي جنهن دؤر ۾ سچل سائينءَ بابت ڪم ڪري رهيو هو ان وقت تائين درازي شاهہ بابت ان قسم جي تحقيق ظاهر نہ ٿي هئي. ائين ڪٽي چئجي تہ سچل بابت جديد تحقيق جا بنياد حامي صاحب ئي رکيا آهن.

سو سچل سرمست صوفي، سنڌ جو سردار هو،
وقت جو منصور بيشڪ، مرد منصبدار هو.

—

سربسر ثابت ڪيو، جنهن حق جي وحدت جو وجود،
جنهن صفا ٽوڙي ڇڏيو، باطل جي اسمن جو نمود.
(حامي)

نتيجا:

- عطا محمد حاميءَ جو سچل بابت پهريون ڪتاب سال 1957ع ۾ پڌرو ٿيو جيڪو مختصر هجڻ باوجود مواد، ترتيب ۽ پيشڪش جي حوالي سان منفرد آهي.
- پهريون پيرو حامي صاحب، سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود ڪجهہ اهم فڪري نڪتن، انساني اتحاد، خدا شناسيءَ سان گڏ خود شناسي، وطن سان اُنسيت، انسان دوستيءَ جهڙن موضوعن کي اُجاگر ڪيو.

- سچل جي خاندان جي حوالي سان خود سچل جي ئي ڪلام جا حوالا مطالعي هيٺ آندا ويا تہ گڏوگڏ فاروقي خاندان ۾ پيدا ٿيل ٻين شاعرن جو ذڪر سندن شعري مثالن سان گڏ ڪيو ويو.
- سچي سائينءَ جي ڪلام جي صنفن ۾ ان جي صحت بابت واضح مؤقف اختيار ڪيو ويو تہ سنڌي، سرائڪي ڪافي ۾ ڏوهيڙي کي فني ۽ فڪري خوبصورتي درازي شاهہ ئي بخشي.
- سچل بابت غلط قسم جي روايتن مثال طور: 'سنڌيءَ جو غزل گو شاعر'، 'هفت زبان شاعر' هجڻ بابت پڻ چنڊ چاڻ ڪندي انهن کي رد ڪيو.
- سچل بابت تحقيق جي هن طريقي مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ سمورن صوفي بزرگن ۽ شاعرن بابت پڻ ان طرح چنڊ چاڻ ڪري سگهجي ٿي.

هن جي تحقيق عام رواجي ۽ عقيدت جي نظر ٿيل ناهي جيئن اڪثر بزرگن بابت لکيل مواد نظر اچي ٿو. هن ڪرامتن کي بيان ڪرڻ بجاءِ عقلي بنياد تي پرک ڪري نتيجا حاصل ڪيا آهن.

■

حوالا:

(1) لعل بخش منگي (مرتب)، ڈاڪٽر عطا محمد حامي (33 ورسيءَ تي پڙهيل مضمون ۽ مقالا)، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2016ع.
(2) عطا محمد حامي، درازن جا درويش، ص 8، محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان، خيرپور ڊويزن، 1959ع.
(3) درازن جا درويش، ص 13، (حوالو اڳ آيل آهي).
(4) عطا محمد حامي (مرتب): سچل سرمست ص 5، پاڪستان پبليڪيشنز، 1964ع.
(5) درازن جا درويش، ص 17، (حوالو اڳ آيل آهي).

(6) درازن جا درويش، ص 18 (حوالو اڳ آيل آهي).
(7) درازن جا درويش، ص 21 (حوالو اڳ آيل آهي).
(8) عطا محمد حامي، سچل جو ڪلام ۽ ان جا ناشر، (مقالو)، ص 20، ماهوار نئين زندگي، ڊسمبر 1967ع.
(9) سچل جو ڪلام ۽ ان جا ناشر، (مقالو)، ص 21، (حوالو اڳ آيل آهي).
(10) سچل جو ڪلام ۽ ان جا ناشر، (مقالو)، ص 21، (حوالو اڳ آيل آهي).
(11) درازن جا درويش، ص 12 (حوالو اڳ آيل آهي).
(12) عطا محمد حامي، ڪجهه غلط روايتون، (مقالو)، ص 50-49، سرمست 1، سچل يادگار ڪميٽي، خيرپور، 1981ع.
(13) عطا محمد حامي، هڪ وضاحت، ص 54، سرمست 2، سچل يادگار ڪميٽي، خيرپور 1982ع.

يوسف يار نظارا اندر وچ...

(نانڪ يوسف بابت ٿيل تحقيق جو جائزو)

انسان جي شعور جي تاريخ جا ورق ايترا ته آڳاٽا، گهرا ۽ اٽ مٽ آهن جو اُن جا ڇڏيل نقش ڪنهن به صورت ۾ نه ته مَٽائي ٽا سگهجن نه ئي مِٽائي ٽا سگهجن. انسان جڏهن کان هن ڪائنات ۾ پنهنجي حيثيت کي سمجهيو اُن ڏينهن کان هُن پنهنجي اظهار جا ڪيترائي روپ اختيار ڪيا اهڙي ريت اُن جي اظهار جا اِهي انداز آهسته آهسته پنهنجي پٽيان گهرا نشان ڇڏيندا ويا جنهن جي رهنمائيءَ ۾ پوءِ ايندڙ نسل اڳتي وڌندا رهيا آهن. ڪائنات جو هي ارتقاءَ وارو اصول اڄ به پنهنجي وجود اندر پرپور اهميت ۽ گهرائي رکي ٿو.

انسان جي ڇڏيل نقشن تي هلڻ جو رواج به انسان جي فطرت ۾ شامل آهي ته ساڳئي وقت ان کان بغاوت جو رواج به ڪائنات جي هُن ارتقائي اصول جي روح موافق آهي. سو جڏهن هِن سڄي ڪائنات تي نگاهه وجهجهي ٿي ته هر لمحي هڪ نئون تضاد ڪائنات ۾ اُپرندي نظر اچي ٿو ۽ هر ٻئي لمحي اُن تضاد جي نتيجي ۾ عارضي طور طئ ٿيل شين جي هڪ نئين صورت ۾ نظر اچي ٿي. انساني ذهن ڪائنات جي هِن ظاهر ظهور وڌي ڳجهه کي جانچڻ، پروڙڻ ۽ اُن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل معروضي ۽ نفسياتي حالتن بابت سوچيندو رهي ٿو ته گڏوگڏ ڪائنات ۾ مقرر ٿيل انسان جي حيثيت، اهميت ۽ اُن جي ڪردار بابت پڻ سوچيو وڃي ٿو ته آخر ڪهڑي سبب هن وسيع ڪائنات کي تخليق ڪيو ويو ۽ اُن ۾ ٻين مخلوقات سان گڏ رَب تعاليٰ پنهنجو پرتوو انسان جهڙي مخلوق کي ٻڌايو ۽ مٿس 'امامت' جو بار رکي سموري مخلوقات ۾ اشرف ٻڌايو ويو.

هر خطي جي فلاسافرن، ڏاهن، انسان شناسن پنهنجي پنهنجي حالتن ۾ ذهانت مطابق ويهي ڪائنات جي هن سڄي نظام بابت پئي سوچيو آهي. ننڍي کنڊ جي اهڙي شعوري تاريخ ۾ جتي ٻيا ڪجهه نالا کڻي سگهجن تا اُتي سنڌ جي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو اُن ڪري بنهه نرالو ۽ منفرد نظر اچي ٿو جنهن پنهنجي دؤر ۾ خاموش بغاوت طور پنهنجي شاعريءَ جو تاجي پيٽو پنهنجي دؤر جي حالتن ۽ پنهنجي ڪمال ذهانت سان ويهي اُٽيو آهي. هن مذهب، فرقي، رنگ، نسل، ذات پات کان مٿانهون ٿي انسان بابت ۽ هن ڪائنات ۾ انسان جي قائم ٿيل رُتبي بابت نه رڳو ويهي سوچيو پر گڏوگڏ اُن جو اظهار انتهائي گهرائي، گنڀيرتائي سان ويهي ڪيو آهي. هن جي انهي انداز ڪيس هن کان اڳ پيدا ٿيل سمورن اهڙن ڏاهن ۾ منفرد ڪري بيهاريو جن انسان ۽ ڪائنات بابت سوچيو آهي.

شاهه لطيف کان پوءِ سندس ننڍي همعصر سڄل سرمست اُن جي رائج ٿيل روايتن کان اظهار جي حد تائين بغاوت ڪندي ڪلم ڪلا ۽ بي ڊپائيءَ وارو هڪ نرالو انداز اختيار ڪيو جنهن ۾ هن انسان ۽ خدا جي وچ واري وٿيءَ کي وڏي واڪي قبولڻ کان انڪار ڪيو. سڄل جو اهو انداز ۽ ڍنگ پنهنجي دؤر جي حالتن مطابق اُگرو هجڻ باوجود عوام جي زبان بنجي ويو. اهڙي ريت سندس ذات جي مقناطيسي اثر هيٺ اسان سندس دؤر جا ڪيترائي ڏاها ڏسون ٿا، توڙي جو سڄل ڪڏهن به مرشدي جي مسند تي نه وينو پر باوجود اُن جي سندس چوڏاري شاعرن، عالمن، حافظن ۽ ڏاهن جا شمع تي پروانن جيان ميڙ موجود هئا. انهن سمورن ساڃاهه وندن پنهنجي روحاني رهبر سڄل جيان ويهي شاعريءَ کان تلوار ۽ ماٺهن جي ذهني تربيت وارو ڪم ورتو، تنهن ڪري انهن سمورن کي فقط شاعر نٿو چئي سگهجي بلڪ اِهي ڏاها آهن جن پنهنجي ڏاهپ مان اُهو ڪجهه ڇڏيو جنهن کي سانڍڻ، سموهڻ ۽ عام ڪرڻ جو ذمو نه فقط هِن دؤر جي ڏاهن تي واجب آهي پر هِن وقت جي انتشاري حالتن ۾ اهو فڪر رهبري ۽ رهنمائي جو سبب پڻ بڻجي ٿو ڇاڪاڻ جو اِن فڪر جو بنياد ڪائنات، انسان ۽ فقط انسان آهي!

جي تو جاتو پاڻ، تہ آءٌ ٻيو ڪو آهيان
ڪندءِ غرق گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾

ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا
(سچل)

سچل سائينءَ جي اهڙن طالبن / ٻالڪن ۾ فقير نانڪ يوسف جو نالو ڪانئس پوءِ جي شاعرن ۾ اُن ڪري به خاص اهميت رکي ٿو جو هِن فقير جي ڪلام ۾ سچل سائينءَ جي فڪر جو ڀرپور عڪس پسي سگهجي ٿو. ساڳيو فڪر، ساڳيا خيال، ساڳيا گهاڙيٽا هنن ٻنهي شاعرن وٽ گهٽي حد تائين هوبهو ملن ٿا. نانڪ يوسف، سچل جي ئي اثر هيٺ رچي ريٽو ٽيو ۽ پوءِ جيڪو ڪجهہ پنهنجي زبان سان ظاهر ڪيائين اهو ڪنهن به طرح پنهنجي هادي رهبر جي اثر کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو پر باوجود اُن جي نانڪ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ پڻ قائم ڪئي آهي جنهن جو بنياد سندس شاعريءَ جي لفظي موسيقي آهي. دنيا جي ڏاهن جي اصول مطابق اُهو شعر زندهہ رهي ٿو جيڪو عام جي دلين ۾ گهر ڪري وڃي ۽ شاعر کي اُن مقبوليت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هيٺين ٻن ڳالهين جو خاص خيال رکڻو پوي ٿو:

ٻوليءَ جو سادو، سلوڻو ۽ مترنم استعمال، چاکاڻ تہ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ تي شعر جو جيڪو ٻهريون اثر ويهي ٿو ان کي قائم ڪرڻ ۾ شعر جي زبان جو اهم ڪردار ٿئي ٿو. تنهن ڪري شاعر جيڪڏهن پنهنجي شعر جي زبان سادي، آسان ۽ عام فهم نہ اختيار ڪندو ۽ منجهس رواني، سلاست پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ لفظن جي خوبصورت چونڊ (جنهن جا آواز لسا ۽ دل ليائيندڙ هجن) ۽ منجهس خوبصورتيءَ طور تشبيهن، استعارن ۽ ٻين شعري صنعتن جو به وافر مقدار اهڙي ريت استعمال هيٺ آيل هجي جنهن سان شعر ۾ لفظي موسيقي پيدا ٿيندي هجي.

فڪري طور تي شاعر جو شعر عوام جي مسئلن، مامرن ۽ انهن

جي حالتن سان سلهاڙيل هجي، جنهن ۾ انهن جي مذهبي، معاشي، سماجي، سياسي ۽ تهذيبي ۽ تمدني حالتن جي جهلڪ ۽ مسئلن جو حل ۽ انساني سپاڻ موافق شاعر جو اظهار خاص اهميت رکي ٿو.

هنن ٻنهي متين اهم ڳالهين جي هجڻ سبب ئي هڪ شعر پنهنجي اندر ۾ آفاقيت پيدا ڪري ٿو ۽ هو عام تائين پهچي ماڻهن جي دلين ۾ سمائجي زندهه ٿي وڃي ٿو. اسان جي شاعر نانڪ يوسف جو ڪلام پڻ انهن ٻنهي متين نقطن تي پورو لهي ٿو. تنهن ڪري لڳ ڀڳ 164 سال گذرڻ کان پوءِ به فقير سائينءَ جي ڪلام جي اهميت ۽ مقبوليت ۾ اضافو ٿيندي ئي نظر اچي ٿو.

من تانگهه لڳي من تانگهه لڳي، واري جاوان سجڻان دي،
فرقت فرقت رين پاوت، درسن دياوت ديا

لرج لرج موري هينڙو ماهين، گرج گرج تن برهين باهين
سمرت سمرت امرت امرت، پاوت گاوت پريم پديا

نڪ نڪ نينڪ عين پياري، جهمڪن ڏمڪن درد بيچاري
برشت برشت ابر عنايت، ڪهاهي يوسف پيا. (1)

فقير نانڪ يوسف جي ڪلام جي ڇپائيءَ جو پهريون توجهه سڀ کان اول محترم ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ٿيو جنهن صاحب لڳ ڀڳ اَڻ قلمي نسخن جي مدد سان نانڪ يوسف جو رسالو ترتيب ڏنو، جنهن ۾ سنڌي، سرائڪي، ريختو، هندي ۽ بلوچي زبان ۾ چيل نانڪ يوسف جو ڪلام سهيڙي، سموهي، سڌاري ۽ وڏي مٿاڪٽ سان ترتيب ڏئي سال 1983ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جامشوري طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو جنهن جي منڊ ۾ ڊاڪٽر صاحب پرپور علمي مقدمو پڻ لکيو، جنهن ۾ نانڪ يوسف جي زندگيءَ جي احوال کان وٺي وفات ۽ سندس شاعريءَ بابت تفصيل سان گفتگو ڪئي وئي. هي مواد پهريون دفعو ڇاپي صورت ۾ فقير نانڪ يوسف بابت پڌرو ٿي علمي، ادبي

حلقن ۾ وڏو مان حاصل ڪيو ڇاڪاڻ جو هي پهريون پيرو هو جو نانڪ يوسف جي زندگيءَ جا حالات ۽ سندس وڏي حد تائين ڪلام ڇپجي پڌرو ٿيو. لڳ ڀڳ 31 سالن بعد راقم جي ذاتي دلچسپيءَ سبب هي رسالو ساڻئي اداري طرفان جولاءِ 2014ع ۾ ٻيهر پڌرو ٿيو. جنهن ۾ راقم، نانڪ يوسف جو هٿ آيل سنڌي، سرائڪي، ريختو ۽ هندي ڪجهه وڌيڪ ڪلام هن نئين ڇاپي ۾ ضميمي طور شامل ڪيو ته ساڻئي وقت نانڪ يوسف بابت ميان محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومري جي لکيل پهرئين تحريري دستاويز کي پڻ ضميمي طور داخل ڪيو آهي. موسيٰ سومري وارو هيءُ قلمي مواد شروعات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪجهه ضروري سڌارن سان سنڌالاجيءَ جي تحقيقي جرنل 'علمي آئيني' ۾ سال 1973ع ۾ شايع ڪيو. جنهن کي بعد ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي مقدمي ۾ بنيادي ماخذ طور شامل رکيو. هت مختصر طور نانڪ يوسف جي ڪلام جي انهن سمورن ماخذن جو تعارف پيش ڪرڻ کو اجايو نه ٿيندو جيڪي ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ راقم هن علمي ذخيري کي بار بار سهيڑڻ جي دوران پنهنجي سامهون رکيا آهن ته گڏوگڏ هن گفتگوءَ کان پوءِ اسان اهو به ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اڄا فقير سائينءَ بابت ڪهڙا رخ تحقيق جي دائري ۾ نه اچي سگهيا آهن يا ڪهڙن پهلوئن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن کان اڳ سنڌ ۽ هند جي نامياري عالم ۽ محقق ڄينمل پرسرام گدراجاڻي، نانڪ يوسف بابت ورهاڱي کان گهڻو اڳ لڳ ڀڳ 1922ع ۾ هڪ اهم ڪتاب 'نانڪ يوسف' جي نالي سان لکيو. جنهن ۾ نانڪ يوسف، درازا، نانڪ ڪيئن؟، سنڌ صوفي ترويٽي، دين مذهب، نانڪ يوسف جو شعر، مسئلي حال (انيئي احوال)، درد چڙهائي چاڙهي، حيرت ۽ حق، ايڪو، شاديءَ جو شان، عشق، حُسن، نانڪ يوسف جي ڀاڻي، گرڪي ڀاڻي ۽ ڀاڻي هنن ننڍين ننڍين عنوانن هيٺ فقير سائينءَ جي زندگي، فڪر بابت گفتگو ڪرڻ سان گڏوگڏ موضوع وار سندس ڪلام جون ستون پڻ ترتيب ڏنيون ويون آهن. هي ڪتاب دادا ڄينمل

جي دنيا چڏڻ کان گھٽو پوءِ يعني ويجھي دؤر ۾ اپريل 2007ع ۾ سنڌ ۽ هند جي نامياري عالم ’نند چڱاڻي‘ جي ذاتي دلچسپيءَ سبب سنڌي ساهت گھر حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي محنت پڻ فقير نانڪ بابت لکڻ ۽ پڙھڻ جي حوالي سان خاص ڏيان لھي ٿي.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جا استعمال کيل قلمي ماخذ:

ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪلام جي سھيڙ دوران جيڪي قلمي بياض پنھنجي مطالعي ۽ مشاھدي ھيٺ آندا انھن جو تعارف ھن طرح ڪرائي ٿو.

ماستر محمد موسيٰ سومري جو بياض:

هي بياض سنہ 1901ع ڌاري لکيو ويو. جيڪو زبون حالت ۾ محترم خادم حسين عباسيءَ کان ڊاڪٽر تنوير تائين پھتو. هي بياض 413 صفحي کان شروع آهي ۽ اڻيان ورق قائل اٽس. ھن بياض ۾ نانڪ يوسف کان سواءِ ٻين شاعرن جھڙوڪ: شاھ لطيف، سچل سرمست، بيدل، بيڪس، شاھ نصير، روحل فقير، دريا خان، مراد فقير، صوفي خير محمد ھيسباڻي، عثمان سانگي، چتو سانگي، غلام حيدر شر، مينگھو شر، قائم فقير شر ۽ ڪيترن ئي ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ آهي.

ماستر عبدالوهاب شر وارو نسخو:

هي نسخو ماستر درگاهي فقير چني 1359ھ (1940ع) ۾ لکيو. ھن نسخي ۾ ڪل 535 ڪافيون آھن. ھن نسخي جا ٻہ پھريان ورق قائل آھن ۽ ڪافي نمبر 154 کان شروع ٿئي ٿو. ھن ۾ ڪتابت جون ڪيئي چڪون آھن.

غلام علي مغل وارو نسخو:

هي نسخو خليفي هادي بخش شڪارپوريءَ واري نسخي تان اُتاريل آهي، جيڪو سڀ کان آڳاٽو ۽ معتبر نسخو هيو. ان ڪري اهو نسخو نانڪ يوسف جي ڪلام جو صحيح ۽ معتبر ماخذ آهي. اهو نسخو 1927ع ۾ اتاريو ويو.

خادم حسين عباسيءَ وارو نسخو:

هي نسخو فقير خدا بخش عباسيءَ جي نسخي تان ورتل آهي، جيڪو سندس پوٽي خادم حسين عباسي اتاريو. خادم حسين عباسي، نانڪ يوسف جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ ڪيس نانڪ يوسف جو اڪثر ڪلام برزبان ياد آهي. ان ڪري هي نسخو به پروسي جهڙو تصور ڪيو وڃي ٿو.

عبدالرحمان تنئي وارو نسخو:

هن نسخي تي ڪافي محنت ٿيل آهي ۽ محترم عبدالرحمان تنئي سنڌي، سرائڪي ۽ ريختو ڪلام ڏار ڪري لکيو آهي ۽ روايتن تي مشتمل سوانح عمري پڻ لکي آهي. پر هن نسخي ۾ ڪلام گهٽ آهي.

عطا محمد حاميءَ وارو نسخو:

هي نسخو هوبهو عبدالرحمان تنئي واري نسخي جهڙو آهي ۽ ڪلام پڻ ساڳي ئي نموني ترتيب ڏنل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو گڏ ڪيل مواد:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيترن ئي ڪافين کي فقير خدا بخش عباسيءَ واري نسخي تان سوڌي سنواري لکيو آهي. جيڪو مواد محترم خادم حسين عباسيءَ ۽ ماستر محمد بخش سومري، ڊاڪٽر تنوير تائين پهچايو.

ماستر محمد حسين پنّيءَ وارو بياض:

هي بياض به ڪافي پراڻو ٿو پائنجي ۽ ان تي تاريخ لڳل ڪانه آهي. ان ۾ نانڪ يوسف، هيمن، بيدل ۽ بين سچل سرمست جي طالبن جو ڪلام آهي (2).

ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جا استعمال ڪيل قلمي ماخذ:

نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو:

ڊاڪٽر نواز علي شوق وٽان مليل هن نسخي ۾ فقط نانڪ يوسف

جو ئي ڪلام گڏ ٿيل آهي، جنهن ۾ 63 سنڌي بيت، 107 سرائڪي ڏوهيڙا، 183 سنڌي ۽ 251 سرائڪي ڪافيون، 79 سبد / شبد هندي ۽ 33 ريختي ۽ سنڌي ۾ مداح ۽ منقبت بہ موجود آهي. جڏهن تہ 102 سنڌي ڪافيون نسخي جي ختم ٿيڻ بعد بيهر شامل ڪيون ويون آهن. سبد / شبد هندي جي عنوان هيٺ هن نسخي ۾ اهڙو بہ ڪلام شامل آهي جيڪو ڊاڪٽر تنوير واري ڇاپي رسالي ۾ ريختا طور شامل آهي جنهن جو تعداد 43 آهي. هن نسخي ۾ فقير نانڪ يوسف جي نالي سان 3 فارسي غزل پڻ شامل آهن. جڏهن تہ هن نسخي ۾ فقير صاحب جو جهجهو ڪلام ڏسجي ٿو(3).

هن نسخي ۾ ڪن جاين تي خادم حسين عباسي جو نالو يا 1960ع جو سنہ لکيل آهي، درحقيقت هي اهو ئي ساڳيو نسخو آهي جنهن جو ذڪر اسان ڊاڪٽر تنوير جي ماخذن ۾ تي ڪري آيا آهيون. هن ۾ ڪجهہ اهڙو ڪلام بہ آهي جيڪو ڊاڪٽر تنوير اڳ ۾ پنهنجي سهيڙ ۾ شامل نہ ڪري سگهيو. ان لاءِ محترم خادم عباسي زباني روايت ڪري ٿو تہ: 'مذڪوره نسخو وٽس ئي پيل هو ڊاڪٽر صاحب واري سهيڙيل مواد کي مون ئي (خادم) هن نسخي سان پيٽيو ان مان جيڪو ڪلام ڇپجڻ کان رهجي ويو اهو سندس ئي نظر جي پُل چڪ هئي'.

اول ۾ راقم کي هن ڳالهہ جي ڄاڻ نہ هئي تنهن ڪري ڪلام جي ٻئي ڇاپي جي ضميمي ۾ ان نسخي لاءِ اهو خيال ظاهر ڪيو ويو تہ شايد هي مواد بعد ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ ڊاڪٽر تنوير تائين پهتو ئي ناهي. بهرحال هي مواد گهڻو اهم آهي هن ۾ ڪن جاين تي پڙهڻيون بہ جدا آهن.

سيد عطا حسين شاهہ موسوي جو گڏ ڪيل نانڪ يوسف جي ڪافين جو ذخيرو:

سنڌ جي نامور تعليمدان، اديب ۽ محقق سيد عطا حسين شاهہ موسوي، نانڪ يوسف جي ڪلام کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ورتي.

سندن لائق پوتي محقق ۽ اديب انجنيئر سيد عبدالحسين شاھ موسوي وٽان سائين جي گڏ ڪيل ڪافين جا رھجي ويل انھن صفحا مليا، جن جي ھرھڪ صفحي تي ھڪ ھڪ ڪافي اُتاريل آھي، جيڪي پنجونجاھ صفحي نمبر کان شروع ٿي ھڪ سؤ چويھ (126) تائين پھچن ٿا، شروعات ۽ پڇاڙ وارا باقي صفحا غائب آھن، ھن ذخيري ۾ 27 سنڌي، 25 سرائڪي ۽ ھڪ بلوچي ڪافي شامل آھن جڏھن تہ 8 ريختا ۽ 6 ھندي ڪلام بہ موجود آھن. ھن ذخيري مان ھڪ ريختي ڪلام اھڙو مليو جيڪو اڳ ڪتاب ۾ شامل ناھي (4).

محمد پنھل ڏھر جي تحقيق:

ھن تحقيق ۾ ٽن قلمي بياضن ۽ ھڪ ڇاپي ڪتاب مان استفادو ڪندي نامياري محقق محمد پنھل ڏھر ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان رھجي ويل پنج سنڌي ۽ يارنھن سرائڪي ڪافيون منظر تي آندیون آھن، ڏھر صاحب جن نسخن تان استفادو ڪيو آھي اُھي ھي آھن: (1) **قلمي بياض، مرتب: قمر الدين ڪلوڙ شھيد** (مريد درگاھ پرچونڊي شريف لڳ ڏھرڪي) ھن بياض ۾ فقير سائينءَ جون 3 سنڌي ۽ 5 سرائڪي ڪافيون نيون آھن جيڪي اڳ ڇاپي رسالي ۾ شامل نہ آھن، (2) **درگاھ پرچونڊي شريف** تي رکيل ڪافين جي ھن قديم بياض ۾ 4 سرائڪي ڪافيون نيون آھن، (3) **قلمي بياض، مرتب: عالم سيده خاتون** (مريدياڻي درگاھ راشديہ پير ڳوٺ) ھن ۾ فقير سائينءَ جون بہ سنڌي ۽ ھڪ سرائڪي ڪافي نئين آھي، (4) **ڪافيون** (جلد پھريون)، **مرتب: ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**، سنڌي ادبي بورڊ، 1982ع، ھن ڪتاب ۾ فقير نانڪ يوسف جي ھڪ سرائڪي ڪافي نئين آھي (5).

ڈاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي جو تعارف:

ڈاڪٽر تنوير عباسي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ وڏي اھميت رکندڙ آھي ھن جو شاعراڻو اسلوب توڙي عالمانہ سوچ نہ رڳو ھن جي مقبوليت جو سبب آھي پر گڏوگڏ ڈاڪٽر صاحب، سچل سرمست ۽ اُن جي

سلسلي جي شاعرن بابت جيڪا علمي تحقيق پيش ڪئي سا بہ مان لهڻي. سندس اهڙي علمي ۽ تحقيقي ڪاوشن مان 'نانڪ يوسف جو ڪلام' بہ هڪ خاص اهميت رکي ٿو، جنهن ۾ نانڪ يوسف جو مختلف زبانن ۾ چيل ڪلام پهريون ڀيرو هڪ هنڌ يڪجاءِ ٿي پڌرو ٿيو. جنهن جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر صاحب، نانڪ يوسف بابت ننڍا ننڍا عنوان قائم ڪري اُن جي زندگي، دؤر ۽ شاعريءَ بابت ڀرپور نموني سان لکيو آهي، اهڙن عنوانن ۾: خاندان ۽ جنم، ننڍپڻ، تعليم، والد جي وفات ۽ تدريس جو مشغلو، جواني ۽ چلا، سچل سرمست سان ملاقات، ميرن سان تعلق، نانڪ جو لقب ملڻ، امرتسر جو سفر، نانڪ يوسف جي شخصيت، نانڪ يوسف جا صحبتي، نانڪ يوسف جا طالب، نانڪ يوسف جي وفات، نانڪ يوسف جون شاديون، نانڪ يوسف جو اولاد ۽ شجرو، نانڪ يوسف جي گادي، نانڪ يوسف جو ميلو، سياسي حالتون، ادبي ماحول، نانڪ يوسف جي شاعري، سچل سرمست جو اثر، سياسي حالتن جو اثر ۽ شعري خصوصيتون شامل آهن. متن ۾ 61 سنڌي بيت، 182 سنڌي ڪافيون، 125 سرائڪي ڏوهيڙا، 264 سرائڪي ڪافيون، 75 ريختو ۽ هندي ڪلام، هڪ بلوچي ڪافي ۽ 56 هندي ٻاٽيون شامل آهن.

هن ترتيب ۾ ڊاڪٽر صاحب مختلف قلمي نسخن کي پيٽڻ کان پوءِ ڪلام جي صحت کي تکي توري پيش ڪيو آهي جنهن سبب هن وقت تائين فقير سائينءَ جي گهڻي ٿڪي ڪلام جي پڙهڻين بابت ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ واريو ويو آهي. ترتيب جي حوالي سان ڪجهہ اوڻايون پڻ رهجي ويون آهن جنهن مطابق پهرئين ڇاپي ۾ سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ 55 ريختا يعني هندي ڪافيون آيل آهن جڏهن تہ هڪ ريختا ڪافي 'گُهنڊ ڪول مُک درسن وکا.....' سرائڪي ۽ ريختا ڪافين ۾ ٻنهي هنڌن تي آيل آهي. جڏهن تہ بلوچي ڪافيءَ کي ريختا ڪافين جي حصي ۾ شامل ڪيو ويو هو جنهن کي ڪو جدا عنوان ڏئي نہ رکيو ويو. راقم نئين ڇاپي ۾ انهن ڳالهين جي نشاندهي ڪئي ۽ ضميمي ۾ لکيل ٻنهنجي نوٽ ۾ اهڙي وضاحت پڻ

ڏني. ڊاڪٽر صاحب جي ڇاپي متن ۾ لکيل سرائڪي ۽ ريختا ڪافي وارن حصن ۾ حاشيا جيڪي راقم ڪتاب جي پروفن دؤران ته لکيا پر ڇپجي آيل ٻئي ڇاپي ۾ ترتيب جي اوٽاين بابت اهي حاشيا شامل نہ هئا جنهن جي ذميواري اداري تي اچي ٿي. هت انهن سرائڪي ڪافين ۾ رکيل 55 ريختا ۽ هندي ڪافين جا ٽلهہ رکاردِ جي درستگيءَ خاطر شامل ڪجن ٿا (6):

1. هم گروجي هم گيان، نانڪ لچمڻ ميرا نام ص 197
2. وهہ ديکا هي اسرار برهہ بازار، تماشا پل پل کا وهہ وا ص 198
3. لک لک بيک بناويگا، اپني ذات مٽاويگا ص 200
4. هي هرجا حڪم تمهارا، سڻ هادي حال همارا ص 201
5. يهي آدم ڪس ڪو نام، مولا ڪون ڪهاويگا ص 206
6. تال پخالي آيا هي وت، رنگ بيرنگي آيا هي ص 208
7. ڪڏان سوبرها مست خيالي، ڪڏان سو مسڪين چالي وهوا ص 209
8. پون بوراق اوپر هسواري، ڪيلت ڪيل مئن ڪرتي هون ص 209
9. پون بوراق ڏوڙايا عشقي، پاس ميري خوش آيا هي ص 210
10. عشق جاڳايا برهہ جاڳايا، آپ جڳايا درسن پايا ص 216
11. عشق ڪا واپار ڪرلي پائي، تم اٹ ڦرنا ڦرنا آوسين ص 217
12. رب هئہ رب هئہ رب هئہ، اس ڪي تعريف ڪهون مئن ص 224
13. هم خدا ۾ گم خدا هم ۾ درد ديوان هي ص 227
14. يا خدا تيري خدائي ديک دل حيران هي ص 228
15. سنو ايک بات برهي ڪي، برهہ ڪا پنٹ اپارا هئي ص 245
16. دين اسلام ديکا ميري پائي، ڈوهہ ثواب سيپي احوال ص 245
17. خبر سو ڪوٗن لي آويگا، عشق الله اسرار درد بن ص 249
18. دين مذاهب ڪو ڪي جانون ڪيسو همرو ڪام هئہ ص 249
19. اوران نون ڪي سمجها ويگا، سمجها ويگا من لاويگا ص 255
20. جسني بارا چايا هئي، عيبدار گنهگارون ڪا ص 261
21. من صاحب ڪي سات رلٹا، هو سات رلٹا ص 264
22. عشق امام همارا هئہ، هم دو جڳ يار نظارا هئہ ص 273

23. عشق بهاري ري من ميرا ص 273
24. ڪي ڪرون مين ديندارِي، رام سين دم رام هي ص 278
25. چلو تا چليئي مارو راج ص 284
26. جو مين محبوب بيرنگي، بهر صورت سجاتا هي ص 291
27. جائو ري شتاب جائو، پيتم ڪي پار ڪي ص 313
28. ڪر ڪا سجن هماري، ڪاري خدا ڪي واسطي ص 314
29. آن مرد قباش، بهر ڪوش آيا هي ص 315
30. مجھ سين بتاتا هي صنم، نؤ نؤ ڳوڙهي نين ص 315
31. دم عاشقون ڪا درد ۾، آرام رام هي ص 316
32. ديدار تو اسرار، مجهي دل آرام هي ص 317
33. اپني آپ ۾ آيا نهين، ڪوئي دوسرا جانو ص 317
34. دم دم ڏمال دم ڪي، ڪرتي نہ فراموش ص 318
35. ڪيسا سواد پايا، خاڪي ڪي گل چمن ۾ ص 318
36. ڪيفي ڪمال تيريان، نينان بيرنگ رنگ ص 319
37. سمجھ ڪي فنا، تہ رهو برھ بقارا ص 319
38. جانتا هي آپ سجن، درد ڪي ديوانگي ص 320
39. هڪ دن مولا ڪي نام، درسن وکا جاني ص 321
40. بيخبر هو هوڪي رهنا، معشوقان دي نال پلاجي ص 321
41. دم دم هي دم هي دم هي، جي بادشاهہ تماري بدن ص 322
42. نظر اندر گم هو جاوتي، صورت محبوب ۾ ص 322
43. دم آدم اضطراب هي، ڪو گهتي وجاٽا يار سياٽا ص 323
44. آئوسي ڪبي ڏولیا، سچي ڪهو ڪانگا بات هم سين ص 324
45. رقيبان ۾ پڙا رولا، تنهان گهر گهات ۾ بولا ص 325
46. ڪُچ نهين بازي دنيا ڪي، توري ڪاچي لاري ص 325
47. محبت من اندر مولا ڪ راکو، پريم راس چاکو ص 326
48. هماري يار ڪي بولا، ڪهوري قاصد تم ني ڪهو ص 326
49. يقين ڪر عشق چوگان ۾، بيادر بار ميدان هي ص 327
50. دين عشقا تارتا، هور دينداري چہ ڪاري ص 328

51. تجھ بن ڪوڻ ڪريگا، ميري مددگاري مصطفيٰ ﷺ ص 328
52. ٻڙي ٻڙي تقصيروار هون، ٻڙي ٻڙي مٽن عيبدار جي ص 330
53. ڏاڍا برھ پاکنڊي هي، آپ وچون جو ڪيڪي ديکا ص 330
54. مين حسن شهباز ڪي، دروازيٰ ڪا غلام هون ص 331
55. هم جيسا ملڪون ۾ پائي، نهين ڪو گنهگار ص 331

ڈاڪٽر تنوير عباسي، فقير سائين جي ڪلام جي ترتيب خبر ناهي ڪهڙي انداز سان رکي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ نانڪ يوسف جو ڪلام مڪمل طرح موسيقي سان پُر آهي، تنهن ڪري ان جي ترتيب بہ مختلف راڳ، راڳڻين جي بنياد تي رکڻ ڪپندي هئي. جڏهن تہ ڈاڪٽر صاحب مقدمي ۾ فقير جي ڪلام ۾ موسيقي جو خوب ذڪر ڪيو آهي. موسيقي جي هڪ انداز 'نرت - تال' جي حوالي سان لکي ٿو:

'نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ شاعراڻي موسيقيءَ جو هڪ عجيب ۽ نادر قسم ٿو ملي، جيڪو ڪانئس اڳ توڙي پوءِ جي شاعرن ۾ موجود ڪونهي، البت سڄل جي شاعريءَ ۾ ان جا ڪجھ اُڀرڻ ملن ٿا. اهو آهي 'نرت - تال' (7)'.

پنهنجي ڳالھ وزنائتي ڪرڻ لاءِ ڈاڪٽر صاحب، فقير نانڪ جي ڪافين جا ڪيترائي مثال بہ پيش ڪيا آهن، جن مان موسيقيءَ جو پرپور تاثر ملي ٿو.

ميان محمد سومري سڀ کان اول اندازاً 1900ع ۾ فقير نانڪ يوسف متعلق تحريري دستاويز جوڙيو. جنهن ۾ پڻ فقير جي موسيقي بابت لکي ٿو: 'فقير صاحب علم موسيقي جو اصول برقرار رکيو آهي؛ يعني راڳ جي ارتقا موجب آوازن جي ڏڳهائي ۽ گهٽتائيءَ تي شعر جو قافيو ۽ رديف رچيو اٿس (8)'.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب 'سنڌي موسيقي جي تاريخ' ۾ ڪيس ڪلاسيڪي راڳ جي حوالي سان ذڪر هيٺ آڻيندي سندس سُرن جو تعداد ٽيھ ڄاڻايو آهي، جيڪي هي آهن: روپ تلنگ، ڪلياڻ يا درباري، نٽ، ڪوهياري، سورٺ، برھ يا بلاولي، آسا، بروو سنڌي، ڊولي، مالڪوس، بلاولي، گجري، ڪاريھر، سارنگ،

پهاڑي، بلاولي کنيات آميز، جين آميز جهنگلو ڏناسري، جين، پيلو، جوڳ، وهاڳڙو، سسئي، ديسي، پهاڑي بطرز هوري، جهنگلو، بروو، مقامي، پيرو، جين شڏ (9)، جنهن مان 9 سُر شاهه لطيف وارا ۽ 8 سُر سچل سائين جي کافين جا آهن ۽ 13 سُر نانڪ يوسف يا ته پنهنجا متعارف ڪرايا آهن يا مختلف راڳ، راڳڻين جي آميزش سان جوڙيا آهن، ساڳي ريت سال 1985ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ، ڪتاب 'ڪافيون' (جلد پهريون) ۾ نانڪ يوسف جون ٻارنهن ڪافيون شامل ڪيون آهن جن مٿان به راڳن جا روپ لکيا ويا آهن (10)، ان کان سواءِ فقير جي جوڙيل وڌيڪ راڳ مثال: آسا آميز گجري بابت پڙ ڄاڻ ملي ٿي (11). ڊاڪٽر بلوچ، ڪتاب 'موسيقي جي تاريخ' ۾ سندس چيل هڪ 'چيز' ۽ ' ترانو' نموني خاطر پڙ ڏنو آهي (12). ساڳي طرح راقم وٽ موجود 'نانڪ يوسف جي ڪلام جي قلمي نسخي' ۾ پڙ ڪافين مٿان راڳ لکيل آهن.

ممڪن آهي تحقيق دوران ڊاڪٽر تنوير عباسي جي سامهون نانڪ يوسف جي ڪلام جا جيڪي قلمي بياض رهيا هوندا انهن ۾ پڙ مختلف راڳ، راڳڻيون لکيل هجن.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ راقم جا شامل ڪيل ضميما:

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو هيءُ پورهيو گهڻن حوالن سان اهميت رکندڙ آهي پر تحقيق ۾ ڪجهه به آخري حرف ثابت نه ٿو ٿئي تنهن ڪري تحقيق جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ راقم هٿ آيل ڪجهه وڌيڪ قلمي نسخن جي مدد سان (جن جو تعارف مٿي ڏئي آيا آهيون) ڇاپي نسخي جي ٻئي ايڊيشن ۾ ڪجهه وڌيڪ ڪلام شامل ڪيو آهي. ضميمي نمبر 1 ۾ 'نانڪ يوسف جو ڪلام ۽ واڌارو' جي عنوان هيٺ ضميمي شامل ڪرڻ جي اهميت، پهرئين ڇاپي ۾ ترتيب جي اوٽاين ۽ استعمال هيٺ آيل قلمي ماخذن جو تعارف ۽ ضميمي ۾ شامل ڪيل ڪلام بابت ٻنهه مختصر ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي، جڏهن ته

ضميمي ۾ نانڪ يوسف جا 10 سنڌي بيت، 13 سنڌي ڪافيون ۽ سچل سرمست جي نظر هڪ سنڌي منقبت، 2 سرائڪي ڏوهيڙا، 24 سرائڪي ڪافيون، 4 ريختا ۽ هندي ڪلام شامل ڪيو ويو آهي جنهن جي صحت بابت پڻ حتمي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ضميمي 3 ۾ ميان محمد موسيٰ سومري وارو 'علمي آئينو' (1973ع) ۾ شايع ٿيل تحريري دستاويز پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

جيئن اڳ چئي چڪا آهيون ته تحقيق ۾ ڪجهه به آخر ثابت نه ٿو ٿئي تنهن ڪري فقير نانڪ يوسف بابت هن سموري تحقيق کان پوءِ به جيڪي رخ تحقيق طلب آهن انهن ۾:

- فقير نانڪ يوسف جي سوانح جي حوالي سان اسان جي تحقيق جو بنياد فقير ميان موسيٰ سومري جو لکيل دستاويز آهي. جڏهن ته همعصر دؤر جي ٻين ماخذن ڏانهن پڻ نگاهه ڪرڻ گهرجي جن ۾ درازي شاهن، کهڙا شريف جي مخدومن، پير ڳوٺ جي پاڳارن، ميرن بادشاهن ۽ انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ وارن ابتدائي ماخذن بابت پڻ سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي.
- نانڪ يوسف جي صحبتي يعقوب فقير جتوئي، شير علي پنيري، فقير قادر بخش بيدل، گهرام فقير جتوئي، محمد صالح پٽي دونهي واري، محمد صديق، حاجي عثمان چاڪي، فقير محمد صالح لاڙڪاڻي واري، مخدوم عبدالخالق کهڙن واري ۽ شادي شهيد بابت جدا جدا جاين تي مختلف عالمن لکيو آهي پر انهن سمورن بزرگن جي نانڪ يوسف سان تعلق بابت يا ذاتي ميل جول بابت سوچ ويچار جي ضرورت آهي. نانڪ يوسف جي طالبن مثال طور: حاجي عبدالله فقير، ڊنڊڻ فقير ناريجو، الهداد فقير (اُٺ فقير)، بلو فقير، باهو شاهه، حسن شاهه (پنجاب جا)، حيدر شاهه ڪيمياگر، وڏو فقير، مهوال فقير، دين شاهه، پير شاهه ۽ موتو فقير اڳڙن واري (13) جي سواءِ نالن جي ٻيو ڪو به تحقيقي مواد چاپي هيٺ نه اچي سگهيو آهي، هنن فقيرن بابت پڻ تحقيق جي خاصي ضرورت آهي چاڪاڻ جو بقول ڊاڪٽر

تنوير عباسيءَ جي تہ هنن فقيرن مان ڪي وقت جا مشهور شاعر بہ هئا ۽ هنن سمورن تي نانڪ يوسف جي شاعراڻي ۽ صوفياڻي فڪر جو اثر غالب آهي. جڏهن تہ فقير سائينءَ جي هڪ طالب فقير غلام حيدر شر بابت ڪجهہ تحقيقي ڪم ٿي چڪو آهي جنهن ۾ هُن جي ڪلام جي سهيڑ پٽ شامل آهي پر باوجود اُن جي اُن بابت پٽ وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ جي ضرورت موجود آهي.

- نانڪ يوسف پنهنجي روحاني رهبر سچل سائينءَ جي چوٽ تي امرتسر تائين جو سفر ڪيو ۽ اُتي ڪجهہ وقت قيام ڪيائين جنهن کان پوءِ واپس موٽي آيو هن اُن سفر دؤران هنديءَ ۾ ٻاٽيون لکيون جن مان 56 ٻاٽيون ڈاڪٽر تنوير جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ شامل آهن. پر منهنجو ذاتي خيال آهي تہ فقير سائينءَ جو هي هندي ڪلام گهٽ آهي وڌيڪ ڪلام جي انهن علائقن ۾ ڳولا جي ضرورت آهي جن علائقن ۾ فقير صاحب ويو آهي.
- هن وقت تائين ڇاپي ڪلام ۾ نانڪ يوسف جي فارسي زبان ۾ چيل شعر بابت ڪوبہ ذڪر موجود نہ آهي جڏهن تہ سندس روحاني رهبر سچل سرمست ۽ همعصر صحبتي فقير قادر بخش بيدل فارسيءَ جا وڏا شاعر آهن ۽ نانڪ يوسف خود سنڌي، سرائڪيءَ کان سواءِ هندي ۽ بلوچيءَ ۾ پڻ ڪلام چيو آهي پر سندس فارسي ڪلام جو ڪو پڪو پختو ڏس نٿو ملي. محترم جينمل پرسرام گلراجاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيس سنڌي، سرائڪي، هندي، پنجابي ۽ فارسيءَ جو شاعر ڪوٺيو آهي (14) پر پنهنجي تحقيق ۾ ڪٿي بہ سندس فارسي شعر نہ شامل ڪيو آهي. جڏهن تہ 'نانڪ يوسف جي ڪلام جي قلمي نسخي' ۾ فقير سائينءَ جي نالي منسوب 3 فارسي غزل شامل آهن جن بابت جوڳي تحقيق جي ضرورت آهي، تنهن ڪري ڇاپي رسالي جي ٻئي ايڊيشن واري ضميمن ۾ اُن فارسي ڪلام کي شامل نہ ڪيو ويو ڇاڪاڻ جو هن معاملي بابت چند ڇاڻ جي سخت ضرورت آهي. (هن مقالي جي ضميمي ۾ اُهي 3 فارسي غزل

شامل ڪيا وڃن ٿا.)

نانڪ يوسف بابت هن وقت تائين ميان موسيٰ سومري، ڄينمل پرسرام، ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪم کان سواءِ ڪو خاصو تحقيقي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي تنهن ڪري ئي ڪيترائي رخ تحقيق جا منتظر آهن. فقير سائين پنهنجي وقت جو فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ اهم شاعر ڏسجي ٿو سندس سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ ۾ ڪمال جي رواني ۽ ترنم موجود آهي، جنهن کي هڪ عام پڙهندڙ بہ پڙهندي ائين محسوس ڪري ٿو تہ ڄڻ هو سندس ڪلام ڳائي رهيو آهي. هن جي شاعريءَ جي موضوعن ۾ تصوف جا سمورا مضمون بيان ٿيل آهن. جن ۾ هو طلب کان ويندي فنا ۽ بقا تائينءَ جو سڄو فلسفو نهايت ئي دلنشين ۽ دلپذير انداز سان آڻي ٿو:

سوئي تان گم ٿيوسين، جنهن پائيو تي جوئي آهيان

—

عشق اناالحق بولي بولي، هينئڙي هُل پيوسين
نانڪ يوسف يار سچل جي، نانگ نينهن نيوسين
(ص 91)

—

پنهنجا حڪم ٿو پاڻ هلائين، يار آءٌ تہ ناهيان وچ ۾

—

ڪاڏهن آدم، شيث ۽ يونس، عشق زليخا ڪاڏهن يوسف
سپ ڪيڏون پاڻ ڪيڏائين (ص 87)

—

آدم هي اسرار الاهي، بن تن آيا روپ مٽايا
(ص 199)

—

دم هي دم هي دم هي دم هي
خاڪي پوش پهر ڪي آيا بن اسرار آدم هي.
(ص 200)

سُونهن، سِڪَ شاعريءَ جو بنياد آهن جنهن کان سواءِ شاعر جو وجدان جڙ مڪمل ئي نٿو ٿئي. عشق جون آزيون نيازيون، بيقراريون ۽ حُسن وارن جون ادائون ۽ ارڏايون هڪ عاشق شاعر جي دل تي بار بار وار ٿيون ڪن. نانڪ يوسف بہ هڪ حساس دل رکندڙ سُونهن پسند شاعر آهي هُن جي شاعريءَ ۾ بہ حُسناڪيءَ جا ڪيترائي نازڪ خيال موجود آهن.

نازون نيڙ نواز ڪريندي، عاشق ويڪ نيازي،
حال حليمي درد مندان دل، دم دم سوز گدازي،
ترس ڪريندي سر يتيمان، دانهن دوست درازي،
نانڪ يوسف يار دي ياري، برها برهہ بازي.
(ص 172)

—

نانڪ يوسف يار ديان رمزان، سمجهہ ڪنان ڳل آئي
(ص 173)

—

تا تا عشق نچايا ڪر ڪي ٽيان ٽيان

—

الٽيان سلٽيان بازيان ڏيندا،
مشڪل سمجهڻ پيان.
(ص 197)

فقير نانڪ جو ڪلام پنهنجي دؤر جي حالتن جي بہ ڀرپور ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو. هُن حساس ۽ ذميوار شاعر طور سنڌ تي ڏارين حڪمرانن جي قبضي خلاف پنهنجي سطح تي مزاحمت ڪئي آهي ۽ اها اُن دؤر جي هڪ وڏي ڳالهہ تصور ڪري سگهجي ٿي. اُن کان سواءِ سندس شعر جو اسلوب توڙي بوليءَ جو بي ساخته استعمال ۽ اُن ۾ سمايل فڪر بنيادي طرح فرد جي ذاتي حيثيت کي اجاگر ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ هُو پنهنجي مرشد سچل سرمست جيان اُن ڳالهہ جو قائل

هو تہ انسان ڪائنات ۾ ذاتي طرح هڪ خاص رُتبو ۽ مرتبو رکي ٿو تنهن ڪري اُن جي تذليل يا اُن کي اخلاقي بيمارين ۾ مبتلا ڪرڻ يا اُن کي پنهنجي اثر هيٺ رکڻ جهڙا ناڪاري رويا بنيادي طرح خدا تعاليٰ طرفان انسان کي مليل اُن مان، مرتبي جي نفي آهي تنهن ڪري هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ سڏي يا اٽ سڏي طرح ڪائنات ۾ مقرر ٿيل انسان جي رُتبي جي ڳالهه ڪئي آهي:

هم خدا مين گم، خدا هم مين درد ديوان هي
دوسرا ڪوئي نه ديکها، سرسري انسان هي
بي رنگي مئون رنگ بڻايا، خاڪي گل سبحان هي
(ص 227)

نتيجا:

نانڪ يوسف متعلق اڳ ٿيل تحقيق بابت هي اپياس ان ڪري ڪيو ويو جو هي نه فقط شاهه، سچل کان پوءِ موسيقيءَ جي حوالي سان هڪ اهم شاعر آهي پر سندس ڪلام ۾ ڪلاسيڪي موسيقي جا به ڪيترائي منفرد نمونا ملن ٿا تہ ٻئي طرف سنڌي، سرائڪي ڪافي کي هن خطي ۾ فني ۽ فڪري حوالي سان اوج ۽ عروج سچل سرمست ڏنو. هن جي ڪافين ۾ 30 سُر شامل آهن جن مان 11 سُر هن کان اڳ شاهه لطيف جي رسالي ۾ موجود آهن جڏهن تہ 19 سُر سچل سائين پهريون پيرو سنڌ ۾ متعارف ڪرايا، ان کان سواءِ سندس ڪافين ۾ مختلف گهاڙيٽن جا 68 ڪن نمونا موجود آهن. (15) جڏهن تہ درازي شاهه جي عقيدت مند فقير قادر بخش بيدل به ڪافي کي بلندين تائين پهچايو هن به سنڌي سرائڪي ڪافين ۾ 18 سُر شامل ڪيا، جن مان 11 سُر شاهه لطيف وارا ۽ 6 سُر سچل سائين جا آهن جڏهن تہ هڪ سُر 'نٽ ڪلياڻ' سندس انفراديت آهي (16) تہ گڏوگڏ سندس ڪافين ۾ 54 گهاڙيٽا موجود آهن جن مان 13 گهاڙيٽا سچل سائين وارا ساڳيا آهن جڏهن تہ 41 گهاڙيٽا سندس نوان جوڙيل آهن (17). نانڪ يوسف، سچل سرمست جو طالب ۽ بيدل سائين جو صحبتي هو. هن جي

ڪافين ۾ بہ سُر ۽ گھاڙيٽن جو نئون نڪور جهان موجود آهي، ان کان سواءِ موسيقي جي روايت ۽ سچل سائين جي گھاڙيٽن جي تقليد سان گڏوگڏ سندس پنهنجي نواڻ ۽ انفراديت بہ نظر اچي ٿي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ نانڪ يوسف جي ڪلام بابت هڪ مڪمل علمي گفتگو ٿيڻ گهرجي.

نانڪ يوسف بابت هن مطالعي کان پوءِ هيٺين ڳالهين جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي:

- نانڪ يوسف سنڌي موسيقي جي حوالي سان شاهہ، سچل کان پوءِ ٿيون وڏو اهم شاعر ڏسجي ٿو. تنهن ڪري ان جي ڪلام ۾ موجود موسيقي تي هڪ جدا موضوع هيٺ بحث ڪيو وڃي.
- ساڳي وقت سندس ڪلام کي مختلف راڳ، راڳڻين جي سِري هيٺ ورڇي نئين سِر ترتيب ڏنو وڃي.
- سندس مختلف زبانن ۾ ڇپيل ڪلام کان سواءِ وڌيڪ ڪلام جي ڳولا ڪئي وڃي. خاص طور سندس فارسي ڪلام طرف توجهہ ڏيڻ جي ضرورت آهي.
- سندس زندگي بابت وڌيڪ کوجنا جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سندس صحبتي ۽ طالبن بابت مطالعو ڪيو وڃي.
- سندس ڪلام جي لغت جوڙي رسالي جي پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪئي وڃي.
- سندس ڪلام بابت وڌيڪ قلمي بياضن جي کوجنا ڪرڻ گهرجي.

ضميمو

نانڪ يوسف جي فارسي شاعري:

غزل

ساغر خمر و شراب يڪي ساقي از بزم
طبله طنبور تا يڪي درد دل بزم

كان سياهه پوش مبوسن سبز و سرخ سفيد
آنكس گرفت دل من كو ديگري رزم

شمشير دست دوره زيرش چنان چنان
همه رقص كنان رفتن خنده بز بزم

منصور شيخ عطار چنان شمس هو الحق
بردار بود قهقهه معراج جان شزم

'نانڪ' نظر محمد معراج هركسي
يوسف غريق در آن بنگر جزم جزم

غزل

صد گون به تماشه آمد يار آنگه خفي بود
برمن چون گنهگار از ازل شفي بود

باگل چو رفا بورم ميثاق من سبق
در حيرت ايم عبرت آن كو كه رفي بود

دان آنكه خدا گفت كفا بالله وكيلا
ولله كه رمي دل من باكف نه كفي بود

بـايـار بـود سـابـق دل تـخـت بـرايـن جـم
بـوده بـجـان عـريـان ايـن نـون نـفـي بـود

نـک نـون نـبـود آنـجـا يـوسـف غـريـب کـو
خـود بـود هـوالله صـفـا صـاف صـفـي بـود

غـزل

در انـتـظـار هـايـت دل را بسـو خـتـيـم
بـهـر خـدا نـگـارا دل بـا تـو روخـتـيـم
از مـن خـطـا بـرفـت تـو صـاحـب عـطـا
بسـت زلـف فـريـب در تـار سـوفـتـيـم

هـاروت نـمـيـچـنـان چـون مـاروت حـال شـان
در درد بـلائـي تـو خـدارا بـروفـتـيـم

مـئـي نـاب چـهـره سـاغـر سـابـق غـريـب را
عـجـز از بسـي نـيـازي هـم درد دوسـتـيـم

فـريـاد چـونـکـه اره بـاچـون چـون کـنـد
دمـدم چـه گـويـمت کـه تـوئـي جـان جـوفـتـيـم

کـه از روءِ خـلـق هـائـي خـدارا پـنـاهـه رو
صـاحـب دراز حضـرت مـن بـنـده اوسـتـيـم

اين نون روکه 'نانک' صفت يک يار يوسف صفت
پـيـر مـغـان بـه تـن مـن بسـتـان بـوسـتـيـم

■

حوالا:

(1) ڈاڪٽر تنوير عباسي (ترتيب)، ضميما: ڈاڪٽر مخمور بخاري، نانڪ يوسف جو ڪلام، ص 335، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، ٻيو چاپو، 2014ع.

(2) نانڪ يوسف جو ڪلام (حوالو اڳ آيل آهي)، ص 49-48.

(3) نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو (ملڪيت: ڈاڪٽر مخمور بخاري، هالا.)

(4) نانڪ يوسف جي ڪافين جو ذخيرو (قلمي)، (ملڪيت: انجنيئر سيد عبدالحسين شاهه موسوي، روهڙي، ڪراچي، فوٽو ڪاپي راقم وٽ ٻه موجود.)

(5) محمد پنهل ڏهر، فقير نانڪ يوسف جو اڻڇپيل ۽ نايابَ ڪلام (مقالو)، (ليکڪ جي هٿ لکيل ڪاپي.)

(6) هن مقالي ۾ فقير نانڪ يوسف جي ڪلام جي مثالن لاءِ مانَ واري ڈاڪٽر تنوير عباسي جي ترتيب ڏنل 'نانڪ يوسف جو ڪلام' اڳيان رکيو ويو آهي.

(7) نانڪ يوسف جو ڪلام (حوالو اڳ آيل آهي)، ص 38.

(8) نانڪ يوسف جو ڪلام (حوالو اڳ آيل آهي)، ص 487.

(9) ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي موسيقي جي تاريخ، ص 263، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پٽ شاهه، چاپو ٻيو، 2003ع.

(10) ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪافيون، (جلد پهريون)، مختلف صفحا، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، 1982ع.

(11) بياض شير محمد فاروقي (قلمي). (نوٽ: سچل سرمست جي فارسي شاعري جي هن بياض ۾ مختلف جاين تي حاشين ۾ سچل سائين ۽ نانڪ يوسف جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ٻه لکيل آهي. هي نسخو خاص اهميت جي لائق آهي ڇاڪاڻ جو سرمست سائين جي رحلت 1142هـ/ 1827ع کان پنجن سالن کان پوءِ هي بياض لکيو ويو ۽ ان وقت نانڪ يوسف خود حيات هو.)

(12) موسيقي جي تاريخ، ص 41 - 340 (حوالو اڳ آيل آهي.)

(13) نانڪ يوسف جو ڪلام (حوالو اڳ آيل آهي)، ص 20.

(14) جينمل پرسرام گلراجاڻي، نانڪ يوسف، ص 20، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2007ع.

(15) هن سلسلي ۾ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب: 'سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر'، (ص 109 کان ص 133 تائين)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع.

(16) اختر درگاهي، بيدل سائين جو رسالو، ص 123، بيدل يادگار ڪميٽي، 2011ع.

(17) ڈاڪٽر مخمور بخاري، بيدل سائين جي ڪافي جو فني جائزو، بيدل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو 2015ع، (قلمي).

مقدما

انسان، ڪائنات، رب ٿئي پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. جنهن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو نتيجو هر هڪ پنهنجي وس آهر حاصل ڪري ٿو. ماڻهن جي اهڙي ميڙ ۾ ڪي فرد پنهنجي ذات اندر گهڻو ڪجهه سانديي گهمندا وتن ٿا، اهڙا نرالا ۽ منفرد ماڻهو پنهنجي جسماني بناوٽ سبب نه بلڪ پنهنجي ذهن جي وسعتن سبب هڪڙي زندگي گذارڻ بعد به فڪري حوالي سان ڪيتريون ئي زندگيون گذارين ٿا.

مهاڳ

(سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام)

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جي خوبصورت روايتن ۾ اها به ڳالهه شامل رهي آهي ته هتان جي شاعرن نه فقط انسان دوستي ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي پر انهن سنڌي کان سواءِ ٻين زبانن ۾ پڻ شعر چيو آهي جنهن ۾ سرائڪي، فارسي ۽ اردو هوليون به شامل آهن. سچل سرمست به سنڌي کان سواءِ سرائڪي، فارسي ۽ اردو ۾ ڪلام چيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ، سرمست سائين جو سنه 1958ع ۾ سنڌي ڪلام محترم عثمان علي انصاري کان مرتب ڪرائي شايع ڪرايو ته ساڳي وقت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي رٽ تي سچل سائين جو سرائڪي ڪلام مولوي صادق راڻيپوري کان ترتيب ڏياري پهريون پيرو "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" جي عنوان سان سنه 1958ع ۾ ۽ ٻيو پيرو هوبهو ان جو نقل سنه 1982ع ۾ پڌرو ڪيو. هن سرائڪي رسالي جو ٽيون سڌاريل ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي. رسالي ۾ شامل مواد جي مطالعي ۽ ان ۾ ڪيل درستگين بابت ڳالهه ٻولهه کان پهرئين بهتر آهي ته هن جاکوڙي ڪم کي مڪمل ڪندڙ حڪيم صادق راڻيپوري جي مختصر سوانح حيات پيش ڪيون.

مولانا حڪيم محمد صادق راڻيپوري جي مختصر سوانح حيات:

مولانا حڪيم محمد صادق، عالم فاضل ڄاڻو حڪيم ۽ صوفياڻي شاعري سان اُنسيت رکندڙ ۽ سچل سرمست جي درگاهه جو وڏو معتقد هو. هت پيش ٿيندڙ سوانح حيات جو مدار سندس "خود نوشت" تي آهي، جيڪا ٽماهي مهراڻ جي سوانح نمبر 1958ع ۾ شايع

ٿيل آهي، حڪيم صاحب پاڻ متعلق پاڻ لکن ٿا:

"بندي جو هينيون شجرو عزيم جناب مولوي قطب الدين سيواڻي ڪنيرو رهندڙ ٽلي ڪنيراڻي، تعلقي احمدپور رياست بهاولپور جي بياض تان ورتل آهي:

مولوي صادق علي عرف محمد صادق (راقم الحروف) بن مولوي الهه بخش بن صادق علي عرف ملا صادق بن اسماعيل .... (شجرو طويل آهي جيڪو حضرت عباس سان وڃي ملي ٿو تنهن ڪري ان کي مختصر ڪندي ايترن نالن تي اکتفا ڪجي ٿو).

راقم الحروف جو ڏاڏو مولوي صادق عرف ملا صادق وڏو عالم ۽ حڪيم هو، حضرت خواجه فخرالدين عرف فخر جهان اوحدي جو مريد هو. منهنجو والد مولوي الهه بخش صغيري ۾ ئي يتيم ٿي پيو، جنهن کي سندس سوٽ جام وريام، چاچڙان شريف کان پنهنجي وطن، ڳوٺ عبدالواحد ڪنيڙي تعلقي احمد پور، ۾ وٺي آيو ۽ شادي ڪرايائينس، اتي ئي هي عاجز راقم، ڳوٺ جليل ڪنيري ۾ جائو. مون کي 1883ع ۾ چاچڙان شريف جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، ۽ اتي رجسٽر ۾ منهنجو نالو 'صادق علي' درج آهي. والد سائين جن، حضرت خواجه غلام فريد صاحب جن جا خليفا ۽ خادم هئا. 1313هـ/1895ع ۾، حضرت پير صاحب سيد ميان غلام محي الدين شاهه صاحب گيلاني، سجاده نشين راڻيپور شريف جن، حضرت خواجه غلام فريد صاحب جي ملاقات لاءِ، چاچڙان شريف تشريف فرما ٿيا هئا. حضرت خواجه صاحب جن جي طرفان جيڪي خادم خليفا سندن مهمان نوازيءَ لاءِ مقرر ٿيل هئا، انهن ۾ منهنجو والد صاحب به شامل هو. حضرت خواجه صاحب 1319هـ/1901ع ۾ وفات ڪئي. ان سانحي کان پوءِ والد جن راڻيپور شريف هجرت ڪري آيا، ۽ ان وقت جي سجاده نشين، حضرت پير ابومحمد صالح شاهه صاحب گيلاني، والد صاحب کي نهايت مهرباني سان پاڻ وٽ رهايو. 1321هـ/1903ع ۾ راقم جي همشيره جو نڪاح پير صاحب جن سان ٿيو. قضا الاهيءَ سان منهنجي همشيره فوت ٿي ويئي. مرحومه درگاهه شريف ۾ مستورات

جي چوڪنڊي ۾ مدفون آهي.

حضرت پير صاحب قبلہ جن شروع ۾ پنهنجي پيش نويس ميان الهہ بخش صاحب عباسي کهڙن واري کان ڪجهہ فارسي تعليم ڏياري، ۽ پوءِ تبرڪاً پهريون سبق شرح جاميءَ جو حضرت علامہ مولانا عبدالغفور صاحب همايونيءَ کان روبرو ڏياريائون. عربيءَ جي تعليم مولوي عبدالروف کان ڏياريائون، ۽ آخر ۾ حضرت استادِ العلماءُ مولانا الحاج محمد صاحب لغاري کي سانگهڙ مان گهرائي، ان کان تعليم ڏياريائون، ۽ کانئن فارغ التحصيل ڪرائي، دستاربندي ڪرايائون.

راقم کي حضور سرڪار هزهائينس مير علي نواز خان صاحب بهادر مرحوم، والي رياست خيرپور، سان سندن ايام وليعهدي ۾ ڏيٺ هئي، ۽ حضور موصوف ۽ مير غلام حسين خان ٽالپر کي راقم جي ناچيز علمي لياقت، شرافت ۽ طبي دڪتگاهہ جي چگّيءَ طرح سان ڄاڻ هئي؛ چنانچہ منهنجي خواهش موجب، سرڪار هزهائينس جي حقيقي پاءُ جي معرفت، شاهي خزاني مان هڪ سؤ ماهوار پينشن ملڻ لاءِ پروانو صادر ٿيو، جو هن وقت بہ مون وٽ موجود آهي.

هزهائينس مير علي نواز صاحب مرحوم جي ايماء تي، هن عاجز راقم هڪ اردو رسالو "دعوة الاعتصام بدين الله الاسلام" لکيو، جنهن ۾ امتِ مرحومہ جي سيني فرقن ۽ گروهن کي هڪ پليٽفارم تي جمع ٿيڻ لاءِ اپيل ڪئي ويئي آهي ۽ عام مسلمانن کي توحيد پرستيءَ جي تلقين ڪيل آهي. انهيءَ رسالي ۾ هڪ خدائي تحريڪ "دين الله" جي مقام جو اعلان ڪيو ويو آهي، ۽ مسلمانن کي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي عام دعوت پڻ ڏني ويئي آهي، ليڪن چند وجوهات جي سبب اهو مقصد حاصل ٿي نہ سگهيو. علاوه ازين مذڪوره رسالي جي مير صاحب مرحوم جي سرپرستيءَ هيٺ انگريزي ترجمو بہ s 'God Religion جي نالي ٿي چڪو آهي، مگر شيعہ حضرات جي مخالفت سبب اهو ڪم بہ نامڪمل رهجي ويو. هڪ غير مطبوعہ رسالو "احسن المنادي في السلام غاندي (گانڌي)" پڻ هي عاجز لکي چڪو آهي، جو انشاء الله جلدي طبع ٿيڻ وارو آهي. ان ۾ پيغمبرِ اسلام متعلق چند

هندو دوستن جا بهترين رايا پيش ڪيا ويا آهن، ۽ راقم جي مهاتما گانڌيءَ سان خط و ڪتابت جا ڪجهه حصا ڏنل آهن.

1923ع ۾ راقم حضرت قبلہ پير سيد ابومحمد صالح شاهہ صاحب ۽ علامہ دين محمد "وفائي" مرحوم سان گڏ، آريہ سماجين ۽ قاديانين جي خلاف هڪ محاذ قائم ڪيو. ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام جلسا ڪوٺائي، شڌيءَ ۽ قاديانيت جي فتني جي سدباب لاءِ سر توڙ ڪوشش ڪئي. ۽ الحمدلله جو راقم کي سندس محترم رفيقن سميت خاطر خواهہ ڪاميابي نصيب ٿي.

هن عاجز کي حڪمت جي فن ۾ الله جي فضل و ڪرم سان ڪافي دسترس آهي، ۽ ڪيترا لاعلاج مريض راقم جي علاج سان شفايابب ٿي چڪا آهن. منهنجي حڪيمانہ خدمات جي صلي ۾ نواب صاحب جهونا‌گڙهہ، 1945ع ۾ هڪ سؤ رپيا ماهوار پينشن پٽ مقرر ڪئي هئي. علاوه ازين، انهيءَ سلسلي ۾ راقم وٽ ملڪ جي ڪيترين معزز ۽ موقر هستين جا آفرين نامہ ۽ اعتراف نامہ موجود آهن - ۽ هي سڀ الله جي فضل و ڪرم جي ئي طفيل آهي."

مولوي صاحب جي هي خودنوشت اندازاً 1957ع يا 1958ع ڌاري جي لکيل آهن جنهن ۾ پاڻ ڪن تصنيفن جو ذڪر ڪيو آهي، ان کان سواءِ سندس ٻه ٻيون تصنيفون پڻ آهن جن مان هڪ اٽڇپيل تصنيف "ڪتاب البيراني" جو ذڪر مولائي شيدائي پنهنجي هڪ مضمون "مرحوم مولانا حڪيم صادق راڌيپوري" ۾ ڪيو آهي. ساڳي وقت مولوي صاحب جي اهم تصنيفن ۾ "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" شامل آهي (هن بابت اڳتي جدا سان گفتگو ڪئي ويندي).

مولانا صادق سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ شعر چيو جنهن مان ڪجهہ سندس "خودنوشت" جي آخر ۾ شايع ٿيل آهن، جنهن مان سندس هڪ غزل هت يادگار طور درج ڪجي ٿي:

ڪئي تہ ترڪ چو صياد گير و دار ايا،
رهي ٿي بلبل نالان چمن کان ڌار ايا.

چُپي ٿو هيءُ گل و غنچہ اکين ۾ خار جيان،
بهار آئي، نہ آئين تون گلعذار اچا.

رهي نہ عزّتِ دين ۽ نہ آبروي شرع،
روئي ٿي امتِ مرحوم زار زار اچا.

جو خاڪ و خون ۾ غلطان ٿئي حُسين مثل،
ٿيو نہ دين جو پيدا کو جان نثار اچا.

ضعيف پير ٿيو آهي فقير "صادق" پر،
جئي ٿو عشق محمّد ۾ هوشيار اچا!

مولانا صادق راڻيپوري 18- جنوري 1961ع تي هي جهان ڇڏيو.

سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام:

مولانا صادق راڻيپوري، عثمان علي انصاري وانگر سچل جي رسالي جي ترتيب راڳ راڳڻين جي بجاءِ موضوع وار رسالي کي ٽن مکيہ عنوانن حُسن و عشق، هير رانجهو ۽ تصوف ۾ ورهايو. جن ۾ ڏوهيڙا، سہ حرفيون ۽ ڪافيون شامل ڪيون ويون. ساڳي ريت 'مزيد ڪلام' جي عنوان سان پنجاهہ ڪافيون شامل آهن تہ ان سان گڏوگڏ جديد اردو ۾ پنجاهہ غزل بہ شامل ڪيا ويا آهن. هن سموري مواد جي ترتيب ۾ اسان کي ڪي اوڻايون نظر آيون جن کي غور ويچار سان هن ٿئين چاپي ۾ درست ڪيو ويو آهي تہ ساڳي وقت رسالي جي مؤلف جي ترتيب جي صحت کي بہ قائم رکيو ويو آهي.

رسالي ۾ غلطيون ۽ انهن جو درستگيون:

(1) رسالي جي پهرئين ۽ ٻئي چاپي تي عنوان قائم ٿيل آهي "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، جڏهن تہ هن ٿئين چاپي تي ان جو عنوان مقرر ڪيو ويو آهي "رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)". هن عنوان قائم ڪرڻ جو مقصد اسان آڏو اهو رهيو جو بورڊ طرفان شايع ٿيل سچل سائين جي سنڌي رسالي جي عنوان،

پهرئين چاپي وارو رکندي ان ۾ اضافو بہ ڪيو ويو يعني اهو عنوان هن وقت "رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)" رکيو ويو آهي، تنهن ڪري 'رسالي' لفظ واري روايت کي قائم رکندي سچل جي سرائڪي ڪلام واري هن مجموعي جو عنوان بہ ساڳيو ئي قائم رکيو ويو آهي يعني "رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)".

(2) اڳين چاپن ۾ صورت خطي جون پٽ ڪي غلطيون موجود هيون جهڙوڪر: 'ہ' کي 'ھ' صحيح/صحي کي سهي لکيو ويو ان کي درست ڪيو ويو آهي.

(3) اڳين چاپن ۾ مواد جي ترتيب هڪ جهڙي نہ رکي وئي، هيٺ ڏنهي مکيہ عنوانن ۾ موجود مواد جي ترتيب ڏجي ٿي جنهن ۾ موجود اوڻائي کي سمجهي سگهجي ٿو.

حسن و عشق:

- ڏوهيڙا
- ڪافيون
- سه حرفيون

هير رانجهو:

- ڏوهيڙا
- سه حرفيون
- ڪافيون

تصوف:

- ڏوهيڙا
- ڪافيون
- سه حرفيون

مقصد تہ مواد جي ترتيب هڪ جهڙي ناهي، ڪٿي ڏوهيڙن بعد ڪافيون آهن تہ ڪٿي سي حرفيون، تنهن ڪري ان کي درست ڪندي هر عنوان ۾ پهريائين ڏوهيڙا ان کان پوءِ سي حرفيون ۽ جنهن کان پوءِ

ڪافيون رکيون ويون آهن.

(4) رسالي جي پهرئين چاپي ۾ چپائي جي غلطي سبب هير رانجهي جي سي حرفي2 جي آخري چئن اکرن "و"، "ه"، "ع" ۽ "ي" وارا بند سي حرفي3 ۾ بند "ج" بعد شايع ٿي ويا. ڪتاب جي ان فني غلطي جي وضاحت هڪ جدا پني جي ٻُڪر تي ڪري ان کي ڪتاب جي مُنڊ ۾ لڳايو ويو هو. جيڪو ڪاغذ ٻئي چاپي جي دوران شايد هيٺ متي ٿي ويڙ سبب ساڳي غلطي ورجائي وئي. هن چاپي ۾ ان غلطي کي درست ڪندي مذڪوره بند سي حرفي2 ۾ اصل جاءِ تي رکيا ويا آهن.

(5) داستان هير رانجهي ۾ بيت نمبر8، تصوف جي عنوان هيٺ بيت4 طور شامل ٿيل آهي، جيڪو موضوعاتي طور تي تصوف سان ٽهڪندڙ آهي. هير ۾ موجود بيت جون چار سٽون ۽ تصوف ۾ موجود بيت جون ٽي سٽون آهن. موضوع سان ٽهڪي اچڻ سبب مذڪوره بيت رانجهي مان هٽائي ان جي آخري ست تصوف ۾ موجود بيت جي حاشيي ۾ ڇاڙائي وئي آهي.

(6) رسالي ۾ موجود 'مزيد ڪلام' ۾ پنجاهه کن ڪافيون شامل ڪيون ويون آهن جن مان سواءِ ٻن ڪافين جي ٻيون سموريون ڪافيون رسالي جي ٽنهي مکيه عنوانن سان واسطو رکن ٿيون جن کي انهن عنوانن هيٺ ساڳين سُرن جي آخر ۾ رکيو ويو آهي، جن جا سيريل نمبر گول دائري ۾ ڏيکاريا ويا آهن. هت انهن ڪافين جو تفصيل وضاحت سان رکارڊ خاطر پيش ڪجي ٿو.

حسن و عشق:

اڳوٽو ڪافي نمبر	موجوده ڪافي نمبر	سُر
6	19	سُر جوڳ
7	20	سُر جوڳ
8	21	سُر جوڳ
9	22	سُر جوڳ
6	23	سُر جوڳ

1	34	سُر پهاڙي
2	35	سُر پهاڙي
3	36	سُر پهاڙي
37	62	سُر بلاولي
38	63	سُر بلاولي- سُر قصوري
23	74	سُر ڪلياڻ
43	92	سُر برووَ
41	93	سُر برووَ- سُر ڪلياڻ
45	94	ريختو- سُر برووَ
46	95	ريختو- سُر برووَ
48	96	ريختو- سُر برووَ
49	97	ريختو- سُر برووَ
50	98	ريختو- سُر برووَ
18	111	سُر آسا
29	115	سُر پيروي
32	136	سُر جهنگلو
33	137	سُر جهنگلو
36	150	سُر پيلو- سُر ڊولیو
21	153	سُر سسئي
22	154	سُر سسئي

هير رانجهو:

اڳوڻو ڪافي نمبر	موجوده ڪافي نمبر	سُر
10	40	سُر جوڳ
11	41	سُر جوڳ
12	42	سُر جوڳ
13	43	سُر جوڳ

14	44	سُر جوڳ
15	45	سُر جوڳ
42	72	سُربروو
24	93	سُر ڪلياڻ
25	94	سُر ڪلياڻ
26	95	نٽ ڪلياڻ
4	108	سُرپهاڙي- سُر بلاولي
5	109	سُر پهاڙي
39	127	سُر بلاولي- سُر پهاڙي
19	135	سُر آسا
35	161	سُر پيلو

تصوف:

اڳوٽو ڪافي نمبر	موجوده ڪافي نمبر	سُر
34	54	سُر جهنگلو
17	64	سُر ڏناسري
40	89	سُر بلاولي
28	100	سُر ڪلياڻ
20	107	سُر پوربي
31	120	سُر پيروي
44	156	سُر برووسُر جهنگلو
47	157	ريختوءِ سُر جهنگلو

هن هيٺ اسان هڪ ٻيو خاڪو ڏيندا سين جنهن ۾ رسالي جي پهرئين ڇاپن ۾ موجوده ڇاپي ۾ جدا جدا ڪافين جو تعداد ڄاڻايو ويو آهي.

اڳوٽو تعداد		موجود تعداد		
عنوان	تعداد	عنوان	تعداد	
حسن و عشق	ڏوهيڑا 117	حسن و عشق	ڏوهيڑا	117
	ڪافيون 139		سـ حرفيون	01
	سـ حرفيون 01		ڪافيون	164
هير رانجهو	ڏوهيڑا 75	هير رانجهو	ڏوهيڑا	74
	سـ حرفيون 03		سـ حرفيون	03
	ڪافيون 151		ڪافيون	166
تصوف	ڏوهيڑا 66	تصوف	ڏوهيڑا	66
	ڪافيون 149		سـ حرفيون	05
	سـ حرفيون 05		ڪافيون	157
مزيد ڪلام	ڪافيون 50	متفرق ڪلام	ڪافيون	02
اردو ڪلام	50	اردو ڪلام		50

سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام_ تعارف:

حڪيم صادق جي زندگي جي احوال ۾ رسالي تي لکيل مقدمي مان اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته سندس طبيعت جو لاڙو درويش فقيرن جي تعليمات ڏانهن رهيو آهي، جيئن پنهنجي هڪ رباعي ۾ صاف چئي ٿو:

سـني ٿـا چـون مـون کـي پـکـو رافضـي آهـي،
شـيـعـا ٿـا وري چـون کـٽـو خـارجـي آهـي،
'صادق' بنهي جي سمجهه تي افسوس ٿو رهي،
رافضي يا خارجي کيئن ٿئي صوفي صافي آهي.

ان ئي اثر هيٺ حڪيم صاحب، سچل سائين جو سرائڪي ڪلام مرتب ڪيو ۽ ان تي تفصيلي مقدمو پڻ لکيو. جنهن ۾ اعتراض باوجود روايتن جي بنياد تي سرمست سائين جي حوالي سان کوڙ سارو مواد اسان جي سامهون آندو. هن رسالي ۾ سچل سائين جي

سرائڪي ڪلام سان گڏوگڏ ان جي ريخته (اردو ڪلام) ڪي به رسالي جي آخر ۾ شامل ڪيو ويو. جنهن ڪي دڪني اردو مان تبديل ڪري لکنوئي اردو جو ويس پارايو ويو. جنهن تي ڪن حلقن طرفان تنقيد به ٿي، خاص طور ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم ان حوالي سان ڪافي اعتراض ڪيا. حڪيم صاحب جي ان رسالي جي نظرثاني وارو ڪم مرحوم رشيد احمد لاشاري ڪيو ۽ سچل جي اردو ڪلام جي اِملا جي تبديلي وارو ڪم به لاشاري صاحب جو ئي ڪيل ڏسجي ٿو. مولانا صادق راڻيپوري پنهنجي وفات کان پوءِ شايع ٿيل هڪ مضمون "سچل جو صحيح مرتبو" (مطبوعه: ماهوار نئين زندگي، اپريل 1961ع) ۾ ان حوالي سان لکيو هو:

"فقط متن جي تاليف ۽ تصحيح اردو ڪلام جي اضافي سان گڏ ٻئي هڪ اديب ۽ شاعر رشيد احمد لاشاري نئين سر ڪئي."

سچل سائين جي هن سرائڪي رسالي ۾ موضوعاتي طور مکيه ٿي باب آهن: حُسن وعشق- هير رانجهو- تصوف.

هت مختصر طور اسان انهي ساري مواد جو مطالعو ڪنداسين پر ان کان پهرئين سچل سائين جي سرائڪي شاعري جي حوالي سان، سرائڪي زبان جي عالم، اديب محمد صديق طاهر جي راءِ پيش ڪنداسين:

"حضرت سچل سرمست پنهنجي سرائڪي شاعري ۾ فلسفه تصوف جي مشڪل ترين مسئلن ڪي عام فهم ۽ آسان سرائڪي زبان ۾ بيان ڪيو آهي. حقيقت ۾ سرائڪي ادب ۾ حضرت سچل سرمست کان پهرئين ڪوبه وڏو صوفي شاعر پيدا نه ٿيو آهي هن جي شاعرانه مصوري يا مصورانه شاعري هڪ مرڪز جي حيثيت رکي ٿي.

... سچل سرمست جو زمانو يعني 12صدي هجري جو پويون اڌ سرائڪي ادب جو سونهري دور آهي، انهي ڪري فارسي، اردو ۽ سنڌي ادب کي ڇڏي صرف سرائڪي شاعري ۾

سچل سرمست جو مقام هڪ چمڪندڙ ستاري جيان آهي، جنهن جي روشني ايڏائي سؤ ورهين جو عرصو گذرڻ کان پوءِ به دائم ۽ قائم آهي. هن سونهري دور ۾ سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام جو پڙاڏو اهڙو تہ گونجيو جو ان دور جو ڪوبہ شاعر ان کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو."

(سچل سرمست ڪي سرائڪي شاعري)

سچل سرمست جي دور تائين سنڌ ۾ سرائڪي شاعري جو رواج عام ٿي چڪو هو. خواجہ صاحبڏني، روحل فقير، مراد فقير، درياخان، جان الله شاهہ 'عاشق' ۽ بين ڪيترن جو هن دور ۾ سرائڪي شعر ملي ٿو سا‌ڳي وقت سچل سائين جي ٻالڪن، عقيدتمندن ۽ پوءِ جي شاعرن سنڌي کان سواءِ سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ شعر چيو. جن ۾ نانڪ يوسف، حافظ عبدالله قريشي، عبدالله ڪاتيار، قادربخش 'بيدل'، خوش خيرمحمد هيسباڻي، غلام حيدر شر ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا شاعر شامل آهن. سچل سائين پنهنجي نرالي انداز بيان، فڪر ۽ فن جي حوالي سان منفرد شاعر آهي ۽ سندس اهو جداگانہ انداز "سرائڪي ڪلام" ۾ پڙ نظر اچي ٿو. هت اسان مختصر طور سرائڪي ڪلام جي مکيہ عنوانن دعا، نعت ۽ پنهنجي متعلق، حُسن و عشق، هير رانجهي ۽ تصوف هيٺ ورهايل ڪلام جو مطالعو ڪنداسين.

1_ دعا، نعت ۽ پنهنجي متعلق:

اها تسليم شده حقيقت آهي تہ هن ڪُل ڪائنات جو خالق فقط هڪ خدا آهي. جيڪو هن ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر هڪ شيءِ ۽ ساهہ واري تي قدرت رکي ٿو. انسان ان ئي ڪريم ڪارساز جي اشرف مخلوق آهي ۽ ان کان ئي پنهنجا عيبن پريا ننگ ڍڪڻ جي دعا سچل سائين جي هنن لفظن ۾ گهري ٿو:

ننگڑا نماڻي دا، جيوين تيوين جولڻا،

—

ميلي هان يا مندي هان، بيشڪ تيڏي بندي هان،
ڏکين ميڏا ڏولٽا، ميڏا عيب نهه ڦولٽا!
پئي هان تيڏي پنارے، لڳي هان تيڏلي لارے،
تيڏي ذات ستاري، ڏوهه نه ميڏے ڳولٽا!

ڪائنات جي خالق جي فرمان موجب حضرت محمّد ﷺ آخري نبي زمان ۽ خدا جو محبوب آهي. حضور ﷺ جن جي صفت ۽ ساراهه ڪان سواءِ من مان ٻيائي جي ڪٿ لاهي نٿي سگهجي. سمورن صوفي شاعرن حضور اڪرم ﷺ جن جي ساراهه ۽ صفت ۾ گهٽو ڪجهه چيو آهي. سچل سرمست پڻ حضرت محمّد ﷺ جن جي ثنا بيان ڪندي ساڻن پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

ڪل نبيان دا سرتاج محمد ﷺ، "بحر عرف" امواج محمد ﷺ
"قاب قوسين او ادنيٰ"، شرف شب معراج محمد ﷺ،
امت تيري ڪيون غم ڪاوے، جين دي تيڪون لاج محمد ﷺ،
"سچل" ڪون غم ڪوئي ناهين، ڪيتا لا يحتاج محمد ﷺ.

شمع شباهت رخ دي ڏٺم، شور گهتيندي شبي،
نا مخلوق سڏيجلے اُس نون، رنگ سمورا ربي،
رومي، نا ايراني، چالے، رکدا عزم هے عربي،
"سچل" دا وچ ڏونهان جهانان، مشڪل حل مربي.

پنهنجي متعلق شعر ۾ سچل سائين پنهنجي مرشد ۽ چاچي خواجه عبدالحق جو ذڪر ڪندي پنهنجو سلسلہ تصوف قادريہ ٻڌائي ٿو ۽ پنهنجي ڏاڏي خواجه صاحبڏني جو ذڪر به احترام مان ڪري ٿو. هو چئي ٿو:

ڏاڏا جان محمد حافظ، وچ درازين ديرا،
دست تهين دا اصلون آهان، سارا مقصد ميرا.

هادي مهدي مرشد ميڏا، قادريهه ۽ڪامل،
عارف عبدالحق بهر دم، نال مريدان شامل.

شاهه عبيدالله اساڏا، خواجه پيران پيران،
آل نبي اولاد علي، ۽ حضرت ميران ميران.

ڏاڏا اُس دا غوث الاعظم، مرشد ڪل اولياوان،
قدم مبارڪ هويا تحقق، گردن سڀ سرتاجان.

حسن و عشق:

حُسن ۽ عشق شاعري جي بنيادي محرڪن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا چاڪاڻ ته پنهنجو پاڻ وٽائڻ ۽ ٻئي کي چاهڻ جا جذبا هر انسان ۾ فطري طور موجود آهن. حُسن هن ساري ڪائنات ۾ رقصان آهي. هر انسان جي دل ان جذبي سان ٽمٽار آهي ۽ حُسن ۽ عشق ئي آهي جيڪو عاشق کي سڙڻ، ٻجرڻ، ڪامڻ، لوچڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ اِها آندمانڊ ئي شاعري جي ادراڪ لاءِ سگهه بخشي ٿي. سچل سائين هڪ عاشق صادق وانگر هن عنوان هيٺ احساسن، جذبن ۽ ڪيفيتن جي خوب وستار ڪئي آهي، ائين لڳي ٿو ته جڙ هي موضوع سرمست سائين جو محبوب موضوع آهي ۽ چو نه هجي سچڙ جي ساراهه، ان جي ناز و ادا جو ذڪر ان جي ڪارن ڇڳن جا چرچا، ان جي سونهن پريل مک جي تعريف، ان جي نفيس هٿن جي اشارن جون ڪهاڻيون ڪهڙو عاشق هوندو جيڪو ويهي بيان نه ڪندو، سو سرمست سائين به ويهي پنهنجي سچڙ جي خوب ساراهه ڪئي آهي.

سچل سرمست پنهنجن سرائڪي ڏوهيڙن، سه حرفين (تيهه اکرين) ۽ ڪافين ۾ حُسن و عشق جو خوب چرچو ڪيو آهي. خاص طور ڏوهيڙن ۾ ته مجازي محبوب جي اکين جو ذڪر ڪندي ٽڪجي ئي نڏو. هو بار بار سچڙ جي سونهن بيان ڪندي هن جي نشيلن نيٽن جي ڳالهه ڪري ٿو، هو چئي ٿو:

چشمان سهڻل ديان هِن وهه وا، جڙ نوراني تڪمان،
زيرا ماس عشقان دا، آ ڪرن پورے ڏون لقمان،
مارڪے شهر دلين دا نيون، حاڪم حڪمون حڪمان،
سچل سپ ڪون پڙهاون توبهه، راز پريا اُهے رقمان.

محبوبان ديان ني اکيان بحري، سپ ڪنهن سيني اڙڪن،
چنڙ نال ڪيتس چٽسالي، نور ستارے جهڙڪن،
زلفان مار سياهه دي وانگڙ، ڳل دلے اُتون لڙڪن،
عشاقان دي مارڙ ڪيتلے، پيرے پيرے پڙڪِن،
"سچل" ويڪ خيال انهان دا صدها عاشق ڦڙڪن.

سچل سائين پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ محبوب جي اکڙين کي وڏي اهميت ڏني ٿو. چاڪاڻ ته عشق جو اظهار جو واحد سگهارو ذريعو اکيون هونديون آهن. اکين جون اکين سان اوريل ڳالهيون دل ۾ لهي ويندیون آهن ۽ عشق جو سارو مدار دل تي ئي هوندو آهي ۽ عقل دماغ جي ماتحت ٿئي ٿو. عشق ۾ عقل جي نه پر دل جي ڳالهه ميجي وڃي ٿي. سچل: سچڙ جي اکڙين لاءِ نت نرالیون تشبيهون ڪم آڻي ٿو. هو ڪڏهن يار جي اکين کي قاتل ڪوٺي ٿو ته ڪڏهن باز سان پيٽي ٿو ته ڪڏهن وري انهن کي شهزادیون سڏي ٿو ته ڪڏهن انهن ئي اکين کي شينهن چئي ٿو ته ڪڏهن وري ڪيفي ڪيف ڪکوريل سڏيندي انهن جي صفت ۽ ساراهه ڪندو رهي ٿو. سچل جي محبوب جون اکيون ايتريون ته زور آور آهن جو دل جي دنيا تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. سرمست سائين محبوب جي قاتل اکين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

اکيان باز عقاب سهڻے ديان، شور گهٽين شهه زوريان،
مست هوون مستانيان ڏونهين، ڏاڍے ڪيف ڪکوريان،
منهن وچ ڏون مهتاب ني روشن، يا وت نور ڪٽوريان،
خوني خون ڪريندیان "سچل" تايي سدا سگوريان.

انهي ئي قاتل اکين کي سچل سائين پنهنجي هن ڏوهيڙي ۾ باز

سان تشبيهه ڏيندي باز جا مختلف قسم پڻ بيان ڪيا آهن، هو چئي ٿو:

ظالم ديان زور آور اکيان، باشي باز يا بحريان،
ڪجليان قاتل عشاقان ڪون، قتل ڪريندڙيان قهريان،
دردمندان دي مارڻ ۾ ماهر، ڪٽ نهين او نهريان،
شاهان تي ۽ پروا "سچل"، نال غريبان گهريان.

ڏُرڪي باز سهڻي ديان اکيان، شوقي زور شڪاري،
ڪيفي شور شرابي هونديان، خاصيان خاص خماري،
عشاقان دي او دل نون "سچل" ڪردڙيان قوت گذاري.

وري هڪ ٻئي هنڌ اکين جي شهباز ۽ زري سان پيٽ ڪيڏي نه خوبصورتي مان ڪري ٿو:

سهڻي ديان شهباز اکين هن، يا وت ظالم ڏُرڪي،
مڙگان ڏون تعزير عشاقان، ڏين والي جن ڏُرڪي،
قدر انهان دا تنهن ڪون جنهان، پيتي تاز تُرڪي،
مست موالي اڻان آکر، سٽن سر هڪ جُرڪي،
خبر جنهان نون اِها نه "سچل"، حال تنهان دي بُرڪي.

سچل پنهنجي محبوب جي ڪيف ڪڪوريل اکين جو ذڪر ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

سهڻي ديان اهي ظالم اکين، شير وتن ڇڻ شوري،
شور گهيتن شهزادڙيان ڏونهين، ڪيفي ڪيف ڪڪوري،
نينهن دي نيزي بڙڇان چاون، يا وت جام ڪٽوري،
ڪرن تاراج دلڙيان ڪون "سچل" زور آور نال زوري.

چشمان شور شراب مثالي، غمزي رنگ گلابي،
نظر گهتن جنهن طرف اٽي، تنهن طرف ٽيوي بيتابي،

مشتاقان دے دليان ڏهون، ڪرديان شير شتابي،
ستن جهٽن تے پٽ ڪاون "سچل" عين عذابي.

سچڙ جون اکيون سچل وٽ ڪڏهن باز جهڙيون آهن ته ڪڏهن اهي ئي اکيون پنهنجين ادائن سان قاتل اکيون بڻجن ٿيون ته وري هن ڏوهيڙي ۾ سچل سائين جانب جي اکين کي شينهن جهڙيون ٿو پائين، هو چئي ٿو:

شير اکيندے غالب هوندے، اٽے شير جهنگل دے،
شير اکين ڪنون ڪوئي نابچسي، آسي وچ چنگل دے،
جهنگ والا مڙ ويندا، اے تا ڪڙدا ڪاڙ قتل دے،
مارڙ باجهون مشتاقان دے، اهے "سچل" مُول نهه ٽلدے.

سچل سرمست جتي پنهنجي محبوب جي نشيلن نيٽن جو ذڪر ڪندي نٿو ٽڪجي، اتي اهو يار جي مُک جو بيان شاعراڻي انداز مان انتهائي خوبصورتي مان ڪجهه هن طرح ڪري ٿو:

منهن محبوب دا سارا مُصحف، زيرين زبرين نالے،
عشق واليان آياتان دے وچ، پيش تے شد برحالے،
جزمان نقطے صحيح سجاٽين، قاري ڪوئي سنيالے،
"بسم الله" نال لکيان، سپ سوران پڙهن ورهلآ والے.

چوڏس چند هي منهن محبوبي، واهه وسيع پيشاني،
ويڪڙ نال حيران رهيوسي، رنگ سارا رحماني،
جهلڪ اُهين دي ڪون جهلي، جو هوئي نور نشاني،
"سچل" حُسن حسينان اتون، جان ڪيتي قرباني.

محبوب جو حسن عاشق جي دل ڦري کيس بيگانو بڻائي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ هو ان حيرانگي جي ڪيفيت ۾ شمع تي پرواني وانگر يار جي چؤگرد ڦرندو رهي ٿو. عشق جي شراب جو نشو کيس بي خودي جي ان انتها تي پهچائي ڇڏي ٿو جتي هن کي سواءِ يار جي ٻيو ڪجهه به نظر

نٽو اچي. برهه جي اهڙي ڪيفيت جو اظهار سچل سائين هن طرح ڪري ٿو:

محبوب مک وکلايا هے، ويک شمع شرمايا هے!
جڏان برهه بچائي مستي، لُٽ نيش اے ساري هستي،
جيوبن کلدا هے گل دستي، پر جام شراب پلايا هے.

—

تيڏے حسن ڪيتا حيرانا، جيوبن شمع اُتے پروانا،
هويا صورت وچ ديوانا، پاند حجاب انايا هے.

محبوب جي مک تي جڏهن پگهر جا قطرا چمڪن ٿا تہ سچڙ جي سونهن ويتر عاشق لاءِ قهر ٿي دل تي ڪڙڪندي آهي. سچل سائين يار جي صورت تي آبِ عرق جي قطرن کي موتي سمجهي ٿو ۽ چئي ٿو تہ يار جو چهرو انهن قطرن جي ڪري چمڪڙ لڳو آهي:

چمڪن جهلڪن جهمڪن رخ تي، واهه موتي دے داڻے،
ساڳي صورت حق دي ويکو، جے ڪوئي آڙ سجاڻے،
جهلڪن جور، جبين تے جادو، يا سهڻي ڪون پاڻے،
"سچل" قدر اُنهان دا ڄاڻان، يا وت آپ او جاڻے.

محبوب جو چهرو ايترو حسين و جميل ٿي ويو جو سچل سرمست هر پل انهي حسن جي نظاري ۾ گُم آهي، هو چئي ٿو:

منهن مهتاب سهڻے دا سهڻا، جنهن تي جهلڪن تارے،
چنڙ دي چٽسالي ويکو، رنگ لايا رخسارے،
سرخ پيشاني ٽپڪے ٽپڪے، صورت جوڙ سينگارے،
راتيان ڏينهان هردم رهندا، "سچل" وچ نظارے.

سچڙ جي زلفن کي ڪيترن ئي شاعرن ساراهيو آهي، پر سرائڪي شاعرن ۾ سچل جو انداز نهايت وٽندڙ آهي. هو يار جي چڱن کي ڪارن نانگن سان پيٽيندي چئي ٿو تہ يار پنهنجي منهن تي

کھڑين بلائن کي پالي وينو جڙ عاشق لاءِ اهي بلائون معشوق جون پهريدار آهن، سچل سرمست چئي ٿو:

چلے چلے وال سهڻے دے نانگ بشيهر کالے،
عاشق بانهان بڈ ڪڑوتا، ويک ڪے صورت والے،
طرح ڪيهي اهو دلبر منهن تے، سخت بلائين پالے،
"سچل" سائين چپ رهہ اڃان، ويک عجائب چالے.

حُسن، خالق ڪائنات جي جمالياتي سفر جو مظهر آهي. شوخ جواني، سفيد هٿ ۽ هٿن تي ميندي جا رنگ، ڪيڏا نہ پُرڪشش هوندا آهن ۽ جڏهن اهائي حُسن جي ديوي عاشق جي اڳيان اچي بيهي، انهي گهڑي عاشق جي دلي ڪيفيت چا ٿئي ٿي، ان جو سهڻو ڏس سچل سائين هن طرح ڏئي ٿو:

ميندي لا هٿان ڪُون آندا، سهڻا بانهن لڏاکے،
چاتوس، مشتاقان کون وت، آيا آپ ڪُهاکے،
ڏونهين دستان خون انهان دے، وچون سرخ ٻڙاکے،
سپ کو ناڻ ڏکالڻ لڳا، "سچل" هس الاکے.

جنهن جاءِ تي حُسن هجي اتي عشق جو جذبو هجڻ بہ فطري آهي، عشق ئي عقل کي مات ڏئي ٿو ۽ عشق ئي پاڻ سڃاڻڻ واري وات تي وڻي هلي ٿو. عشق جو جذبو شاعري جو هڪ اهم ۽ بنيادي مُحرڪ آهي. عشق جي ذوق کي ڀائيندي شاعرن جيڪو جوش و خروش ڏيکاريو آهي، اهو هر ڪنهن جي پنهنجي وس آهر آهي، سچل سائين چئي ٿو:

ذوق هويا، ڪڙا عشق ٿيا، لڳا عشق تہ هڻ حجاب کيها!
گونگهٽ ٽوڙ گهتيس، چيڙ چڪ ڀگيا، "سچو" آک تہ ول نقاب کيها!
ساڏي دل اتے برهہ زور رکيا، مسلے والڙا هڻ ڪتاب کيها!
ننگي تيغ سهڻا! ڪري دست دوڙيا، شوقون شوقان ايڏا وشتاب کيها!

عشق جي باهہ ۾ عاشق جلي ٿو ۽ معشوق پنهنجي حُسن سان ان

باهه کي پڙکائي ٿو. محبوب خود عشق جو جلوو آهي، حُسن کي پسڻ لاءِ عشق جي جذبي جو هجڻ بہ انتهائي ضروري آهي. سچل جي نظر ۾ معشوق جون اکيون سراسر عشق آهن، اهي ئي اکيون تير بہ آهن، تہ اهي ئي اکيون باز بہ آهن، جن کان عاشق ڪنهن بہ صورت ۾ بچي نٿو سگهي، سرمست سائين چئي ٿو:

اکيان عشق تے عشق ني آبرو، مژگان عشق سيوئي،
جادوگر دا جادو ڈاڍا، سيپ نون حيرت هوئي،
عاشق ويک حُسن دے مُرچے، حال وجيندا روئي،
"سچل" تير ڪمانان بازان، پچ نا ويندا کوئي!

عشق جي وات ڈاڍي اوکي آهي، جنهن تي هلڻ لاءِ عاشق کي دنياداري جو گهڻو سامان ڇڏڻو پوي ٿو. گهڻو ڪجهه عاشق کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. دلبر جو ناز انداز ۽ ان جو فرمان عاشق لاءِ حرفِ آخر آهي. سچل سائين پنهنجي هن ڏوهيڙي ۾ فرمائي ٿو:

عاشق کون وت هک ڈيهاڙے، دلبر اينوين فرمايا،
ڀهندين ڦوک، ڪريندين کاوڙ الآ پي عشق اجايا،
عاشق حرف اهوئي سڻ ڪر، رو رو حال وجايا،
"بس هڻ بس"؛ وت آکيا دلبر، بس موت عاشق تے آيا،
رک ميدان محبت دے وچ، "سچل" قدم سوايا.

عشق هک اهڙو جذبو آهي، جنهن جي ڪابہ انتها ناهي، هک حد کان پوءِ بي حد شروع ٿئي ٿي. هر صورت پنهنجو رنگ روپ متائي ٿي. عشق بہ اهڙي طرح پنهنجا رنگ روپ متائي ٿو. عشق جڏهن مجاز جون حدون اورانگهي ٿوتہ حقيقت جي دنيا ۾ پير پائي ٿو ۽ پوءِ هو هر صورت ۾ حقيقي مالڪ جو جمال پسي ٿو. عشق جو حقيقت جي وادي ۾ داخل ٿيڻ کان پهرئين مجاز جو ادراڪ هجڻ بہ سالڪ لاءِ انتهائي ضروري آهي. سچل سرمست بہ حسن و عشق جي اهڙي مجازي ادراڪ جو خوب اظهار ڪيو آهي. هي پنهنجي مجازي محبوب جي عشق ۾

سندس سونهن سوپيا جون ڳالهيون ڪندي ٿڪجي نٿو. اها خوبي سندس شاعراڻي ڪمال ۾ نازڪ خيالي جو احساس ڏياري ٿي.

عاشق کي ڪهڙين سختين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، معشوق جي عجب جهڙين رمزن کي پروڙڻ لاءِ ته عاشق پنهنجي سر جو صدقو به ڏيڻ لاءِ تيار رهي ٿو. سچل سائين پنهنجي هن ڪافي ۾ عشق جي راهه ۾ ايندڙ عاشق لاءِ تڪليفن جو بيان ڪري ٿو ۽ هو چئي ٿو:

بات برهه دي ايهي..... ايهي عجب جيهي!
مل معشوقان مصلحت ڪيتي: "عاشق قتل ڪريسون"
"قتل ڪنون جو پچي تنهن کون، شهر ڏينڌورے ڏيسون"
"ڪنون ڏينڌورے جو پچي تهين کون، سولي سر چڙهيسون"
"سولي ڪنون جو پچے تنهن کون، لهرين وچ لڙهيسون"
"لهر ڪنون جو باهر آيا، رمز اُهين دي ريهي...."
ايهي عجب جيهي!

هير رانجهو:

سچل سرمست پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ سسئي، نوري، مومل، مارئي، سورٺ ۽ هير رانجهو جي تمثيل ۾ ڪيتروئي ڪلام چيو آهي. اهڙي طرح سرائڪي ڪلام ۾ فقط هير رانجهي جي تمثيل ڪم آندل آهي. پنجابي ٻولي جو هي لوڪ رومانوي داستان پنجاب جي ضلعي جهنگ سان تعلق رکي ٿو. هن قصي کي سڀ کان اول مولانا باقي ڪولابي 983هـ/1557ع ۾ 987هـ/1579ع جي وچ ڌاري مغل شهنشاهه اڪبر جي دور ۾ فارسي نظم ۾ لکيو هو، پر هن قصي کي عام مقبوليت پنجابي جي نالي واري شاعر وارث شاهه 1180هـ/1766ع ۾ "هير وارث شاهه" جي لکڻ سان ملي. هير، رانجهو، چوچڪ سيال، ڪيدو، سيدا ۽ سهتي هن قصي جا بنيادي ڪردار آهن. هير ۽ رانجهي جو مقبرو جهنگ شهر کان اڌ ميل جي فاصلي تي واقع آهي.

سچل سرمست، هير رانجهي بابت شعر چوندي هن قصي جي سمورن ڪردارن جو به ذڪر ڪري ٿو ته ٻئي طرف هير ۽ رانجهي جي

هڪ ٻئي لاءِ سڪ، اُڪير ۽ تڙپ جو بہ ذڪر ڪري ٿو. رانجھو عشق جي هٿان مجبور ٿي هير جي لاءِ جھنگ سيال اچي ٿو. تڙپ ۽ بيقراري ان انتها تي آهي جو سچل چواٽي تہ رانجھو پنھنجي ئي ڳوڙھن سان وينو پنھنجو منھن ڏوئي، برھ جي باھہ جو بہ اھو عجب تماشو آهي. سچل سائين چئي ٿو:

چوڙڪے تخت هزارا اٽاهون، جھنگ سيال پُڇايس،
عشق والا وت راتيان ڏينھان، سر تے مينھن وسايس،
برھ دريا چناھہ دے ڪنڈي، "سچل" ويک پُڇايس،
ٻيڙي چڙھدا ٻھون روندا، ھنجوان نال پيا منھن ڏوندا.

عشق ڏيکو تا ڪٽون آکر، ناد نغارا وڄائے،
ڪٽے جھنگ ڪٽے وو هزارا، ڪٽي ڦيرا پائے،
اي تا حڪم الله دا سارا، جو ڪٽان اکيان لاے،
حق ديان ڳالين ايھي عيني، عشق ديان چالين ايھي هيني.

عشق جي واٽ اٽانگي آهي، جنھن جي هر موڙ تي عاشق لاءِ تڪليفون ۽ صبر جا امتحان مقرر ٿيل آهن. عاشق کي بہ انھن سمورين سختين ۽ امتحانن جي سُڌ آهي پر پوءِ بہ هو سڄڻ سان ياري لاءِ توڙ نباھڻ جو قائل آهي، ڇاڪاڻ تہ هو عاشق سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو. رانجھي جي قصي ۾ سچل سائين ڪجھہ هن طرح فرمائي ٿو:

عشق بازي هے ڏاڍي مشڪل، لاوڻ توڙ نياوڻ،
باري بار برھہ دا هيئي، چم اکين سر چاوڻ،
ڳالھہ اهين ڪنون مڙنا ناهين "جيوڻ تے نينھن لاوڻ"
نينھڙا لاوڻ ول ول سگھڙا، پريت لڳاوڻ پل پل سگھڙا.

سچل جتي رانجھي جي هير لاءِ بيقراري ۽ تڙپ جو ذڪر ڪري ٿو اتي هير بہ ڪا سُک سان ستل ناهي، هو بہ رانجھي جي عشق ۾ بي حال آهي. ڇاڪاڻ تہ هير جو رانجھي سان ازل لاکون ئي عشق جو

پيچ ڳنڊيل آهي. سچل سائين چئي ٿو:

ظاهر نہ هائي جڏان ذات کيڙيان دي، تڏان عشق رانجهو دا لئيان،
در رانجهو دے مين وڪاڻي، بيان کيهيان اسان تے بيعان،
جنهن دي آهس روز ازل ڪنون، وس اهين دے مين پئيان.

آڳاٽي وقت ۾ ڪانگ قاصد وارو ڪم ڪندو هو. اڪثر شاعرن ڪانگ کي انهي مقصد ۾ ڳايو آهي. پرين ڏانهن پيغام ڪانگ وسيلي ئي موڪليو ويندو هو. هير به رانجهي کي پنهنجي ويڙهي گهرائڻ لاءِ ڪانگ اُڏائيندي ساٽس هڪ ٽيڻ جي سَڌ ڪري ٿي. سچل سائين چوي ٿو:

تون آ. مين ڪڙي ڪانگ اُڏاران، آ وس ميڏے ويڙهے،
هردم هوين يار سڄڻ، تون دردمندان دے ديرے،
لڏي اسان تون سهڻا سائين، جهنگ سيالين دے جهيڙے،
رانجهو تي مين هڪ ٽيوسے، ڪون ڪمينے ڪيڙے،
"سچو" اے جهڳڙا عشقے والا، قاضي ڪون نبيڙے؟

سچل سرمست، رانجهي جي تمثيل ۾ پنهنجي فڪر الوجود جي به خوب وستار ڪري ٿو. روحاني معنيٰ جي خيال کان هن قصي کي سرمست سائين ڳائيندي لاثاني بڻائي ڇڏيو آهي. هير جتي مطلوب آهي اتي هو خود طالب به بڻجي وڃي ٿي. اهڙي طرح رانجهو جتي طالب آهي اتي هو مطلوب به بڻجي وڃي ٿو. سچل جو ڪوبه تمثيلي ڪردار هڪ ئي وقت تي طالب ۽ مطلوب ناهي. سچل هن تمثيل ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته انسان جڏهن خدا جو طالب بڻجي ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا جُهد ڪري ٿو. ڪشالا ڪاٽي ٿو. سسئي وانگر رڙ پٽ جون سختيون سور سهي ٿو ته پوءِ طالب جو اهو ئي مطلوب خود پنهنجي طالب لاءِ طالب بڻجي وڃي ٿو. اها منزل طالب لاءِ سندس رياضتن جي بدلي کيس عطا ٿئي ٿو.

سچل سائين جي هير رانجهي جي بيتن، سه حرفين (تيهه اکرين) ۾ کافين جو باريک بيني سان مطالعو ثابت ڪري ٿو ته هر شعر ۾ سرمست سائين پنهنجي فڪر جو اظهار ضرور ڪري ٿو:

هڪو سائين سڀ ڪنهن صورت، واهه جو سيل ڪريندا،
ڪٿي هير ڪٿي وت رانجهو، ڪيڏا ڪٽ سڏيندا،
طلسم هيئي تحقيق سڀو، جي مين ڪنون ڳالهه پچيندا،
بحر اُهين ديان هن سڀ لهريان، عشق واليان د سرتي نهريان.

—

اڳ اسا ڏي وسدا هردم، "سچو" جانب جوئي.

—

دم دم دي وچ دوست سڃڻ دي لحظي لحظي تيان تيان،
مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، ڪيڙيان پاس نهه پيان پيان.

هير رانجهي جي قصي کي سچل کان اڳ ۾ پوءِ سنڌ کان ٻاهر جي شاعرن ڳايو آهي، پر جيڪو اثر سچل جي چيل "هير رانجهي" ۾ موجود آهي، اهو ٻيو ڪو شاعر ان قصي ۾ پيدا نه ڪري سگهيو. رانجهي جي هير لاءِ تڙپ، هير جي رانجهي لاءِ بيقراري، ويڳاٽپ جو بيان ايڏو ته گهرائي سان پيش ڪيو ويو آهي، جو ان جو اثر ديرپا ٿي بينو آهي. حميد سنڌي، سچل سرمست جي انهن تمثيل ۾ پيش ڪيل ڪردارن بابت لکي ٿو:

"سچل جي سُر ۾ آلاپ، درد، هجر فراق، سونهن سوڀيا، خوشي ۽ غم جا جيڪي به ذڪ ڏيکاريا ويا آهن، سي هير رانجهي جي ان لوڪ داستان کي امر ڪري ڇڏين ٿا. هير، وارث شاهه جي چوڻ هجي، رانجهو، بيدل جو چوڻ هجي، غلام فريد يا بلها شاهه ان جي عشق ۾ چوڻ غلطان هجن، پر هت سچل جو، انهي سهڻي جوڙي سان جيترو عشق آهي، اهو شايد ئي هن ڪن ٻين ڪردارن سان ڪيو هجي."
(آري شال اچن)

تصوف:

سچل سائين جي سرائڪي ڪلام جو ڳچ حصو تصوف جي تشريح ۾ چيل آهي. تصوف دراصل ڪو جدا مذهب يا دين اسلام جو ڪو فرقو ناهي، بلڪ هي اسلام جو اهو فلسفو آهي جيڪو انسان ۽ خدا جي وچ واري فرق کي ختم ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو. انسان بنيادي طرح نيڪي ۽ بدي جي وچ ۾ زندگي گذاري ٿو. نفساني خواهش، لالچ، مايا جي موهه، بيائي انسان جا بنيادي ويري آهن، جيڪي هن کي سندس ئي اندر ۾ موجود "حق" سان گڏجڻ نٿا ڏين. تنهن ڪري صوفياءِ ڪرام هميشه تزڪيه نفس جي تلقين ڪئي آهي.

سچل سرمست تصوف جي سلسلي جو سنڌ ۾ اهم شاعر آهي. هو پنهنجي ڪلام ۾ ان فلسفي جي خوب اپٽار ڪندي وحدت تان ڪثرت ۽ ڪثرت وحدت ڪُل واري نقطي تي زور ڏئي ٿو ۽ 'الف الله' واري نقطي جي ڳالهه ڪندي چئي ٿو

"الف" باب مطالعه ڪيجي، "بي، تي، ثي، نه سڙيجي،
آوڙ "الله" جاوڙ هُو، اهو دائم دم ڏريجي،
نال يقين تصور دي وچ، سبق سنيال پڙهيجي،
ڏوجهي باب حرف "بي" د "سچل" ڪنهن دي ڪاڻ ڳڻيجي

"الف" جو نقطو سچاڻڻ لاءِ عشق جي باهه جو انسان جي اندر ۾ دکيل هجڻ به تمام ضروري آهي، جنهن ۾ سالڪ جون سموريون نفساني خواهشون سڙي ختم ٿي وڃن تہ جيئن هن جي اندر مان "مان" وارو فرق مٽجي وڃي ۽ پوءِ ئي اهو سچو عاشق بڻجي پوندو. اها عشق جي باهه جي تپش آهي جو صوفي دنيا جا سمورا لڳ لاڳاپا لاهي هڪ "خدا" جي فڪر ۾ مستغرق ٿي وڃي ٿو. سچل سرمست چئي ٿو:

عشق محبت باجهون جاڻي، بي سڀ راهه خلاقي،
بزرگي ڪاڻ دنيا دي ڪردي، سڀ دي نال تلاقي،
"سچل" اهي ڪڏان نه ٽيسين، هرگز صوفي صافي.

الاهي عشق جا اسرار سپ نہ ڄاڻي سگھندا بلڪ اهي راز تہ اُهي پروڙيندا جيڪي انهي راهہ جا راهي هوندا. سچل چئي ٿو:

عشق دے اسرار دي يارو، هے آگہ سرمستان نون،
زاهد عابد ملا قاضي، کردے ياد گذشتان نون،
استقبال تے ماضي کيا هے، حال ڈتس دل خستان نون،
نشے عشق دے عاشق جاڻن، کل کيهي کم بختان نون،
تقويٰ، زهد تے دين کفر، بت گهتين سر بستان نون،
عشق هادي دا غالب هويا، سچل نيست کريندا هستان نون.

حق جي طالب تي عشق ئي عنايت ڪري ٿو، جو هو تسبيح جي ڪسبي ٿيڻ کان سواءِ سندس بخت سوايو ٿيو وڃي. اها مهر عشق جي ئي آهي پر عشق تڏهن ئي پنهنجي عنايت ڪري ٿو جڏهن عاشق عشق جو اهو انوکو هنر سکي ونڊي ٿو. سچل چواڻي تہ شيخ مشائخ، قاضي ملا ٿيڻ کان گهٽو بهتر آهي تہ عشق جو هنر سکجي، سرمست فرمائي ٿو:

نا وت شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿيوسے،
نا قاضي نا معلم ملا نا وت پير بڻيوسے،
باقي جوڙ نہ عالم کيتے، رنگ رسا رکيوسے،
سچل عشق الله دے باجهون، ٻيا کوئي نہ هنر سکيو سے.

نا مين کيتا کڙکا تسبيح دا، اتے نا مين زهد عبادت،
نا مين زير زبر دا کيتا، نا مين تقويٰ طاعت،
سچل دا بخت سوايا، جو کيتي عاشق امانت.

سچل سرمست کي عشق جي اها پٽي سندس مرشد خواجہ عبدالحق پڙهائي ٿو. هوئي کيس وحدت جي طريقي کان باخبر ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

روز ازل استاد اسانون، هڪ سٽ پريت دي پڑهائي،
سا مين دل دي تختي اتے چاهه وچون لک چاڑهي،
سچل عشق ٻڌيا نا ٽيوے، ڪيا جو چٽي ڏاڑهي.

هڪ ڏهاڑي مرشد مينون، آپ اينوين فرمايا،
اهو طريقه وحدت والا، سانون ٻهون خوش آيا،
سچل ڳالهه عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا.

سچل کي سندس مرشد "پاڻ سجاڻ" جو سبق پڑهائيندي منصور وانگر الاهي راز عيان ڪرڻ جو به درس ڏئي ٿو. سرمست فرمائي ٿو:

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا ته "مئے پيالا پيوين!"
آکيم اينوين سائين اينوين!

آکيس آپ سجاڻ ٻاجهون همدم مول نه ٽيوين،
آکيم اينوين سائين اينوين!

اپڻي ذات لُکا اٽ ٻينين، تيڏا مطلب ٽيسي ڪيوين؟
آکيم اينوين سائين اينوين!

موتو قبل ان تموتوا، مئي پجاڻون جيوين،
آکيم اينوين سائين اينوين!

آکيس ماريا حلاج نغارا، سچل تون يي مارين تيوين!
آکيم اينوين سائين اينوين!

سالڪ حق جو طالب آهي، هو حق سان گڏجڻ چاهي ٿو. صوفي جي نظر ۾ روح ڪُل جو جز آهي ۽ جسم مٽي، جيڪو مٽي ٽيٽو آهي ۽ روح کي ڪُل سان ملي هڪ ٽيٽو آهي. صوفي جڏهن بقا حاصل ڪري وڃي ٿو ته هن کي هر سؤ فقط جانب جو ئي جلوو نظر اچي ٿو. سچل سائين اهڙا ڪيترا خيال پيش ڪندي سرائڪي ۾ پڻ چوي ٿو:

اوئي اندر اوئي باهر، اوئي آها مُويَمُو،
هر ڪنهن جاءِ ظهورا تنهن دا، هر ڪنهن ڪُوچي سُو بَسُو،
"وَ هَوَ مَعَكُم" اها بشارت جانب وسدا جُوبجو،
آپ ڪنون ڪڏان خيال نہ باهر، سچل ٻهندا روبرو.

سالڪ جو خيال آهي تہ انسان جي اندر ٻاهر اهو ئي هڪ خدا موجود آهي، جنهن جو پرتو انسان خود آهي، اهو ئي حق جدا جدا صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اهوئي منصور آهي، اهو ئي منصور کي سزا ڏيڻ وارو آهي، اهو ئي عاشق آهي، اهو ئي معشوق آهي. مقصد تہ هر صورت، هر مظهر ۾ فقط ئي فقط ذاتِ واحد موجود آهي.

سچل چئي ٿو:

خود هے اهو ئي خود هے، نهين اور ڪوئي اليندا.
طرحون طرح تماشا اپڻا جو آپ ڪريندا،
منصور هوڪے ويڪو سولي اُپر چڑهيندا،
سچو تون ڪٿ نهين، هے اندر ٻاهر اهوئي،
بد نيڪ اوئي ڪريندا، تون آپ ڪيون ڳڻيندا.

سچل سائين جتي سالڪ جي الاهي عشق، مرشد جي حڪم پاڻ سڃاڻڻ، فنا بقا، جون ڳالهيون ڪري ٿو. اتي اها پڻ تلقين ڪري ٿو تہ حق سان ملي هڪ ٽيڻ لاءِ علم جي نہ پر بلڪ عمل جي ضرورت آهي. سالڪ جون رياضتون ئي ان کي اعليٰ مقام تي پهچائي سگهن ٿيون. جتي ٻہ جو فرق مٽجي وڃي ٿو. سچل ملان ۾ قاضي کي اهڙي ڳالهہ سمجهائيندي ڪيس عشق جي شراب جي هڪ وٽي پيئڻ سان مست الست تي وڃڻ جي تلقين ڪري ٿو. چئي ٿو:

ملا، ڇوڙ ڪتابان پيوين، مے دي هڪ پيالي،
پاڪ تهين وچ قاضي ٽيوين، مستان مست موالي،
سچل سبق وسار ڪراهڻ هووين محبت والي.

—

قاضي مين سڄ آکاڻ تينون، جوڙ مسائل مُصلا،
آءُ پيووَن هڪ سُرڪي مے دي، مول نہ ٽيوين مُلا،
سچل جنهن حق حاصل ناهين، راهہ ڪنون اوپُلا.

سچل سرمست کي اها ڳالهہ پڻ سندس مرشد فرمائي آهي، جنهن جو اظهار هو هن ريت ڪري ٿو:

قاضي ساڻ ڪتابان ڪون هُڻ، مرشد اينوين فرمايا،
آپ سجاڻ تہ تون ڪيا هيئين، عرف نفسہ پرجهايا،
"سچل" راهہ ڪفر دا سانون، مرشد آپ بتايا.

سچل سرمست پنهنجي سرائڪي شاعري ۾ حُسن ۽ عشق جون ڳالهيون ڪندي بہ وحدت الوجود جي وائي ورائي ٿو. هن جو اظهار ايترو تہ سگهارو آهي جنهن جو اثر اڄ بہ موجود آهي. سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ بہ ڪوڙ ساريون ادبي ۽ فني خوبيون موجود آهن. هن وٽ تشبيهہ، استعاري، تمثيل جو استعمال ۽ صنفن جا مختلف گهاڙيتا موجود آهن.

اردو ڪلام:

سچل سرمست سنڌي، سرائڪي، فارسي کان سواءِ اردو ۾ بہ ڪلام چيو آهي. سچل سائين جي دور تائين سنڌ ۾ اردو شاعري جي شروعات ٿي چڪي هئي. تيرهين صدي عيسوي ۾ نٿي جي فارسي شاعر عبدالحڪيم "عطا" نٿوي جا ڪجهہ اردو غزل ملن ٿا. ان دور کان سچل سائين جي دور تائين سنڌ جي ڪيترن شاعرن اردو ۾ شعر چيو، جن ۾ مير حيدرالدين ابوتراب ڪامل، مير محمود صابر، مير حفيظ الدين عالي، روحل فقير، مراد فقير، شاهو فقير، سيد ثابت علي شاهہ، مير ضياءُ الدين ضياءُ، محمد عظيم الدين عظيم، ميان محمد سرفراز عباسي، مير علي شير قانع، آخوند قاسم ساوٽي هالائي، فقير غلام علي، دريا خان، مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان، مير غلام علي 'مائل'، مير محمد نصير خان جعفري، مير صوبدار خان جعفري، نواب

ولي محمد خان لغاري، سيد قمبر علي شاهه پاڏائي، نظر علي فقير، نانڪ يوسف، خليفو نبي بخش 'قاسم'، قادر بخش 'بيدل' ۽ بيا شامل آهن.

سنڌ جا هي اردو شاعر، اردو شاعري جي بن مختلف روايتن، هندي روايت ۽ فارسي روايت جا پيروڪار هئا. هنن جو موضوع مذهبي ۽ عاشقاڻو هو. زبان جي حوالي سان به هنن جي ڪلام ۾ ايتري دسترس نه ٿي ڏسجي تنهن هوندي به هڪ ڏاري زبان ۾ شعر چوڻ ۽ ان جي فن سان نباهه ڪرڻ وارو ڪمال هنن شاعرن جو ضرور آهي.

(سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص 84)

سچل سرمست پنهنجي اردو ڪلام ۾ به فلسفه وحدت الوجود جا مضمون بيان ڪيا آهن. اهي ئي موضوع، اُهي مضمون، اهو ئي انداز، اهو ئي اسلوب سرمست سائين جي اردو شاعري ۾ موجود آهن جيڪي سندس سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ ٽڪيل پکڙيل آهن. اهڙا ڪجهه عڪس اسان کي نظر اچن ٿا:

حيران هوا، حيران هوا، اس حُسن پہ میں حيران هوا،
دل کس پہ مرا ناداں هوا- ناداں هوا- ناداں هوا۔

اگر صورت میں ہے آدم، تو مظہر میں خدا ہوگا،
کبھی کرارِ حيدر ہے، کبھی شہ مصطفیٰ ہوگا۔

اگر اثبات کو سمجھا نہ ہرگز تو گدا ہوگا،
گداگر تو نہیں ہرگز یقینا خود خدا ہوگا۔

فني جائزو:

سچل سرمست پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ به سنڌي ڪلام وانگر خوب فني خوبيون ڇڏيون آهن. هيئت جي اعتبار کان سندس

سرائڪي ڪلام ڏوهيڙي سه حرفي ۽ ڪافي تي مشتمل آهي.

ڏوهيڙو سرائڪي زبان ۾ چيو ويندو آهي. فني ستاءِ جي لحاظ کان ڏوهيڙو اهڙي بيت کي چيو وڃي ٿو. جنهن جي هر ست جي آخر ۾ قافيو اچي. دوهي جي بہ هر مصرع جي آخر ۾ قافيو ايندو آهي. لفظ ڏوهيڙي ۾ "ٻٽو دوهو" جو مفهوم سمايل آهي. سچل سائين سرائڪي ۾ جيڪي ڏوهيڙا چيا آهن انهن ۾ ستن جو خاصو اضافو آهي. سندس اڪثر ڏوهيڙا چئن ستن جا آهن. پر ڪن ڪن ڏوهيڙن جي ستن جو تعداد اٺ، نَوبہ آهي. هير جي داستان جو هڪ ڏوهيڙو يارهن ستن جو آهي.

سچل سائين جي ڏوهيڙي ۾ اسان کي ڪن صنعتن جو بہ استعمال ملي ٿو، جن ۾ صنعت ترصيح، صنعت مڪرر، صنعت تضمين ۽ صنعت سوال جواب شامل آهن.

سچل سائين جي سرائڪي شاعري ۾ سہ حرفي بہ موجود آهي جنهن ۾ پڻ مروج انداز کان هٽي ڪري ڪيترين ئي نواڻ پيدا ڪيون اٿس. هيئت جي اعتبار کان سندس سہ حرفيون مثلث، مسدس، مخمس، مربع ۽ هڪ ست واري فارم ۾ ملن ٿيون، تہ ان سان گڏوگڏ قافين ۾ تصغيريت ۽ ٻٽو آوازي قافيو پڻ استعمال ٿيل ملي ٿو.

ڪافي جيتري سنڌي شاعري جي مقبول صنف آهي. اوتري ئي مشهور سرائڪي شاعري ۾ پڻ آهي. سچل سائين جتي سنڌي ڪافي ۾ تجربا ڪري وسعت آندي آهي اتي اسان کي سندس سرائڪي ڪافي ۾ پڻ اهڙا تجربا نظر اچن ٿا. جنهن ۾ يڪي ڪافي جا ٽي، ڏيڍي ڪافي جا چار، ٻيٽي ڪافي جا ست، ايوٽي ڪافي جا ٽي ،ٽيٽي ڪافي جا چار ۽ پنجوٽي ڪافي جو هڪ تجرباتي نمونو ملي ٿو. جن بابت تفصيل سان راقم پنهنجي ڪتاب " سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر" ۾ لکيو آهي.

سچل سرمست جي شاعري ۾ ڪيترين ئي فني خوبيون موجود آهن جن بابت اسان بنهہ مختصر طور ذڪر ڪيو آهي تہ اسان انهن ٿورن مثالن مان سرمست سائين جي سرائڪي شاعري جي فني ۽ فڪري خوبصورتي بابت ڪجهہ سمجهي سگهون.

پڃاڻي:

مولوي حڪيم صادق راڻيپوري جي مرتب ڪيل سچل سائين جي سرائڪي ڪلام بابت اسان متي جيڪا بہ ڳالھ ٻولھ ڪري آيا آھيون تنھن مان اسان ڏسون تا:

- رسالي جي مقدمي ۾ گھڻو تڻو زباني روايتن کي قلمبند ڪيو ويو پر انھن ۾ موجود سنن جي تضادن ڏانھن نہ ڏنو ويو جنھن سبب علمي حوالي سان ڪافي مونجھارا پيدا ٿئي ٿيا جن بابت ڪن اھم جاين تي راقم طرفان حاشيا لکيا ويا آھن.
- رسالي جي ترتيب وقت ڪن مکيہ غلطين ڏانھن ڏيان نہ ڏنو ويو. خاص طور مواد جي ترتيب ھر عنوان ھيٺ ساڳي رھڻ گھربي ھئي، جيڪا نہ رکي وئي آھي.
- 'مزيد ڪلام' واريون ڪافيون مکيہ عنوان سان تعلق رکڻ سبب انھن عنوانن ۾ شامل ڪيون ويون آھن.
- سچل سائين جو سرائڪي ڪلام ڏوھيڙي، سھ حرفي ۽ ڪافي جي ھيئت ۾ آھي جنھن ۾ پڻ سرمست سائين فني حوالي سان خوبصورت تجربا ڪري انھن جي گھاڙئين ۾ وسعت پيدا ڪئي.
- سرائڪي ڪلام ۾ بہ سرمست سائين حُسن و عشق جون ڳالھيون ڪندي فلسفہ وحدت الوجود جا مضمون عيان ڪيا آھن.
- سچل سائين جو سرائڪي ڪلام بہ فني ۽ ادبي خوبين سان ٽمٽار آھي. زبان جي حوالي سان سندن ڪلام اعليٰ آھي. منجھس رواني، لئ ۽ ردم موجود آھي.

[رسالو سچل سرمست. (سرائڪي ڪلام) جي ٽئين ڇاپي 2012ع. جو مقدمو]

تعارف

سچل سرمست سنڌي صوفياڻي شاعري جو اهم نالو آهي هن پنهنجي فڪر جي لاءِ مختلف زبانن ۾ شاعري جي گهاڙيتن کي اختيار ڪيو. سندس شعر سنڌي، سرائڪي، اُردو ۽ فارسي ٻولي ۾ بيت، دوهي، سورٺي، دوهي سورٺي، جهولڻي، سه حرفي، ڪافي، ڏوهيڙي، غزل، مثنوي، قطعه ۽ فرد جي هيئتن ۾ موجود آهي. سندن ڪلام جي سهيڙ جو باقاعده مڪمل ڪم مرزا علي قلي بيگ سنه 1902ع ۾ ڪيو: جيڪو رسالو "رسالو ميان سچل فقير جو" جي نالي سان شايع ٿيو. ان کان پوءِ اهو سلسلو جاري ٿيو اهڙي ريت آغا غلام نبي، نماڻو فقير، رشيد احمد لاشاري، درمحمد، سميت ڪيترن ئي سچل شناسن، سرمست سائين جو ڪلام سهيڙيو. سنه 1958ع ۾ عثمان علي انصاري جو مرتب ڪيل سچل سائين جو سنڌي ڪلام تي مشتمل 'رسالو' سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو. بورڊ طرفان ان جو هوبهو ٻيو ڇاپو سنه 1982ع ۾ خيرپور ۾ ٿيل سچل نيشنل سيمينار جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو.

عثمان علي انصاري جي مختصر سوانح حيات:

عثمان علي انصاري سنڌ جو ڄاتل سڃاتل اديب، تعليمدان رهيو آهي، هت پيش ٿيندڙ سندس سوانح حيات سندس ئي خود نوشته جو اختصار آهي جيڪو تماهي مهراڻ سوانح نمبر 1958ع ۾ شايع ٿيل آهي. البته اها خودنوشته ان خيال کان اڻ مڪمل ۾ آهي جو ان ۾ انصاري مرحوم جو سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ٿيڻ يا سندن لکيل ڪتابن جو ذڪر ناهي. انصاري صاحب پنهنجي باري ۾ خود لکن ٿا.

"منهنجو والد هدايت الله انصاري پارت جي شهر سهانپور ضلعي

جي جنت آباد (انبهه) ڳوٺ جو هو. سنہ 1870ع ڌاري سنڌ آيو ۽ پوليس ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ 1901ع ۾ سيوهڙ ۾ انسپيڪٽر جي حيثيت ۾ وفات ڪيائين. منهنجو (عثمان علي انصاري) جو جنم 21 آڪٽوبر 1901ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. ان وقت والد صاحب کي گذر ڪئي ٻه مهينا ڪن ٿيا هئا. ابتدائي تعليم شڪارپور جي سنڌي اسڪول نمبر 2 ۾ شروع ٿي، ٽئين درجي ۾ منهنجي چاچي شيخ صادق علي انصاري جو ان وقت ميهڙ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو (شيخ صادق علي بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي جو خيال آهي ته هو صاحب رياست خيرپورميرس جو وزير ٻه رهيو) مون کي گهرائي ميهڙ جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتان چوٿون درجو پاس ڪري اچي شڪارپور پهتس ته انگريزي پڙهان پر قدرت کي منظور نه هو شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخلا نه ملڻ جي صورت ۾ وڃي قاضي بهادر علي شاهه جي مدرسي ۾ ٻه سال عربي/فارسي پڙهيم. جنهن کان پوءِ وري چاچي خيرپور گهرائي اي-وي اسڪول (هاٽوڪي ناز هاءِ اسڪول) ۾ داخل ڪرايم جتان ٻيو درجو پاس ڪري لاڙڪاڻي جي اي.وي اسڪول مان ٽيون ۽ چوٿون درجو پاس ڪري وري پنجين درجي جي لاءِ خيرپور آيس پر وڌيڪ درجي پاس ڪرڻ جي لاءِ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ آيس جتان سنہ 1918ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيم، جنهن کان پوءِ جهوناڳڙهه وڌيڪ تعليم لاءِ ويس پر اتان جلدئي بنا تعليم جي واپس موٽيس ڪجهه عرصي کان پوءِ سنہ 1921ع ۾ عليڳڙهه مان انٽر جو امتحان پاس ڪيم، ۽ موٽڻ بعد ناز هاءِ اسڪول ۾ پڙهائڻ جو شغل جاري ٿيو. ۽ پوءِ سال 1923ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان بي.اي پاس ڪري ان ئي سال انگلستان روانو ٿيس.

آگسٽ 1925ع ۾ انگلينڊ کان واپس اچي "بمبئي ڪرانيڪل" جي سيد بريلوي وٽ ڪم شروع ڪيم، هفتي اندر خانبهادر ۽ بعد ۾ سر غلام حسين هدايت الله پوني ۾ گهرائي چيو ته سنڌ ۾ نوڪري ڪر. ٻه مهينا لکپڙهه هلڻ کان پوءِ نيٺ سنڌ ۾ 27 نومبر 1925ع تي ميرپورخاص مدرسي جو هيڊماستر ڪري رکيائون، جتان وري 1927ع

۾ نوشهري فيروز بدلي ڪيائون 1933ع ۾ اتان وري ميرپورخاص بدلي ٿي آيس. سال 1940ع ۾ ڪراچي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيس، 1947ع ۾ ميرپورخاص کان حيدرآباد موڪلندي وات تي موٽر جي اونڌي ٽيڙ جي ڪري فيبروري کان ڏسمبر تائين زيرِ علاج رهيس، صحتياب ٿيڻ بعد ايس. ٽي ڪاليج ڪراچي جو پرنسيپال ڪري رکيائون، چئن سالن کان پوءِ 1951ع ۾ ڊي.پي.آءِ جي عهدي تي آيس جتان تازو آڪٽوبر 1957ع ۾ پينشن تي آيو آهيان."

عثمان علي انصاري شروع کان وٺي شڪار جو شوقين هو پر سندن لکڻ موجب 1947ع ۾ موٽر جي حادثي کان پوءِ ڪمزوري سبب اهو شوق ڇڏي ڏنائين ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ لکڻ پڙهڻ واري شغل ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏيڻ شروع ڪيائين.

انصاري صاحب جي خودنوشته بنهه مختصر آهي جنهن ۾ سندن زندگي جي بنيادي معلومات درج آهي. مولانا غلام محمد گرامي سندن وفات تي لکيل وفات نامي ۾ کين کلمڪ ۽ ملنسار انسان سڏيو آهي. انصاري صاحب 2 سيپٽمبر 1962ع تي وفات ڪئي.

ادبي خدمتون:

عثمان علي انصاري هڪ تعليمدان سان گڏوگڏ مترجم، مرتب ۽ ليکڪ جي حيثيت به رکي ٿو. پاڻ نه رڳو ڪتاب به لکيائون پر علمي ادبي ادارن سان سندن وابستگي رهي. جنهن جو وچور هن ريت آهي:

1. 1946-47ع سيڪريٽري، سنڌي ادب (ساهت) لاءِ صلاحڪاري بورڊ (هاڻوڪو سنڌي ادبي بورڊ).
2. 1961ع (هڪ سال لاءِ) اعزازي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ
3. ميمبر، 1951ع کان 1961ع تائين سنڌي ادبي بورڊ
4. ميمبر سيڪنڊري ايڊيوڪيشن ڪميٽي ۽ راڳ جي سڪيا جي ڪميٽي جو پڻ ميمبر رهيو.
5. 1946-47ع چيئرمين ايڊيٽوريل بورڊ مهراڻ رسالو.

عثمان علي انصاري جون تصنيفون هن طرح آهن:

(1) جرم وفا- شيڪسپيئر جي ڊرامي Cymbeline (سنبلين) جو ترجمو 1937ع

(2) گمراهه دوست- شيڪسپيئر جي ڊرامي جو ترجمو 1939ع

(3) پنج-انصاري صاحب جي پنج ڪهاڻين جو مجموعو 1937ع

(4) ادبي انتخاب- مضمونن جو ترجمو ۽ ترتيب- سنڌي ادب (ساهتيه) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (هاڻوڪي سنڌي ادبي بورڊ جي بنيادي اداري) 1944ع ۾ شايع ڪيو.

(5) يوناني فلسفو- ارسطو، سقراط ۽ افلاطون جي زندگي ۽ فلسفي بابت، جيڪو سنڌ اڪيڈمي ڪراچي 1949ع ۾ شايع ڪيو.

(6) درس عمل- 1936ع

(7) شاهه جو چونڊ ڪلام- 1947ع

(8) شاهه جو رسالو- هي رسالو انصاري صاحب جي وفات کان گهڻو پوءِ سنه 1997ع ۾ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پٽ شاهه طرفان شايع ٿيو.

(9) رسالو سچل سرمست- سنڌي ادبي بورڊ جي چوٽ تي 1954ع ۾ سچل سائين جو سنڌي ڪلام مرتب ڪري متس تصوف جي حوالي سان سير حاصل مقدمو تحرير ڪيائون. جيڪو سال 1958ع ۾ پهريون پيرو شايع ٿيو ان جو ٻيو چاپو سنه 1982ع ۾ پڌرو ٿيو. هت اسان ان بابت وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪنداسين.

(10) مضمون ۽ مقالا- انصاري صاحب پنهنجي وقت جي ادبي رسالن ۾ ڪيترائي علمي ادبي مضمون پڙ لکيا.

سچل جو رسالو:

هي ڪم انصاري صاحب 1952ع ڌاري شروع ڪيو جڏهن کين سنڌي ادبي بورڊ پاران سچل سائين جو رسالو مرتب ڪري ڏيڻ لاءِ چيو ويو، جيڪو سنه 1958ع ۾ پڌرو ٿيو. هن رسالي جي ترتيب موسيقي جي بجاءِ موضوع وار رکي وئي يعني پهرئين 'وحدت' جي موضوع تي بيت ۽ ڪافيون آيل آهن تہ پوءِ حقيقت، سسئي، نوري وغيره جهڙا عنوان قائم ڪري بيت ۽ ڪافيون ڏنيون ويون آهن، هن ترتيب ۾

مضمون سامهون رکيو ويو آهي جڏهن ته ان کان اڳ شايع ٿيل رسالن ۾ کافين کي موسيقي جي مدِنظر سُرن ۾ ورهائي پيش ڪيل آهي پر انصاري صاحب جي ترتيب موضوع وار آهي، جنهن ۾ پڙ اسان کي ڪي مکيه اوٽايون نظر آيون آهن جن کي سڏارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

رسالي ۾ موجود غلطيون ۽ انهن جون درستگيون:

(1) رسالي جي پهرئين ڇاپي تي عنوان رکيو ويو آهي "رسالو سچل سرمست" جڏهن ته رسالي جي بي ڇاپي 1982ع تي ٿي جدا جدا عنوان ڏنا ويا آهن، مثال طور: ٽائيٽل ڪور تي آهي "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" ان کان پوءِ اندرئين صفحي تي لکيو ويو آهي "سچل جو سنڌي ڪلام" اهڙي ريت مقدمي کان پوءِ صفحي 33 تي لکيل ملي ٿو. "رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)". رسالي جي هن جدا جدا نالن تي غور ويچار جي ضرورت پيش اچي ٿي. پوئين ڇاپي جي عنوانن سبب رسالي جي روايت جڙ ختم ڪئي پئي وڃي. اسان هت ڪتاب جو نالو پهرئين ڇاپي واري عنوان کي بهتر سمجهندي ۽ ان ۾ اضافو ڪندي نالو رکيو آهي "رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)".

(2) صورتخطي جو غلطيون به پهرئين ڇاپن ۾ نظر اچن ٿيون مثال طور سڄي رسالي ۾ "صحيح" کي "سهي" لکيو ويو آهي جڏهن ته ٻنهي لفظن جي معنيٰ لغت جي صحت کان جدا آهي ساڳي ريت "ڪيچيئڙن" کي اکثر "ڪيچيڙن"، "شمع" کي "شمہ" "حالاڻي" کي "هالاڻي"، "بيبان" کي "بئبان" لکيو ويو آهي. بيت جي صحت کي سامهون رکندي صورتخطي جون لڳ پڳ ڏيڍ سؤ (150) کن درستگيون ڪيون ويون آهن.

(3) هڪ جاءِ تي ڪافي جي پڙهڻي پڙ تبديل ڪئي وئي آهي. مثال طور: انصاري مرحوم جي پهرئين ڇاپن ۾ وحدت داستان 2 جي ڪافي 6 جي اڳ پڙهڻي هن ريت هئي:

حاجي حج اڄ ڪيوسي، ڪعبو منهن محبوب جو.

ان ست جي درست پڑهڻي مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل رسالي کي سامهون رکندي هن ريت رکي وئي آهي

حاجي اڄ ڪيو سي، ڪعبي منهن محبوب جي.

درست پڑهڻي آڏو (.) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(4) ڪن مناسب جاين تي خيال جي تسلسل کي قائم رکڻ لاءِ ستن جو اضافو پڻ مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل "رسالو ميان سچل فقير" کي سامهون رکي ڪيو ويو آهي. اهڙا اضافا "وحدت نامي" ۾ سسئي جي جهولڻي ۾ ڪيا ويا آهن اضافي وارين ستن جي سامهون (٭) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(5) رسالي ۾ اڳ ساڳيون ڪافيون ۽ ۽ پيرا شامل ٿيل آهن، جن کي هڪ جاءِ تي رکندي باقي ٻئي جاءِ تان هٽايون ويون آهن، اهڙين ڪافين جو وچور هت رکارڊ طور شامل ڪجي ٿو:

اڳ موجود		اڳ موجود		هاڻ موجود	
سر داستان	ڪافي نمبر	سر داستان	ڪافي نمبر	سر داستان	ڪافي نمبر
وحدت 1	10	وحدت 2	3	وحدت 2	3
حقيقت 1	21	وحدت 1	3	وحدت 1	4
سسئي 7	13	سسئي 4	9	سسئي 4	10
متفرق ڪلام	91	سسئي 1	18	سسئي 1	18
متفرق ڪلام	107	سسئي 9	13	سسئي 9	12
متفرق ڪلام	118	سسئي 5	12	سسئي 5	18
متفرق ڪلام	122	سسئي 9	08	سسئي 9	06
متفرق ڪلام	132	سسئي 5	05	سسئي 5	05
متفرق ڪلام	157	سسئي 1	20	سسئي 1	23

سُرن ۾ ساڳين ڪافين ۾ ۽ اهڙيون ڪافيون آهن جيڪي متفرق ڪلام ۾ درست پڑهڻين سان موجود آهن تنهن ڪري اهي اُتان هٽائي سُرن ۾ رکيون ويون.

اڳ موجود		اڳ موجود		هاڻ موجود	
سر داستان	ڪافي نمبر	سر داستان	ڪافي نمبر	سر داستان	ڪافي نمبر
متفرق	16	سسئي 3	5	سسئي 3	07
متفرق	57	مالڪوس 7	5	مالڪوس 7	5

(6) ڪن سُرن ۾ ڪيترين ئي ڪافين موضوع سان بنهه واسطو نه ٻين رکن اهي محض موسيقي جي خيال سان جي اڳ اتي رکين ويون هيون ته اهو منطق سمجهه ۾ اچڻ جهڙو ناهي ڇاڪاڻ ته سمورو رسالو مضمون جي ترتيب ۾ سهيڙيل آهي ساڳي وقت مختلف سرن هيٺ ان سر سان واسطو رکندڙ ڪافين محض موضوع/مضمون جي اعتبار کان آندل آهن مثال طور: وحدت ۽ حقيقت جون ڪافيون مختلف راڳن راڳڻين جون آهن جن کي هت موضوع جي خيال کان هڪ هنڌ رکيو ويو. ساڳي وقت "سر جوڳ" جي 9 ڪافين جو جوڳ جي موضوع سان تعلق ناهي اهي محض "سرجوڳ" جي قالب ۾ ڍڪيل هجڻ سبب اتي شامل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته سمورو رسالو موضوع جي اعتبار کان سهيڙيل آهي پوءِ اتي راڳ/راڳڻين جي قالب کي ڇو معيار بڻائجي.

تنهن ڪري اهي ڪافيون اُتان هٽائي متفرق ڪلام ۾ شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي به ڪافيون هڪ سُر مان ڪڍي ٻئي سُر يا متفرق ڪلام ۾ شامل ڪيون ويون آهن انهن جي ترتيب جا نمبر گول دائري ۾ رکيا ويا آهن. هت وضاحت سان رکڻ خاطر اهي تفصيل ڏجن ٿا:

اڳ موجود		هاڻ موجود	
سرداستان	ڪافي نمبر	سرداستان	ڪافي نمبر
حقيقت 2	10	سسئي 9	18
حقيقت 2	12	سسئي 3	13
سسئي 7	10	مالڪوس 4	11

اڳ موجود		هاڻ موجود	
سرداستان	ڪافي نمبر	سرداستان	ڪافي نمبر
سسئي 8	2	متفرقہ	99
سسئي 8	3	متفرقہ	100
سسئي 8	4	متفرقہ	101
سسئي 8	5	متفرقہ	102
سسئي 9	14	متفرقہ	114
سسئي 9	15	متفرقہ	115
سسئي 9	20	متفرقہ	128
سسئي 9	21	متفرقہ	129
سسئي 9	22	متفرقہ	130
سسئي 9	24	متفرقہ	127
سسئي 10	7	متفرقہ	111
سسئي 10	9	مالڪوس 4	9
سسئي 10	10	متفرقہ	112
سسئي 10	11	متفرقہ	113
سسئي 10	19	متفرقہ	109
سسئي 10	20	متفرقہ	110
سسئي 11	12	متفرقہ	128
سسئي 11	13	متفرقہ	126
مارئي 3	2	متفرقہ	108
مارئي 6	1	متفرقہ	106
مارئي 6	1	متفرقہ	107
مومل 2	1	متفرقہ	104
مومل 2	2	متفرقہ	105
پورب	1	متفرقہ	103
جوڳ	1	متفرقہ	116

اڳ موجود		هاڻ موجود	
سرداستان	ڪافي نمبر	سرداستان	ڪافي نمبر
جوڳ	2	متفرقہ	117
جوڳ	3	متفرقہ	118
جوڳ	4	متفرقہ	119
جوڳ	5	متفرقہ	120
جوڳ	6	متفرقہ	121
جوڳ	7	متفرقہ	122
جوڳ	8	متفرقہ	123
جوڳ	9	متفرقہ	124

اهڙي ريت "مومل راڻي" ۽ "جوڳ" ۾ آندل جهولڻا پڻ متفرقہ ڪلام ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ساڳي وقت "نوري" داستان 4 جو بيت نمبر 16 موضوع سان واسطو نہ رکڻ جي ڪري اتان هٽائي وحدت داستان1 ۾ بيت 38 طور رکيو ويو آهي.

(7) رسالي ۾ اڳ متفرقہ ڪلام جي سري هيٺ 168 ڪافيون شامل ڪيون ويون هيون، جيڪي موضوعاتي طور مختلف سرن سان تعلق رکن پيون اهڙين ڪافين ۾ گهڻائي سسئي جي داستان جي هئي تنهن ڪري انهن ڪافين کي واسطيدار سرن ۾ رکيو ويو آهي جن جا سيريل نمبر گول دائري ۾ ڏيکاريل آهن. رکارڊ خاطر اهڙين ڪافين جو وچور هت داخل ڪجي ٿو.

موجوده ڪافي نمبر				موجوده ڪافي نمبر			
اڳوٽي ڪافي نمبر	سُر	داستان	ڪافي نمبر	اڳوٽي ڪافي نمبر	سُر	داستان	ڪافي نمبر
8	وحدت	1	3	150	سسئي	3	9
4	وحدت	1	11	145	سسئي	3	10
144	وحدت	1	12	93	سسئي	4	9

موجوده کافي نمبر				موجوده کافي نمبر			
اڳوٽي کافي نمبر	سُر	داستان	کافي نمبر	اڳوٽي کافي نمبر	سُر	داستان	کافي نمبر
21	وحدت	1	17	86	سسئي	5	6
11	وحدت	1	29	87	سسئي	5	7
76	وحدت	1	30	67	سسئي	5	10
77	وحدت	2	05	68	سسئي	5	11
39	وحدت	2	11	69	سسئي	5	12
30	وحدت	2	16	70	سسئي	5	13
115	وحدت	2	09	159	سسئي	5	22
9	حقيقت	1	13	80	سسئي	6	19
110	حقيقت	1	22	81	سسئي	6	20
89	حقيقت	2	10	19	سسئي	6	23
34	حقيقت	2	11	05	سسئي	7	12
35	حقيقت	2	12	78	سسئي	7	15
90	سسئي	1	20	79	سسئي	7	16
92	سسئي	1	21	83	سسئي	7	17
94	سسئي	1	22	97	سسئي	8	8
71	سسئي	1	24	99	سسئي	8	9
72	سسئي	1	25	103	سسئي	8	11
116	سسئي	2	07	105	سسئي	8	16
117	سسئي	2	08	98	سسئي	9	15
17	سسئي	2	21	44	سسئي	9	23
134	سسئي	2	23	112	سسئي	10	5
139	سسئي	2	25	113	سسئي	10	6
140	سسئي	2	26	73	مالکوس	3	10

موجوده ڪافي نمبر				موجوده ڪافي نمبر			
اڳوٽي ڪافي نمبر	سُر	داستان	ڪافي نمبر	اڳوٽي ڪافي نمبر	سُر	داستان	ڪافي نمبر
151	سسئي	3	3	74	مالڪوس	3	11
156	سسئي	3	4	59	مالڪوس	6	2
149	سسئي	3	8	62	مالڪوس	7	6

(8) رسالي جي پهرئين ٻنهي ڇاپن ۾ شامل متفرق ڪلام ۾ ڪافي نمبر 124 جا آخري ٽي بند ان سان ٺهڪي نه ٿا اچن ۽ ڪافين جي ترتيب ۾ ان نمبر کان پوءِ 131 کان شروع ٿئي ٿي جنهن مان گمان غالب آهي ته وچ واريون ڇهه عدد ڪافيون ڇپجڻ کان رهجي ويون آهن. تنهن ڪري اهي رهيل ڪافيون مانواري مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل "رسالو ميان سچل فقير جو" تان ورتيون ويون آهن. جيڪي موضوع جي مناسبت سان ٺهڪندڙ جاين تي رکيون ويون آهن. اهڙين ڪافين جا نمبر پڻ گول دائري ۾ رکيا ويا آهن. انهن ڪافين جي وضاحت هن ريت آهي:

وحدت	داستان	2	ڪافي نمبر	23
وحدت	داستان	2	ڪافي نمبر	24
وحدت	داستان	2	ڪافي نمبر	25
حقيقت	داستان	2	ڪافي نمبر	23
حقيقت	داستان	2	ڪافي نمبر	24
سسئي	داستان	1	ڪافي نمبر	26

(9) رسالي ۾ اڳ آيل آهي "بيت سنڌي پورب جا" جڏهن ته ان سُر ۾ ڪافيون پڻ موجود آهن، عنوان مان سڌوسنئون محسوس ٿئي ٿو ته هِن سُر ۾ فقط بيت شامل آهن، تنهن ڪري ان کي تبديل ڪري "سنڌي پورب" جو عنوان رکيو ويو آهي.

(10) رسالي جي اڳين ڇاپن ۾ متفرق ڪلام ۾ ڪافي 168 کان پوءِ "ڪلام" جي عنوان سان ٻه اسم ڏنا ويا آهن، جن جي هيئتي

صورت ڪافي جي آهي. ائين بہ سچل سائين ڪافي جي گھاڙيتن ۾ وڌي ردوبدل آندي آهي، اهڙيون نراليون ڪافيون رسالي ۾ اڳ بہ موجود آهن. تنهن ڪري انهن ڪافين تان "ڪلام" جو عنوان هٽائي انهن کي متفرق ڪلام ۾ ڪافي نمبر98-97 رکيو ويو آهي. ائين بہ "ڪلام" شاعري جي ڪا صنف نہ آهي بلڪ عرف عام ۾ هر ڳائي ويندڙ شعر کي "ڪلام" سڏيو ويندو آهي. پوءِ پلي ان جي هيئتي صورت ڪهڙي بہ هجي.

هاڻي اسان هيٺ ٻيو خاڪو پڙ ڏينداسين جنهن ۾ رسالي جي اڳين ڇاپي ۽ هن ترتيب واري ڇاپي ۾ سرن ۾ بيتن ۽ ڪافين جي ڳاڻيتي کي واضح ڪيو ويو آهي:(*)

موجوده تعداد			اڳوڻو تعداد		
وحدت			وحدت		
1	ب 28	ڪ 30	1	ب 27	ڪ 25
2	ب 11	ڪ 25	2	ب 11	ڪ 18
حقيقت			حقيقت		
1	ب 14	ڪ 22	1	ب 14	ڪ 21
2	ب 14	ڪ 23	2	ب 14	ڪ 21
سسئي			سسئي		
1	ب15	ڪ26	1	ب15	ڪ20
2	ب15	ڪ26	2	ب15	ڪ20
3	ب14	ڪ25	3	ب14	ڪ19
4	ب12	ڪ14	4	ب12	ڪ13
5	ب23	ڪ22	5	ب23	ڪ15
6	ب27	ڪ23	6	ب27	ڪ20
7	ب 30	ڪ 17	7	ب 30	ڪ 15
8	ب 34	ڪ 16	8	ب 34	ڪ 16

(*) مٿي بيت لاءِ "ب" ۽ ڪافي لاءِ "ڪ" جون نشانيون مقرر ڪيون ويون آهن.

موجوده تعداد			اڳوٽو تعداد		
سسئي			سسئي		
9	ب 36	ڪ 23	9	ب 36	ڪ 27
10	ب 22	ڪ 19	10	ب 22	ڪ 23
11	ب 33	ڪ 19	11	ب 33	ڪ 21
نوري			نوري		
1	ب 18	ڪ 0	1	ب 18	ڪ 0
2	ب 20	ڪ 0	2	ب 20	ڪ 0
3	ب 19	ڪ 0	3	ب 19	ڪ 0
4	ب 15	ڪ 0	4	ب 16	ڪ 0
مارئي			مارئي		
1	ب 29	ڪ 6	1	ب 29	ڪ 6
2	ب 31	ڪ 5	2	ب 31	ڪ 5
3	ب 23	ڪ 4	3	ب 23	ڪ 5
4	ب 34	ڪ 4	4	ب 34	ڪ 4
5	ب 20	ڪ 4	5	ب 20	ڪ 4
6	ب 12	ڪ 1	6	ب 12	ڪ 3
7	ب 19	ڪ 4	7	ب 19	ڪ 4
مومل راڻو			مومل راڻو		
1	ب 21	ڪ 11	1	ب 21	ڪ 11
2	ب 9	ڪ 6	2	ب 9	ڪ 8
سنڌي پورب			سنڌي پورب		
1	ب 31	ڪ 9	1	ب 31	ڪ 9
بيت سنڌي روجهن بابت			بيت سنڌي روجهن بابت		
1	ب 34	ڪ 0	1	ب 34	ڪ 0
سر سارنگ			سر سارنگ		
1	ب 31	ڪ 0	1	ب 31	ڪ 0

هير رانجهو			هير رانجهو		
1	ب 20	ڪ 2	1	ب 20	ڪ 2
2	ب 18	ڪ 1	2	ب 18	ڪ 1
جوڳ			جوڳ		
1	ب 12	ڪ 0	1	ب 12	ڪ 9
مالڪوس			مالڪوس		
1	ب 20	ڪ 9	1	ب 21	ڪ 9
2	ب 24	ڪ 9	2	ب 24	ڪ 9
3	ب 20	ڪ 11	3	ب 20	ڪ 9
4	ب 18	ڪ 11	4	ب 18	ڪ 9
5	ب 24	ڪ 9	5	ب 24	ڪ 9
6	ب 22	ڪ 10	6	ب 22	ڪ 9
7	ب 14	ڪ 10	7	ب 14	ڪ 9
متفرق			متفرق		
ب0		ڪ 130			ڪ 168
ڪلام 0					ڪلام 02

رسالي جو تعارف:

هن عنوان هيٺ اسان رسالي ۾ موجود مواد جو مختصر مطالعو ڪنداسين ته جهڙي ريت رسالي ۾ موجود عنوانن ۾ بيان ڪيل ڪهاڻين بابت اسان ڄاڻي سگهون. رسالي ۾ مواد جي ترتيب هن ريت آهي:

- وحدت نامو
- وحدت
- حقيقت
- سسئي
- نوري
- مارئي
- مومل راڻو
- سنڌي پورب
- بيت روجهن بابت
- سارنگ
- هير رانجهو
- جوڳ
- مالڪوس

وحدت نامو:

سچل سرمست کان پهرئين هن مخصوص عنوان هيٺ طويل بيت چيل نہ ٿو ملي، هي تجربو سچل سائين ئي اول ڪيو جنهن کان پوءِ فقير قادر بخش 'بيدل' ءِ ڪن ٻين شاعرن "وحدت نامو" چيو. فني اعتبار کان هي هڪ طويل بيت آهي جنهن ۾ هڪ سؤ انهتر (178) ڪن ستون آهن سموريون سنون پاڻ ۾ هم قافيا آهن. هن کان پهرئين اسان کي "ڪبت" يا "سنڌيون" ملن ٿيون جن ۾ شاعراڻي نازڪ خيالي، ٻولي جي سونهن توڙي ٻين لوازمات طرف ڌيان ڏنل ناهي اهي فقط ماڻهن کي شرعي مسئلا سمجهائڻ خاطر فرض ادائي طور لکيل ڏسجن ٿيون، جڏهن ته سچل سرمست جو وحدت نامو اڳين "سنڌين" کان فڪري ءِ فني لحاظ کان بهتر آهي.

سچل سائين هن ۾ نہ پنهنجو فڪر پيش ڪندي فلسفہ وحدت الوجود جي خاص طور اپنار ڪندي دل جي خلوص سان سالڪ کي حق تعاليٰ وٽ پيش ٿيڻ جي ڳالهہ ڪري ٿوءِ پڻ چئي ٿو تہ ظاهري علم سان ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو ناهي.

وحدت:

هن عنوان هيٺ سچل سائين خدا جي هيڪڙائي ءِ توحيد رسالت سان گڏوگڏ پنهنجي ٻُٽ اندر حق تعاليٰ کي ڳولڻ جي بار بار تلقين ڪري ٿو. هن جو خيال آهي تہ جڏهن 'هُو' خود هرهنڌ موجود آهي تہ پوءِ آءٌ تہ آهيان ئي ڪونہ- پوءِ ڇو خود جي هجڻ جي ڳالهہ ڪيان، يعني خود جي نفي ڪري ٿو ءِ پوءِ رب تعاليٰ جي هجڻ جو اقرار ڪري ٿو ءِ ڪٽي ڪٽي ڏاڍو بيباڪ بڻجيو وڃي. سرمست سائين جي اهڙي بيباڪي ءِ نرالو انداز هن سُر ۾ موجود آهي:

هي نہ وات هُئا جي آهي نڪا تقليد،
تحقيقاً توحيد آهي راهہ رسول جي.

—

"تون" هي سا "تون" ليين "مان" ليان "تو" سان
"تون"، "هي"، "آءُ سيهين، "لا، ۾ موجودات ٿي.

حقيقت:

حقيقت جي سِري هيٺ سلوڪ جي راهه سمجهايل آهي، ان راهه جو ذڪر ڪندي سرمست سائين چئي ٿو ته هي راهه ئي اونداهي مان روشني ڏانهن وٺي ويندڙ آهي، تنهن لاءِ سفر ۾ ڪيتريون ئي تڪليفون ۽ اذيتون اچن پر اٽل ارادن سان اهو سفر طئ ڪرڻو آهي ۽ پوءِ جڏهن سالڪ "حق تعاليٰ" جي حقيقت کي سمجهي وٺي ٿو ته ان جي اکين جي سامهون سهائي ئي سهائي ڦهلجي ويجي ٿي.

حقيقت ۾ اهڙيون ڪيتريون ڪيفيتون سرمست سائين بيان ڪيون آهن، هڪ هنڌ چئي ٿو:

"سچو" سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل،
الف مؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامان هُل،
هندو مؤمن سو ٿيو، پول نہ ٻئي ڪنهن پُل،
"خلق الاشياءَ فهو عينها" اهو آڻ عمل،
تج گلابي گُل، مَر مارئي منصور جان.

سسئي:

'سسئي پنهون' لوڪ رومانوي داستان آهي جنهن جي ابتدا جي ته ڪا پڪي پختي ڄاڻ ناهي پر سنڌ جي تصوف جي اهم شاعرن ڪان ويندي سگهڙن تائين هن داستان کي ڳايو آهي، ڪيچ، پنيور، هاڙهو، وندر، اٽ هن داستان جا مکيه ٽاٽا آهن. سچل سرمست هن داستان تي سڄا سارا يارهن داستان ۽ هڪ جهولڻو سرجيو آهي، جنهن ۾ سسئي جي سڪ، بيقراري، آنڊمانڊ، تڙپ، همٿ، حوصلو بيان ڪندي عزم ۽ اٽل ارادي جي ڳالهه ڪري ٿو.

سورائتي سسئي سور پرائي پرائي مضبوط ارادن جي مالڪ بڌجي پئي آهي. پنهون ڪيس ڇڏي هليو ويو آهي، يا پنهون کي ڪانئس

جو جدا ڪيو ويو تہ اها اذيت، تڪليف سسئي لاءِ ڪنهن بہ ريت گهٽ ناهي، هن تہ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ پرين هڪ ڏينهن ڪانئس ائين اوچتو جدا ٿي ويندا ۽ هن جي حصي ۾ رڳو درد، پيڙاءُ، تڪليف، اذيت، ۽ اٽڪ ۽ ٽڪائيندڙ سفر ئي ايندو. جيڪو سفر سسئي؛ پنهون ڪارڻ ڪرڻ لاءِ، سپ ڪجهہ چڏي نڪري پئي ٿي، ڪيس پنهون تہ ڪونہ ٿو ملي پر سندس اندر تان پردو ڪجي وڃي ٿو ۽ سندس تڙپ، بيقراري ڪيس سمجهائي ٿي تہ پنهون تہ هو پاڻ آهي. محبوب باهر ڪٿي بہ ناهي، عاشق بہ هو آهي تہ معشوق بہ هو پاڻ آهي.

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙلاءُ پيوم
صحيح ڪن ڪيوم، تہ غير گمان اٿي ويا.

سچل سرمست، هن داستان سسئي ۾ ان جي پوري ڪهاڻي بيان نہ ڪئي آهي البتہ ڪجهہ ٽاڪا بيان ڪري؛ ويو آهي پنهنجي احساسن، جذبن، ڪيفيتن ۽ خيالن کي لفظن جو روپ ڏيندو.

نوري:

"نوري جام تماچي" بہ سنڌ جي شاعرن وٽ مقبول قصو آهي، سچل سائين بہ هي داستان ڳايو آهي، جنهن ۾ جام تماچي جو نوري تي راز ٽيڙ ڪيس پنهنجي راڻي بنائڻ جي ڪهاڻي جا ڪي مکيہ اهجاڻ چٽا ڪري نوري جي زباني عاجزي، انڪساري ۽ نوڙت جو بيان ڪيو آهي:

تون سمو سائين، آءٌ ميئي مهاڻي آهيان.

هي سُر بولي توڙي مواد جي لحاظ کان انتهائي شاهوڪار ۽ خوبصورت آهي. موضوع جي حوالي سان جيڪا بولي استعمال ٿيل آهي ۽ مهاڻن ۽ مهاڻين جي حالت بيان ڪئي وئي آهي، سا هڪ طرف تہ حقيقت تي مشتمل آهي تہ بي طرف اسان کي انهن جي طرز رهائش ۽ ڪيفيتن جي بہ جاڻ ملي ٿي:

رنگ ڪاري رُويون هيو ن مڙني ملاحن جون
سي ڪنيون وتن ڪارن ۾ اچن ڏُرا ۽ دويون.

جت بيحد بدبُويون، اُت الله عطر اوتيا
ٿئي جَن موڙا، هئا چارين گندئين گودڙئين

تن مون ڪِکي جي اچي برابر بدبوءِ.

پر اهڙين تي جڏهن مالڪ مهربان ٿئي ٿو تہ انهن جي ئي ڪِکي هاٿي بدن مان عطر عنبير جي خوشبو اچڻ لڳي ٿي، اُها گندئين گودڙئين واري راجا جي محل جي راٿي ٿي بڻجي وڃي پر راجا کي جا ڳالهہ پسند آهي سا نوري نماٿي جي عاجزي، انڪساري. هو پاڻ کي چام جي راٿي سمجهڻ جي بجاءِ خود کي ميئي مهاٿي ئي سمجهي ٿي، هن جي اها هيناهين، نوڙت ۽ نياز ئي ڪيس نوري نماٿي هجڻ باوجود اعليٰ بڻائي ڇڏي ٿي.

مَکَ موتين تي نہ ڏيان، توري هُئن ياتون يات،
ڪوجهي مان ڪم ذات پر چارو چام ڪلهي ڪنيو.

مارئي:

مارئي علامت آهي وطن سان محبت جي، وطن خاطر ساهہ ڏيڻ جي، وطن خاطر سڀ عيش عشرت لمحي ۾ گهوري ڇڏڻ جي، هو پنهنجي وطن خاطر عمر بادشاهہ جون سڀ لالچون، آسائشون، سک قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي چاڪاڻ تہ هُن جو وطن، اتي گذاريل ننڍپڻ؛ جوڀن، هو ڪنهن بہ ريت وساريڻ لاءِ تيار ناهي، هن جيڪا پاڻ سان قيد ۾ لوئي آندي آهي، سا ان کي هر شيءِ کان وڌيڪ عزيز آهي، هو قيد ۾ پنهنجن جهڙ پياڪ ماروئڙن، جهانگيئڙن کي سک ۽ اُڪير مان ياد ڪندي عمر بادشاهہ کي چئي ٿي تہ مون کي ڇڏ تہ مان وڃي پنهنجن سانگيئڙن سان ملان ۽ جڏهن ڪيس خبر پئي ٿي تہ رات ٿر

وسيو آهي تہ سندس ماروئڙن سان ملڻ جي سڪ ۾ تڙپ اڃان بہ وڌي وڃي ٿي:

ڪيا ڪوٽن ڪيج، اڄ ڏاڏاٽي ڏيهہ ۾،
پر ماڻهو ماروئڙن ڏنهن هڏ نہ آيو هيج،
ڪالهہ ڏٺا هئم اُپ ۾ اٽڪ ۾ اتيج،
انا مينهن مليہ ۾، ٿيا رڙ سارا ئي ريج،
چانگن سان چڏي ڏوري ڪن چَنن ۾ چيج،
آءٌ پُڻ ۾نيءَ پيج، ڏلنديس ماروئڙن ڪي.

سچل سائين هن ڪهاڻي جا بہ ڪي مکيہ ٽاڪا چٽا ڪيا آهن، ۾ انهن وسيلي مارئي جي قيد جي حالت، ان جون ڪيفيتون تہ ان سان گڏوگڏ ٿر جي تمدن ۾ تهذيب جا عڪس بہ اسان کي هن سُر ۾ نظر اچن ٿا. "ڏُٽ"، "پُسيون"، "ڏونرا"، "جهَڙ"، "ريگستان"، ماروئڙن جا چونئرا (جهوپا) ويڑهن جو ذڪر ڪيو آهي. مطلب تہ ٿر جي زندگي جي تصوير ڪشي ڪندي سرمست سائين اسان کي مهاڻي جي زندگي وانگر ٽاريلي جي حياتي بہ چٽائي سان ٻڌائي آهي:

جهانگي جَهڙ پياڪ، ناهن شربت هيروان،
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پَهرڙ تن پوشاڪ،
لاهيج لوئيڙن تان، الله لڳ اولاڪ،
جو رکن هڏنهن ڪانڪا، عمر بي اِملاڪ،
ڪارڙ پرور پاڪ، مون کي ميڙين مارئين.

مومل راڻو:

ڪاڪ ڪنڈي مومل جي حُسن جو تاءُ جهليندڙ ۾ عقل سان ڪيس حاصل ڪندڙ راڻو جڏهن مومل کي چڏي وڃي ٿو تہ هو سندس هجر و فراق ۾ وتي ٿي ورهہ جا ورلاپ ورنائيندي، سندس آهن ۾ دانهن ۾ راڻي لاءِ بيقراري، تڙپ ۾ وصل جي باهہ جهلڪندي نظر اچي ٿي، ان حالت ۾ مومل، راڻي کي چئي ٿي تہ تو پاران هي جدائي مومل کي لوڪ

آڏو مهٽي هاب نہ بنائي وجهي:

مومل مهٽي هابُ، راڻا ڪر نہ راءَ تون،
جوئن کي جواب، مرد نہ ڏين مينڊرا.

ايا اڳتي سچل سائين: مومل جي واتان راڻي کي ميار ۽ ڏئي ٿو، پر اها ميار ۽ ان تڙپ جي تصوير آهي جيڪا آندمانڊ راڻي جي وڇڙڻ جي ڪري مومل جي اندر ۾ پيدا ٿي آهي، ڪاڪ جي مومل چئي ٿي:

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نہ ڇڏين مينڊرا،

—

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، ڇڏن کين جوان،
اهي يي انسان جي ننگن تي نثار ٿيا.

سچل سائين، هن سُر ۾ مومل جي هجر جي خوب عڪاسي ڪئي آهي، راڻي کي ساک لاءِ مومل چڪيا تي ۽ چڑهڻ لاءِ تيار آهي. سومل کي راڻي بنائڻ واري غلطي جو پڇتاءُ ۽ اٽس پر ويل وقت تي هٿ ملڻ جي بجاءِ، هو آزي ڪندي چئي رهي آهي تہ هاڻ ڇا ٿيندو، تنهن لاءِ ٿون اڇي مون تان هي مهڻو لاهہ نہ تہ هي سارو لوڪ مون کي گنهگار سمجهندو رهندو ۽ جي تون ايندين تہ هن ڪاڪ جا اڏري ويل رنگ ٻيهار موٽي ايندا، هر طرف ساڳيون خوشيون ۽ مهڪار پئي واسبي، سُرهاڻ ۽ سُڳنڌ سان ڪاڪ ڪنڊي مهڪي اُٿندي ۽ مومل جي حياتي ۾ مرڪون موٽي ايندیون هو سَرهي ٿيندي، هو سُرهي ٿيندي.

آءُ راڻا ڏي رَنگ، موٽي ڪاڪ ڪنڊن کي،
لاهج لڳ خداءِ جي، ذرو پُرزو زنگ،
نامیان پاڙج ننگ، مهٽي هاب متان ڪرين.

سنڌي پورب:

هي سُر بنيادي طور جوڳي فقيرن بابت آهي، جنهن ۾ انهن جي مرتبن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي آهي. پورب معنيٰ اوير سنڌ ۾ پورب

پاسي (پارت ۾ ڪانپور کان بهار تائين) کان هندو فقير ايندا رهيا آهن جن ۾ ڪي سنڌ مان ٿي هنگلاج جو تيرٿ پيٽ ويندا هئا. سنڌ ۾ مختلف مذهبن جي احترام واري سوچ، انسان دوستي واري تصوف جي اثر هيٺ انهن جوڳي فقيرن کي سنڌ جا مسلمان احترام جي نظر سان ڏسندا رهيا آهن. شاهه عبداللطيف کان ويندي سچل سرمست ۽ ان کان پوءِ جي شاعرن انهن فقيرن بابت شعر چيو آهي.

سچل سرمست جي سنڌي ڪلام ۾ اسان کي پڻ "پورب" جي عنوان هيٺ بيت ۽ وايون ملن ٿيون، جن ۾ انهن جي سفر جو بيان، انهن جا مختلف نالا ۽ انهن جا مرتبا بيان ڪيا ويا آهن.

گنگا کان گذر، آهي ڪنين کاپڑين جو،
ڪڏهن لوڪ نه لڙيا، سدا تن سفر،
آهي نام مَشُر، اُنهن آڏوتين جو.

جوڳين آهه نه جنگ، هن سُلوڪي سيپ سان،
جيجان هن جهان ۾، هِن طريلا تنگ،
ڪنهن جي رتا رنگ، ماٽڪ مُنهن مشعلا.

جاڏي پورب پنڌ، تاڏي آءٌ نه وڃڻو،
هي هنن جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾.

بيت سنڌي روجهن بابت:

سچل سائين جي شاعري ۾ جتي تصوف جي ڪن اهم مضمونن کي بنيادي نقطو بڻائي شعر چيو ويو آهي اتي لوڪ رومانوي داستانن کي به سرمست سائين ڳايو آهي ته ساڳي وقت ڪن ٻين ساهدارن مثلاً "روجهه" ۽ "ڪانگ" کي به موضوع بنائي شعر چيو آهي.

روجهه، ڳئون جهڙو جابلو جانور آهي جيڪا مندائتي مينهن جي اوسيئڙي ۾ رهندي آهي. هو بنيادي طور پاڻي جي متلاشي آهي جنهن لاءِ هو هڪ کان ٻئي هنڌ به پهچي ويچي ٿي زارو زار روئي به ٿي ته وري

ڪجگوڙ تي ٿهي هڪ هنڌ گڏ ٻه ٽين ٽيون.

آسرونڊ آهين، روجهون راڻيون رڻ ۾،
اُيڙيون پيون اُپ ڏي ٽيون، وائڙيون واجهائين،
رڙيون ڪيون رڻ ۾ ٽيون، بوندون برسائين،
تنهن ڪنڊ ٽيون ڪاهين، جنهن ڪنڊ وسن مينهڙا.

سچل سائين روجهه جهڙي جانور کي علامت طور پيش ڪيو آهي، روجهه مادي ضرورت پوري ڪندڙ آهي جڏهن ته سرمست سائين هن سر ۾ اهو نقطو سمائي رکيو آهي ته مبنهن وسڻ تائين يعني مالڪ حقيقي جي راضي ٿيڻ تائين روجهه جيان طالب اُجايل آهي، تاسيل آهي ۽ ان حالت ۾ بيقرار آهي ڪيس پنهنجي اُڃ اُساڻ لاهڻ جي اؤن آهي، فڪر آهي، اندر ۾ آندماندڻ آهي ۽ جڏهن اَبر برسي پئي ٿو يعني مالڪ راضي ٿي پئي ٿو ته پوءِ ئي سالڪ جي دنيا مَٽجي ويجي ٿي سندس نگاهه جو منظر ۽ مرڪز تبديل ٿي ويجي ٿو. سندس مرتبو مَٽجي ويجي ٿو ۽ پوءِ هو حقيقي مالڪ جي نور ۾ گُم ٿي ويجي ٿو. روجهن بابت بيتن ۾ درازي شاهه اها ئي رمز ويهي سمجهائي آهي.

رڻ چڑهي روجهون ويون، ڏي اوسر ۽ اولا،
اُنا مينهن مهر جا، مهر ڪني مولئ،
روجهون ريجهيون ڏسي ڪري، ريجڪ رسيلا.
واحد وسيلا پٽن تي پڏرا ڪيا.

—

"مندائتا موتيا"، روجهون چون روئي،
"قسمت قيد الماءِ، کي ڪون جهلي ڪوئي،
"سائين سگهوئي، ڪندو وس ولهن تي."

سارنگ:

سارنگ جي بيتن ۾ سچل سائين مينهن جي مدَعا بيان ڪئي آهي، برسات سُرهائي جي ننڍڙي نويد ته سين لاءِ آهي پر ٿر واسين لاءِ

ڪنهن وڏي خوشي کان گهٽ ناهي، انهن جي چهرن تي جيڪا مُرڪ تڙي پئي تي سا جڙ ڪا مُڪڙي ڪڙي پئي تي ۽ سارو ٿر گل گلزار ٻڌجيو وڃي، هر طرف ساوا ساوا گاهه ٿا ڦُٽي پون، قسمين قسمين جا گل تڙيو پون. ٿر ڇا ٿو مهڪي ٿاريلا ٿا مهڪي پون. جوڀن رُت جا سهسين رنگ ترنگ ٿا ٿهڪي پون. مينهن، نينهن جي مند ٿو موٽائي اڇي، سوين احساس ۽ خواب جاڳي پون ٿا. سچل سائين چئي ٿو:

نازڪ سندو نينهن آهي ائين جيڏيون،
پنهنجي رائي ريج ڪري جيئڙ ساوڙ مينهن،
راز رکي ٿو ريهُن، من ۾ محبوبي جي.

سچل سائين هن سر سارنگ ۾ جيڪي نازڪ خيال جا آثار چڏيا آهن انهن جي تصوير به ڏسڻ گهرجي، چئي ٿو:

اڄ پڙ پورب پار ڏي، ڪڪر ڪَڪوريا،
سارنگ سُر سُرائتا، ساجهري سوريا،
سُر منڊل ۽ سارنگيون، جَنگ چگَا چوريا،
اُپ اُتي اوريا، طبل، تارون تيج سان.

—

وسي پيو وڏڙو، پنيون پٽ پريون،
پٽاريون پُٽن تان، وٽاٽين وريون،
ڪيرن جون ڪريون چاڏيين ڏنئون چاهه مان.

—

برن ۾ بهار ڪئي، گلزاري جي گيج،
"سچل" سارنگ سيج، سونهين ساوڪ وچ ۾.

—

پکن پرڙا سوئيا، پرهه ڦٽي پريات،
پٽن تي پڏرا ٽيا، گل ڦل پاتون پات.

سچل سائين جتي برسات جي سُرهاڙ ۽ سُرهائي جي تصوير پيش ڪري ٿو اتي انهن غريب، مسڪين ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جي به ان

حالت کي بيان ڪري ٿو تہ مسلسل مينهن پوڻ ڪري جهوپا جهُري پيا آهن ۽ انهن مسڪينن لاءِ مينهن رحمت جي بجاءِ زحمت ٿي پيو آهي.

هڪ وسڻ ٻيو وڃڻ، ٽيون لهي پيو سيءُ
جهوري وڏئين جهوپيون، ڇَن وڏائين ڇيءُ
رُنُن جي رئڻ ۾، واهه وسيلو ٿيءُ
حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهه تون.

سچل سرمست سارنگ جي بيتن ۾ جيڪا برسات جي تصوير چٽي آهي اها سندس شاعراڻي نازڪ خيالي ۽ نفيس احساسن جي عڪاسي ڪري ٿي.

هير رانجهو:

پنجاب سان تعلق رکندڙ هن لوڪ رومانوي داستان کي سچل سائين سرائڪي ۾ تہ خوب ڳايو آهي پر سنڌي ۾ بہ هي داستان اسان کي ملي ٿو. جنهن ۾ ڪهاڻي جي ڪن ٽاڻن کي بيان ڪندي سچل سائين، رانجهي جي عشق، ڪيفيتن، احساسن ۽ جذبن کي لفظن ۾ اظهاريو آهي ۽ هير بہ رانجهي خاطر سپ ڪجهہ ڇڏڻ لاءِ تيار آهي ۽ رانجهو هزاره جو تخت ڇڏي جوڳي بنجي هير خاطر وتي مُرلي وڄائيندو- اهو رنگ عشق جو آهي جنهن کي جڏهن رنگي؛ پوءِ تہ ان کان ٻيا سمورا رنگ وسري ويندا فقط معشوق ئي ياد رهندو ۽ عشق جي اِها تقاضا بہ آهي تہ عاشق کي معشوق ئي ياد هجي باقي ڪجهہ بہ نہ!

سرمست سائين چئي ٿو:

ڇڏي ملڪيت مال، رانجهو رڻ چڑهي هليو،
قسمت ڪيس ڪنگال، نہ تہ حاڪم هزاره جو.

—

هر هر وينو هير جي، رانجهو ڏسي راهہ،
وينو وڃائي ونجهلي، چاهون تي چناهہ،
سانڊيو وتي ساهہ، "سچل" سور سڃڻ جا.

جوڳ:

هن سُر ۾ جوڳين فقيرن جو بيان آهي، جڙ هي سُر به "پورب" جو تسلسل آهي. جيڪي جوڳي جوڳ ونڻ ٿا ۽ سموريين موهه کي ننڊي هڪ هنڊ ڏيان ٽڪائي پنهنجي اندر ۾ طويل سفر ڪن ٿا، ويراڳ ونڻ ٿا، تيرٿ پيڻ ٿا، تپسيا ڪن ٿا ۽ پوءِ منزل تي پهچن ٿا. انهن ويراڳين، انهن جوڳين بابت سرمست سائين، پورب کان سواءِ جوڳ جو سُر به چيو آهي.

ڏوٽي منجهه ڏيان، آهي اڏوتين جو،
گم ٿي گُرگم گودڙيا، ڪن گروڙي گيان،
اصل کان آشنا، گنگا جمنا تن جو.

جهونا ڳڙهه جي جوءِ ۾، جوڳين جوڳ اجوڳ،
يوڳين يوڳ آيوڳ، پاڻ ويجائي پنهنجو.

مالڪوس:

لوڪ ڏاهپ ۾ "ڪانگ" کي مخفي پيامي جو درجو حاصل آهي، پرين ڏانهن ڪو نياپو ڪو پنو پرزو، ڪو خط پٽ ڪانگ جي ذريعي ئي اماڙڻ جون لوڪ روايتون موجود آهن، ائين به سموري ساهدار جو پاڻ ۾ فطري تعلق موجود آهي، سچل سائين به اهڙين لوڪ ڏاهپ جي روايتن کي پنهنجي نرالي اسلوب سان پيهر جياريو آهي. "سر مالڪوس" ۾ ڪانگ رستي محبوب ڏانهن پيغام موڪلڻ، وري ان پار کان جواب ڪڍي اچڻ جو سهڻو مثال موجود آهي. جيڪو سچل سائين قائم ڪري ڏيکاريو آهي. هن پار جا داستان هُن پار ٿو بيان ڪري ۽ هُن پار جا حال وري اچي ٿو هِن پار عاشق کي پهچائي. عاشق، معشوق جي اهڙي رازداري وارو ڪم ڪانگ وڏي خوش اسلوبي سان نباهي وينو.

ڪانگل آيم اڄ، پريان سندي پار ڏهن،
ڳالهيون ڪيائين سڄڻان، سي روح پُڏي ڪيو رُڄ،
پکي ڪيو نا پُڄ، ظاهر ڪيائين زبان سان.

آيـم رات رقـم، مـون ڏي مـحـبـوبـن جـي،
تـ دوسـتـي وارو دم، ڪـڏهـن تـون نـ وسـارين.

لـڪـيـو مـوتـي مـون، ڪـاغـذ قـريـبـن ڏي،
اڃـم تـون هـي تـون، ٻـئـي جـو نـاهـم آسـرو.

وري ڪـانـگ وريـو، پـريـان سـنـدي پـار ڏنـهـن،
لاهـيـن لڳـي لُـونءُ جـي، تـنـهـن ڏاڍو سُـر پـريـو،
ڪاڪيون ڪن ڪريو، جو ٿو ڏئي سنيهو سڄڻان.

فني جائزو:

سچل سرمست جي هن سنڌي رسالي ۾ بيت، ڪافي ۽ جهولڻي جون صنفون ملن ٿيون، جن ۾ سچل سائين قافين جي مٿا ستا سان تبديليون پڻ آنديون آهن اهڙي ريت اسان ڏسون ٿا تہ انهن تبديلين سان انهن صنفن ۾ وسعت پيدا ٿي آهي، ۽ سچل سائين جا اهڙا تجربا نہ رڳو ڪامياب ثابت ٿيا آهن پر اُهي روايت جو حصو پڻ بڻيا آهن. هت اسان مختصر طور سچل سائين جي رسالي ۾ موجود بيت، ڪافي ۽ جهولڻي بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين.

بيت:

بيت سنڌي شاعري جي آڳاٽي ۽ مقبول صنف آهي جنهن کي سگهڙن توڙي ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي اظهار جي لاءِ استعمال ڪيو آهي. سمن جي دور کان هي صنف سنڌي زبان ۾ اُسري، نسري پر پنهنجي اوج ۽ عروج جو زمانو ڪيس ڪلهوڙن جي دور ۾ نصيب ٿيس جڏهن شاهہ عنايت رضوي، شاهہ عبداللطيف، ميان عيسيٰ جهڙن شاعرن بيت جي قالب کي پنهنجي اظهار لاءِ اختيار ڪيو. ان دور کان پوءِ بہ لاتعداد شاعرن بيت لکيو، جيڪا تاريخ طويل ٿيندي ان لاءِ مختصر طور اسان سچل سائين جي بيت تي نظر وجهنداسين.

سچل سائين جي دور تائين بيت بن سٽن جي قيد مان نڪري چڪو هو. ساڳي وقت ان ۾ وراڻ جو استعمال بہ جاري هيو. سچل سائين هڪ تہ بيت جي هيئت ۾ ڦيرڦار آڻيندي ان مان دوهي، سورٺي ۽ دوهي سورٺي، (جيڪي هيئتون اڳ هندي شاعري ۾ مروج هيون) مسلسل دوها ۽ مسلسل بيت جون صورتون پيدا ڪيون. تہ ان سان گڏوگڏ 12 سٽن جا بيت بہ چيا جن جي قافين ۾ وري تصغيرت جو خوبصورت استعمال ڪري منجهن موسيقيت پري ڇڏي اٽس. اهڙا بيت رسالي ۾ خاص طرح مارئي جي داستان ۾ موجود آهن ساڳي وقت سسئي جي بيتن ۾ خاص طور وراڻ جو بہ استعمال ٿيل آهي. معنوي خيال کان بہ سچل سائين جو بيت اعليٰ آهي منجهس وحدت الوجود جو اُجرو فلسفو سمايل آهي جيڪو فرد کي بنيادي حيثيت جي سمجهہ ڏئي خود ۾ ادراڪ جي سگهہ بہ پيدا ڪري ٿو تہ ان جي ڏي تي سلوڪ جي راهہ جو سفر بہ طئ ڪرڻ جو حوصلو ڏئي ٿو.

ڪافي:

ڪافي بہ بيت وانگر سنڌي شاعري جي آڳاٽي ۽ مقبول صنف آهي، جيڪا سڌي طرح موسيقي سان تعلق رکي ٿي. ۽ ڪافي اهو شاعر لکي سگهي ٿو جيڪو موسيقي شناس هجي. سچل سائين جي راڳ ويراڳ جا داستان تہ عام آهن تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا تہ سندن شاعري ۾ جيڪو رس چس آهي منجهس جيڪا موسيقيت آهي، رواني آهي ردم آهي ۽ لئ آهي، اُها سڀ سچل سائين جي خود موسيقي شناسي جي طفيل آهي. هيئت جي خيال کان ڪافي يڪي، ڏيڍي، بيٽي، ٽيٽي ۽ چوٽڪي ٽئي ٽي پر سچل سائين ڪافي جون اهي هيئتون تہ قبول ڪيون آهن پر ان ۾ قافين جي مٽا سٽا سان ان ۾ بيشمار هيئتون پڻ پيدا ڪيون. اسان ٽلهي ليکي ڏسون ٿا تہ سچل سائين جي سنڌي يڪي ڪافي ۾ پندرنهن، ڏيڍي ڪافي ۾ يارهن بيٽي ڪافي ۾ يارهن، ٽيٽي ڪافي ۾ ٽي ۽ چئوٽي ڪافي جو هڪ جدا جدا نمونا ملن ٿا جيڪي قافين جي مٽا سٽا سان ڪيا ويا آهن.

سرمست سائين جي دور ۾ سنڌي عروضي شاعري عام ٿيڻ لڳي هئي. ٽڪڙ جي شاعرن جا غزل، هالا پراڻا جي مخدوم عبدالرؤف يتي جا مولود، سيد ثابت علي شاهه جا مرثيا يا سرمست سائين جي وفات کان 31 سال پوءِ تہ سنڌي غزل جو مڪمل ديوان ئي پڌرو ٿيو هي سڀ صورتون سندن دور ۾ مروج ٿيون ۽ عام ٿيون؛ پر سچل سائين عروض کي باقاعده اختيار نہ ڪيو. البتہ سندن بيت ۾ اسان کي ڇند جون صورتون ملن ٿيون ساڳي وقت سندن ڪجهہ ڪافيون عروض تي پوريون اچن ٿيون. مثال طور:

- "عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي"، وزن مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن (بحر مفارع) تي پوري اچي ٿي.
- "آءٌ ادا سالڪ، صحيح ڪر تون طلسمات کي"، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعل تي ڇيل آهي.
- "اتي پيو وڃي خيال منهنجو جتي دم قدم جي جاءِ نہ آءٌ"، وزن: فاعلاتن فاعلاتن، فاعلن تي پوري نظر اچي ٿي.

سچل سائين ساڳي وقت ڪافي ۾ اندروني قافين جو استعمال ڪيو آهي اُتي ٻٽن قافين جو استعمال پڻ ڪٽي ڪٽي نظر اچي ٿو. اهڙيون قافيون وڌيڪ ردم ۽ لئہ سان پرپور ملن ٿيون.

جهولڻو:

هي صنف اڳ سنڌي شاعري ۾ مروج نہ هئي هن کي سنڌي ۾ سچل سرمست آندو. هن کان اڳ سندن همعصر ۽ پاڙيسري شاعر رُوحل فقير هندي زبان ۾ جهولڻو چيو آهي. جهولڻي جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي نظر ايندو تہ هي صنف ڏکڻ ايشيا جي "تامل" زبان جي شاعري جي صنف آهي جنهن کي ان ٻولي ۾ "اوشل" چيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي "جهولڻو". هن صنف جو پس منظر وري ڪجهہ هن طرح نظر اچي ٿو تہ ان زبان جي علائقن ۾ شادي ڏينهن جو ٿيندي آهي ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار کي هڪ جهولي ۾ ويهاري شادي جا گيت ڳايا ويندا آهن، انهن خوشي جي گيتن کي "اوشل" يعني جهولڻو

سڏيو ويو آهي. پر اسان جي سچل سائين ان جهولڻي ۾ سسئي پنهون جي داستان کي سموهيندي ان ۾ سسئي جي ورلاپن ۽ پنهون کارڙ ڏونگر ڏورڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ ملندڙ تڪليفن، پيڙائن، اذيتن ۽ ڏُکن جو ذڪر ڪيو آهي. جهولڻي جو سنڌي زبان ۾ پهريون ۽ اڄ تائين آخري تجربو فقط سچل سرمست ئي ڪيو آهي.

پچاڻي:

سچل سرمست سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جو شاعر آهي، هن جو شعر به اسان کي انهن زبانن ۾ ملي ٿو. هن رسالي ۾ مانواري عثمان علي انصاري، سچل سائين جو سنڌي شعر سهيڙيو آهي. هن صاحب رسالي جي ترتيب ۾ جيڪو معيار قائم ڪيو يعني رسالي جي ترتيب مضمون واري رکي ڪٿي ڪٿي خود به ان تي قائم نه رهيو، ساڳي وقت ڪافين جي ترتيب ۾ پڙ ڪانئس کي اوڙايون رهجي ويون تہ اهڙي ريت پروف جون ڇُڪون ۽ صورتخطي جون غلطيون به رسالي ۾ موجود رهيون. اهي غلطيون رڳو پهرئين ڇاپي 1958ع ۾ ئي نہ رهيون پر ٻئي ڇاپي 1982ع ۾ به هوبهو موجود آهن، جن کي هن ڇاپي ۾ سڌاري پيش ڪيو ويو آهي، ساڳي وقت هن رسالي جي مرتب ڪندڙ جي مختصر سوانح حيات کي به هنن صفحن ۾ ان لاءِ ڇڏو ڪيو ويو آهي تہ اسان کي سنڌي ادب جي هن مانائتي ليکڪ سچل شناس جي باري ۾ ڄاڻ ملي. اهڙي ريت معنوي ۽ فني خيال کان رسالي جو مطالعو پڙ ڪيو ويو آهي تہ رسالي ۾ موجود داستان توڙي بين عنوانن جي پسمنظر کان واقف ٿيندي سچل سائين جي فڪر جي اُڏام توڙي هيئتي تجربن ۽ ٻولي جي حُسناکي بابت به ڄاڻي سگهون ۽ هن مطالعي مان اسان ڏٺو تہ هڪ طرف سچل سائين سنڌ اندر فلسفي هم اوست جو پهريون وڏو شاعر آهي جنهن پنهنجي هڪ مخصوص انداز کي اَپنائيندي سنڌي شاعري ۾ مروج ڪنيير ۽ اونهي اسلوب جي بجاءِ ڪلم ڪلا، بي ڊپائي وارو اسلوب اختيار ڪيو، جنهن جي پسمنظر کي سمجهڻ لاءِ اسان کي سلوڪ جي راهہ جي حالتن، ڪيفيتن ۽ سرمست

سائين جي دور جي سياسي، سماجي معاشي توڙي مذهبي حالتن جو جدا سان مطالعو ڪرڻو پوندو، ساڳي وقت شاعري جي هيئتن ۾ تجربا اسان کي ٻڌائن ٿا تہ سچل سائين شاعري جي فن کان بہ بخوبي نہ رڳو واقف هو پر ان تي هڪ ماهر جي حيثيت بہ رکندڙ هو.

سچل سائين جو پيغام انسان دوستي، اتحاد، سهپ، رواداري، محبت، برابري جو اهو پيغام آهي جنهن کي اختيار ڪرڻ جي اڄ بہ اسان کي اوتري ئي ضرورت آهي جيتري ان دور ۾، جڏهن سچل سائين اهو پيغام ويني ڏنو.

"سچو" سارو سچ، منجهان ڪثرت ڪُل،
ٽج گلابي گل، مر مارنئي منصور جان.

هن اڀياس دوران هيٺيان ڪتاب سامهون رهيا:

(1) مرزا علي قلي بيگ، رسالو ميان سچل فقير جو، ماستر هريسنگھ بوڪ سيلر، 1902ع

(2) عطا محمد حامي، (مرتب)، سچل سرمست، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، 1964ع

(3) عثمان علي انصاري، (مرتب)، رسالو سچل سرمست، سنڌي ادبي بورڊ 1958ع، ٻيو چاپو، 1982ع

(4) ٽماهي "مهراڻ سوانح نمبر"، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع

(5) جي.ايم.سيد، جنب گذاريم جن سين (جلد ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع

(6) عطا محمد حامي، (مترجم) نينهن جا نعرا، مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق، سنڌي ادبي بورڊ، 1992ع

(7) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سچل لغات، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور، 1981ع

(8) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جامع سنڌي لغات (پنج جُلد)، سنڌي ادبي بورڊ

(9) ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع

(10) ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل - ساڃاهہ شعور، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2011ع

(11) خليل موريائي، (مرتب)، شڪارپور، تاريخ ۽ تحقيق، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع

[رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام) جي ٽئين چاپي 2012ع جو مقدمو]

مقدمو

انسان ڪائنات ۾ خدا جي خلقيل اها اشرف ۽ حسين مخلوق آهي جنهن جي حصي ۾ ڪائنات جا ٻه وڏا تحفا يا اعزاز آيا. (1) وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ (2) بقول سچل سائين: 'مَلڪن تي سجدا ڪيا، واهه متي تنهنجو مُلهه'. سو بلاشڪ انسان اها مخلوق آهي جنهن کي رب پاڪ ڪائنات جا ٻه وڏا اعزاز عطا ڪري ڇڏيا. ڪڏوڪڏ انسان جي سرشت ۾ انهن ٻنهي شين جو تسلسل پڻ سمايل آهي. بنيادي طور تي 'ڪوليان ڪوليان مَر لهان...' واري ڪيفيت ۾ انسان رهي ٿو ۽ سونهن کي پسند ڪرڻ، ان کي محسوس ڪرڻ ۽ ان کي ماڻڻ جا جذبا ٻه ان جي رڳن ۾ رت جي دوري جيان هر لمحي گردش ڪندا رهن ٿا. انسان جتي سونهن پسند ۽ ڪائنات جي رازن کي ڳولينڊڙ آهي، اتي ان جي سرشت ۾ قابيل جي فطرت وارا عناصر پڻ موجود آهن. هي سموري ڪائنات رنگ رنگ ڏاڪڻ جو مُنجهيل ويڙهو آهي. جنهن کي جيڪا تند پلئه پئي تي يا هٿ لڳي تي، هو اُن کي پنهنجي سوچ سمجهه آهر ان مُنجهيل رنگين ڏاڪڻ جي ويڙهي کي سلجهائڻ خاطر وتي ٿو چڪيندو. پوءِ هن جي جهول ۾ گُل اچن يا ڪنڊا!

انسان، ڪائنات، رب ٿئي پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. جنهن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو نتيجو هرهڪ پنهنجي وس آهر حاصل ڪري ٿو. ماڻهن جي اهڙي ميڙ ۾ ڪي فرد پنهنجي ذات اندر گهٽو ڪجهه سانڍي گهمندا وتن ٿا، اهڙا نرالا ۽ منفرد ماڻهو پنهنجي جسماني بناوٽ سبب نه بلڪ پنهنجي ذهن جي وسعتن سبب هڪڙي زندگي گذارڻ بعد ٻه فڪري حوالي سان ڪيترين ئي زندگيون گذارين ٿا، ته وري ڪي فرد اهڙن فردن جي پيش ڪيل فڪر ۽ فلسفي

کي وڌيڪ آسان لفظن ۾ پنهنجي بيان جي انداز سان پنهنجي همعصر دؤر ۾ ايندڙ دؤر جي لاءِ پنهنجي ذهن جي زرخيزيءَ کي وقف ڪن ٿا.

اسان هت ڪنهن ڏگهي فلسفي اُپتار کان پاسو ڪندي جيڪڏهن سڏو سنئون پنهنجي مقصد تي اچون ته چئي سگهون ٿا: 'خدا هن سموري ڪائنات جو نظام جوڙيو ئي اُن لاءِ آهي ته ڪيس سجاتو وڃي'. ان لاءِ اول هن آدم جي بوتي کي متيءَ مان تخليق ڪيو ۽ پوءِ پاڻ مان ان ۾ روح ڦوڪيائين. هاڻ انسان به اُن ئي خدا کي ڳولڻ لاءِ وتي ٿو هر وقت روح رَليندو. هر هڪ ٻولي جا شاعر، مفڪر ۽ فلاسافر پنهنجي زميني حقيقتن، علائقائي ماحول، ماڻهن جي مزاج ۽ اُتي رائج ٿيل نظام مطابق پنهنجي پنهنجي انداز سان حقَ (سچ) کي ڳولڻ جي ڳالهه ڪندا آهن. سنڌ جو مزاج دنيا جي ٻين صوفي شاعرن جي بيان ڪيل طريقه انداز کان ان ڪري مختلف آهي؛ جو قدرت جي طرفان هن خطي سنڌ ۾ ڪو محبت جو ٻج ڇٽيل هو. جنهن کي اسان جي عالمن، مفڪرن، شاعرن ۽ صوفين پنهنجي فڪر جو پاڻي ڏنو آهي. انهن جو اُهو فڪر هر دؤر ۾ اڳي کان وڌيڪ تازو، خوشبودار ۽ سُونهن ڀريو آهي. سچل سائين فڪري ۽ فني حوالي سان بنهه منفرد نالو آهي. هن پنهنجي شعر ۾ خدا جي رازن کي سمجهڻ جا سمورا معاملا بلند آواز ۾ بيان ڪيا آهن، هو پنهنجي دؤر جو ان حوالي سان مزاحمتي ۽ بغاوتي شاعر آهي، جو هو سڀ زنجيرون ٽوڙي وڏي واکي بندي ۽ خدا جي وچ واري فرق کي قبولڻ کان انڪاري آهي.

چوڙ گمان گدائي وا، شملو چا ٻڌ شاهي دا

پنهنجي فڪر جي هن انتهائي منفرد شاعر جي ڪلام جي ترتيب ۽ اُپتار جو سلسلو اڄ کان لڳ ڀڳ 127 سال پهرين شروع ٿيو آهي. مختلف عالمن ۽ محققن ان سلسلي ۾ پنهنجي وَس آهر پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. سنه 1902ع ۾ سچل سائين جو جهجهو ڪلام سهيڙي ٻن جلدن جي صورت ۾ مرزا علي قلي بيگ 'رسالو ميان سچل فقير جو' پيش ڪيو، جنهن کان پوءِ لڳ ڀڳ 30 ورهين تائين سچل سائينءَ تي علمي حوالي سان ڪو ڳڻڻ جهڙو مُستند

کم ظاهر نہ ٿيو. سنہ 1933 ۾ شڪارپور سان تعلق رکندڙ شاعر، محقق، ڊرامہ نگار ۽ درازي در جو معتقد آغا غلام نبي 'صوفي'، 'سچل سرمست' نالي سان هڪ تحقيقي ڪتاب پيش ڪيو، جنهن ۾ سچل سائينءَ جي بيت جو وڏو ذخيرو شامل آهي. ايندڙ صفحن ۾ اسان اهو ڪتاب هڪ دفعو ٻيهر ضروري درستگين ۽ ضميمن سميت اوهان جي آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب پنهنجي مواد، ترتيب ۽ ٻوليءَ سبب اڄ بہ سچل جي عقيدتمندن، شارحن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جو ڏيان ڇڪائي ٿو. هن هيڏي ساري عالمانہ ڪاوش جي محقق 'آغا صاحب' جي حوالي سان ڪجھ ڳالھ ٻولھ هنن صفحن ۾ اجائي ان خاطر نہ ٿيندي تہ اسان سچل جي هن مفسر ۽ محقق جي علمي ۽ ذهني حالتن کي پرکي سندس هن علمي ڪاوش 'سچل سرمست' بابت پڙ ڪا راءِ جوڙي سگھنداسين.

سوانح حيات -آغا غلام نبي 'صوفي':

سنڌ قدرتي آبھوا، وسلين ۽ زراعت جي حوالي سان زرخيز ۽ شاداب رهي آهي. ان جي اُها هاڪ ٻڌي ٻاهر جا ڪيترائي خاندان، قبيلا، عالم، اديب ۽ شاعر هتي ايندا رهيا آهن ۽ هتان جا ٿي رهجي ويا آهن. هنن سنڌ کان گھٽو ڪجھ ورتو بہ آهي تہ پنهنجي اُن فرض کي محسوس ڪندي پنهنجي وَس آهر سنڌ جو قرض لاهڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. ڪلهوڑا دؤر ۾ افغانستان جو هڪ اهڙو ئي خاندان سنڌ جي شڪارپور واري علائقي ۾ سڪونت پذير ٿيو. ان خاندان جو هڪ معتبر، ڇاڻو ۽ مُدبر شخص آغا گل حسن خان رياست خيرپور جي مختلف شهرن ۾ جدا جدا وقتن تي مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو ۽ آخر ۾ ٽالپرن جي راج ۾ رياست جو نائب وزير مقرر ٿيو. ان آغا گل حسن دُراني کي پنهنجن ۾ گھرن مان بہ پٽ آغا غلام نبي 'صوفي' ۽ آغا عبدالنبي 'عليگ' ۽ هڪ نياڻي بيبي عُمره جو اولاد ٿيو. هي ٻئي پائر پنهنجي ڪردار، گفتار ۽ علمي ادبي خدمتن سبب سنڌي ادب ۾ موچاري جاءِ والارين ٿا.

آغا عبدالنبي 'عليگ':

آغا عبدالنبي 16 مارچ 1903ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم گنبٽ ضلعي خيرپور ۾ شروع ڪيائين جتي سندس والد ان وقت مختيارڪار هو. جنهن کان پوءِ انگريزي تعليم خيرپور ميرس مان حاصل ڪرڻ بعد 1919ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اعليٰ تعليم لاءِ علي گڙھ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتان 1924ع ۾ بي - اي (آنرس) ڪرڻ بعد شڪارپور موٽي آيو. شروعات ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ فارسي جو استاد مقرر ٿيو. پر جتان جلد ئي مختيارڪار بڻيو. 1937ع ۾ هالا ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو. وقت سان گڏوگڏ ترقي ڪندو ڊپٽي ڪمشنر ۽ پوءِ روينيو ڪاتي جو سيڪريٽري ٿيو. جتان وري ڪمشنر جي عهدي تي اچي ڪم ڪيائين ۽ رٽائرمينٽ ورتائين. رٽائرمينٽ کان پوءِ گورنمينٽ جو صلاحڪار مقرر ٿي لاهور ۾ پنهنجون خدمتون سر انجام ڏنائين، جنهن کان پوءِ صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ٿيو.

آغا عبدالنبي سٺو شاعر ۽ ڊراما نگار هو. سندسي علمي، ادبي تربيت سندس وڏي ياءُ آغا 'صوفي' جي نظر هيٺ ٿي. پاڻ ڪيترائي ڊراما لکيائين جيڪي اسٽيج پڻ ٿيا. سندس ڇپيل، اڻڇپيل ڪتابن جو وچور ڪجھ هن ريت آهي:

(1) افڪار عليگ (نظم) (2) سسئي پنهون (ڊرامو -جيڪو ڪولمبيا ڪمپني رڪارڊ ڪيو) (3) حريص پتلو عرف وفا جي ديوي (ڊرامو -ڇاپو ٻيو. سنڌي ادبي بورڊ، 1969ع) (4) انسانا ۽ مقالا (5) ڪُليات آغا (اڻڇپيل) (6) حضرت خسرو دهلوي تي هڪ نظر (اڻڇپيل) (7) جنون عليگ (اڻڇپيل) (8) اقوال عليگ (اڻڇپيل) (9) علمي ۽ ادبي مقالا (اڻڇپيل) (10) عبرت (ڊرامو -اڻڇپيل). ان کان سواءِ پهرين سنڌي فلم 'ايڪتا' جا ڊائلاگ پڻ لکيائين.

آغا عبدالنبي، سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر، ٽياسوفيڪل سوسائٽي جو ميمبر ۽ بعد ۾ صدر پڻ رهيو. جڏهن ته سچل اڪيڈمي ۽ سچل ثقافتي مرڪز جي قيام ۾ پڻ سندس ڪردار اهم آهي.

آغا صاحب هڪ سٺو شاعر پڻ هو سندس شعر ۾ تغزل، رواني ۽ خوبصورتي موجود آهي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان تان سندس ڪلام مختلف راڳين جي آواز ۾ پڻ نشر ٿيندو رهي ٿو. اُن طرح مختلف وقتن تي سندس اصلاحي ۽ ادبي تقريرون پڻ ريڊيو تان نشر ٿيندیون رهيون آهن. آغا عبدالنبي 19 آڪٽوبر 1976ع تي وفات ڪئي.

آغا غلام نبي 'صوفي':

آغا غلام نبي سيپٽمبر 1889ع ۾ شڪارپور جي سيوي در محلا ۾ پيدا ٿيو. اميراٽي گهر ۾ جنم سبب ڏاڏي لاڏ ڪوڏ سان نپنو، پنجن سالن جي عمر ۾ گهر جي ويجهو اُن وقت جي مشهور سنڌي اسڪول 'نادر واري' ۾ داخل ٿيو جيڪو ايڄا تائين پنهنجي اصل جاءِ تي 'قاضي محلا پرائمري اسڪول' جي نالي سان مشهور آهي. جنهن کان پوءِ انگريزي تعليم جي لاءِ شڪارپور ۾ قائم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. سنہ 1885ع ۾ سنڌ جي هڪ ڏاهي ۽ محسن خانبهادر حسن علي آفندي، علي ڳڙهه ڪاليج جي طرز تي مسلمانن جي لاءِ ڪراچيءَ ۾ 'سنڌ مدرسة الاسلام' جو قيام عمل ۾ آندو. سنہ 5 آڪٽوبر 1897ع تي مقرر ٿيل مدرسي جي پرنسپل 'پرسي هائيڊ' (Percy Hide)، ٽالپر اميرن جي ٻارن کي مدرسي ۾ تعليم ڏيارڻ لاءِ خاص توجهہ ڏنو. ان دؤر ۾ آغا گل حسن، رياست خيرپور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو. هن ان اثر هيٺ پنهنجي پُٽ آغا غلام نبي صوفي کي اعليٰ انگريزي تعليم ڏيارڻ لاءِ سنہ 1898ع ۾ داخل ڪرايو. جتي هن 1907ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنو جنهن ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. اُن امتحان جي هڪ پيپر جا سوال آغا 'صوفي' سنڌي شعر ۾ لکيا. جنهن کان پوءِ هو واپس رياست خيرپور ۾ پيءَ وٽ موٽي آيو. سندس والد کيس شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو. سندس ڪتاب 'آغاز عشق آغا' مان ڄاڻ ملي ٿي تہ هو 25 جون 1907ع تي شڪارپور هاءِ اسڪول جي بورڊنگ هائوس ۾ موجود هو. جتان هن سنہ 1908ع ۾

تعليم مڪمل ڪئي. ڪيس ان کان پوءِ رياست ۾ قائم انگريزي اسڪول ۾ سنہ 1911ع ۾ پارسي زبان جو استاد مقرر ڪيو ويو. ايمانداري، محنت ۽ ذميواري سان ڪم ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٻن سالن اندر ميرن طرفان سندس عهدي ۾ ٽي دفعا اضافو ڪيو ويو. جنهن تحت اول ڪيس رياست جي مير صاحبن جي شهزادن جي تعليم جو اتاليق مقرر ڪيو ويو. جيڪا ذميواري آغا 'صوفي' پرپور نموني سان ادا ڪئي. سنہ 1919ع ۾ ڪيس رياست جي تعليم کاتي جو سپريڊنٽ مقرر ڪيو ويو. هن نئين ذميواريءَ کي پڻ هن احسن نموني سان نيائيندي رياست ۾ تعليم جي بهتريءَ لاءِ اهم ۽ منفرد ڪردار ادا ڪيو. هن اُن منصب تي رهندي رياست جي سمورن اسڪولن ۾ پڙهائڻ جي لاءِ 'آسان فارسي زبان' ۾ گرامر تيار ڪيو جيڪو ان دؤر ۾ هڪ نئين ڪوشش هجڻ باوجود ڪامياب ٿيو. جنهن جو ثبوت ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اهو ڪتاب ٿوري وقت کان پوءِ سموري سنڌ جي ٽريننگ ادارن لاءِ نصاب طور منظور ڪيو ويو. ان کان پوءِ آغا صاحب انگريزي جو گرامر پڻ لکيو. جيڪو ڊي - پي - آءِ طرفان سنڌ جي هاءِ اسڪولن جي پنجين درجي جي شاگردن جي لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. افسوس هي ٻه اهم ڪتاب هن وقت ٻنهه نايابَ آهن.

ان دؤر ۾ آغا صاحب جي خيالن ۾ تبديلي آئي ۽ هن جو لاڙو تصوف ڏانهن وڌيو ۽ هو اول سيد حسن جان سرهندي جو مريد ٿيو. پر ڪيس ان رنگ ۾ طبيعت کي قرار نه آيو ۽ پوءِ علي محمد لقماني جي سات ۾ درگاهه سچل سرمست جي ان وقت جي گادي نشين ميان قبول محمد صاحب المعروف سخي صاحب جي صحبت ۾ داخل ٿيو. درازي در جي فيض مان ايترو ته فيضياب ٿيو جو سندس خيالات ۽ زندگيءَ جي طرز تبديل ٿي وئي. پاڻ ان رنگ ۾ ايترو ته رنگجي ويو جو مرشد ڪيس پنهنجن پيارن طالبن ۾ شامل ڪندي گيڙو الفي ڏکايائينس ۽ هو عام فقيرن وانگر هٿن ۾ چپڙيون ۽ يڪتارو کڻي درگاهه تي چوڪي پڻ ڏيندو هو. سندس گهڻو وقت درگاهه تي ئي گذرندو هو. تنهن ڪري سندس ستگر ڪيس رهڻ لاءِ اها تاريخي ڪوٺي ڏني جنهن ۾ سچل

سائين جي پياري طالب نانڪ يوسف روحانيت جون منزلون طئ ڪيون هيون. سندس ان روش جي سخت مخالفت پڻ ٿي؛ پر هُو پنهنجي ڳالهه تي قائم رهندي هڪ قدم اڳتي 'صوفي' نالي سان رسالو جاري ڪري هم اوست ۽ ۾ بين صوفي عقيدن متعلق مواد شايع ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن تي ڪجهه وقت کان پوءِ رياست طرفان پابندي لڳي وئي ۽ ڪيس سزا طور نوڪريءَ تان پڻ هٽايو ويو.

رياست خيرپور جي ان وقت جي هڪ وزير خانبهادر محمد ابراهيم کي سخي سائينءَ ڏانهن ماڻهن جي بيپناهه اڇ وڇ پسند نه هئي ۽ هُن رياست جي ملازمن جي ان طرف وڃڻ تي پابندي عائد ڪئي، جنهن ڳالهه آغا صاحب کي گهڻي تڪليف پهچائي. ان پسمنظر ۾ چئي ٿو:

امير وزير ڪانهي ڪاڻ ڪائي
ملنگ مست آهيون اسان مرتضائي

ان سڃي حالتن کان باخبر رهندڙ سندس والد ڪيس لاهور جي طبيه ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ جو چيو. هن والد جي حڪم جي بجا آوري ڪندي ان ڪاليج مان 'حڪيم حاذق' جي سَند حاصل ڪري واپس سنڌ موٽي پهريائين جيڪب آباد ۾ مطب کوليائين، جتي ڪيس ڪافي آمدني ٿيڻ لڳي پر جلد ئي جيڪب آباد مان بيزار ٿي شڪارپور ۾ اچي رهيو. هي ڪِرت سندس شاعراڻي مزاج سان بنهه نهڪندڙ نه هئي ۽ هو دواخاني تي به حڪمت کان وڌيڪ شعر شاعري جي شغل ۾ مشغول ۽ مصروف رهندو هو. چاڪاڻ جو هو هڪ فطرتاً صوفي خيالن وارو ۽ شاعراڻي دل رکندڙ هڪ حساس شخص هو. ان ئي جذبي تحت هن حڪمت کي غريبن جي خدمت جو ذريعو بڻايو. توڙي جو ميرن ۽ امير ن کان بيماري جي تشخيص ۽ دوا جا پئسا پورا ونندو هو؛ پر محتاج، بيوس ۽ غريبن سان ڪوبه ليکو چوکو نه هيس. آغا صوفي پنهنجي عزيزن مان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس چار پُٽ (1) نور نبي خان (2) اورنگزيب خان (3) شهاب الدين خان (4) ضياءُ الدين خان ۽

هڪ نياڻي ممتاز بيبي (جيڪا بعد ۾ پنهنجي سؤٽ ۽ آغا عبدالنبي جي پٽ آغا عبدالرسول جي نڪاح ۾ آئي.) ڄاوا. جنهن مان سندس پهريان به فرزند سندس حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويا.

حاذق حڪيم هجڻ باوجود آغا خود ذيابيطس جو مريض ٿي پيو. ان بيماريءَ جي حالت ۾ پنهنجي مرشد جي در تي درازا ۾ وڃي رهيو جتي کيس تپ دق جي بيماري ٿي پيس، جنهن جي علاج لاءِ سندس عزيز کيس پهريان ڪراچي وٺي ويا جتان پوءِ کيس ڪوئٽه وٺي ويا. چون ٿا ته جڏهن ڪوئٽه ۾ سندس آخري وقت ويجهو هو ته سفر جي ساٿي ۽ پنهنجي ماروٽ شهزاد خان کي حجم وٺي اچي وار نهرائڻ لاءِ چيائين پر خلاف توقع ڏاڙهي نه ڪوڙايائين، جنهن تي سندس عزيز کي حيرت لڳي. کيس چيائين ته: 'من هن سُونهاري جي صدقي مولا سائين گناهه بخش ڪري'. جنهن کان پوءِ ڳوٺ واپس هلڻ لاءِ ريل ۾ ٽڪيٽ بڪ ڪرائڻ جو چيائين، ان سفر دوران سبي اسٽيشن تي پنهنجي طبيعت جي ناسازي سبب وڃي مالڪِ حقيقي سان گڏيو. اُهو 19 جولاءِ 1938ع جو ڏينهن هو ان وقت سندس عمر 49 ورهه هئي. سندس ميت کي 25 جولاءِ تي شڪارپور آڻي سندس والد آغا گل حسن خان جي مرضيءَ موجب نئين مقام ۾ دفن ڪيو ويو. ڪن غلط فهمين سبب آغا صوفيءَ جي وفات جي تاريخ ڪن ڪتابن ۾ 25 جولاءِ ته ڪن ۾ 29 جولاءِ لکي وئي آهي. جڏهن ته درست تاريخ 19 جولاءِ 1938ع آهي.

سگهو ڪر سعيو، اڙي 'آغا' نه ٿي غافل
ڪري وڻ يار نيڪي کا، نه ٻيو ڪجهه نال نيندين تون
(آغا صوفي)

'صوفي' صاحب جي وفات تي نامياري اديب ۽ شاعر لطف الله بدوي چيو:

ڪوهه و صحرا دشت و در ۾ موت جو سڪو روان
ابن آدم روز ٿو ان ڏسي صدما نوان

آغا گل حسن خان (والد)

آغا غلام نبي ’صوفي‘

آغا عبدالنبي ’عليگ‘ (ياۓ)

بيبي عُمره (پيٹ)

کنهي کان ساڄي: ببي فضل، (پائيٽي)، فيروزه (پاٽيجي)، امان الله خان (پاٽيجو)، آغا عبدالنبي خان (پاڻ)، احد جان (ڪچ ۾)، آغا شهاب الدين (ٻيٽل -پٽ)، امان الله خان (پاٽيجو)، آغا گل حسن خان (والد) آغا احسان الله خان (پاٽيجو)، آغا ضياءُ الدين خان (پٽ)، آغا 'صوفي'، ممتاز ببي (نياٽي)، آغا عبدالرسول (پائيٽيو ۽ نياٽو)، مهرالنساء (پائٽي).

آغا صوفي پنهنجي دوست قاضي فتح محمد سان گڏ سچل سئين جي درگاهه تي

آغا 'صوفي' جي تربت

—

اوچتو آغا نگاهن کان اسان جي ويو ڇپي
جنهنجي شعر و شاعري جو دور هو شهرو پيو

—

محفلون علم و ادب جون درهم و برهم ٿيون
موت غربت ۾ شگفته گل کي کومائي ڇڏيو

—

کيترو هو نکته سنج و نکته چين نازڪ مزاج
جنهن جي نغمن ديس وارن کي سدائي خوش کيو
روح ان جي کي ٿئي حاصل سدا دار القرار
قبر تي ان جي وسي شل رحمت پروردگار

(شکارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، ص 217)

آغا صوفيءَ جون علمي ادبي خدمتون:

آغا صوفي حاذق حڪيم هجڻ سان گڏوگڏ هڪ اديب، شاعر ۽ محقق پڻ هو. هن جتي نصاب لاءِ ڪتاب لکيا اُتي هن ٻيو به ڪيترو ئي علمي ڪم به ڪيو پر ڪيس خبر ناهي ته ڇو سنڌ جي ادبي تاريخن ۾ کا جوڳي جاءِ نه ڏني وئي ۽ نه ئي سندس علمي ادبي پورهئي کي هڪ هنڌ يڪجا ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري سنڌي ٻولي جو هي شاعر، ادیب ۽ سچل شناس موجوده دور کان ڏري گهٽ وسري ڇڪو آهي. هن وقت ته سندس اڻڇپيل مسودا به گهٽي ياڳي گُم آهن، جن جا فقط مختلف تحريرن ۾ حوالا ملن ٿا. آغا صوفي جي ڪم کي اسان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. (الف) علم ادب جي ترقيءَ ۾ عملي ڪردار. (ب) قلمي پورهيو.

(الف) علم ادب جي ترقيءَ ۾ عملي ڪردار:

سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور مان جڏهن جنوري 1932ع ۾ ماهوار رسالو 'سنڌو'، مسٽر بولچند وسومل راجپال جاري ڪيو ته هن

آڪٽوبر 1932ع جي پرچي ۾ 'سنڌي ساهت سميلن' ڪوٽائڻ لاءِ ايڊيٽوريلس ۾ سنڌ جي ادیبن، شاعرن ۽ عالمن کي نيندڙ ڏني، سندس ڇهن مهينن جي مسلسل محنت کان پوءِ 15 ۽ 16 اپريل تي شڪارپور ۾ اُها ڪانفرنس ٿي. اُن ڪانفرنس کي ڪامياب بٹائڻ ۾ پروفيسر شيوا رام ڦيرواڻي، يوج راج ناگراڻي، حنيف صديقي ۽ ڪن ٻين سان گڏ آغا غلام نبي صوفي جو ڪردار گهڻو اهم ڏسجي ٿو. اهڙي شاهدي ماهوار سنڌو جي 1936ع جي مختلف پرچن مان ملي ٿي. ساڳيءَ ريت شڪارپور ۾ 1932ع ۾ 'سي اينڊ ايس' (چيلا سنگهه سترام داس بجاج ۽ سيتل داس تيرٿ داس پنجابي)، ڪاليج جي بنياد رکڻ ۾ آغا صوفي پڻ پنهنجي وس آهر ڪوششون ڪيون، جنهن کان پوءِ هن شڪارپور ۾ شاعراڻي ماحول کي هٿي ڏيارڻ لاءِ بزمِ مشاعره شڪارپور جو بنياد رکيو، جنهن جي پليٽ فارم تان ڪيترائي ڪامياب طرحي مشاعره ٿيا. 6-5-4 مئي 1934ع تي شڪارپور ۾ ٻارن جي يارهين ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ پڻ بزم ياران مشاعري جو اهتمام ڪيو ويو. هن مشاعري ۾ آغا صوفي سميت قادربخش بشير، پسيرام شامداس متراڻي، ليکراج عزيز، هولا رام پورن، قاضي عبدالرؤف عبد، حافظ واليڏنو سومرو، حافظ يار محمد سومري سميت ٻيا ڪيترائي شاعر شامل ٿيا.

شڪارپور ۾ سنہ 96-1895ع ڌاري 'ڊرم اپڪار اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي' جو بنياد ديوان ٺاڪر داس ناگراڻي ڪن ساٿين سان گڏ رکيو ۽ پاڻ ان جو پريزيڊنٽ مقرر ٿيو ۽ جنرل سيڪريٽري مهراج بنسيرام بٹيو. هن سوسائٽي ۾ آغا صوفي ڊائريڪٽر ۽ هدايتڪار طور ننڍي عمر ۾ پنهنجي صلاحيتن جو پرپور مظاهرو ڪيو. هن ڊراما سوسائٽي ڪيترائي ڊراما اسٽيج ڪيا جيڪي مقبول ٿيا. اهڙن ناٽڪن ۾ مرزا قليچ بيگ جو شڪنتلا، منڊليءِ جي صدر ديوان ٺاڪر داس جو چندراولي ۽ تريا چلتر، گاگن سنگهه آتما سنگهه آڏواڻيءَ جو شڪنتلا دشنيت ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. هنن ڊرامن کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب بٹائڻ ۾ پردي پويان ٻين دوستن سان گڏ

آغا صوفيءَ جو بہ اهم ڪردار آهي. اهڙيءَ ريت سنہ 1924ع ۾ آغا صوفي 'الهلال ڊرامٽڪ سوسائٽي' جو بنياد رکيو. جيڪا 29-1928ع تائين ڪم ڪندي رهي. هن سوسائٽي طرفان آغا صاحب جا ڊراما 'دنيا دورنگي'، 'شانِ اسلام'، 'آغا حشر جو اردو ڊرامو 'صيد هوس' ۽ ماستر رحمت علي جو 'تصويرِ رحمت' پيش ڪيا ويا.

آغا غلام نبي صوفي جو والد جڏهن رياست خيرپور جي نائب وزير جي عهدي تان رٽائر ٿي واپس شڪارپور ۾ اچي رهيو تہ هن هندو سينئن طرفان مسلمان زميندارن سان ڏيتي ليتي جي معاملي تي ٽيندڙ زيادتين کي محسوس ڪندي پنهنجي گهر جي ويجهو 'شڪارپور ڪو آپريٽو سوسائٽي' جي نالي سان هڪ اناج جي وڪري جو ڊيپو کوليو. اڳتي هلي آغا گل حسن امدادِ باهمي جي اصول تي 'گرين سيل سوسائٽي' جو قيام وجود ۾ آندو جنهن کي پڻ والد سان گڏ آغا صوفي سنپالينڊو هو. ان کا علاوه پاڻ ڪجهہ وقت شڪارپور جي ميونسپالٽي جو ميمبر بہ ٿي رهيو ۽ چيئرمين سينيٽري ڪاميٽي جي حيثيت ۾ شڪارپور جي چگي خاصي خدمت ڪيائين.

(ب) قلمي پورهيو:

آغا صوفيءَ پنهنجي مختصر ڄمار ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. جيڪي گهڻو ڪري شاعري جا آهن. سندس ڪجهہ ڊراما پڻ ڇاپي ۽ قلمي حالتن ۾ موجود آهن. جڏهن تہ سندس زندگي جو يادگار قلمي پورهيو سچل سرمست متعلق تاريخي دستاويز آهي (جيڪو ايندڙ صفحن ۾ اوهان پڙهي سگهو ٿا). آغا صوفيءَ جي لڳ ڀڳ ٽيويهن ڪتابن جي هڪ لسٽ تہ ملي ٿي پر افسوس جو انهن مان ٿورن شايع ٿيل ڪتابن مان پڻ اسان کي چند هٿ اچي سگهيا. اسان گهڻي ڪوشش کان پوءِ آغا صاحب جي سموري قلمي پورهئي متعلق جيڪا ڄاڻ حاصل ڪري سگهيا آهيون اُها پيش ڪجي ٿي:

1. **گلزار محمدي:** شاعريءَ جو هي مجموعو 28 صفحن تي مشتمل آهي جيڪو پوڪرداس شڪارپور طرفان 1913ع ۾ شايع ٿيو.

2. **دنيا دورنگي عرف عشق نيرنگي:** آغا صاحب جو هي ڊرامو جڏهن پهريون دفعو 'ينگ مين اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي' شڪارپور طرفان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو تہ گهڻو مقبول ٿيو. جنهن کان پوءِ ڪيترائي دفعا اسٽيج ڪيو ويو. ان جي مقبوليت کي محسوس ڪندي ٽانورداس تاجر ڪتب طرفان 1914ع ۾ هن ڊرامي کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جنهن جو ٻيو ڇاپو ورهاڱي کان پوءِ 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٽيون ڇاپو 1970ع ۾ ساڳي اداري پاران شايع ڪيو ويو.

3. **فارسي گرامر:** هي ڪتاب رياست خيرپور جي تعليمي ادارن لاءِ آغا صاحب پنهنجي ملازمت دوران لکي شايع ڪرايو.

4. Gramatical Priemer **(انگريزي گرامر):** هي ڪتاب رياست خيرپور جي تعليمي ادارن لاءِ آغا صاحب پنهنجي ملازمت دوران لکي شايع ڪرايو.

5. **آغا عشق آغا:** 64 سنڌي غزلن جو هي مجموعو 60 وڻن صفحن تي پکڙيل آهي. جنهن کي حيدرآباد جي بُڪ سيلر دليپ سنگهه اينڊ برادرس 1928ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جي وڪري جي لاءِ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ هفتيوار 'صوفي ڪلام' اخبار ۾ اشتهار پڻ ڇپيا. هي ڪتاب هن وقت بنهه نايابب آهي.

6. **فرياد آغا:** 24 سنڌي غزلن جو ننڍڙي سائيز جي 24 صفحن تي ٻهليل هي مجموعو چانڊو مل گيانچند بُڪ سيلر حيدرآباد پاران 1929ع ۾ پڌرو ڪيو ويو.

7. **سچل سرمست:** سچل سرمست جي خانداني پسمنظر، زندگي، فن ۽ فڪر سميت ڪلام جي سهيڑ تي مشتمل هي ڪتاب مصنف خود پنهنجي خرچ تي سچانند نيوانند رام تلريجا شيام سندر بجلي پريس شڪارپور مان 1933ع ۾ شايع ڪرايو. (جنهن بابت تفصيلي گفتگو اسان ايندڙ صفحن ۾ ڪنداسين).

8. **طبي جواهر:** آغا صاحب شاعر ۽ هو تہ حڪيم ۽، موسيقي شناس تہ خوش گلو ۽. انهن سمورين ڳالهين جو فائدو ونندي هن طب جي

نسخن کي شاعريءَ جي انداز ۾ ڏاڍي دلچسپ پيرائي ۾ پيش ڪيو. جيڪو سنہ 1935ع ۾ پائي ٽڏا سنگھ گلاب سنگھ بُڪ سيلر شڪارپور ڇپائي پڌرو ڪيو.

9. **تاريخ ڊرامہ:** هن ڪتاب ۾ ننڍي کنڊ جي ڊرامي جي تاريخ کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ مشرقي هندستان (قديم زمانو)، وچ وارو زمانو ۽ ڊرامانگار ۽ هلندڙ زمانو ۽ ڊرامانگار، هندي ڊرامو، بنگالي ڊرامو ۽ اسٽيج، هندي بولي ۾ ڊرامو جهڙا عنوان قائم ڪري ڊرامي جي فن ۽ تاريخ کي خوب اجاگر ڪيو ويو آهي. هٿ جي لکيل 348 صفحن واري هن مسودي کي مصنف 24 آڪٽوبر 1936ع تي لکي مڪمل ڪيو. هي ڪتاب اڻڇپيل حالت ۾ ڇپائي جي انتظار ۾ موجود آهي.

10. **مناجات قرآني:** آغا صاحب باعمل صوفي هو هن پنهنجي حياتيءَ ۾ قرآن شريف مان اخذ ٿيل دعائون ۽ ڪن ننڍين سورتن جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. جيڪي سندس وفات بعد سندس شاگرد شيخ ساز علي 'ساز'، 'مناجات قرآني' جي نالي سان ترتيب ڏنيون. جنهن کي سندس والد، مرحوم جي روح کي ايصال ثواب خاطر 1938ع ۾ مسلم پريس شڪارپور مان شايع ڪرايو.

11. **افسوس آغا:** هن ڊيمي سائيز جي ڪتاب ۾ آغا صاحب جا 24 غزل شامل آهن.

12. **ارمغان آغا:**

13. **شان اسلام:** (ڊرامو)

14. **انقلاب يورپ:** (ڊرامو)

15. **جرمن سازش:** (ڊرامو-اڻڇپيل)

16. **ڪرشن ڪرپا:** (ڊرامو-اڻڇپيل)

17. **عبرت:** (ڊرامو-اڻڇپيل)

18. **هو الحڪيم:** 56 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب منوهر پرنٽنگ پريس شڪارپور مان شايع ٿيو. جنهن ۾ پڻ طبي نسخا شامل آهن.

19. **هندو يوگا وديا:**

20. **ڪاليج ڪا زمانہ:** (اردو ڊرامو)
21. **پهلا پيار:** (اردو ڊرامو -اٽڇپيل)
22. **شاهنامہ سنڌ:** آغا صاحب 'شاهنامہ فردوسي' جي طرز تي سنڌ جي تاريخ کي منظوم انداز ۾ لکڻ شروع ڪيو. جنهن جو گهڻو حصو مڪمل ڪري چڪو هو پر ساڻس زندگي وفا نہ ڪئي ۽ اهو ڪتاب اڻ مڪمل ئي رهجي ويو.
23. **گلشن آغا:** سنڌ جي نامور شاعر سيد اظهر گيلاني 1998ع ۾ آغا صوفيءَ جو سمورو ڪلام مختلف جاين تان هٿ ڪري هن نالي سان ترتيب ڏنو. جيڪو قلمي حالت ۾ سنڌي ادبي بورڊ وٽ ڇپائي جي انتظار ۾ آهي.

آغا صوفيءَ جي ڊرامن تي هڪ نظر:

آغا صوفي پنهنجي مزاج ۾ هڪ نرالو شخص هو. هن شڪارپور ۾ اُن دؤر ۾ ڊرامو لکڻ ۽ انهن کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ شروع ڪيو جڏهن سنڌس عمر لڳ ڀڳ ڇوويهہ، پنجويهہ ورهيہ هئي. جنهن دؤر ۾ هي صنف سنڌي زبان ۾ ڪا گهڻي مقبول نہ هئي، هن کان پهرين مرزا قليچ بيگ ۽ سنڌس همعصر خانچند دريائي ڊرامي طرف خاصو توجهہ ڏنو هو. جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ آغا شڪارپور ۾ اسٽيج ڊرامي کي عام مقبول بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي عملي قدم کنيا. هو بنيادي طور تي ليکڪ هو هُن ڊراما لکيا پر هُن اهو بہ سمجهيو پئي تہ جيستائين سنڌس پيغام ڪنهن بہ نموني عام ماڻهوءَ تائين نہ پهتو تہ اُهو ڪارگر نہ ٿي سگهندو. تنهنڪري سنڌس ڊراما اسٽيج ٿيا ۽ عام ۾ مقبول ٿيا. سنڌس اهڙن ڊرامن ۾ شانِ اسلام، انقلابِ يورپ، ڪاليج ڪا زمانہ، دنيا دورنگي، جرمن سازش، ڪرشن ڪرپا، پهلا پيار ۽ عبرت شامل آهن. اسان کي گهڻي ڳولا جي باوجود آغا صاحب جي ڇپيل توڙي اٽڇپيل ڊرامن مان فقط 'دنيا دورنگي' ڊرامو هٿ اچي سگهيو آهي.

دنيا دورنگي:

هن ڊرامي جي ڪهاڻي هڪ روايتي ڪهاڻي آهي جنهن جو اختصار هن ريت آهي تہ: 'هڪ حسين جميل عورت ڪردار مهلقا هڪ باڪردار خاتون آهي جيڪا ممتاز نالي هڪ نوجوان سان نيهن جو ناتو جوڙيو ويئي آهي. شمشاد نالي هڪ ڪردار مهلقا کي هر صورت ۾ پنهنجو ڪرڻ گهري ٿو پر ناڪام ويو آهي. ان ڪري هو مهلقا کي هڪ سازش ذريعي سندس پاءُ جميل هٿان ڪيس ڪاري ڪري مارائي ٿو. پوليس پنهنجي روايتي بي انصافي کان ڪم وٺندي ممتاز کي گرفتار ڪري ٿي. ڪيس هلندي ٽمبڪٽو نالي هڪ شخص راز فاش ڪري ٿو ۽ جميل ڏوهہ جو اقراري ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ جميل ۽ شمشاد کي موت جي سزا اچي ٿي.'

هي ڪهاڻي جيتوڻيڪ هڪ روايتي ڪهاڻي آهي پر آغا صاحب جو ڪمال اهو آهي تہ هن منظر نگاري ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ سان ان ۾ ڏسندڙ ۽ پڙهندڙ جي لاءِ دلچسپي جو سامان پيدا ڪيو آهي هي ڊرامو نظم ۽ مسجع ۽ مقفيٰ نثر ۾ لکيل آهي جنهن ڪري ٻوليءَ جي رواني ۽ رنگيني منجهس جهلڪا ڏئي ٿي. مثال طور ڊرامي جو ڪردار ٽمبڪٽو چئي ٿو:

ٽمبڪٽو: (علحدو) يارو مون تہ پنهنجي بيبي جي پويان پنهنجي سهڻي صورت، مهڻي مورت، هي ننڍڙي جواني ڪئي برباد، پر هوءَ چڪر ڏنڊي، اسان جي نڪتي استاد. گهر ۾ سڄو ڏينهن گوڙ آهي، جهٽ پٽ جي ماني، لعنت جو ٻوڙ آهي. اڄ هو ڪمبخت ذري گهٽ ڏنگڻ هئي آئي، پر خدا بچايو، جو پڄي مون جان بچائي. ضرور دال ۾ ڪجهہ ڪالو ڪالو آهي، ڪنهن ڪار منهي قرمستان جو ڳالهہ ۾ گڙ ٻڙ گهوٽالو آهي. خير هينئر هن جوڳي صاحب ڪمال باجمال کان ڪوئي تعويذ لکايان، پنهنجي بيبي جي دل ڦاسايان، دشمن کي جيئري جلايان. (ص 68-67)

مهلقا جي خون جو جڏهن ڪيس عدالت ۾ هلي ٿو ۽ اُهو پنهنجي انجام ڏانهن وڌي ٿو. عدالت ۾ ٽيل اها ڳالهه بولهه آغا صاحب ڪجهه هن طرح بيان ٿو ڪري:

جج: پلا جلد بيان ڪر، سارو قصو پبلڪ تي عيان ڪر.

جميل: مون کي ته هن شمشاد ناشاد، شراب پياري، ڏتاري، پئسا ڏيکاري، پياري پيٽ جو خون ڪرايو آ، هن زور ڪرائي ممتاز تي اجايو الزام ڏرايو آ. مان کي ڏوهي ۽ هن پاڻ کي بي ڏوهي سڏايو آ، اهو سڀ (اشارو شمشاد ڏانهن) هن ئي ڏوهه ڪرايو آ. (ص 164)

هي ڊرامو روايتي ڪهاڻي هجڻ جي باوجود فني حوالي سان به مڪمل هڪ ڊرامو آهي ته ٻئي طرف ٻوليءَ جي جيڪا رنگيني ۽ چاشني آغا صاحب جي تخليقي صلاحيتن سبب هن ڊرامي ۾ پنهنجو پاڻ پسائي رهي آهي. ان ڳالهه ڏسندڙ توڙي پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندي خود ۾ محو ڪري ڇڏيو آهي.

آغا صوفيءَ جي شاعري:

آغا صوفي جو سمورو قلمي پورهيو نثر ۽ نظم ۾ ورهايل آهي. سندس نثر تي به شاعري حاوي نظر اچي ٿي. سندس ڊرامن ۾ مقفيٰ نثر جڏهو استعمال ٿيل ملي ٿو، ائين ڪٽي چئجي ته جڏ شاعراڻو نثر ويهي لکيو اٿس. سندس شعري تصنيفن جو تعارف اسان اڳ ڏئي آيا آهيون. هت مختصر طور سندس شعر جي موضوع، مضمون، ٻولي ۽ ڪن ٻين خوبصورتين بابت ذڪر ڪنداسين. آغا صاحب اسڪول جي دؤر کان ئي شعر چوڻ شروع ڪيو، ابتدا ۾ پنهنجي ذات دراني تخلص طور استعمال ڪندو هو، پر بعد ۾ سندس مرشد کيس 'آغا' جو تخلص ڏنو. جيڪو هن سڄي عمر اختيار ڪيو ۽ 'آغا صوفي' جي نالي سان مشهور ٿيو. ان تخلص ملڻ تي چيل پنهنجي پهرين شعر ۾ چئي ٿو:

چو ڪريس تنهنجي نظر کان، يار بي تقصير اڄ
دلربا تنهنجي جفا، مون کي ڪيو دلگير اڄ

لطف جا درياءَ توتي، يار 'آغا' ٿا وسن
شعر وصف شاهه علي، ٿو ڪرين تحرير اڄ
(آغاز عشق آغا، ص 28-27)

سندس خيال ۾ جڏهن تبديلي آئي ۽ هو صوفيت ڏانهن وڌيو تہ اهو ڪمال علي محمد لقماني جي صحبت جو هو. ان کان متاثر ٿيڻ کان پوءِ سخي سائين وٽ پهتو. پنهنجي شعر ۾ علي محمد فقير بابت چئي ٿو:

هن ندوري نفس جي تو، ڳل ڳچي ڳاري اٿي
مار هي موذي متان، تو راند هي هاري اٿي

هي دنيا جا گل ۽ گوهر، نانگ ڪل ڪاري اٿي
خوامخواهي دل اي 'آغا'، يار ڇو ڪاري اٿي
(آغاز عشق آغا، ص 15)

وري اڳتي جڏهن ان مستيءَ جي مئي مان ڪجهه نصيب ٿيس تہ ان جو اظهار هنن بن سٽن ۾ ڪيڏو نہ خوبصورت انداز ۾ ٿو ڪري:

اڄ مئي پرستيءَ مان ادا، مون کي خدا مليو
ڇا بت پرست زاهد آ، تو کي پلا مليو
(آغاز عشق آغا، ص13)

هڪ صادق صوفي جيان هو تصوف جي نالي تي غير شرعي حرڪتن ۽ اٽڪل بازين کان گهڻو پري هو. هن پنهنجي ڪتاب 'مناجات قرآني' ۾ قرآن شريف جي آيتن جو منظوم ترجمو پيش ڪيو آهي. هن طرح جي ڪوشش سنڌي زبان ۾ پهريون پيرو ٿي. جڏهن تہ ان کان گهڻو پوءِ سنہ 1969ع ۾ حاجي احمد ملاح قرآن پاڪ

جو منظوم ترجمو ڪيو. آغا صوفي جي اهڙن ترجمن مان ڪجهه نموني خاطر هت پيش ڪجن ٿا:

آ شروع نالي الله جي سان بيان
آ جو بخشش ڪرڻ وارو مهربان
سڀ ستايش آ سزاوار خدا
جملہ مخلوقات جو رب جو ئي آ
آهه بخشش ڪرڻ وارو مهربان
مالڪ روز جزائي انس جان
بندگي تنهنجي اسان سڀ ٿا ڪريون
ءِ مدد تو کان اي مولا ٿا گُهرون
تون هلاءِ (مولا) براهه راستي
واهه تن جي جن تي بخشش تو ڪئي
پر نه تن جي، رهه غضب ۾ جي هئا
ءِ نه تن جي، جي هو گمراهه ازهدا

دعا

آ شروع نالي الله جي سان بيان
آ جو بخشش ڪرڻ وارو مهربان
اي اسان جا پاڪ رب پروردگار
ڪر تون بس منظور هي خدمت جو ڪار
هر طرح هر حال کان دانا خدا
تون ئي ڄاڻڻ هار آن (رب العلا)
اي اسان جا پاڪ رب ءِ تون پو ڪر
پانهنجو بنهي اسان فرمانبر
ءِ اسان جي نسل مان پي هڪ گروهه
پانهنجو فرمانبر ڪج (باشڪوه)
ءِ سيکارج سڀ طريقا حج جا

۽ اسان تي مهرباني ڪج سدا
تون ئي بيشڪ آن ڪريم ۽ مهربان
سڀ ڪان اعليٰ رحم وارو بي گمان

(آغا غلام نبي صوفي جون علمي، ادبي خدمتون، ص45-44)

آغا صوفي شاعر به هو ته حاذق حڪيم به هو. حڪمت ۽ شاعري کي گڏ گڏ وٺي هليو، نه فقط ايترو پر هن ان حوالي سان هڪ قدم وڌائيندي طبي نسخن کي شعر ۾ پيش ڪيو. سندس اهڙا منظوم طبي نسخا 'طبي جواهر' ڪتاب ۾ ڪٺا ٿيل آهن، جن مان ڪجهه مثال هت پيش ڪرڻ دلچسپي جو ڪارڻ ٿيندا:

درد سر

درد سر توکي ٿئي گرمي ڪنان
تون گِهي صندل لڳا ماٿي مٿان

نزلہ زڪام

جنهن ڪنهن کي پي هجي آغا زڪام
مهٽي پيئي بنفشہ صبح - شام
داڻا نوَ (9) جو ڀاڪ ڪاري جا گڏي
روڳ ان کي ڏينهن ٻن ۾ هي ڇڏي

ڏند جو سور

درد جنهن کي آغا ڪنهن کي ڏند ۾ هجي،
هنگ ڪري بريان تنهن ڏند ۾ رکي.

(غلام نبي صوفي جون علمي، ادبي خدمتون، ص 43-42)

آغا پنهنجي وقت جي شاعراڻين روايتن سان جڙيل هو. هن عروض ۾ روايتي انداز اختيار ڪيو آهي، غزل کي ان جي ئي ديس جي رنگ ۾ بيان ڪندي نظر اچي ٿو. پر باوجود هن جا خيال نفيس ۽

نازڪ مزاجيءَ جا عڪس پيش ڪن ٿا. روحانيت ڏانهن ته شروع کان ئي لاڙو هيس. دنيا جي بي ثباتيءَ جي ڳالهه به بار بار ڪئي اٿس ته پنهنجي والده ۽ نوجوان مامي جي وفات تي به ڏک جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو. ماءُ، جيڪا دنيا جي سمورن رشتن کان وڌيڪ پيار ڪندڙ اها شفقت ڀري مهربان هستي آهي جنهن جي ٻاجهه ڀري نظر ئي دنيا جا سمورا ٽڪ لاهي ڇڏي ٿي. دنيا ۾ اولاد لاءِ اهو واحد دعا جو در آهي جيڪو ساهه جي تند ٽٽڻ تائين ڪڏهن به بند نٿو ٿئي. آغا صوفيءَ جي جڏهن والده وفات ڪري ٿي ان وقت سندس والد گنبٽ ۾ مختيارڪار هو. گنبٽ کان شڪارپور پهچڻ تائين هو پنهنجي درد ڀري ڪيفيت جو اظهار ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

دلا غافل نه ٿئي تو ڪي، دنيا مان انت لڏڻو آ
ڇڏ هي باغ باغيچا، وطن پنهنجي تو وڃڻو آ

اجل جي روز ڪي ڪر ياد، ڪر سامان جو سعيو
ڪيو جو ڪوچ تو هيڪر، وري تو ڪي نه اچڻو آ

ادا ڏس محل هي خالي، ڪٿي هن تن سندا والي
دنيا ساري دغا بازي، سندو هي يار ڳهڻو آ
(آغا زعشق آغا، ص 39)

ساڳي وقت پنهنجي نوجوان مامي خانصاحب علي محمد خان جي وفات کان پوءِ قبرستان ۾ ختمو پڙهڻ ويو ته ان ڪيفيت کي هنن لفظن ۾ اظهاري ٿو:

يار وڇڙيس ٿي نه مون، پر هي قضا جو قهر آ
هيئن ڇئي محبوب منهنجو، گلبدن ويندو رهيو

اي مسافر يار تو، حافظ خدا حافظ خدا
هاءِ يارو صبر سان، غنچه دهن ويندو رهيو
(آغا زعشق آغا، ص1)

هو ڏاڍو حساس دل شخص هو. ڪنهن بہ دوست جي بي رخي برداشت ڪري نہ سگهندو هو. سندس هڪ دوست جڏهن سکر مان ساڻس بنا موڪلائي شڪارپور هليو ويو، جتي آغا مارچ 1912ع ۾ چند چيٽي جي ميلي تي ڪن دوستن جي دعوت تي پنهنجي سئوٽ بابو عبدالحميد ۽ منشي ڪمال الدين وٽ رهيل هو. اهڙو اظهار ڪندي چوي ٿو:

اي يار پتا تنهنجا، پڇايان ڪڏهن ڪڏهن
سر تونئي منا واري، وسايان ڪڏهن ڪڏهن

ظالم هتي مون تنهنجي، جدائي جي درد کان
نيٽن مان لعل پاڻي، وهايان ڪڏهن ڪڏهن
(آغاز عشق آغا، ص3-2)

آگسٽ 1912ع ۾ آغا جي هٿان ڪا خطا ٿي جنهن سبب سندس دل گهريو دوست ناراض ٿي ويو. ڪيس ان جو صدمو بہ پهتو ۽ پنهنجي غلطيءَ جو احساس بہ شدت سان ٿيس! ان حالت تي 'آغاز عشق آغا' ۾ 'عاشقن جي عيد' جي عنوان سان هڪ غزل ۾ اها ڪيفيت هن طرح بيان ڪري ٿو:

اڄ عيد آهي گهر گهر، پنهنجي بہ عيد ٿي ها
حاصل اگر اسان کي، دلبر جي ديد ٿي ها

اي بي وفا جي تنهنجو، ڪو خط ڪٽي اچي ها
'آغا' جي يار دل کي، البت اميد ٿي ها
(آغاز عشق آغا، ص 2)

شاعريءَ جو بنيادي مُحرڪ حُسن آهي. سُونهن بنا هي سنسار پنهنجي بنياد تي قائم رهي نہ سگهندو. سُونهن کي پسند ڪرڻ هڪ فطري عمل آهي، جنهن بنا ذهن کي تازگي ۽ روح کي راحت نصيب ٿيٽي نہ آهي. هڪ حساس دل شخص ان امر کان ڪنهن بہ ريت پاڻ کي محفوظ نہ ٿو رکي سگهي. سندس خيال جي بلند پرواز تڏهن ئي

ممڪن آهي، جڏهن هو ڪائنات جي ذري ذري ۾ ڦهليل حُسن ۽ جمال کي پنهنجي اکين سان پسي ان جي ڪومل احساس کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندو. آغا صوفي به هڪ حساس دل شخص هو. هو جتي دنيا جي بي ثباتي جو ذڪر ڪري ٿو، جتي پنهنجي عزيزن جي وڇوڙي تي رنجيدا ٿئي ٿو، جتي دوستن جي بي رخي کي شدت سان محسوس ڪري ٿو، اتي محبوب جي ناز، انداز ۽ سهڻي صورت ۽ سيرت جو به ذڪر ڪري ٿو. سڄڻ جي ساراهه هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

اڄ نظر آيو چمن ۾، هڪ عجب نازڪ بدن
نازنين نازڪ ڪمر، ڪو ناز پرور سيمتن

ماهه پيڪر مهجبين و مهر طلعت مُشتري
سيمبر سهڻو سدا، شيرين لقا شيرين سُخن

زلف خم خم خال خط، حيران ڪيا حورو پري
مست هو تنهن مهلقا تي، سربسر سهل يمن
(آغا عشق آغا، ص 49-48)

هڪ عاشق صادق جا بول بولينديءَ جئي ٿو تہ دنيا ۾ ڪو به ماڻهو عشق کان بچيل ناهي:

عشق کان خالي نہ آهي، ڪو بني انسان جو
عرب توڙي هند سنڌ، ساڪن هجي ايران جو

عشق جنهن کي آ حسينن، جو لڳو اي دوستو
خير ڪونهي تنهن سندي، اڄ دين ۽ ايمان جو
(آغا عشق آغا. ص 37-36)

آغا صوفي خوبصورت احساسن ۽ خيالن وارو هڪ حساس شاعر هو. سندس لکيل ۽ ڳايل ڪيترائي ڪلام آل انڊيا ريڊيو تان ان وقت ۾ نشر ٿيندا هئا، جن ۾ 'نار ماتا نار، پنهنجي ڀڄڻ کي نار' گهڻو مشهور ٿيو. هو باقاعده صبح جو سوير ستار تي رياض ڪندو هو.

هت مختصر آغا صوفيءَ جو ڪجهه ڪلام نموني طور پيش ڪجي ٿو:

حمد

دنيا ٿي سر جُهڪائي، تو وٽ سدا اي مولا
ڪهڙي ڳٽ پ ۾ آهن، شاهه و گدا اي مولا؟

ڏي رزق، تندرستي، ايمان، دين، عزت
ٿي دست بسته طلبيان، توکان سدا اي مولا

تون مالڪن جو مالڪ، هر دو جهان جو خالق
شاهن جو شاهه آهي، تنهنجو گدا اي مولا

انڌن، منڌن، ٽنڌن ۾ بي آسرن کي ساجهر
روزي چڏين رسائي، صبح و مسا اي مولا

بي اتفاقي وئي، دنيا سڄي کي ويڙهي
بيگانو ٿي ويو آ، هر آشنا اي مولا

محتاج آهيان تنهنجو، محتاج ٿئي زمانو
ڪر بخت بالا بحرِ خير الوريٰ اي مولا

ڏي تنهنجي تي ئي 'آغا'، دل جو غني سڏائي
حالانڪ تنهنجي در جو ادنيٰ گدا اي مولا

(گلشن آغا، ص 9)

نعت

منهنجي دل آهي پريشان مصطفيٰ ﷺ
ڏي مدينو جو ڪو سامان مصطفيٰ ﷺ

عرش تي تنهنجي زيارت ڪئي خدا
آهين تون محبوب يزدان مصطفيٰ ﷺ

زر پرستن کي ملي پل مال و زر
بخش مون کي دين و ايمان مصطفيٰؐ

پنهنجي جهل ۾ جاءِ ڏي، بهر علي
حملا آور آهه شيطان مصطفيٰؐ

تو گهري 'آغا' شفاعت روز حشر
ٿئي ٽڪاٽو باغ رضوان مصطفيٰؐ

بي سمر 'آغا' تي ٿئي لطف و ڪرم
قبر و محشر جو نه سامان مصطفيٰؐ

(گلشن آغا، ص 10)

مرڪٽو محب

دردن وڏي دلڙي ٿٽي، چاڪن ڪيس چوري چري

مرڪي ڪئي مون کي چڪن، هي چاڪ دل جا ٿا چڪن
جي روز شب وينا سڪن، تن تي ڏس مرڪي وري

رم ناز نخوت يار سان، هردم رهن دلدار سان
ڪن سر بسر بيمار سان، منتر سحر جادوگري

قد يار جو سروي چمن، رخسار گلگون گلبدن
رخ يار سحر يمن، يا ماهه ڪامل مشتري

مان عاشق ديوان هان، موسيٰ مثل مستان هان
تون شمع مون پروان هان، مون کي قسم پيغمبري

اي ماهرو منهنجا منا! مون کان نه ٿي جانان جدا
سهٽن چيو 'آغا' ادا! ڪر دل جو سودو سرسري

(آغاز عشق آغا، ص 1)

يار جي تعريف

تنهنجي زلف سيہ خط خال مٿان، قربان سوين هڪ نہ منا

هڪ زلف اوهان جي ماهِ لقا، ڪيا خادم خانا شاهہ گدا
تنهنجي در تي دارا دلربا، دربان سوين هڪ نہ منا

ٽا لات پکي ڏينهن رات لنون، تنهنجي ساراهہ ملڪ بہ ملڪ چون
تنهنجي در تي نادر ناڻ نون، ٽا خان سوين هڪ نہ منا

تنهنجي عين مثل الماس ٻئي، سُڌ سُونهن سندي هر سوءِ پئي
تنهنجي الفت جا ٽا ڪن ڪئي، ارمان سوين هڪ نہ منا

ڪيئي محبت مُلهہ خريد ڪيا، ڪي پاڪ پريت پليد ڪيا
تنهنجي ديدن مست مريد ڪيا، سلطان سوين هڪ نہ منا

ڪئي آهہ 'آغا' هي خوب ٿنا، وچ هوت اڳيان پڙهہ باد صبا
ڪن صفت اوهان جي صلي عليٰ، انسان سوين هڪ نہ منا

(مولانا عبدالغفور مفتون همايوني جي تتبع تي. آغاز آعشق آغا، ص 26)

غزل

چشم و ابر جا اشارا ٽي چُڪا
قتل جا سامان سارا ٽي چُڪا

جن اناالحق جو نعرو ڪيو بلند
سي فقط منصور پارا ٽي چُڪا

نوڪري آ ٽوڪري ڇڏ نوڪري
نوڪري وارا نظارا ٽي چُڪا

وڻ فقيري کان تون شاهي جو مزو
شاهہ اڳ ۾، جمءِ دارا ٽي چُڪا

ٿا ڏنگن ڏوران نہ ماندو ٿو پڇي
وار تنهنجا نانگ کارا ٿي چُڪا

پنهنجي همت تي اي 'آغا' فخر ڪر
پيءُ ڏاڏي جا سهارا ٿي چُڪا

(گلشن آغا. ص 13)

ڪتاب 'سچل سرمست' تي هڪ نظر:

آغا صوفي. سرمست سائين بابت هي ڪتاب ۾ خاص هڪ جذبي هيٺ لکي تيار ڪيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جڏهن 'شاهه جو رسالو' ٽن جلدن ۾ پڌرو ڪيو تہ آغا غلام نبي، ڊاڪٽر صاحب جي هن هڪ جملي تي سخت ناراض ٿيو تہ: 'سچل وغيره شاهه جي ڏڪي ۾ رسي نہ سگهيا آهن.' هن جملي حقيقت ۾ آغا کان ڪتاب 'سچل سرمست' لکايو. 'صوفي' صاحب هن ڪتاب کي مڪمل ٻن حصن حيات سرمست ۽ ڪلام سچل سرمست ۾ ورهايو آهي. حصي پهرئين ۾ 3 باب آهن، جن ۾ تصوف ۽ ويدانت، حيات سرمست ۽ راڳ ۽ جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ سچل سائين جو ڪلام سُر وار شامل ڪيو ويو آهي، جن ۾ ڪافين کان بيتن جو تعداد گهٽو وڌيڪ آهي. هن حصي ۾ سُر آسا، گُجري، پيروي، ڪوهياري، سارنگ، راڻو ڪاريهر، ڪلياڻ، سورٺ، پهاڙي، ڪنيات، جوڳ ۽ مالڪوس جا بيت ۽ هر سُر جي آخر ۾ ٻہ ڪافيون، جنهن کان پوءِ متفرق ڪلام جي سِري هيٺ بيت ۽ متفرق سنڌي ڪافيون، سرائڪي ڪافيون، اردو شعر ۽ فارسي غزل شامل آهن.

جنهن کان پوءِ رسالي ۾ ڪم آيل صوفي اصطلاح ڏنا ويا آهن جنهن بعد شرح ۽ معنيٰ جي سِري هيٺ هَر سُر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏ ڪن بيتن جي سمجهاڻي ٻہ ڏني وئي آهي. حقيقت ۾ سچل سائين جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ هن طرح جي هي پهرئين علمي ڪوشش هئي جيڪا گهڻي ڪارگر هئي، پر خبر ناهي ڇو آغا صاحب جي سچل سائين جي حوالي سان هن پرپور علمي ڪاوش ۽

ڪوشش ڪي آها پذيرائي حاصل نه ٿي سگهي جيڪا هن کان اڳ سنہ 03-1902ع ۾ تيار ڪيل مرزا علي قلي واري سچل سائين جي رسالي کي حاصل ٿي. يقيناً مرزا صاحب جو ڪم به اسان کان گهڻو مان لهي ٿو. ڇاڪاڻ جو نه فقط ان ڪري جو سچل سائين جي ڪلام جي سهيڙ جي هي پهرئين ڪوشش هئي بلڪ ان ڪري به جو هي سهيڙ گهڻي پاڻي مڪمل، صحتمند ۽ درست آهي، ڪلام جي درست پڙهڻين تي مرزا صاحب خاصو توجهہ ڏنو آهي. جنهن ڪري هي رسالو هڪ سؤ سال گذرڻ باوجود به عام مقبول رهندو آيو آهي. ان کان پوءِ سنہ 1910ع ۾ ظاهر ٿيل ميان در محمد ۽ ٻين جي ترتيب ڏنل 'داستان وڏو سچل سائينءَ جو' ۾ شامل ڪلام گهڻي پاڻي مرزا صاحب جي رسالي تان ورتل آهي. آغا صوفي پاڻ ڪن جاين تي مرزا علي قلي واري رسالي تان مدد ورتي آهي. پر هن رسالي تيار ڪرڻ ۾ سندس محنت ۽ عقيدت پڻ شامل آهي. هن کان پهرئين شايع ٿيل ٻنهي رسالن ۾ سچل سائينءَ جون ڪافيون گهڻي تعداد ۾ آيل آهن، جڏهن ته آغا واري سهيڙ ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو جهجهو آهي جيڪو هنن رسالن ۾ ناهي، ساڳي طرح پوئين رسالي ۾ پهرئين ٻنهي رسالن جي بيت ۾ ڪافين جو تعداد ٻنهه گهٽ آهي. ڪٽي ڪٽي آغا صاحب، سرمست سائين جي ڪن سرائڪي ڏوهيڙن کي سنڌي بيت جي صورت ۾ پيش پڻ ڪري ويو آهي، جنهن تي عالمن کي اُن حوالي سان اعتراض آهي ته اصل سرائڪي ڏوهيڙي جي شعري حسنائيت متاثر ٿي آهي. حقيقت ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي غلطيون ڪاتبن کان قلمي بياض لکندي ٿيندڙيون رهنديون آهن، آغا صوفي آڏو پڻ جيڪي قلمي بياض هن سهيڙ جي دوران سامهون رهيا انهن ۾ ٿي سگهي ٿو ته اُهي سرائڪي ڏوهيڙا سنڌي بيت جي صورت ۾ هُجن پر هي ڪو ايڏو وڏو علمي اختلاف يا ڪو تڪراري معاملو ته ناهي جو آغا غلام نبي جي هن سموري محنت کي وساريو ويو آهي؟

هن معاملي کي سمجهڻ لاءِ جيڪڏهن ڪتاب 'سچل سرمست' جا ورق ورائيون ٿا ته هڪ اختلافي پر علمي معاملو اسان جي سامهون

اچي ٿو تہ: 'سچل سائين، شاھہ پٽائي کان وڌيڪ سگھارو شاعر آھي' (ڏسو ڪتاب ۾ عنوان: شاھہ پٽائي ۽ سرمست درازي). جيتوڻيڪ آغا صاحب هي ڪتاب لکيو ئي ڊاڪٽر گُربخشاڻي جي سبب هو. درازي در جي هڪ بي پناھہ عقيدت مند مريد جي حيثيت ۾ هن جيڪو پنهي شاعرن جي وچ ۾ موازنو ڪندي لکيو آھي اهو علمي بحث هجڻ باوجود ان تي عقيدت جو رنگ غالب آھي. هن بحث جو مدلل علمي جواب پروفيسر لطف الله بدوي پنهنجي تصنيف 'تذڪره لطفي' جي پهرئين پاڳي ۾ ڏنو آھي (اسان اهو مواد هن ڪتاب جي ضميمي 3 ۾ شامل ڪيو آھي).

آغا غلام نبي جو هي بحث شايد علمي ادبي حلقن کي ناموزون محسوس ٿيو ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ان ئي سبب هن ڪتاب کي علمي، ادبي حلقن ياران گهربل مڃتا نہ ملي سگهي جنهن جو هي ڪتاب حقدار هو.

آغا صوفي جي هن ڪتاب 'سچل سرمست' کي جتي ڪا گهٽي پذيرائي حاصل نہ ٿي اُتي اهو بہ ظلم ٿيو تہ ڪجهہ وقت اڳ 'عاشقي الهام عرف سچل جو ڪلام' جي عنوان سان سرمست سائين جو رسالو شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ شامل سمورو مواد ہن اڳ ڇپيل رسالن تان بنا ڪنهن حوالي جي ورتو ويو. ان رسالي تي مُرتب طور هڪ ٻي شخص جو نالو ڄاڻايو ويو آھي. اُن رسالي جو مواد دراصل ہن حصن ۾ ورهايل آھي. پهرئين حصي ۾ سائينءَ جون ڪافيون ۽ بيت ۽ ٻئي حصي ۾ صوفي اصطلاح ۽ شرح ۽ معنيٰ. جڏهن تہ پهرئين حصي جو مواد سنہ 1952ع ۾ هندستان جي شهر ٻڙودا مان درازي در جي عاشق صادق مريدياڻي نماڻي فقير (رکي ٻائي) جي ترتيب ڏنل ۽ شايع ڪرايل رسالي 'عاشقي الهام عرف سچل جو ڪلام' تان بنا حوالي سان ورتو ويو آھي ۽ ٻئي حصي جو مواد آغا صوفي جي ڪتاب 'سچل سرمست' تان ورتل آھي. جيڪا ادبي چوري آھي، هنن صفحن ۾ اِن ڳالهہ جي نشاندهي اُن لاءِ ڪجي ٿي جو اهو نہ فقط ادبي ڏوهہ آھي بلڪ آغا صوفي ۽ نماڻي فقير جي محنتن تي بہ ظاهر ظهور راتاهو

هنيو ويو آهي، جيڪو عمل سراسر مذمت جوڳو آهي.

غلام نبي 'صوفي' پولي جو بہ ماهر هو، هو سنڌي پولي ۾ صورتخطي بابت پنهنجا خيال رکندڙ هو. جنهن جو اظهار هن ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ هڪ عنوان 'صورتخطي ۾ انقلاب' هيٺ ڪيو آهي. هي نجو لساني مسئلو آهي. جنهن تي لسانيات جي ماهرن کي ڳالهائڻ گهرجي، پر هڪ شاگرد جي حيثيت سان آغا صاحب جي ان ڳالهه جي پٽيرائي تہ ڪري سگهجي ٿي تہ لفظ ڪنهن، جنهن جو پهريون نون، مَينهن، مِينهن، شينهن، دانهن، ٻانهن جو پويون نون اضافي آهي تہ ساڳي وقت جيئن، تيئن ۾ 'ء' وچ جي بجاءِ آخري اکر جي مٿان آواز ڏئي ٿو جينءَ، تينءَ وغيره. ان کان سواءِ صوفي صاحب لفظن جي صورتخطي بابت ڪي ٻيا خيال پيش ڪيا آهن. جن کي هو پولي ۾ مڙهڻ جي بجاءِ پنهنجا خيال چئي ٿو. باوجود ان جي ڪتاب جي هن نئين ڇاپي ۾ متين لفظن جي سامهون ڏنگين ۾ انهن لفظن جي مروج صورت ڪنهن، جنهن، مينهن، شينهن، (ساءِ) سائين وغيره ان خيال سان ڏني وئي آهي تہ عام پڙهندڙ کي ڪتاب پڙهندي ڪا لساني ڏکيائي محسوس نہ ٿئي ۽ هو آساني سان پڙهي سگهي.

ڪتاب 'سچل سرمست' پنهنجي موضوع، مضمون، ترتيب ۽ پوليءَ سبب درازي شاهہ تي هڪ جامع تاريخي دستاويز آهي، جنهن جي اهميت اڳ ڏنل مواد جي فهرست مان لڳائي سگهجي ٿي. تصوف ۽ ويدانت بابت گفتگو لک لهي، هن قسم جو مواد سچل سائين بابت ڇپيل صورت ۾ گهٽ ملي ٿو تہ ساڳي وقت جنهن طرح سان راڳ بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، اها بہ سچل سائين جي ڪلام جي مزاج کي راڳداري جي حوالي سان سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. آغا صاحب خود بہ موسيقي شناس ۽ خوش گلو هو تنهن ڪري ئي هو ان موضوع تي لکي سگهيو آهي.

مجموعي طرح هي ڪتاب مختلف رخن کان سچل سائين جي حوالي سان گهڻي اهميت وارو آهي.

'سچل سرمست' ۾ سڌارا ۽ اضافا:

آغا غلام نبي صوفي خود عالم، اديب، شاعر، محقق ۽ سچل شناس هو. هن جي هن ڪم جي سُڌار يقيناً مون جهڙي هڪ گهٽ علم ماڻهو جو ته ڪم ناهي، پر سچل جي فڪر کي سمجهڻ وارن جي قطار ۾ بينل هجڻ سبب هن ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾ ايترو ضرور ڪيو ويو آهي ته جتي جتي صوفي صاحب هندي لفظ استعمال ڪيا آهن اتي انهن جي آڏو ڏنگين ۾ آسان سنڌي لفظ ڏنا ويا آهن، ساڳي وقت مذڪوره ڪتاب لڳ ڀڳ 87 سال اڳ شايع ٿيو. تنهن ڪان پوءِ هن موضوع تي وڌيڪ تحقيق سامهون اچي چڪي آهي. خود راقم ڪجهه سالن اندر سرمست سائين بابت جيڪو ڪجهه پيش ڪيو آهي، اهو بنهه نئون ۽ منفرد ته ڪٽي نه به ڇڪجي پر اها گذريل هڪ سؤ سال ۾ سچل تي ٿيل تحقيق ۾ هڪ قدم اڳتي وڌائڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش ضرور آهي. تنهن ڪري هن ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ مناسب جاين تي حاشيا ڏنا ويا آهن ته جيئن آغا صاحب وارو اڳ پيش ڪيل مواد موجوده تحقيق سان همڪنار هجي جنهن ڪري پڙهندڙ کي ان حوالي سان ڪو مونجهارو نه ٿئي.

ڪتاب جي آخر ۾ ٿي ضميما شامل ڪيا ويا آهن جنهن جي ترتيب ۽ مواد جي پيشڪش هن طرح آهي:

1. **سچل سرمست جا طالب/ ٻالڪا همعصر شاعر ۽ دوست:** هن ضميمي ۾ سچل سائين جي طالبن، ٻالڪن، عقيدت مندن ۽ دوست همعصر شاعرن بابت سوانحي مواد راقم جي ڪتاب: 'سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر' تان اختصار ۽ ڪجهه ضروري اضافن سان ان ڪري شامل ڪيو ويو آهي جو آغا صاحب سوانح سچل لکندي سائين جي طالبن ۽ همعصرن شاعرن جا فقط نالا ڄاڻايا آهن. ضرور سمجهيو ويو ته انهن سمورن ۽ ان فهرست مان رهيل ٻين طالبن وغيره جو احوال ڪتاب ۾ شامل ڪجي.
2. **ڏکين لفظن جي ڏسٽي:** هن هيٺ اهڙن لفظن جون معنائون 'تحقيق سامي لغات' ۽ 'سچل لغات' مان ڏنيون ويون آهن جيڪي لفظ

شرح ۾ معنيٰ ۾ لکندي آغا صاحب کان رهجي ويا آهن.

3. **ڪتاب 'سچل سرمست' تي ٽيل تنقيد:** هن سِري هيٺ ڪتاب تي ٽيل تنقيدي مقالن کي شامل ڪيو ويو آهي: (1) پروفيسر بدوي جو پنهنجي تذڪري ۾ تنقيدي مواد. (2) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو رسالي ۾ پيش ٽيل معنائن جي حوالي سان سچل ڪانفرنس 1981ع ۾ پڙهيل اهم علمي مقالو. (3) نامور سچل شناس خادم حسين عباسي جي سچل ڪانفرنس ۾ پڙهيل ٻن مقالن: الف: سچل سائين جا ڇپيل رسالا. ب: سچل جي بيتن جو تحقيقي جائزو تان آغا صاحب واري رسالي بابت مواد اتاريو ويو آهي.

هنن ضميمن کي ترتيب ڏئي ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جي ضرورت اُن لاءِ محسوس ٿي ته علمي حوالي سان مذڪوره ڪتاب تي جيڪا مدلل علمي تنقيد ٿي آهي اُن کي تاريخ جو حصو بڻائڻ خاطر محفوظ ڪيو ويجي.

'سچل سرمست' ڪتاب جي هن نئين ڇاپي ۾ جيڪي سُڌارا ۽ اضافا ڪيا ويا آهن ان جو مقصد اهو هرگز ناهي ته آغا صاحب جي ڪم ۾ ڪو جهول هو، بلڪ ان جو سبب اهو آهي ته موجوده وقت تائين ٽيل هن ڪتاب بابت گفتگو ۽ نئين تحقيق کي به اڳيان رکيو وڃي ۽ اهو پڙهندڙ جو حق آهي ته هُن جي آڏو اهو موضوع مُستند ۽ مڪمل ڪري پيش ڪيو وڃي.

سچل سرمست جو فڪر:

تصوف جي فلسفي کي جيڪڏهن هڪ جملي ۾ واضح ڪجي ته اهو ڇئي سگهجي ٿو ته تصوف فرد جو فرد سان حُسن اخلاق جو مجموعو آهي، هن فلسفي جا پيروڪار حق ۽ حقيقت جي ڳولا ڪندڙ آهن، جيڪي پاڻ ۾ موجود اعليٰ اوصاف کي سمجهڻ ۽ ان کي ماڻڻ جا خواهشمند ٿين ٿا، صوفي پنهنجي هجڻ جي نفي ڪري ٿو، حقيقت ۾ اها ئي حالت عجز ۽ انڪساري پيدا ڪري ٿي، عام طور تي اهو سمجهيو وڃي ٿو ته تصوف جا پيروڪار سماجي، معاشي زندگي کان

پري رهن ٿا، صوفي کي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ تبديلين، معاشي حالتن ۽ ملکي سياسي صورتحال بابت نہ ڪا ڄاڻ آهي نہ ئي هو اهڙن معاملن ۾ دلچسپي وٺن ٿا. ڏٺو وڃي تہ اسان جا ڪيترا ئي صوفي بزرگ ۽ شاعر پنهنجي دور جي سياسي، سماجي حالتن کان نہ رڳو پاڻ باخبر رهيا آهن پر انهن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي ذريعي عام ماڻهن کي بہ انهن حالتن کان باخبر رکيو آهي. سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت شهيد جهوڪ وارو بہ وڏا اهم نالا آهن، جن تصوف جي تحريڪ کي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ مزاحمت، وطن دوستي ۽ انسانيت جي پلائي ۽ بهتري جو پيغام ملي ٿو:

سر ڏيئي سَٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
ڪاتي ڪرت ڪپار ۾، خنجر آڻي کوڙ،
مرڻان مُنهن م موڙ، وٽي ٽي وڏ لهي.
(يمن ڪلياڻ)

سورهہ مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ پالا، وڙهہ پاکرين، آڏي ڍال مَ ڌار،
متان تيغ ترار، مار تہ متارو ٽين.
(سارنگ)

سچل سرمست، سنڌ ۾ تصوف جو اهو پيروڪار ۽ شاعر آهي جنهن سنڌي شاعري ۾ رائج مانيٽي، ڪنيير ۽ گهري اسلوب کان هٽي ڪري ڪُلم ڪُلا وارو بي ڊپو اظهار جو انداز اختيار ڪيو. هن وڏي واکي نہ رڳو خدا ۽ بندي جي وچ واري فرق کي مڙڻ کان انڪار ڪيو پر پنهنجي دور جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ مذهبي حالتن جي مد نظر چيو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئي مردانو،
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو،

'ونفحت فيہ من روحي'، بلڪل ڇڏ ٻهانو.
وهم سچل ڪيڏانهن واروِ، شملو ٻڌ شهانو.

سچل سرمست پنهنجي خيال جي اظهار لاءِ هڪ ئي وقت تي سنڌي ڪان سواءِ سرائڪي، فارسي ۽ ريختہ (اردو) زبانن جو بہ سهارو ورتو. ڏٺو وڃي تہ سنڌي، سرمست سائين جي مادري زبان هئي. تنهن ڪري ان زبان ۾ شعر چوڻ سندس فطري هو. سرائڪي اتر سنڌ يعني رياست خيرپور ۾ عام طور تي ٻالهائي ۽ سمجهي ويندڙ زبان هئي، ڇاڪاڻ تہ بادشاهہ مير، سرائڪي ٻالهائيندڙ هئا. اهڙي ريت فارسي سنڌ ۾ سوين سالن ڪان دفتري زبان رهي آهي. اهڙي طرح ريختہ (اردو) زبان سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دور ڪان شاعري جو ذريعو ٻڌجي رهي هئي. سچل سرمست جي سموري ڪلام تي مستي ڇانيل آهي جنهن ۾ هو بيباڪ ٻڌيل آهي ۽ هو ان مستي ۾ حد ڪان لاحد جا خيال پڌ ٻڌائي وڃي ٿو. سندس ڪلام ۾ جتي تصوف جا ڪيترا مسئلا ۽ موضوع بيان ٿيل آهن اتي هو هڪ باشعور، ساڃهہ وند ۽ حالتن جو تجزيو ڪندڙ مدبر شاعر طور بہ موجود آهي. هن پنهنجي سنڌي ۽ فارسي شاعري ۾ ملڪي حالتن بابت ويچار ونڊيا آهن، جنهن ۾ عام توڙي خاص فردن کي پيدا ٿيندڙ ملڪي حالتن بابت اڳواٽ آگاهہ ڪري ٿو. سندس انهي سياسي سوچ کي اڳيان رکي اسان اهو بہ ڏسي سگهون ٿا تہ سچل سرمست پنهنجي خيال جي اظهار لاءِ بي ڊپائي وارو انداز اختيار ڇو ڪيو؟ پر ان کان پهرئين اسان سچل جي دور جي سياسي حالتن جو مطالعو ڪنداسين.

سچل سرمست جو جنم 1152هـ/1739ع ۾ ٿيو ۽ هن 1242هـ/1827ع ۾ وفات ڪئي. يعني هن ٻن مختلف خاندانن جي حڪمراني جا دور ڏٺا. ڪلهوڙا دور جي اختتام وقت سچل سائين جي عمر 44 سال هئي. انهن 44 سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۾ وڏيون تبديليون پڌ آيون. سندس جنم ڪان 21 سال پهرئين 1717ع ۾ تاريخ جو هڪ وڏو دردناڪ حادثو شاهہ عنايت جي شهادت جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. هي واقعو سنڌ ۾

بلاولي تحريڪ کان پوءِ پي مزاحمتي تحريڪ کي توڙڻ يا روڪڻ جي برابر هو. شاهه عنايت جي شروع ڪيل جهوڪ واري تحريڪ درحقيقت عوام ۾ سجاڳي، حقن جي حاصلات ۽ پنهنجي تشخص جي سڃاڻپ جي تحريڪ هئي. اهڙي ريت ان واقعي کان پندرنهن سال پوءِ 1732ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت جي دور ۾ ڪُهڙن جي جامع مسجد ۾ وڏي عالم مخدوم عبدالرحمان ڪُهڙن واري جي پنهنجي ساٿين سان شهيد ٿيڻ جو واقعو ايجان تازو ئي هو تہ سنہ 1740ع ۾ ايران جي جابر حڪمران ميان نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي. سنڌ جو حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙو، عمرڪوٽ جي قلعي ۾ وڃي لڪيو، جنهن سبب نادر سڄي سنڌ کي نقصان پهچائيندو عمر ڪوٽ پهتو تہ ميان نور محمد وٽس پيش پيو. نادر ٻہ سؤ سالن کان پوءِ سنہ 1737ع ۾ ملڪي وحدت طور مڪمل ٿيل سنڌ کي هڪ دفعو ٻيهر ٽن حصن ۾ ورهائي ملڪ جي سياسي ۽ فوجي طاقت کي گهٽايو. ڇاڪاڻ تہ بحيثيت هڪ حملي آور جي هن لاءِ اهو ئي بهتر هو تہ سنڌ سياسي ۽ فوجي نقطہ نگاهہ کان ورهايل ۽ ڪمزور رهي تہ جهڙي طرح سنڌ کان هُو من پسند خراج حاصل ڪندو رهي، ان سان گڏوگڏ هو ميان نور محمد جا ٽي شهزادا ميان مراد ياب، ميان غلام شاهه ۽ ميان عطرخان پاڻ سان ايران وٺي ويو. اهڙي ريت نادر جي قتل 1747ع تائين سنڌ ايران جي تابع رهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ احمد شاهه ابدالي سنڌ کي پنهنجي تابع ڪري خراج حاصل ڪرڻ لڳو. ساڳي ريت سنڌ تي ڌارين حڪمرانن جي حملہ آور جي خوف جي ڪري تابعداري سبب هتان جي حڪمرانن کي ڪيترن ئي ننڍن وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو تہ ٻي طرف ميان غلام شاهه پنهنجي حڪومت جي وقت ۾ ٿٽي جي نامياري عالم مخدوم هاشم ٺٽوي جي نالي سان پروانو جاري ڪيو، جنهن ۾ هڪ رياست جي حڪمران طرفان لکيو ويو:

'سيني عالمن، ڪامورن ۽ نائبن کي جيڪي هينئر موجود آهن يا انهن جي جاءِ تي هاڻي ايندا، تن کي معلوم هجي تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جن جي لکڻ موجب هينيان گناهہ

ملڪ ۾ عام ٿي رهيا آهن، جن کي ختم ڪرڻ لاءِ شرع محمدي جي ترويج لاءِ اوهان سيئي مخدوم صاحب جن سان تعاون ڪريو ۽ سندس حڪمن جي تعميل ڪريو. اسلام ۽ شرع مطابق جيڪو پاڻ فيصلو ڪن انهيءَ تي عمل ڪرايو ۽ ڪريو. هيئين غير شرعي ڪمن جي روڪڻ ۾ سندن هر ممڪن مدد ڪريو، جهڙوڪ: تابوت ڪڍڻ، پٽڻ، عاشوري جي ڏينهن ۾ ماتم ڪرڻ، شراب ۽ ٻين نشي وارين شين جو استعمال، جوا، چوڪري بازي، زنا، فاحشات، ڪڏڻ جو نچڻ، مسلمان عورتن جي تفريح جي خيال سان باغن ۾ گهمڻ ۽ جبل جي سير لاءِ وڃڻ، قبرن تي عورتن جو وڃڻ يا ميت تي آواز سان روئڻ، جيئن ٻيا ماڻهو ٻُڌن ۽ ڪنهن انسان ۽ جاندار جو فوٽو ڪڍڻ سخت منع آهي. هندؤن کي تاڪيد ڪيو وڃي ٿو ته پنهنجي دڪانن يا گهٽين ۽ بازارن ۾ڏوتي مٽي ڪٽي، گوڏا پڏرا ڪري نه هلن. سيني مسلمانن کي حڪم ٿو ڪجي ته ڏاڙهي شرعي حد جيتري رکائين، ڏاڙهي نه ڪوڙائين ۽ وڏيون مڇون رکائڻ ۾ منع آهي. ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي ۾ سخت منع آهي. هندن کي منع ٿي ڪجي ته پنهنجي وڏن ڏينهن جهڙوڪ: هولي يا ڏياري وغيره تي کليءِ عام هر جاءِ تي ساز سرود نه وڄائين نه وري ڪنهن کلي جاءِ تي ئي پڳت وغيره ڪن. دهل ۽ ناقوس وغيره نه وڄائين ۽ مسلم عوام سامهون کليل جاين تي بتن کي سجدو نه ڪن ۽ درياءَ تي وڃي عام تڙن تي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ درياهه جي پوڄا ڪرڻ، جنهن مان ماڻهن ۾ اشتعال ۽ بدنظمي پيدا ٿئي يا اعتراض شروع ٿئي يا کي انهن کي ڏسي براين جا مرتڪب ٿي پون. اهڙين ڳالهين ۽ هر حرام ۽ بدعت جي منع آهي. اوهان کي تنبيهه ٿي ڪجي ته مسلمان پنهنجي دين جي حڪمن، روزي، نماز، زڪواة، مال ۽ جان جي عبادتن کي بجا آڻين. سخت هدايت ۽ تاڪيد ٿو ڪجي ته

هن حڪمنامي ۾ جاڻايل ڳالهين تي اهڙي طرح عمل ڪرايو ويجي جو هڪ به شخص ڪنهن گناهه جي ڪم جو ارتڪاب ڪري نه سگهي. جهڙي طرح هي پروانو لکجي ٿو ان تي پوري طرح عمل ڪيو ويجي. هر آفيسر هن کي پنهنجو ذمو ڪري سمجهي نه ته اُن جي جوابدهي لاءِ خود ذميدار رهندو. (تاريخ 2 شعبان 1172هـ).'

(مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (سوانح حيات ۽ علمي خدمتون)، ص 89-88)

آخري ڪلهوڙا حڪمرانن پنهنجي سياسي ڪوتاهين جي سبب ٽالپر اميرن کي مارائڻ کان ويندي بار بار سنڌ جي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن جوڌپور جي راجائن جو سهارو ٿي ورتو ته ڪڏهن قندار مان مدد خان پناڻ جهڙي ظالم ڦورو کي پاڻ سان گڏ وٺي ٿي آيا. اهڙي ريت سنڌ تي ٽالپر حڪمرانن جي حڪومت جو آغاز 1783ع ۾ ٿيو. پر سنڌ جي سياسي حالتن ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي، ٽالپر بادشاهن جي اندروني اختلافن جي نتيجي ۾ ٿي جدا جدا رياستون قائم ٿيون. اهڙي طرح ملڪي وحدت يڪجا ٿيڻ بجاءِ ورهائجي وئي ته پي طرف ميرن امير جا پاڻ ۾ ننڍا وڏا اختلاف چوٽ چڙهيل هئا، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ ٽالپر حڪمرانن جي حڪومت ڪڏهن مضبوط نه رهي ۽ اهو ئي سبب هو جو ڏارين حڪمرانن ڪڏهن فرنگي ته ڪڏهن شاهه شجاع جهڙو افغانستان جو تخت وڃايل حڪمران به هنن لاءِ پريشاني جو سبب بڻيل رهيا. سنه 18 جولاءِ 1808ع تي انگريزن حيدرآباد جي ميرن سان پهريون عهدنامون صحيح ڪرايو. اهڙي ريت 22 آگسٽ 1809ع تي ٻيو ۽ 9 نومبر 1816ع تي ٽيون عهدنامون پڻ صحيح ڪرايو ويو جيڪي سنڌ جي آزاد حڪومت جي سالميت لاءِ انتهائي نقصان ڪار هئا. اهڙي ريت سنه 1831ع ۾ انگريزن خيرپور جي حڪمران مير رستم خان کان عهدنامو صحيح ڪرايو جنهن موجب انگريزن طرفان سنڌ ۾ پهريون پيرو درياءِ جي رستي پنجاب جي سِک حڪمران راجا رنجيت سنگهه کي گهوڙا ۽ تحفا پهچايا ويا. ميرن حڪمرانن جون تخت تان پاڻ ۾ ٽيل جنگيون

۽ مير علي مراد جو بزدل ثابت ٿيڻ ۽ پنهنجي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزن جو مخبر بڻجڻ ۽ ٽالپر حڪمران جو انگريزن کي بار بار پنهنجو دوست ميڙ تائين اڻ ڳڻيل واقعن جي نتيجي ۾ هڪ آزاد رياست سنڌ فرنگين جي قبضي هيٺ اچي وئي.

سچل سرمست پنهنجي زندگي ۾ هي سمورا واقعا ڏٺا ۽ ٻُڌا. حڪمرانن جي هٿان تخت جي ڪشمڪش جي نتيجي ۾ ڪيترائي اڻ وٽندڙ واقعا رونما ٿيا. جنهن ۾ ميان غلام شاهہ جو جاري ڪيل پروانو بہ شامل آهي، جيڪو ملڪي وحدت ۾ ڏار وجهڻ جي برابر آهي. هڪ خودمختيار رياست اندر هر مذهب جي ماڻهو کي پنهنجا مذهبي فرائض سرانجام ڏيڻ جي اجازت ٿئي ٿي، پر هن پرواني ۾ چٽي طرح چيو ويو آهي تہ: 'ڪوبہ هندو پنهنجن مخصوص مذهبي ڏينهن تي ڪلي عام ساز ۽ سرود نہ وڄائن نہ ڪنهن کُلي جاءِ تي پڳت وغيره ڪن.....' هن قسم جا پروانا رياست جي اخلاقيات جي نفي ڪندي نظر اچن ٿا. ڇاڪاڻ تہ حڪمران ڪنهن هڪ مذهب، فرقي ۽ قبيلي جو اڳواڻ تہ ناهي هوندو بلڪ ملڪ اندر هر طبقي، مذهب، فرقي، سوچ ۽ قبيلن جي جان، مال جي حفاظت سندن ذمي هوندي آهي. ڪابہ رياست محض مذهب جي بنياد تي قائم نہ ٿي رکي سگهجي، ميان غلام شاهہ جهڙي مدبر سياستدان جي جاري ڪيل اهڙي پرواني سان ڪيتري عرصي تائين سنڌ ۾ مذهبي ماحول ۾ انتها رهي، اهڙي پس منظر ۾ ڪيترن هندن کي زوري مسلمان ڪرڻ جهڙيون روايتون بہ عام جام موجود آهن.

سنڌ جا صوفي بنيادي طور انسان دوست ۽ وطن دوست رهيا آهن. انهن هميشہ جابر حڪمرانن ۽ مذهبي مت پيد کي نندیو آهي. توڙي جو سياست ۾ مذهب کي شامل ڪرڻ وارو رجحان اسان کي تاريخ جي ورقن ۾ گهڻي عرصي کان نظر اچي ٿو. سچل سرمست باشعور ۽ دوراندیش شاعر هو. هن پنهنجي شاعري کان تلوار وارو ڪم ورتو. هن جي شاعري جو ڪُلم ڪُلا وارو انداز هن جي رائج حڪومتي نظام کان بغاوت وارو آهي. ڇاڪاڻ تہ سچل سرمست جو سمورو دور

سياسي ۽ سماجي حوالي کان ڪو سُک، شانتي وارو دور نہ رهيو. مٿي پيش ڪيل سچل جي دور جي مختصر جهلڪ مان بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هتان جا حڪمران پنهنجي حڪومت بچائڻ خاطر پاڻ ۾ ئي وڙهندا رهيا؛ اهڙي حالت ۾ سنڌ جي عوام جون سماجي ۽ معاشي حالتون ڇا هونديون ان جو احساس باآساني لڳائي سگهجي ٿو. عام طور سچل جي شاعري کي صوفيانہ رنگ ۾ ئي ڏٺو ويو آهي، پر هو پنهنجي شاعري ذريعي ملڪي حالتن بابت اسان کي بار بار باخبر ڪندو رهي ٿو. هن جي نظر ۾ هڪ خودمختيار، خوشحال ۽ سرسبز آزاد رياست جو خواب هو، جنهن ۾ ماڻهو کي مذهبي، سياسي ۽ سماجي مڪمل آزادي ميسر هجي. هو بنيادي طور مذهبي مت پيد جي خلاف هو:

وقت اها ٿئي ويـر، دوئي دور ڪـرڻ جـي،
ڪيـ مذاهب من مان، ساجهـر ساڻ سـويـل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪـر ميـل،
مـتـان ٿـيـئـي اويـل، اولـهـ سـج نـہ الـهـي.

هو ملڪ تي ايندڙ تڪليفن، مصيبتن جي مدنظر سيني ماڻهن کي هڪ ٿيڻ جي تلقين ڪري چئي رهيو هو: تہ وري ٻي طرف اهو بہ چئي ٿو تہ: 'مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا' ۽ پنهنجي پاڻ کي فرقن جي حصار مان آجو ڪندي چئي ٿو: 'نامين شيعہ، نامين سُني، صوفي برهہ دي مني' ايجان بہ وڌيڪ خبردار ڪندي چئي رهيو آهي:

اتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيـني کـي سـلام،
مذهب مور نہ مجان، آءٌ مشرب منـجهـہ مـدام.

سچل پنهنجي دور جي اٽل پٽل کي ڏسي رهيو هو ۽ هو ان سلسلي ۾ خاموش نہ هو بلڪ هو پنهنجي شاعري جي ذريعي هندو مسلم بن حصن ۾ ورهايل سنڌي قوم کي هڪ ٿيڻ جو چئي رهيو هو ۽ هن جي سامهون فرنگين جا تالپر اميرن سان ٿيل عهدنامہ بہ هئا، جن سان وري فرنگين وقت اچڻ تي پاڻ ڇا ڪيو. هڪ عهدنامي مان جڏهن فائدو

ونڊي ٻينا تہ وري ٻيو عهدناموءِ اهڙي ريت ، ٽالپر، انگريزن جي حيلن ءِ حرفتن کي سمجهي نہ سگهيا؛ پر سچل ان وقت ۾ چئي رهيو آهي:

پنهنجي ۾ پيغام، لکي مُکا سڃڻين،
سي نہ سمجهن عام، جي آهن منجهہ اشارتا.

—

کي جو لکيائون، پني منجهہ پريت جي،
اهي پسي آئون، بيخود ٿيڻس سرتيون.

—

جو نامن منجهہ لکيو، سا هئي جيري جي جر،
منجهان سڀ شهر، واڇيندڙ کو ليي.

ايان اڳتي سرمست سائين جو هڪ بيباڪانہ انداز، جنهن ۾ چٽي طرح انگريز دوستي کي دوکيبازي چئي رهيو آهي:

سچ تا مرد چون، کنهن کي وٽي نہ وٽي،
کوڙي دوستي جو دم، بٽي نہ بٽي.

ءِ هڪ ٻي جاءِ تي ملاح کي باخبر ڪندي چئي رهيو آهي:

مکڙي ڏٺم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
مڇيون مارين اوچتي، بانڪا بي پرواهہ،
لهر بحر جا حاڪم ڄاڻي، شوريا وتن شاهہ،
هند سنڌ تي فلڪ نہ آڻن، مارن ملڪ سپاهہ،
وائڙا رکن تن متان، ويچارا ويساهہ،
آسرو آڏين جا، آهن منجهہ الله،
ڏيئي پاند پناهہ، رکي ونندو راڄ کي.

سچل سرمست پنهنجي سنڌي، سرائڪي شاعري ذريعي عام کي باخبر ڪيو آهي، ههڙيون ستون چئي هن عام ۾ مزاحمت جو روح ڦوڪيو آهي:

- پني ڄڄ مَ ڄُل، منجھ تماشي نہ پوين.
- ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا ڇا ٻڌ شاهي دا.
- ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئي مردانو
- مار نغارا اناالحق دا، سولي سر چڑھيجي
- ھڪ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نہ ڇڏن مينڊرا
- ھڪ جُوءِ ٻي جوءِ ڇڏن ڪين جوان،
  اُھي بہ انسان، جي ننگن تان نثار ٿيا.

سچل جنھن دور ۾ ماڻھن کي باخبر ڪري رھيو ھو تہ ان وقت جي حڪمرانن جي ڏر ٻڌيل مولوي ۽ قاضي وقت ۽ حالتن کان بي نياز ٿي پنھنجي علميت ۾ محو ھئا ۽ ڪنھن بہ مولوي ۽ قاضي عام کي حالتن کان باخبر ڪرڻ يا وقت جي حاڪم کي درست ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پنھنجو وطن دوستي وارو ڪردار ادا نہ ڪيو. سچل سرمست انھن کي مخاطب ٿي چئي رھيو آھي:

قاضي سچ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا،
آءُ تہ پيئون پڪ پريمي، مُرَ نہ ٿج تون ملا،
سچل حق نہ حاصل تن، بي راھہ انھي کان پلا.

—

مُلا ڇڏ ڪتابن پچر، مي جي پيالي پي.

تہ وري ساڳي وقت ٻڌن معيار رکندڙن بابت ڏاڍي بيباڪ انداز ۾ چئي ٿو:

ڇا جو ڪعبو، ڇا جو قبلو، ھي سڀ بھانا،
ناقص نيت ڪعبي واري، مرد گھمن ميخانا،
سچل ستگر ائين آکيو، حق لھن مستانا.

سچل جتي سنڌي، سرائڪي شاعري ۾ اھڙا خيال پيش ڪري ھڪ طرف عوام کي باخبر ڪري رھيو ھو تہ ٻي طرف سرڪاري زبان فارسي ۾ ھن پنجٽيھن بندن جو ھڪ طويل غزل چيو، جنھن ۾ پرپور

انداز ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن کان آگاهه ڪيو اٿس.

سچل سائين جو اهو غزل ديوان آشڪار ۾ شامل آهي.

سچل سرمست پنهنجي هن پنجٽيهن بندن جي غزل ۾ ملڪ جي بگڙجندڙ سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو واضح اظهار ڪندي ملڪ کي ڏارين حڪمرانن جي قبضي جي ڳالهه ڪري ٿو. عمر ڪمال خان، سچل جي ان غزل کي 'شهر آشوب' سڏيندي لکي ٿو:

'... سنڌس فڪري دور انديشي ۽ اعليٰ ادراڪ جي سبب ان جي دور جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي صورتحال جي عڪاسي ان جي ڪلام مان بخوبي ٿئي ٿي، معاشري ۾ جتي به هن کا ناانصافي يا برائي ڏٺي تہ هڪدم ان تي پنهنجي شاعري ۾ رد عمل پيش ڪيو. سنڌس هڪ ئي فارسي غزل ۾ اهڙو ڀرپور اظهار موجود آهي. جنهن جي مطالعي مان سچل سرمست جي سياسي سوچ ۽ اعليٰ سماجي شعور جي نشاندهي ۽ ان دور جي اهم واقعن تي سندس راءِ به ظاهر ٿئي ٿي.

... شاعري جي صنف جي حوالي سان هي غزل شهرِ آشوب جو درجو رکي ٿو'.

(آشڪار -4، ص 142-141)

شاعرن جو شهرِ آشوب لکڻ کا نئين روايت نہ رهي آهي فارسي ۽ اردو ۾ هي موضوع مسدس، مخمس، مثنوي، رباعي ۽ قطعي جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. پر سچل سرمست هن موضوع کي غزل جي انداز ۾ پيش ڪيو. شهرِ آشوب حقيقت ۾ شاعري ۾ کا صنف نہ بلڪ مرثيي جيان موضوع آهي جيڪو خاص طور ڪنهن شهر جي ڏکدائڪ واقعن ۽ بگڙجندڙ حالتن جي مدنظر پيش ڪيو ويندو آهي. سچل سرمست جي هن غزل کي موضوعاتي طور تي ٽن حصن ۾ ورهائيندي عمر ڪمال خان لکي ٿو:

'پهرئين حصي ۾ اهي ست بند اچن ٿا جيڪي ان وقت جي حڪومتي ڪار وهنوار جي متعلق آهن، ٻئي حصي جا چار

بند ان دور جي ماڻهن جي اخلاقي حالتن جي ترجماني ڪن ٿا. اهڙي ريت هن غزل ۾ ست بند اهڙا آهن جيڪي شاعر جي دور جي سياسي، سماجي ۽ تاريخي واقعن جي نشاندهي ڪن ٿا'.

(آشڪار-4، ص 144-143)

سچل سائين پنهنجي هن غزل ۾ پنهنجي دور جي سماجي، معاشي، اخلاقي، مذهبي ۽ سياسي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي ته ان سان گڏ سندس تي ڏارين حڪمرانن جي قبضي جا به واضح اشارا ڏنا اٿس. سچل سرمست جي هن غزل جي مطالعي مان خبر پئي ٿي ته سچل هي غزل پنهنجي آخري جمار ۾ چيو چاڪاڻ ته هن غزل ۾ پيش ڪيل واقعن مثال طور: مير سهراب جو پنهنجي پٽ مير رستم جي حق ۾ سنہ 1811ع ۾ حڪومت تان دستبردار ٿيڻ، 1815ع ۾ شاهه شجاع جو شڪارپور پهچڻ، 1818ع ۾ ملتان تي سِکن جي قبضي ٿيڻ جو ذڪر موجود آهي. جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سچل سرمست هي غزل سنہ 1818ع کان پوءِ پنهنجي وفات سنہ 1827ع جي وچ ڌاري لکيو. جڏهن سچل سرمست جي جمار اسي ورهين کان ٽپي چڪي هئي:

مجلس حاکمان را دیدم
موجهاي عمال را دیدم

عاقبت میر سد بکشور سنده
صد زبان حمزیان را دیدم

آخرین وقت آشکارا شد
هم نهان و عیان را دیدم

(دیوان آشکار، ج: 1، ص83-181)

(مون بادشاهن جون مجلسون ڏٺيون ته هن زماني جي گردشن کي به ڏٺم. آخرڪار سندس ڪي زبردست نقصان پهچندو ۽ نقصان پهچائڻ وارا حمزه خاندان سان تعلق رکندڙ هوندا. اي آشڪارا! آخري وقت جا

سمورا لکيل توڙي ظاهر سمورا واقعا مون مٿان ظاهر ٿي چڪا آهن.)

سچل سرمست جي هن فارسي غزل مان پتو پوي ٿو ته هو وقت شناس ۽ سجاڳ شاعر هو. هن جي ڪلام ۾ جيڪا بيباڪي آهي سا بہ سندس دور جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي حالتن جي مدنظر آهي. هن بار بار پنهنجي ڪلام جي ذريعي ماڻهن ۾ جوش، سجاڳي پيدا ڪرڻ چاهي ٿي، چاڪاڻ ته هن چاهيو ٿي ته ماڻهو متحد ٿين. هنن جي وچ ۾ ڪابہ مذهبي تفريق نہ هجي بلڪ هتان جو عوام هڪ قوم ثابت ٿئي. اسان ڏسون ٿا ته انگريز جڏهن ميرن سان معاهدا ڪري رهيا هئا، ان وقت هو سموري برصغير ۾ ڪهڙي ريت ڦهلجي چڪا هئا ۽ هنن جي سامهون فوجي حوالي سان سنڌ هڪ ڪمزور ملڪ هو. سچل سرمست هڪ مدبر ۽ داناءَ جي صورت ۾ اهي ڳالهيون سمجهي رهيو هو. تڏهن ئي ته هن چاهيو ٿي ته اندروني نندين وڌن اختلافن کي وساري سموري قوم کي هڪ ٿي ملڪ کي بچائڻ گهرجي؛ پر افسوس جو هن وطن دوست صوفي جي پيغام کي نہ وقت جا حڪمران سمجهي سگهيا ۽ نہ ئي عوام هڪ ٿي قوم جي صورت ۾ ڏارين سان ويڙهہ ڪاڏي ۽ نتيجتاً سنڌ ملڪ ڏهي عرصي تائين عتاب هيٺ رهيو.

ماڻ ڪيان تان مشرڪ ٿيان، ڪُڇان تہ ڪافر،
انهي وائي وَرَ، کو سمجهي 'سچيڏنو' چوي.

(نوٽ: مٿي عنوان وارو مواد راقم جي مقالي
'سچل سرمست جو وطن دوستي وارو ڪردار'
تان اختصار سان ورتل آهي.)

مددي مواد:

1. آغا غلام نبي صوفي، آغاز عشق آغا، دليپ سنگهہ اينڊ برادرس، 1928ع.
2. شيخ ساز علي ايم 'ساز'، سنڌ جا آئينڊا شاعر (مقالو)، ماهوار سنڌو، شڪارپور، جون 1937ع.

3. عبدالوهاب خادم شڪارپوري، ساز تي مضراب (مقالو)، ماهوار سنڌو، شڪارپور، جولاءِ 1937ع.
4. عبدالحق پٺاڻ، آغا صوفي (خط)، روزانه الوحيد، 29 جون 1938ع.
5. لطف الله جوڳي، آغا صوفي (مقالو)، ماهوار سنڌو، شڪارپور، نومبر 1938ع.
6. حبيب الله مولا بخش پٿو، آغا صوفي -سچل سرمست جو سوانح نگار، (مقالو) ماهوار نئين زندگي، مارچ 1951ع.
7. پروفيسر لطف الله بدوي، تذڪره لطفي، (جلد پهريون)، آر - ايڇ احمد اينڊ برادرس، 1954ع.
8. احسان الله حبيب الله پٿو، آغا غلام نبي صوفي جون ادبي خدمتون، (مونو - اٽڇپيل)، 1965ع.
9. پروفيسر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، تذڪره شعراءِ سکر، سنڌي ادبي سوسائٽي اسلاميه ڪاليج سکر سنڌ، 1965ع.
10. آغا عبدالنبي خان 'عليگ'، حريص پتلو عرف وفا جي ديوي، سنڌي ادبي بورڊ، 1969ع.
11. آغا غلام نبي خان 'صوفي'، دنيا دورنگي عرف عشق نيرنگي، سنڌي ادبي بورڊ، 1970ع.
12. ڊاڪٽر ممتاز بخاري، سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو، (پي - ايڇ - ڊي جو مقالو - اٽڇپيل)، 1979ع.
13. قاضي علي اڪبر درازي، (مرتب - مترجم)، ديوان آشڪار، (جلد اول)، محڪمه اوقاف - حڪومت سنڌ، 1981ع.
14. محمد علي حداد، سچل سرمست تي ٻبليو گرافي، سچل نيشنل سيمينار آرگنائيزنگ ڪميٽي خيرپور، 1982ع.
15. ڊاڪٽر اياز قادري، سنڌي غزل جي اوسر، (پاڻو ٻيو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1984ع.
16. تماهي مهراڻ، (شاعر نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، چاپو ٻيو، 1990ع.
17. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، دُر نايابَ عرف يادِ رفتگان، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، چاپو ٻيو، 1994ع.
18. اياز گل، (مرتب)، آشڪار -4، (تحقيقي جرنل)، سچل ۽ ئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، سنڌ، 1994ع.
19. آغا غلام نبي صوفي، گلشن آغا، (سيد اظهر گيلاني - م نب)، (اٽڇپيل)، 1998ع.
20. ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، (ـ وانح حيات ۽ علمي خدمتون)، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، 2006ع.

21. ڈاڪٽر انور فگار ڪڙو، شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2009ع.
22. ڈاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع.
23. ڈاڪٽر مخمور بخاري، سچل - ساڃاهه شعور، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، 2011ع.
24. ڈاڪٽر آغا انعام الله، آغا صوفي، (مقالو -اٽيچيبل)، 2015ع.

[آغا غلام نبي صوفي جي ڪتاب (سچل سرمست) جي ٻئي ڇاپي 2015ع جو مقدمو]

ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ لکڻ جي شروعات جيتوڻيڪ شاعريءَ ۾ کاڻين سان ڪئي هئي، پر جڏهن تحقيق جي تتل پَڻَ تي پيرُ ڏريائين، تہ تحقيق جو ئي ٿي ويو ۽ انهيءَ ميدان ۾ ڪم ۽ عشق کي گڏائي سَڏائي، جيڪو بہ ڪم ڪيائين، عاليشان ئي ڪيائين.

ٽيهارو ڪن سال اڳ، جڏهن اسان ڀٽي، پنهنجي پنهنجي ڪچڙي وهيءَ ۾ هڪٻئي سان پهريون پيرو ملیا هئاسون، تڏهن بہ مون کيس، سندس اکين مان مخمور ئي پاتو هيو ۽ هاڻي بہ جڏهن ڪٽي گڏبا آهيون، تہ سندس اکين ۾ ساڳيو ئي خمار نظر ايندو آهي. هو سدائين اڻ پيتيءَ جي نشن ۾ رهندڙ ماڻهو نظر بو آهي.... ائين بہ آهي تہ هاڻي هو ورهين کان "سَچُوءَ" جي سِڻُن جي خمار ۾ ٿو ملي. ڪارِ جهان جي ڏوڙڏوڙان ۾، هُو "بي فائدو بازار گهمڻ" بدران، "گُلَ، ڦُلَ، باغ" سچل سائينءَ جي ڪلام ۽ فڪر مان ئي ڳولينڊو رهي ٿو.

پنهنجي پي ايڇ ڊيءَ جي مقالي کان وٺي، سچل سائينءَ سان سلهاڙيل مختلف موضوعن جي پُر جلال ۽ پُر جمال رستن تي، هن هڪ شاعر واري دل ۽ هڪ محقق واري نگاهہ سان، جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي، اهو ڪم ڪيس هڪ اهم عالِمَ واري حيثيت ڏياري چڪو آهي، گڏوگڏ هن سچل سائينءَ جي حوالي سان ڪيل ٻين عالمن جي ڪچ ڪم کي بہ سهيڑڻ ۽ سينگارڻ جو سعيو ڪيو آهي، ۽ سندس اهو لايو پڻ گهٽو سجايو آهي.

ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو مختلف وقتن تي لکيل مقالن (۽ ڪجهہ مقدمن) تي مشتمل هيءُ ڪتاب پڻ سچل شناسيءَ جي پنڌ ۾ هڪ اهم ڪتاب ئي آهي، جيڪو پنهنجي صفحن ۾ ڏاهپ ۽ لطافت جا ڪيئي گيڙوءَ رتا رنگ آڇي رهيو آهي.

امر اقبال

ISBN # 978-969-9714-80-7

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.